
آرسي کھاڻون



مرتب:

ولي رام ولپ

ظفر حسن

kaptan abro

آرسي کھاٹيون

[جلد ۔ I]

مرتب:

ولي رام ولپ

ظفر حسن

فينيکس بُکس

حيدرآباد۔ 2013ع

آرسي کھاٹيون

[جلد۔I]

مرتب:

ولي رام ولپ

ظفر حسن



فينيکس بُکس

حيدرآباد۔ 2013ع

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: آرسي ڪهاڻيون جلد - ا
موضوع: ڪهاڻيون
مرتب: ولي رام ولڀ ۽ ظفر حسن
چاپو: پهريون
سال: 2013ع
ڳاڻيتو: هڪ هزار
ٽائٽل: ڪپتان ابڙو
پيشڪار: ظفر جوٽيجو
چپائيندڙ: فينيڪس بُڪس/ٽي. آر. ڊي. حيدرآباد
فون: 022_2655021
چپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.
قيمت: 300 روپيا

استاڪست:

حيدرآباد: ذوالفقار بُڪ ڊپو، سنڌيڪا بُڪ هائوس، فڪشن هائوس، ڪريمي بُڪ ڊپو، سنڌي ادبي بورڊ بُڪ اسٽال، سنڌي لٽريچر اٿارٽي بُڪ اسٽال، فرينڊس بُڪ پوائنٽ، ڊفينس پلازه، ڪويتا ڪتاب گهر، ريي چيمبر، حيدرچوڪ
پٽ شاهه: شاهه لطيف بوڪ اسٽال، درگاهه پٽ شاهه.
ڪراچي: رائل بُڪ هائوس، ڪائياواڙ بُڪ اسٽور ٽامس اينڊ ٽامس، سٽي پريس بُڪ شاپ، ثقافت ڪاتو بُڪ اسٽال، ايس. اي بُڪ ڪارنر اردو بازار برنس روڊ، توڪل اڪيڊمي، اردو بازار
اسلام آباد: سعيد بُڪ بئنڪ، **خيرپورميرس:** تهذيب نيوز ايجنسي، نيشنل بُڪ اسٽال، **ميرپور ماٿيلو:** هائوس آف ناولٽي، **سکر:** عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، الفتح نيوز ايجنسي
لاڙڪاڻو: رابيل ڪتاب گهر، مهراڻ ڪتاب گهر سامهون سپنا لان، **شڪارپور:** گل ڪتاب گهر، **دادو:** ممتاز بُڪ ڊپو
ملي: ٽر ڪتاب گهر، **عمرڪوٽ:** العزيز بُڪ ڊپو ٽر ڪتاب گهر، **ميرپورخاص:** مڪتبه يوسفيه
سانگهڙ: المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، **بدين:** مرچومل بُڪ ڊپو، **مجاول:** سنڌ ڪتاب گهر

All rights reserved

AARSI KAHANIYOON (Vol-I)

[Collection of Short Stories]

Compiled by Vali Ram Valabh
& Zaffar Hassan

Edition: First
Year: 2013
Quantity: 1000
Title: Kaptan Abro
Published by: Phoenix Book/TRD,
Hyderabad, Sindh. Tel: 022-2655021
Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad, Sindh.
Tel: +92 222721172
Price: Rs. 300-00

فهرست

ـ پہ اکر	روزينہ جوٽيجو	7
ـ 'آرسيءَ' کان 'آرسيءَ کھاٽيون' تائين	ظفر جوٽيجو	9

آرسي ـ I

1. کاڏي جي ميز تي	نجم عباسي	13
2. لهر مڙوئي لال	سانول	16
3. سنگهرش	سحر امداد	24
4. هينئڙو ڪچي تند جيئنءَ	مدد علي سنڌي	30
5. جهوريءَ جهوري جند	ايشور چندر	61
6. هي قربتون، هُو فاصلا	قمر واحد	67
7. اِهو سمجهي نہ سگهيو آهيان	ابراهيم خُشڪ	78
8. تو سنگ تو بن ڏينهڙا	محمود مُغل	82

آرسي - II

9. اڏوري اڏام	بشير موريائي	109
10. وقت جو ڪٽ	موتي لال جوتواڻي	121
11. هڪ ٻيو عام ماڻهو	حميد سنڌي	126
12. ڪلڇڪ	علي بابا	134
13. ڊوڙ	انند ڪيماڻي	139
14. اشارو	شوڪت حسين شورو	145
15. امي مري وئي	اندرا واسواڻي	155
16. آخري مُئل ماڻهو	نورالهدي شاهه	163
17. هوا جو وجود	شرجيل	168
18. ناڇو	روشن جسڪاڻي	175
19. سُڃاڻپ جي ڳولا	طارق عالم	183
20. گيڙو	محمود مغل	189
21. ڏکڻي سفر جي آخري منزل	اخلاق انصاري	196
22. ائين به ٿيندو آهي	ابراهيم خشڪ	177
23. ريل جي گاڏي ۾	عمر قاضي	182
24. گمراهه	سانول	188

هن ڪُٽڪي جي طوالت سبب هيٺ ڏنل ڪهاڻيون شامل ڪري نه سگهيا آهيون، جيڪي ايندڙ مجموعي ۾ شامل ڪيون ويندیون.
آرسيءَ جي پهرئين ۽ ٻئي جلد مان هي ڪهاڻيون رهجي ويون آهن:

آرسي-I:

(1) شاگرد (اڳواڻ (شوڪت حسين شورو) (2) ورهيه (ظفر حسن)
(3) ٽڪل ڇهري جو اطمينان (ولي رام ولپ) (4) باخدا! (فتاح ملڪ)
(5) حليم رويوز (حليم بروهي)

آرسي-II:

(1) سپريان جي ڳالهڙي (مدد علي سنڌي) (2) ٻُڪي (قاضي خادم)
(3) حليم رويوز (حليم بروهي)

ادارو تهه دِل سان معذرت خواهه آهي.

- فينڪس بُڪس

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ماضي، حال ۽ مستقبل ڇا آهي؟ عالمي ادب ۾ اِن جو مقام ڪهڙو آهي؟ اِهي سڀ سوال ۽ انهن جهڙا ٻيا انيڪ سوال ماهرن ۽ نقادن لاءِ آهن. اُهي ئي اهڙن سوالن جا جواب ڏيڻ جي اهل به آهن ۽ اخلاقي طور پابند به آهن. پر هڪ پبلشر جو ڪم آهي ته پڙهندڙن جي خدمت ۾ ادب، ڪتابي صورت ۾ پيش ڪندو رهي.

هڪ پبلشر طور مان ايترو ضرور ڄاڻان ٿي ته سياست ۽ ادب جو ڳانڍاپو 'چولي ۽ دامن' وارو آهي. ٻين لفظن ۾ مان ائين چوڻ چاهيان ٿي ته هو هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا، ۽ ٿيندا رهندا. هونءَ به هر سماج پنهنجي سماجي ٻيهڪ جي بنياد تي، پاڻ لاءِ اظهار جي صنف ڳوليندو آهي، جيئن سڀ ۽ ستر جي ڏهاڪي شاعريءَ جي چونڊ ڪئي، اسي ۽ نوي ـ ڪهاڻيءَ کي چونڊيو پر به هزار ۽ ان کان اڳتي ناول جو دور آهي. ڇو ته سنڌي سماج جو تاجي پيٽو هاڻي اُن حد تائين پهتل آهن، جو اُن ۾

ڪئين ڪهاڻيون، تضاد ۾ مونجهارا ۽ اُميدون آهن ۽ ظاهر آهي ته ان جي اظهار لاءِ ناول ئي گهرجي، جيڪي هاڻي ڇپجي رهيا آهن.

جيئن مان اڳي ئي چئي آئي آهيان ته اسيءَ جو ڏهاڪو اهم آهي، ڇو تہ اِن دور ۾ سنڌ سياسي طور ڏاڍي متحرڪ هئي. اهڙي شاهدي سنڌي ادب جي هر صنف ڏيندي.

اُن وقت سنڌي ڪهاڻيءَ جي گهڻي لکجڻ ۽ ڇپجڻ جو هڪ سبب هيءَ به هُيو تہ اُن دور ۾ ڪيترائي رسالا، مئگزين ۽ ڊائجسٹ نڪرندا هئا، جيڪي ليکڪن لاءِ اُتساهہ جو سبب بنيا هئا.

اُنهي دور جي ڪُجهہ رسالن معياري ادب ڇاپڻ سان گڏ ڇپائيءَ جي ميدان ۾ پڻ نوان معيار متعارف ڪرايا. اِهي معيار پوءِ سنڌي بُڪ پبلشنگ دُنيا جو حصو ٿي ويا. اهڙن رسالن ۾ 'آرسيءَ' جو نالو مٿانهون آهي. اُن کانسواءِ، 'رُوح رهاڻ'، 'سهڻي' ۽ 'آرسيءَ' ۾ ڇپيل مواد اهڙو تہ معياري آهي، جنهن کي سهيڙي ٻيهر شايع ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. جيئن سماج ۾ هڪ دفعو وري ڪهاڻين جي صورت ۾ 'گفتگو' ٿي سگهي.

بس! هي ڪُنڊڪو ٻيهر هڪٻئي سان ڳالهائڻ جي ڪوشش آهي.

آخر ۾ ٿورا، موهن مدهوش سرواڻ ڪويتا پبليڪيشن جا، جنهن هن ڪتاب کي سهڻي گيٽ اپ ۾ توهان جي هٿن تائين پهچايو.

حيدرآباد، سنڌ.

- روزينا جوڻيجو

2012ع

'آرسيءَ' کان 'آرسي ڪهاڻيون' تائين

ڪُجهه سال اڳ اسلام آباد جي هڪ سرد رات ۾، فاطمه جناح پارڪ جي سامهون هڪ 'ڪافي هائوس' ۾، مان ۽ ڊاڪٽر عيسيٰ دائودپوٽو وينا هئاسين. رات جو هڪ ٽيو هو. اسان جي گفتگو عالمي ادب تي ٿي رهي هئي. هڪ عجب اتفاق آهي ته اسان ٻئي سائنس ۽ ادب جا گڏوگڏ پاڙهو آهيون. اسان جي ڪچهري ائين هوندي آهي، جڙ هڪ ٻئي کي رضاڪارانه رپورٽ پيا ڏيون!

رات آهستي آهستي ٿرڙ لڳي. ڪافيءَ جو ٻيو دور شروع ٿيو ۽ ڳالهه وڃي جپاني سماج جي اوسر. تڪڙي ترقي ۽ اُن ۾ ادب جي ڪردار تي نڪتي. ڊاڪٽر ٻڌايو ته ڪُجهه سال پهريان هڪ تحقيقي رپورٽ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جپان جي ترقيءَ ۾ ادب ۽ ترجمي جو وڏو ڪردار آهي. پاڻ ٻڌايائين ته ڪوبه سرجيل ادب ـ هڪ پورهيو. شعور جو منظم اظهار ۽ معروضي حالتن جو عڪس آهي، جنهن جون پاڙون مقامي ۽ بين الاقوامي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي ڊارائن سان جُڙيل آهن. سادن لفظن ۾، ائين چئبو ته ڪابه تخليق پنهنجي حالتن جو فنڪارانه اظهار آهي. انهيءَ کان پوءِ ڳالهه ڦري، وري به سنڌ ۽ سنڌي ادب تي آئي. اسين ٻئي متفق ٿياسين ته سنڌي ادب جو اسيءَ وارو ڏهاڪو اهم آهي. پوءِ اسان اهڙن رسالن جا نالا کڻڻ شروع ڪياسين، جن معياري ادب ڇاپيو ۽ اهڙن رسالن ۾ 'آرسيءَ' جو نالو سڀ کان اڳيان هُيو. پوءِ اِهو فيصلو ٻيڻو ته 'روح رهاڻ'، 'سهٽي' ۽ 'آرسيءَ' ۾ ڇپيل سڀ مواد ڳٽڪن جي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي.

مان جڏهن اسلام آباد کان واپس آيس تہ مسٽر غلام نبي مغل، ۽ مسٽر حميد سنڌيءَ سان رابطو ڪري ٻنهي صاحبن کي رٿا بابت ٻڌايم. ٻنهي دِل کي اطمينان ڏيندڙ جواب ڏنو تہ هو اڳ ۾ ئي، اهڙي رٿا تي 'سهڻي' ۽ 'رُوح رهاڻ' جي حوالي سان ڪم ڪري رهيا آهن. هاڻي، باقي سوال 'آرسيءَ' جو رهيو. اها ڳالهہ جڏهن ولي رام ولپ سان ڪيم، تہ هُن نہ صرف همٿايو پر آرسيءَ ۾ ڇپيل سيني ڪهاڻين کي ڳُنڍڻ جي صورت ۾ مرتب ڪرڻ لاءِ پڻ راضي ٿيو.

هتي هڪ ٻي ڳالهہ ٻہ توهان کي ٻڌائيندو هلان تہ، عين اُن وقت عجيب اتفاق ٿيو تہ سائين ظفر حسن جي پُٽن ـ سيد نذر ۽ سيد يوسف طرفان فون آيو تہ سندن والد جو ڪُجهہ سامان ٻورين ۾ بند آهي، جيڪو هُو مون کي ڏيڻ چاهين ٿا. مون هائو ڪئي، ۽ پوءِ ٻورين ۾ پيل سامان ڪڍايم. اِنهن ٻورين ۾ سائين ۽ سندن ساڻين ـ ولي رام ولپ، پروفيسر اعجاز قريشي، رفيق منگي ۽ ٻين دوستن سان گڏ ڇپايل ڪتاب جيئن 'آرسي'، 'سماجي سائنسون'، 'انڊلڻ'، 'ڏرتي'، 'عام جائزو' جون ڪاپيون ۽ اُن سان گڏ 'سنڌ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ' جو مواد شامل هو. اُن کان علاوه ٻورين مان اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾، بين الاقوامي رسالن ۾ ڇپيل مواد جون فوٽو ڪاپيون پڻ موجود هيون. جنهن جو گهڻو حصو فلسطيني قومي تحريڪ بابت هيو. اِهو مواد جيڪڏهن اُن وقت سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي ها تہ سنڌ جي قومي ۽ ترقي پسند تحريڪ تي مثبت اثر پون ها، پر سائينءَ جي آئيڊيلسٽ ۽ نان ـ ڪنفرمسٽ طبيعت هُجڻ سبب ائين نہ ٿي سگهيو!

ولي رام ولپ ۽ منهنجي وچ ۾ ڪيل ڳالهہ ٻولهہ جي عملي صورت جي نتيجي ۾ اڄ هي ڳُنڍڻو توهان جي هٿن تائين پهتو آهي. اسان کي اُميد آهي تہ، توهان جي موٽ اسان کي اُتساهيندي تہ، آرسيءَ ۾ ڇپيل ٻيون ڪهاڻيون ٻہ جلد ئي توهان تائين پهچايون.



ڪاڏي جي ميز

- نجم عباسي

مڙس ڪاڏي جي ميز تي اچي وينو آهي ۽ وهڻ سان، عينڪ پائي، اخبار ۾ ڪٽي ٽپي هنئي اٽيائين. جئن ئي ننڊ مان اٽيو هو تہ ڏاڙي وانگر وهنجڻ - جاءِ ۾ هليو ويو هو. ضرورتن کان واندو ٿي، سيرب لاهي، وهنجي سهنجي، چنڊ ڦوڪ ڪري، استري ڪري تيار رکيل آفيس جا ڪپڙا پائي اچي نيرن لاءِ وينو آهي. بيگم ڪرسي سرڻ جي ڪڙڪي تي، ٻي ڪوٺيءَ مان اچي ٽي.

"سائين، نيرن ڪٽي اچان؟" هوءَ پڇي ٽي.

"ها" اخبار مان اکيون ڪڍڻ کان سواءِ مڙس هڪ اکر ۾ جواب ڏئي ٿو.

هوءَ ٽالهه جي ڪاڏي جون شيون ڪٽي اچي ٽي. پهرين پاڻ ٻہ ڪرسيءَ تي وهي ٽي. وهڻ کان پوءِ اڌ ٽريل آني واري هڪ رڪابي مڙس جي آڏو رکي ٽي ۽ ٻي پنهنجي آڏو. اهڙي طرح هڪ پنڊي پنهنجي سامهون رکي ٽي ۽ ٻي پنهنجي مڙس جي سامهون. هر هڪ پنڊيءَ ۾ ٻہ سنهڙيون ڊگڙيون آهن.

مڙس ائين ئي اخبار ۾ ٻڏل آهي. هوءَ هرويرو هن کي ڳالهرائڻ لاءِ پڇي ٽي: "ٻہ ڊگڙيون ڪافي آهن يا بورچيءَ کي چوان تہ وڌيڪ پچائي وڃي؟"

"نہ، بس." هو وري ٻہ اخبار مان منهن ڪڍڻ کان سواءِ ننڊڙو جواب ڏئي ٿو.

هو هڪ هٿ سان گرهہ پڇي پيو ڪائي ۽ ٻيو هٿ، ٻئي اکيون ۽ سڄو

ڏيان اخبار ۾ ڪتل اٿس.

بورچي اچي چانهه ميز تي رکي وڃي ٿو.

بيگم ڏاڍي بي چينيءَ سان واجهائي رهي آهي ته مڙس هيڏانهن نهاري ته هن سان ڳالهايان. پر ائين ڪونه ٿو ٿئي.

"ٻڌو ته..." نيٺ هوءَ چوي ٿي.

"هون..." مڙس جي وات مان اڻ- لکو آواز نڪري ٿو. پر نظرون اخبار تان ڪونه ٽيون هٽن. بيگم نااُميد ٿي ماٺ ٿي وڃي ٿي. چئن پنجن ڏينهن کان هن مڙس کي ٻه ڳالهيون چوڻ ٿي چاهيون: هڪ ته پنهنجي پٽ لاءِ ٻڌو هئائين ته هو يونيورسٽيءَ ۾ تقريرون ڪري ٿو ۽ نعرا هٽي ٿو ۽ هڪڙي ساهيڙيءَ ٻڌايو هوس ته اهڙن ڇوڪرن کي پوليس پڪڙي جيل ۾ ڦٽي بند ڪري. هوءَ سوچي ٿي ته ڦٽڙو خدا خضري عمر ڏئيس. وري اهڙو شيطان آهي جو اها ڳالهه پڇي مانس ته شرارت مان چيائين ته. توهان جهڙيون بيگمون. جي گهر ۾ ڪو ڪم ڪار ٻه ڪونه ڪن ۽ گهر کان ٻاهر ٻه ڪونه نڪرن. سي سڀ ڇڇ جيل ۾ آهن. بهتر آهي ته هنن کي سکيا ڏجي ته ان بدران وڃي انقلاب واسطي جيل ڪاٽين... هن کي پٽ جو ڏاڍو اونو ٿي پيو هو ۽ مڙس کي چوڻ ٿي چاهيائين ته هو پٽ جي خبر چاهي لهي ۽ جي ڪو انديشو هجي ته پاڻ ٻه وڏو ڪامورو آهي. اڳواٽ ئي سفارش ڪري ڇڏي. پئي ڳالهه هن اها ٿي چوڻ چاهي ته پٽ يونيورسٽي هليو وڃي. پئي ڪيئن اسڪول ۾ ۽ تون سڄو ڏينهن آفيس ۾. مان گهر ۾ اڪيلي ڏاڍي ڪ ٿي پوان. ٽيپ تي راڳ ٻڌي ٻڌي ياد ٿي ويا اٿم. انگريزي ۽ اڙدو پڙهي ڪونه ڄاڻان جو اهي رسالا پڙهي وقت گذاريان. سنڌي رسالا ايترا آهن ڪونه. ان ڪري وي- سي- آر ونې ڏيو. مڙس کي چوڻ لاءِ ٻيو وقت کهڙو هوس. پورو ڏينهن ۽ سانجهيءَ جو گهر کان ٻاهر گهاريندو هو ۽ رات جو ايندو هو ته ٽڪل هوندو هو. ان ڪري مود ۾ نه هوندو هو. ان وقت اهڙي ڳالهه ڪرڻ کان لهرائيندي هئي. صبح جو هيءَ ئي وقت هو اهڙين ڳالهين ڪرڻ جو. اڪيلائي ٻه هوندي هئي. جو

ٻار سوير ئي اسڪول ۽ يونيورسٽيءَ جي بسن ۾ هليا ويندا هئا. پر مڙس کي اخبار جي اهڙي علت هوندي هئي جو نيرن ۽ وسري ويندي هئس. جيسين اخبار پوري ڪندو هو تہ آفيس جي مهل ٿي ويندي هئس ۽ تڪڙو تڪڙو ڊرائيور سميت تيار بيٺل موٽر ۾ هليو ويندو هو.

"ڳالهہ تہ ٻڌو..." بيگم وري ٿورو وڌي آواز ۾ چيو.

"ها ها، بس باقي ٿوري اخبار پڙهٽي آهي." مڙس جون نظرون جتي جو تتي رهن ٿيون.

بيگم ماني پوري ڪري، چانهہ جو سرڪيون پري رهي آهي ۽ نماٽائي ۽ بيوسيءَ جي نگاهن سان مڙس ڏي ۽ ڏسندي رهي ٿي... اوچتو مڙس ايڏو وڏو ٿهڪ ڏئي ٿو جو بيگم کي پنهنجي ڳوٺ ۾ مگٽهار جو پڙهو ڏيڻ وقت دهل جو آواز دل تي تري اچي ٿو. مڙس ٿهڪ سان گڏ اخبار تان نگاهون ڦيرائي زال ڏانهن ڪري ٿو. بيگم وات سان ڪجهہ نہ ٿي چوي، پر هن جو چهرو سوال بنجي وڃي ٿو.

"خبر اٿئي اخبار ۾ا لکيو آهي... لکيو آهي تہ ولايت جي هڪ شهر ۾ هڪ عورت پنهنجي گهر ۾ ٻوٽن سان ڳالهائيندي آهي تہ اهي اُسرندا ۽ نِسرندا آهن..."

بيگم نہ مرڪي ٿي، نہ ڪلي ٿي، نہ ڳالهائي ٿي. هن تي اوچتو هڪ قدم جي گنبهيرائي ڇانئجي وڃي ٿي.

"ڇو سوٽِ، توکي هيءَ ڳالهہ عجيب نہ لڳي ۽ نہ مزيداري؟" مڙس ڪجهہ ککو وکو ٿي چوي ٿو.

"توهان کي ۽ جي سارو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو گهارڻو پوي تہ جيڪر ٻوٽڙ سان ئي ساٿ رکو ۽ ڳالهايو ۽ پوءِ ڏسو تہ ٻوٽا ڪيئن نہ ٿا ڦٽن، اُيرن ۽ اُسرن..."، بيگم دريءَ کان ٻاهر سامهون اڳڙ ۾ رکيل سهڻن گلن جي ٻوٽن جي ڪونڊين ڏانهن نهارينديِ چوي ٿي.

(مرڪزي خيال هڪڙي ڪارٽون تان ورتل)

❐

لهر مڙوئي لال

ـ سانول

ڪُڙڪي تي هن جي اک ڪلي پئي...

جهڙپ ڏئي ڪهاڙي ڪنيائين ۽ سرن جي ٻوهي مان پڙڪو ڏئي ائين ٻاهر نڪري آيو. جيئن گهاوَ رسڻ کان پوءِ رت بوهاڙا ڪري نڪرندو آهي. ماڪ پيل وات تي هو ڪن پل جهڪيو- اگهاڙي پير جو ڏپو آئس ۽ هن وک وتري ڪئي. ڪو هو جو ڪائنس ٻرانگهه ٻه اڳيان وڃي رهيو هو. پير تازو هو ۽ بنا لڪ لڪاوَ جي شاهه شاهوڪاريءَ وڃي رهيو هو. 'پر ان پيڇري جو ڇيهه ته اتي ٿو ٿئي. جتان درياهه جون لهريون ٿيون شروع ٿين!' تڏهن پاٽيءَ ۾ ڪنهن جي ڪرڙ جو شپڪو ٻڌائين ۽ هن انڌي ڊوڙ پاتي... ڳچيءَ ڳچيءَ پاٽيءَ ۾ ويو... هانيارو روڪي ڪن سرلا ڪيائين: پر هِن هُن ۾ سنڌو جي لهرين جي گجگوڙ ري ٻيو ڪجهه ڪين هو.

'ڪير هو!؟'

۽ پاٽيءَ مان پاڻ کي جهڙوڪر گهليندو ڪنڌيءَ تي پٽيءَ ۾ ائين اڇي ڦهڪو ڪيائين. جيئن وڻ پنهنجي جڙ ڇڏي ڏيندو آهي. چنڊ ٽٻيءَ ۾ هو. تارا رک ۾ چٽنگ جيان تي لڳا. هن جي ڪهاڙيءَ جي آلي ڦر چمڪي رهي هئي.

'ڪير هو!؟'

'چوراتيو؟!'

مٽائنس تارن جي چُني ڪنهن پٽي لاهي ورتي. نيري نيپ کي لاڪ

لڳي وئي. ٽڏي هير جو جهوٽو پُسيل بت ۾ سياڻو پري وئس. هاڻي هن اُبتو پير ڪنيو.. داڦوڙي پير سان گڏ. ڪڙائين لوڙهه جو گيساڻو به چٽو پٽو هو. ماڪ پوڙ کان پوءِ ئي ڪو هتان لنگهيو هو. پير ٻيلي جي ٻيءَ ۾ وري به پاڻيءَ ۾ لهي ٽي ويو. لوڙهه جو گيساڻو ڪڏهن ساڃي، ڪڏهن ڪاپي ٽيندي هليو. هو موتي پاڻاريءَ تي آيو. پر اندر گهڙڻ جو ست نه ساريائين. جڙ اندر ڪو ڪاريهر ڇپ هنيو ويٺو هجي. جنهن جي مادڙ کي هن ماري ڇڏيو هجي- تڏهن لوگهي مٽان ڏينين جو ڇت ڏسڻ ۾ آئس.

سڄو جهنگ جهاڳي ان ونجهه ويڙهه ۾ اچي واسو ڪيو هئائين. پاڻاريءَ واري هنڌ سرن جا سنگ نسريل هئا. وچ تي پٿر گاهه پٿريل هو. سرن سان دود ڦُلن جون وليون ٻکيون ٻيون هيون- ۽ کيريون گرگالون مُڇا لڳيون ٻيون هيون.

جڏهن کان ننڍي سائڙ سان جهليو هو. تڏهن کان ٻيلي ۾ مرن وانگي ٽيو پيو هو. رئيس جون مٽس ڪٽيون هيون. ور چڙهيس ها ته ٻُهه کل پرائي درياهه ۾ لوڙهائيس ها. الڙ ڪرائيس ها. جُڙ ٻچو رلائي ڇڏيس ها. پر هن جو پنيان هو لولي لوڙ به ڪونه. ماڻس رئيس جي ديري جا گولپا ڪري مري وئي. پڻس رئيس جو خاص ٽاپرو هوندو هو. پڻس ۽ رئيس جڏهن ڏيڍي واري بينڪ ۾ هوندا هئا. تڏهن مجال هئي ڪنهن جي جو اندر پير ڏري! پڻس ئي هوندو هو. جيڪو ڏيڍي اندر پير پائي سگهندو هو ۽ ان خاص ڪمري ۾ رئيس کي ٽاپريندو هو. ۽ پوءِ رئيس ديري ۾ ڪُلندڙ در مان وڏي رئيسياڻيءَ ڏانهن لوهه پائيندو هو...!

هو جڏهن اڃا ماڻس سان ديري تي ويندو هو ۽ منجهند جو ڏڏ جي چونري ۽ پڻس جي ماني کڻي ورندو هو. تڏهن وڏي رئيسياڻيءَ جو پينگهو به لوڏيندو هو ۽ هوءَ کانئس ٽوٽر بت تي مڪون به هڻائيندي هئي. پُنا- چيلهه- ٻندڻ- ستڑون- پنيون.... هڪڙي ڏينهن ڪا زورائتي مُڪ لڳي وئس ته رڙ ڪري ماڻس کي چيو هئائين: "نياڻي، تو واري چوري کي رئيساڻا ٽڪر لڳا آهن!" اُنهن ئي ڏينهن هڪ گهمري هو اپاڪ رئيس

واري ان خاص ڪمري ۾ گهڙي ويو. اندر رئيس صندل تي ڦرهو لڳو پيو ۽ پٽس... ۽ پٽس ان رات هن کي نند مان ئي ڪنيي ڪٽي ڪنيو هو. اصل پيچي وڌائيندس. ماٽس هن کي ڇڏائڻ لاءِ اتي هئي... رڙيون ڪيون هئائين... واڪا ڪيا هئائين... ليلڙات... "گهوڙا ڙي منهنجو ٻچو... الاڙي منهنجو ٻچو...!" پوءِ اهي ليلڙات، واڪا رڙيون سڀ چپ ٿي ويا هئا... اٺهئي لاءِ.... پٽس ٻه رت جون ٽيون ڪري چڙي چڙي مئو. متائنس ڪو مڪيون هڪلڻ وارو ٻه ڪونہ هو. ۽ هن کي وٽاڻ جي بلي ڪيو ويو.

ان رات جي مار جا ڏڪ بَن جي صورت ۾ هن جي لڳن تي اڄ ٻه جهڙوڪر آلا هئا. پٽس ڄُنڊن مان جهلي، پاڻ کان متي ڪٽي پٽ تي سٽيو هوس. الاءِ گهٽا گهمرا. اڄ ٻه اهو سور ست ڪائيندو هو. تہ پونئريون اچي ويندیون هوس... پوءِ پٽس ڦوڙاڻي ڪنئي هئي. ۽ ماٽس جو ليلڙات ڦري ڪيڪراٽ ٿي ويو هو ۽ گهوگهري پئي لڳس. پوءِ هن کي ڪاب سمڪ نہ رهي هئي. اهو ڪيڪراٽ اڄ ٻه ڪنن ۾ ٻُري پوندو هوس تہ ڏڪ نڪري ويندي هوس: "اما!" ماٽس موءِ کان پوءِ پٽس ٻه جيئن منجو جهليو. تيئن وري اٽيو ڪونہ. پٽس مري ويو هو ۽ هن تي مرڻ رکيو هو. جيسين جيئرو هو. تيسين اها ئي وائي وات هوس: "چورا، مون کي ماڻهين جي پِٽ لڳي وئي!" پر هو پيءُ کي ڪڏهن ٻه بشڪ نہ ڪري سگهيو. هو تہ هڪ گهمرو ڦوڙاڻي ڪٽي پٽس جي متان ٻه وڃي ٻينو هو. پر پٽس جي گهوگهري پئي لڳي ۽ هو ڦوڙاڻي ڦٽي ڪري ٻاهر نڪري ويو هو... ڪلهي ڪانڊي ٻه نہ ٽيو هو پٽس جو. ماڻ تہ هن جو ڪجهہ ٻه نہ رهيو هو. نہ ماءُ- نہ پيءُ- ۽- نندي سائڻ...!

هو جڏهن ديري تي ويندو هو، نندي سائڻ کي هن تڏهن ٻه ڏٺو هو- هڪ جيڏين نوڪرياٽين سان چيڪلي پائيندي.. ڪوڏين راند ڪندي.. يا فوني تي چندر جا رڪات ٻڌندي.. ۽ جڏهن ان نندي سائڻ جو نيا پو ملندو هوس، تڏهن سوچيو هئائين: 'رئيس سان پلاند ڪرڻ جو اهو واهہ جو وجهہ آهي.' پر جڏهن نندي سائڻ کي ڏٺو هئائين، تڏهن سڀ

وڃائون وسري ويون هوس. ٻورايل وهيءَ واريءَ ۾ هن جواڙ جماڙ ننڍي سائڊ ۾ ڪيڏو نہ فرق هوا ۾- ۾ هن جو سارو وجود تنبوري جي تندن جيان تاڙجي ويو هو. جڙ ڄاڙ ڇڪيون- ڄاڙ ڇڪيون! پر ساري رات سُر ڇوٽ ڇڙهي، جهيڙا جهيڙا پوندا ٿي ويا. تارن وانگي ۾ رات جون رڳون ڇڪجي، تاڙجي، ڪشجي ڊريون ڊريون پونديون ٿي ويون...!

'ڪير هوا؟'

'چورا ٿيو؟!'

'ڪينَ رئيس جو بچيل ڪو چاري؟!'

ڪتڪي جو ڪاريهر من ۾ ڪر ڪٽي چڪو هوس. هڪ گهمرو اڳ ۾ ائين ٿيو هو... جڏهن وچ ڪُٽڻ ساڻس اچي چهٽي چنبڙي هئي... هن پاڻ ڦٽڙاٽيو هو... لتون هنيون هيون... چوٽ پٽيو هئائين... گاريون ڏنيون... جند تڏهن ڇُٽي هوس، جڏهن ڪهاڙي ڪنئي هئائين... "مون تہ توسان ڀوڳ پئي ڪيو ڇورا...!" وچ ڪٽڻ چيو هو: "اڄ رات ڪڙن جي ٻئي دس تي...!" هن اها رات ۾ جاڳندي لنگهائي هئي. 'وڃان- نہ وڃان؟!' واري وه جي وچ ۾ ٻڏندي- اُپڙندي! ۾ هوءَ وچ ڪٽڻ- هوءَ تہ هن جي ماءُ جيڏي هئي... 'پنهنجي پتي ٿي ورتائين... پيٽسان... رن.... ڪتي...!' ڪڙن پهريون دس هنيو تہ اٿي ڪڙو ٿيو. چائل کي گاهہ مٺ ڏنائين. پوري جي پٽي ٽپري، گجر جا گوها هنيائين. ڪڙن ٻيو دس هنيو تہ ڪوٽ ٽپيائين. هو ڪوٽ جي چاندلي ۾ سماءُ لهڻ لاءِ ٻيهي رهيو. هڪ پاڇولو ڏانهنس رڙهي آيو. 'ننڍي سائڊ!' هن ننڍي سائڊ جو هٿ جهلي ورتو. هٿ تڏو هو ۾ ڏيکيو پئي. "تون هليو وڃ... هن رن ڦڪڙ ڦاڙي وڏو...!" ننڍي سائڊ اجا ڳالهہ پوري ئي نہ ڪئي هئي تہ هڪل ٿي: "متان ويو آهين...!" ۾ ننڍي سائڊ هٿ ٻڌا "تون هليو وڃ... هي پير جو پلاند اٿئي...!" ۾ هن کي ڪوٽ ڏانهن ڏکو ڏنائين. بندوق ڇڪي ۾ هن ننڍي سائڊ کي ڪرندي ڏٺو. ٻيو فائر ٿيو. پر هو ڪوٽ ٽپي پرئين پاسي وڃي ڪريو هو. ساڻس گڏ ئي ڪوٽ جو هڪ ڳٽل ۾ ڪري پيو هو.

هاڻ تہ جھنگ ئي هن جو آبو۔ آما هو.. پر ان کي بہ ڪنهن تيلي ڏيڪاري ڇڏي هئي. يا ڏارن پاڻ ۾ گسي گسي باهہ ڇڪائي ڇڏي هئي. رهي کهي ڪسر هوا ڪيڙي ڇڏيندي. ان کان اڳي جو سيڪجهہ سڙي ٻري ڦلهيار ٿي وڃي، هن کي هيءَ جوءِ ڇڏڻ گهرجي... پر هو ڪيڏانهن وڃي؟ سنگت سات تي تہ پهرين بہ ڪڏهن بار پري نہ ٿيو هو.

سائي سومار تي جڏهن پرار پنهنجي يار ڏانهن ويو هو. تڏهن ان بہ ڪجهہ ڏينهن ڪيڏانهن ٽري ٽاري ڪرڻ جي صلاح ڏنو هوس. 'پر هو ڪيڏانهن وڃي؟ ۽ ڇو وڃي؟' ۽ هو ڦاتي پيو هو.

"ٻيلو ڪو رئيس جي بابي جو آهي ڪيئن؟ ٻيلو۔ ٻيلو تہ سرڪار جو آهي!" تڏهن هن وارو يار ٿهڪن ۾ پئجي ويو هو ۽ زال کي رڙ ڪري چيو هئائين: "بکتاور۔ او بکتاور، ٻڌين ٿي ياڻهين جون ڪبرون!" ۽ هوءَ ٻنهي آڏو ماني رکي، کين ويڙهو هڻڻ ويهي رهي هئي:

"ڪُجا ٿو چوءِ ياڻم!"

"چوءِ ٿو تہ ٻيلو ڪو رئيس جي بابي جو آهي ڪيئن؟ ٻيلو تہ سرڪار جو آهي!"

۽ هوءَ جهٽ لاءِ ويڙهو هڻندي ٻيهي رهي ۽ ٽڏو ساهہ پري چيائين:

"پر ادا، رئيس بہ تہ سرڪار آهي!"

هيڏو هيڻو۔ هيڏو نڏڪو۔ هيڏو هيڪلو هن پاڻ کي ڪڏهن بہ نہ پانيو هوا ڪڏهن بہ نہ!۔ جانورن کي بہ پنهنجي ڪا جوءِ هئي۔ ڏورن کي بہ ڪو اجهو هو۔! پکين کي بہ پنهنجا آکيرا هئا۔ ڪا ڏس هئي!۔ ۽ هو بي ڏس۔ بي واهو۔ نستو۔ ائين ئي، اتي ئي پيو رهيو. وڻ جو ٽڙ ٽيڪيو۔ پيڇري تي پير پساريو۔ مڙهہ وانگي! واهيري جي ويڑ اڇي وري بہ وئي هئي، بکي پکڙ پرن ۾ ڪنڌ هڻيو ڪڏهوڪو ماڻ ٿي ويا هئا۔ پريان ڪان ڪتان گدڙ اوناڙ لڳا هئا۔ پرپاسي ۾ ڪتي مروءَ ڪاڌ پئي ڪئي۔ پر هن کي ڪابہ سمڪ نہ هئي۔ الاءِ ڪيڏي مهل ننڊ جو جهٽڪو اڇي وئس... ننڊ ۾ ماڻس کي ڏٺائين۔ هوءَ مرڪي پئي۔ سندس ٽڻن مان ٽڇ

وهندي ڏسي،هن جي نڙيءَ ۾ ٻاجهڙي ڇهي سُرڻ لڳي- هن پنهنجون ٻانهون کوليون- پر ڪرائين وٽان مڇو آيو پيو هوس- ۽ رت ڦوهارا ڪريو پئي وهيو- وري وچ ۾ پٽس اچي ويو- الاءِ ڪٿان- هٿن ۾ ڦوڙاتي هوس- ٻه- هٿڙي ڪري ماٽس کي پوري سينڊ وٽان ستيائين- ماٽس جي گهوگهري پئي لڳي- ٽڻ وڌيا پيا هوس- پٽس انهن کي چٻاڙي روئي/ ڪلي رهيو هو- پوءِ هن رئيس کي ڏٺو- رئيس کي واڇن وٽان ٻه وڏا تکا وڇ نڪري آيا هئا- وڇن جي چهنبن مان ٽيپو ٽيپو ٽي رت پئي ٽميو- هيٺ رکيل چٽ رت سان ڪناتاري پري ئي پري هئي- جنهن کي ڪتا لڪي رهيا هئا.. هن پاڻ کي گهڙيل پٽ تي کتل بنڊ سان چوڪنيو ٻڌل ڏٺو- اگهاڙو- واجهه بت ۾ پيهي ويل- ٻوٽيو پٽيل- هن رئيس کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، بچيل سچيل سگهه ميڙي سيڙي ڏانهنس ٽڪ اڇلي- رئيس پر ۾رکيل بندوق ڪنئي ۽هن ڏانهن سڌيائين- گهوڙي تي آڱر رکيائين- دٻاءُ وڌائين- اوچتو ننڍي سائڊ، هن جي آڏو ڊال ٽي بيهي رهي- فائر ٽيو- ۽ هو چرڪ پري جاڳي پيو..

... پگهر ۾ شمر- لڳ ڪانڊاريل- سجو پئي رڦيو.. جهٽ رکي سامت ۾ آيو- ۽ وڻ جي ٽڙ کان پاڻ کي ائين ڏار ڪيائين، جڙ اهو ساڳيو ننڍ وارو سڪل ٻُنڊ هجي، جنهن سان هو ٻڌو پيو هو.. ڏپي ڏپي ساهه پئس.. تڏين جي تنوار ۽ گدڙ جا اوناڙ هاڻ هن لاءِ ڇٽا پٽا ٽي ڇڪا هئا، پرپاسي ۾ ئي ڪٽي مروءَ کاڏ پئي ڪئي. جهنگ جي مخصوص گهميل ٻُو ناسن ۾ گهڙي آئس. پوين تاريخن جو چنڊ وٽن ۾ وڇڙيو سڇڙيو پيو هو. 'ان ڏار کي هوند ڪيجي ته ڪر پينسان پٽ تي اچي ڦهڪو ڪري!' هن چنڊ ڏانهن ڏسندي سوچيو. جيڪو تارين مان پاڻ ڇڏائڻ جا جتن ڪري رهيو هو. هيانوَ تي ننڍي سائڊ جو چهرو تري آئس ۽ پاڻ تي جڪ کائڻ لڳو: 'ٽڪ ٽئي پيٽان، پڙ متي پرزا نه ٽئين ان ويرا... ڪوٽ تان ڪرندي مٽڪو نه پگهئي!' اوچتو چانولو ٽي ويو. چنڊ ٽڪپي ڏيئي ٻئي ڏار تي ٽنگيل ماکيءَ جي ڪنگر جي اولي ۾ اچي ويو هو. 'هاڻ مرندين ته

جهنگ جي جانورن جو ڪاڄ ٿي ويندين- گهٽا ڏينهن هنن کي ڪاڏو ٿئي!' پر هو هتان هليو ويندو. اڄ رات ئي. 'هينئر ئي ڇو نه؟' نه. اها پاڙپائي آهي. آر يا پار. مڙس مڙس جو مَٽ آهي. گهٽ ۾ گهٽ هن وچ واري وَهه کان، هن نه جيئڻ- نه مرڻ کان ته جند ڇٽندي!' هن ڪهاڙي ڪنئي ۽ جهنگ ۾ وڙڪڻ لاءِ هليو ويو. پهرين گهٽن ۽ ڏهين جو سماءُ لڏائين. هڪ گهٽ ۾ سهو اچي لڳو هو. ڦٽڙاٽيندي وڏيڪ ڦاسي ويو هو. هڪ ٽنگ ڦٽجي پئي هوس. هن هوريان هوريان ڪري سهي جا بند خلاص ڪيا ۽ پٽڪي مان ليڙ ڦاڙي ڦٽيل ٽنگ کي ويڙهي سهي کي جهنگ ۾ ڇڏي ڏنائين. 'هن کي اهو ڪهڪاءُ ڪيئن آيو؟ هن تي ڪڏهن ڪنهن ڪهڪاءُ نه ڪاڏو هوا سڳي پيءُ ٻه نه!' ٻيا گهٽ ٻه پٽي اُڇلائي ڇڏيائين- ڏيبيون ڏکي ڇڏيائين. درياهه جي ڪنڌيءَ تي پڳو ته لڳس ته پاڻي رات وچ ۾ چڳو چڙهي آيو هو. رس ۾ بڏل مڇيءَ تائين پهچڻ لاءِ ستر ستر پاڻيءَ ۾ ويڙو پئس. مڇيءَ جي ڳلاڦن مان لنگهايل سوئي وڻان رس کي ڪهاڙيءَ سان ڪپي، مڇيءَ کي هڪ ئي ڇڪ سان آڇو ڪري هٿ ۾ جهلي پر ڪري لهرين ۾ تلڪندڙ چنڊ ڏانهن اُڇلايائين. چنڊ لهرين ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي گڏ ٽيڻ لڳو ۽ ساڳئي پيڇري تان واپس وريو... ڳچل پيڇرو لتاڙي آيو. ته پيڇري جي پريان، هڪ ڪنڌيءَ کان ٻيءَ ڪنڌيءَ تائين ويندڙ سرن ۾ نڙڪا سُڻائين. جيڪي پريان کان ويجها پوندا پئي ويا: 'ماڙهو...!؟ مرو...؟!' پوءِ ڪتن جا پونڪاٽ، ماڙهن جا هوڪرا ٻڌڻ ۾ آئس- ۽ هو اتي ئي وچ پيڇري تي جمي بيهي رهيو: 'ماڙهو... ڦٽيل مرو...!؟' هو ايڏا نبيرو نه ڪري سگهيو هو ته هڪ همراهه کي سرن جا گهاٽي جهنگ مان ڪري پيڇري تي ايندو ڏنائين... جهنڊ لڳل. ڪڙائين لوڙهه هٿ ۾. ڪڙيون ڪياڙيءَ سان لڳنديون. ڦٽيل مروءَ واري ياڄ ٽيندو ڏوڪيندو پئي آيو... جڻ هن کي چيري ڦاڙي اڏو اڏ ڪري هليو ويندو...

... آمهون سامهون ٿيا ته همراهه ڏڪي بيهي رهيو هو. ڪن لاءِ ٻنهي

هڪ ٻئي جي اک مان اک نہ ڪڍي. پوءِ همراهہ لوڙهہ پٽ تي ڦٽي ڪري چڏي. هن ڪهاڙيءَ مان هٿ ڪڍي چڏيا ۽ بل ڏئي همراهہ سان جهوماٽجي ويو. پر ساڳئي پل ڇرڪي ڇڏو تي بيهي رهيو: 'زائفان!' ـ رن جا پريل اُرهايا ۽ پاڻ اچي لڳا هوس. ٽڙ ڦٽڙ ۾ جهنڊ ڪلي اچي پٽ تي پيو هو ۽ ڪارا ڪيس ڪلهن تي ڍرڪي پيا هوس ۽ هو اکيون ڦاڙيو ڪيس ائين ڏسي رهيو هو. جڏ هوءَ ڪا غيبات هجي! ماڙهن جا هوڪرا ـ ڪتن جا پؤنڪات ويجها پوندا ٽي ويا. رن بيٺي پيرهن سان حالي حوالي ٽي: "رئيس جون مينهون هٽيو پئي آئس... پاڳيا جاڳي پيا...!" پوءِ ٻنهي درياهہ ڏانهن لوهہ پاتي. اڳيان لهرين جي گجگوڙ ۽ پٽيان ڪتن جا پؤنڪات ۽ ماڙهن جا هوڪرا ڪين ويجها پوندا ٽي ويا... ڪتن جي جوڙي ڪين ڪٽيو پئي آئي... هن جي پٽيان ايندڙ ڪتي تہ جهٽ بہ هنيو هو ۽ سڌ جو ڏگر لاهي ويو هوس... ڪتا سوڙها اچي پيا هون... ٻنهي ڊوڙندي ئي لوڙهہ ۽ ڪهاڙي ورائي... هن ڏٺو تہ رن جي لوڙهہ پنهنجي پٽيان ايندڙ ڪتي جو مٿو مُڇ ڪري چڏيو هو... ڪوڪاٽ بہ نہ ڪيائين. هن جو ڏڪ گسي ويو هو ۽ ڪتو مئل ڪتي تي بيهي ان کي سونگهڙ لڳو هو... هو پاڻيءَ ۾ گهڙيائي مس تہ پٽيان بندوق ڇُٽي... ٻيئي ويرم لاءِ اهليا... ۽ پوءِ پاڻ کي ڇولين جي ڇوهہ جي بلي ڪري چڏيائون...

... چنڊ ٻڏي ويو هو. ۽ سنڊو جي هِن هُن ير لهرن جي گجگوڙ ري ٻيو ڪجهہ بہ ڪين هو.. ...

❐

سنگهرش

ـ سحر امداد

"رات هڪ سپنو لڏم. جاڳندي جو سپنو." زرين سندس موڪري چاتيءَ تي ڪنڌ لاڙي چيو: "بيحد پوائتو. پانيو هئم سپنا سدائين سندر هوندا آهن، پر سپنا ايڏا پوائتا، اذيتناڪ ۽ پيڙيندڙ به ٿي سگهن ٿا!؟"

"تون بيحد حساس آهين. تنهن ڪري" هُن جوٽس جي ٻانهن تي هٿ ڦيرائيندي چيو.

"تو ڪڏهن لانگ بوٽ هيٺ پاڻ کي چيٿاڙجندو محسوس ڪيو آهي؟ پاسراتين ۾ چيندڙ سنگين جي ٽڏاڻ محسوس ڪئي اٿئي؟"

(فرج ۾ رکيل وهسڪيءَ جي باٽل جي ٽڏاڻ ڪيڏي نه فرحت بخش هوندي آهي. ۽ بوتل اندر باهه. ۽ سندم زال... جيري جر، جرات جو ساٿ نه ڏيئي سگهندي. فرجد.) جوٽس جي چپن ڪي ڪُنڊ کي لاڳيتو چمندو رهيو.

"ڪالهه ـ ڪالهه منهنجو گهر ويٽنام هو. انڊونيشيا هو. بيروت هو." (بيروت، ڪيڏو نه خوبصورت شهر آهي/ هو. ۽ اُتي جون چوڪريون پر هاٽي تـ... مُٽينس) هُن نائٽيءَ جي ربن کولي.

"ٽينڪ منهنجو گهر ميسارٽ لاءِ وڌي رهيا هئا. مسلسل وڌي رهيا هئا. فاصلو ڪٽو ئي نه پئي. ۽ مان مسلسل پيانڪ عذاب پوڳي رهي هيس. چئني پاسي گولا، دونهن ۽ بارود جي بوءِ هئي.

(شيمپئن جي بوءِ، ايجا به عورت جي جسم جي بوءِ، اُف!) هن جوٽس

جي بغلن ۾ منهن لڪائي ڇڏيو.)

"منهنجي گهر جا مرد سڀ جنگ تي ويل هئا. ڏرتي، گهر، ٻار ۽ آئندي جي بچاءَ جي جنگ. مان منهنجي معصوم ڏيئَ، تنجڙن ۾ منهنجو پٽ. پر نه، پٽ ڪٽي هو؟ پٽ ته اڃا... پر ٻج آهي؛ منهنجي ڪُک ۾... سنگين اچي چيي ٽي: منهنجي پٽ کي نه ماريو. ايندڙ سانوڻ ۾ سُڪار جي آس ۾، سوکڙي کان بچائي رکيو اٿم اهو ٻج.

(هيل ٻج ڏاڍو پلو هو. بس رڳو فصل لهڻ جي دير آ. هڪ مهينو پورو وڃي ڪراچيءَ عيش ڪبو. گهر، ٻار، زال هڪدم (بکواس، واهيات...) چپ جوٽس جي ڳلن تان ترڪندا، ڪنڌ تائين آيا.

"سنگين جي تکي چهنب ماس ۾ گهڙي ٽي. لانگ بوٽ جي سخت پٽر جهڙي Toe گوڏي تي لڳي ٽي. گهوماڻجان ٽي. ننڍڙي معصوم ڏيئَ هيسيل هيسيل ٽنگن ۾ اچي چنبڙي ٽي. هڪڙو هٿ وڏي بارڙيءَ کي ڇنڊن مان جهلي ڇڪي ٿو. ريهون، دانهون. لُوهه ٽي پايان- ان هٿ کي ڪرائيءَ کان ڪپي ڇڏڻ جي چتي خواهش ڪٽي. ٿونشو ڳل جي اُپريل هڏي تي لوهي بال جيان لڳي ٿو ۽ ڦاڙ ڪري ٿو ڇڏي. متو جيئن پنتي جهٽڪو ٿو ڪائي ته سنگين ٽي چيي. نهاريان ٽي: سامهون منهنجي ڏيئَ پٽ تي ڪري پئي آهي. هيسيل هيسيل. گهٽيل گهٽيل. سندس نراڙ تي رت هاٿو آهي. ڏنل اکيون مون منجهه ڪُتل آهن.

هو هڪ اڇاتري نهار جوٽس ڏانهن ٿو وجهي. هوءَ هيسيل هيسيل، گهٽيل گهٽيل ٽي لڳي. سندس وڏندڙ هٿ جوٽس جي پيٽ تي ئي روڪجي ٿو وڃي.

"سامهون بيٺل جو سڄو چهرو رانيوٽن سان رهڙيل ڏوڙان ٽي ڏيئَ ڏانهن. هٿ وڏي ٿو جهلڻ لاءِ چڪ هڻي ٻوٽي ٽي پٽي ڇڏيان. تڏهن الاءِ ڪيترا هٿ بکين ٿا پئجي وڃن.

جوٽس تان سندس ٻک ڏرو ٽي ٿو وڃي.

"انهن سيني رزيلن کي چيري ڦاڙي ڇڏيان. چتڪتائي. وحشي پڻو

پنهنجي ٻوري قوت سان جاڳيل.

(اف! راتوڪي ڇتڪُتائي، وحشي پٽو نٽو وسريم. پينزي، اوهه بلبي بچ! اصل سيسڙات ٽي ڪيرائي ڇڏيائين.)

"جنبن مان جهلي مٽو يت سان ٽڪاءُ ٿا ڪرائين. تڏهن بہ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ جاکوڙ. ڇڑيون، رڑيون. ريهون. تڏهن ئي جنبن مان گهليندا گهر کان ٻاهر وڃي ٿا وجن. لانگ بوٽن جي سخت Toe جا ٽڏا، ڪُک ءِ پڻيءَ تي. ڏيڏم جا وار هڪ راکاس جي هٿ ۾. هوءَ ذري گهٽ لڙڪي رهي آهي. هيسيل. پيلي ٽي ويل.

"تون ڪٽي هوندين؟
هن مهل، هن سمي!
جڏهن اسين
توکان پري
هن حال ۾
مري رهيا آهيون.
"پٽ تي اچي اُچلين ٿا. ڪُنداق سان چهرو متي ٿا ڪن
ڪٽي آهي؟ ٻڏائي ڪٽي آهي؟
"ـ ڪٽي آهين؟ ـ ڪٽي آهين؟ ـ؟؟؟؟"
(هيئـ ـ هيئر آئي ايم.
شاور جي
مڏم رسيلي آواز سان
هڪ مڏر آواز
هيڪ ميڪ ٽي ويو
ءِ هُن
بيڊ جي
خالي پاسي تي پيل
پنهنجي ٻانهن سان

بلينڪيٽ لاٿو
راتوڪو سرور
خماريل انگ انگ
ءِ هوسڏو
باٿ روم ۾ هليو ويو
ٽهڪ نڙيا
جڙ ڪٽي
ننڍڙيون ننڍڙيون گهنڊٽيون
هوا جي هلڪي ڇهاءُ سان
هڪ ئي وقت
وجڙ لڳيون هجن
ءِ پوءِ
مڏم مڏم
مڏر مڏر
سُريلا خماريل آواز
هڪ ٻئي کان ڏار ٿي
رِل مِل ٿيندا ويا
آوازن جو ڪاڪ ٽيل!)
"ڪٽي آهين ميهار يار
اڄ وري سهڻي مري رهي آهي
لڳن ڇهٽيون لوهڻيون
سسيءَ کي سيسار."
(The time beautiful time...
the days, beautiful days... days
How I Believe
I t was my dram... dream... dream...)

ـ ڪٿي هوندم هبر؟ ـ؟؟؟!!! ـ؟!؟!.

(بلڪل ائين ئي، هن ئي سمي تنهنجين ٻانهن ۾ مري وڃجي ڏيئر. ٻانهن جو گهيرو اڃا بہ سخت ٿيندڙ.

... ۽ پوءِ سياڻي اخبارون هٿو هٿ وڪامجي ويندیون. هاڪرن کي ڪنهن ڇرڪائيندڙ چٽپٽي هوڪي لاءِ جاکوڙ نہ ڪرڻي پوندي: فلاڻو مشهور وڏيرو ڪم ايڪس ايم. پي. اي. ڪم ايڪس ايم. اين. اي. ڪم ايڪس منسٽر (... ڪارپٽ: هُن ڪلندي ايڊيشن ڪيو) شهر جي مشهور ڪال گرل سان مقامي هوٽل جي باٿ روم ۾ مئل حالت ۾ لڌو ويو... .... بہ ٿهڪ ملي هڪ ٽي وڃن ٿا.)

"تڏهن مرڻ جي شديد خواهش ٿي اُپري. هتي. هير گڏ هجين ها جيڪر. تڏهن ئي اُپري آيل ڊپ، پر ـ ٿي سگهي ٿو. هن سمي. هن ويرِ هُتي ـ توسان بہ ائين ئي سپ ڪجهہ ـ ايڏو پيانڪ ٿي رهيو هجي. پاتال تائين سُڪل. ٿوڻ ٿي ويل مان. اوچنگارون ڏيئي روئي ٿي پوان. ڏڪون پري..."

هوءَ اکين جي ڪنڊن کي آڱرين سان اُگهي ٿي.

اسين هن لمحي. هن پل. هڪ جيترو هڪ جهڙو پوڄي رهيا آهيون.

(اوهہ رشي جان! تون نٽي جاڻين: مون ڪيڏو پوڄيو آهي توکان پري رهي. I swear dear اوهہ نہ شڪ نہ ڪر جانان ـ she is a lousy ... bitch مان ان استريو لائيف کان پڄي تو وٽ آيو آهيان.)

ـ هڪ ٻئي کان هيڏو پري!!! ؟؟؟؟. !!؟؟. !؟!؟. !!!!.

(تنهنجا اهي رس پريل چپ چمڻ لاءِ مان ڪيڏو نہ ماندو هوس. ڏس توکي ڪجهہ محسوس ٿئي ٿو. سخت سخت. مان ڪناتار پريل آهيان...)

ـصدين جي مفاصلي تي. (هليا! ڪم آن pussy ـ ميوزڪ آن ڪري چڏ ـ چتو وحشي ميوزڪ ـ هيئہ ـ ڏوم تتي ڏرتيءَ تي پڪل ٻير چاٽيون.)

"مري رهيا آهيون ساڳو اذيتناڪ موت!" هوءَ پنهنجون پنل اکيون

سندس وارن پريل چاتيءَ تي رکي ٽي چڏي.

زرين! توکي کيترا ڀيرا چيو آٿم: هروپرو ايڏي رومينٽڪ ٽيٽ جي کوشش نہ ڪندي وڃ. ڇڏڻا ردي خواب ۽ انهن تي تون روئين پئي. هينئر- هن مهل ئي ڪجهہ ٻڌائڻ ضروري هو. هن ڪاوڙ ۾ پاڻ چڪي، پرپرو ڪيو.

"پر توهان آيا ٻہ تہ اڄ شام ئي آهيو. مون الاءِ ڇو توهان کي ٻڌائڻ پئي چاهيو. توهان کي خراب لڳو. Then Sorry. اڳتي کوشش ڪندم تہ هروپرو ايڏي رومينٽڪ نہ ٿيان." (ذليل، ڪمينو ڪتو... پاڻ وتي رنن سان رومانس ڪندو... اجائي آڪڙ وري مون تي... پڙ...)

'هاڻ چا؟ سڄي موڊ جي هٽي ماءُ.... سنئون سڏو چئي چڏين ها تہ منهنجو موڊ ناهي.'

(هونهہ موڊ! ايڏو ئي منهنجي موڊ جو خيال هجيس تہ جيڪر... مادر... الائي ڪهڙي اوڙاهہ ۾ وڃي يارن سان مئو هو. پندرهن ڏينهن کان پوءِ تہ پيدا ٿيو آهي. مُئي آهيان خاندان جي ننگ پويان... نہ تہ جيڪر... ....) هن ڪاوڙ ۾ نائيٽ گائون پاتو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ وڌيو.

(چري نہ ٿيءُ ديهان... نيٽ ٻہ ور اٽئي. پندرنهن، ڏينهن، ويهہ ڏينهن، مهينو، ٻہ نيٽ تہ موٽي هتيئي ايندو. راءُ ريجهائي وٺ.) زرين ڪيس روڪڻ لاءِ هٿ وڌايو. گائون جي ڪُنڊ هٿ ۾ اچي ويس. ان کي جهلي چڪ ڏنائين. رُنل من ۽ مُرڪندڙ مُک سان:

"سائين بخشي چڏيو خطا- پليز!"

هُن جهٽڪي سان گون چڏايو ۽ ٻيڊ روم کان ٻاهر هليو ويو.

❐

هينئڙو ڪچي تند جيئنءَ

ـ مدد علي سنڌي

اِها سياري جي هڪ سرد شام هئي. آسمان تي ڪٿي ڪٿي ڇڀا ڇڀا اڇا ڪڪر پئي تريا. سيءُ به چوي ته اڄ نه پوان. ڪڏهن پوان. مون پنهنجي گهر جي ورانڊي ۾ گُڏين راند پئي ڪيڏي. پريان سِگريءَ ۾ اَگر پئي بَريا. جو اَمي ءِ ناني امان، سهي سنيري اچي منهنجي پير ۾ بينيون.

"ناني امان ڪيڏانهن تا وڃو، مون کي به ونې هلوا!"

مون گُڏين مان هٿ ڪيڊي ڪٽي نانيءَ جي برقعي کي پڪڙيو.

"مهناز ولايت مان موٽي آئي آهي، اسين وڃون تا ڪيس ڪيڪارڻ." اميءَ چيو.

مون، جو آپا مهناز جو ولايت مان واپس ورڻ جو ٻڌو ته روئڻ لڳس. ڇاڪاڻ جو ڪيترن ڏينهن کان مهناز آپا جو ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻڌيون هيم. اميءَ وارن جي واتان، انهيءَ سبب سندس انيڪ شڪليون ڇِتي ڇڏيون هيم.

مون کي پَڻَ تي ليڙاتيون پائيندي ڏسي، ناني امان اُتاري وڃي سنبرائي تيار ڪيم. نيري چدي، بڪلن سان، ءِ پٽاپٽي بشرٽ پائي ٽپا ڏيندو، ناني ءِ اميءَ کان به به وکون اڳتي ڪٽندو وڃي وڪتوريا گاڏي ۾ ويٺس. وڪتوريا هلڻ شروع ڪيو ته مان گاڏي جي پوئين دريءَ جو چمڙو کڻي رستي کي ڏسڻ لڳس. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي رستن جي ڳالهه ئي اور هئي. نه ايتري گهٽي ٽريفڪ، نه ساهه گهٽيندڙ انهن جو دونهون، نه

رکشائن جي ڦٽ ڦٽ، نہ سوزوڪيون! موٽرون بہ ايڪڙ ٻيڪڙ. رستن تي فقط وڪٽوريا گاڏيون، ٽانگا ۽ سائيڪلون- فوٽ پاٽ رستن کان گھٽو مٽي، جنھن جي ٻنھي پاسن کان پپر ۽ بڙ جا گھاٽا وڻ. تلڪ چاڑھيءَ کان اسٽيشن روڊ انھن وڻن سان پريل ھوندو ھو. رسالا روڊ جي ٻنھي ڪنڊن تي وڏا شاھي باغ ھئا (ھڪڙو حيدر چوڪ وٽ، ۽ ٻيو ھاٽ جتي گول بلڊنگ آھي) جنھن ۾ اوچا اوچا وڻ، سائي ڇپر، پاٽيءَ جا تلاءُ ۽ ڦوھارا- روز شام جو اسين انھن ٻنھي باغن ۾ سير ڪرڻ ويندا ھئاسين.

وڪٽوريہ گاڏي وري ھلڻ لڳي تہ مان ٻيھر دريءَ مان ڪئنٽونمينٽ جي رستن کي ڏسڻ لڳس. ڏگھي رستي تي سواءِ وٽن مان ڪريل سڪل پنن جي، جيڪي ھوا ۾ اُڏامي رھيا ھئا، ٻيو ڪجھ بہ نہ ھو. گاڏي صدر مان ٽيندي اچي ھڪ ڳاڙھي پٿر جي ٺھيل شاھي ٻماڙ جاءِ وٽ بيٺي تہ اسان لھي ڏاڪڻ چڙھي مٽي ٽپاسين. اھو ھو آپا مھناز وارن جو شاھي گھر، جيڪو گھر نہ پر محلات ھوندو ھو. سڄو ڳاڙھي پٿر سان جوڙيل. ان جاءِ جا سوين تہ صُفا ھوندا ھئا. ھيٺ مٽي ٺھيل ان جاءِ جا ٻہ در ھوندا ھئا، ھڪ جو رخ ڏکڻ ۽ ٻئي جو اوير ڏي. وڏين وڏين اوچين ڪاٺ جي چتين وارا صفا، ورانڊا، سنگمرمر جون ڏاڪڻيون، وڏا وڏا روشندان، جن ۾ رنگين شيشا ڏينھن جو اُس ۾ تجلا پيا ڏيندا ھئا. سنگمرمر جا اڇا اڇا شينھن، جيڪي پنھنجي ڪُلھن تي ان جاءِ جي خوبصورت پتين جا بار ڪنيو آئي ويئي کي پيا تڪيندا ھئا. مٽي ڪُڏ تي سنگرمر جي ٻارنھن دري تہ پري کان پئي ڏسڻ ۾ ايندي ھئي. ٻماڙ شاھي عمارت ۾ اولھندي پاسي کان اڳڻ ۽ ايرندي پاسي کان ننڍڙو باغ ھو. جنھن ۾ پاسن کان نم ۽ گيدوڙي جا وڻ، ۽ انھن جي وچ ۾ ھڪ سھڻو ڦوھارو ھو. جنھن مان پاڻي ڦوھارا ڪيو ھيٺ تلاءُ ۾ پيو پوندو ھو.

"اھو جادوئي محل پڪ ڪنھن شھزاديءَ پنھنجي رھڻ لاءِ جوڙايو ھوندو." روز رات جو اَمي ۽ ناني امان کان گل ٻکاڙلي، مومل راڻي ۽ گل ڦل راڻيءَ واريون آکاڻيون ٻڌي منھنجي تصور ۾ بہ سدائين فقط محل،

شهزادیون ۾ ديو رچيل هوندا هئا. سهڻي ۾ ڪومل شهزادي، جنهن کي هڪ وڏو ديوَ هڪ شاهي محلات ۾ قيد ڪيو ويٺو هوندو هو. جنهن کي ڇڏائڻ ۾ اچي هڪڙو شهزادو ماري، سندس جند آجي ڪرائيندو هو.

امي، اکڙ ۾ ڪنهن سان پاڪر پائي ملي ته مان هن کي ڏسڻ لڳس. امي، مهماز آپا جي سس سان ڳالهائي رهي هئي. هوءَ اسان کي وراندي ۾ وٺي هلي، جنهن ۾ سڀ کان پهريائين هڪ شاهي صفو هو. جنهن کي ڊرائنگ روم ڪري ڪوٺيو ويندو هو. (۾ اُنهن ڏينهن مون لاءِ اهو لفظ ڊرائينگ روم بہ ڪيڏو نہ موهيندڙ هو!) ڊرائينگ روم پراٽي وڪتورين دور جي، فرنيچر سان پريل هو. ڪوچ، شيشي جون ٽپايون، ميزون، (سائيڊ ٽيبلون)، مٿي ڇت ۾ جهاڙ- بلب! (جن جون تارون ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندیون هيون، فقط ڪارن لوهي بٽڻن ڊبائڙ سان بتيون ٻرنديون هيون. جن جي ٻارڻ سان اڇيون اڇيون پتيون روشن ٿي ويندیون هيون. مان جڏهن بہ ان ڊرائينگ روم ۾ ويهندو هوس، تہ عجب ڪائيندو هوس تہ بنا تارن جي آخرڪار اهي بتيون ڪيئن ٿيون ٻرن! (تڏهن اڃا اندر گرائونڈ بجليءَ جي تارن جو رواج ڪونہ هو!)

"مهناز ڪٿي آهي؟" اميءَ پڇيو.

"ويٺي آهي، پنهنجي ڪمري ۾!" آپا مهناز جي سس نڪ کي موڙو ڏيندي چيو "گهرائي ٿي ونانس!" ائين چئي هوءَ وري بہ اميءَ سان ڳالهين ۾ مشغول ٿي وئي. هوءَ اميءَ جي نندپڙ جي ساهيڙي هئي. ساٽس گڏ مڪتب ۾ پڙهي هئي، ان ڪري سندس ڳالهين ڪٽڙ جو نانءُ ئي نٿي ورتو. پر مون سندس اهي ڳالهيون ٻڌڙ بدران، ويٺي ويٺي ناني امان کي تپائي ڏنو. سندس چولو ڇڪي ڇڪي ڪيس اٽڙ لاءِ ڪنڌ سان اشارا تہ "هل، هل مون کي هلي آپا مهناز ڏيکار!"

منهنجي تپائي ڏيڙ تي، ناني امان مون کي وٺي هلي آپا مهناز ڏانهن. ڊرائنگ روم جي ڀڪ مان هڪ نندڙو اکڙ هو. جنهن کي لتاڙي هڪ نندڙي ڪمري مان ٽيندا، هڪ وڏي صفحي جي در وٽ بيناسين.

سامهون پکي ساڳ جو ٿهيل در هو جنهن جي مٿان رنگين شيشا لڳل هئا. جيڪي اندر برندڙ روشنيءَ ۾ پئي چمڪيا. در کي کولي اندر ٽپاسين تہ جهاڙ جي روشنيءَ ۾ بهڪندڙ صفو اسان جي اکين آڏو هو. منهنجي سامهون ڏبل بيڊ تي هڪ اڇي رنگ جي خوبصورت عورت (شهزادي!!) ليٽيل هئي، جنهن جي هٿن ۾ ڪوئي ڪتاب هو. پر جنهن جا نيٽ سنڊس ڪابي پاسي واريءَ دريءَ جي ٻاهران پکڙيل اونداهي کي ٽڪي رهيا هئا. مون اميءَ جي واتان جيڪي بہ آکاڻيون ٻڌيون هيون، انهن قصن ڪهاڻين جي شهزادي، پنهنجي سموري سونهن، ڪوملتا ۽ سينگار سان منهنجي آڏو هئي. هوءَ اسان کي ڏسي، اُٿي اچي ڏاڍي قرب سان ناني امان سان گڏي! (سرو قد، ڊگها ڪارا وار، گهرا ۽ نيرا نيٽ، بيضوي مُکڙو، گُلاب جي گُل جهڙا ڳاڙها چپ.)

مون کي ائين گُم سُم پاڻ ڏي تکيندو ڏسي کٽي ٻانهن کان جهليائين.

"ماسي شاني جو پٽ آهي نہ!" نانيءَ کان پڇيائين.

"ها، امان! ڏس نہ توکي ڪيئن پيو تکي. توسان ملڻ لاءِ اصل آتو هوا" ناني امان کيس ٻڌايو.

"صفا پنهنجي ماءُ تي ويو آهي!" ائين چئي مون کي ڏبل بيڊ تي پنهنجي ڪچ ۾ ويهاريائين ۽ ناني امان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي تہ مان سنڊس صفي ۾ رکيل شين کي ڏسڻ لڳس.

آپا مهناز ڪيترا ورهيہ پنهنجي مڙس سان گڏ ولايت مان رهي واپس وري هئي، انهيءَ ڪري سنڊس صفو بہ عجيب عجيب شين سان سينگاريل هو- ڏبل بيڊ، پاسي کان سائيڊ ٽيبلون، پٽين تي پينٽنگس، ڪاٺ جي وڻن فريمن ۾ بند، هڪ ڪنڊ ۾ شيشي جو ڪبٽ جنهن جي هڪ حصي ۾ ڪتاب، ٻئي ۾ گُڏيون ۽ راندڪا رکيل ۽ پريان هڪ ميز ٽائيپ، جنهن ۾ تارون لڳل هيون. (پوءِ خبر پئي تہ اها نٽنگ مشين هئي، جيڪا آپا مهناز حيدرآباد ۾ سيپ کان پهرين پهرين لنڊن مان آندي هئي ۽ اهو سال 1957ع جو زمانو هوا!) صفي جي ايرندي پاسي هڪ شاهي

گيلري هئي، جنهن تي لڙڪيل ڳاڙهو ريشمي پڙدا، ريشمي رسيءَ سان ٻڌل هئا، جنهن مان هيٺ باغ ۾ بيٺل وٽن جون ٽاريون، هوا ۾ لڏندي ڏسڻ ۾ پئي آيون. ٻاهر آڪاش تي اونداهي ڇائنجي چڪي هئي، ۽هيٺ استريٽ لائيٽ جا بلب ڪڏهوڪو ٻري چڪا هئا. دريءَ مان سياري جي ٺڏي هوا لنگهي اچي اسان کي ڇُهي رهي هئي. ۽ مون آپا مهناز جي ڪچ ۾ ويٺي ويٺي کيس ڏٺو. سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان روشن هو. ۽ سندس نيرن، گهرن نيٽن ۾ اٿاهه گهرائي هئي. (ها، سموريون، شهزادیون اهڙيون ئي هونديون، شهزادي گل بڪاؤلي، گل ڦل راڻي، مومل... اميءَ جون سموريون ٻڌايل آکاڻيون ۽ انهن آکاڻين جون شهزادیون اچي منهنجي سامهون ويٺيون!)

"چا نالو آ تنهنجو؟" هن منهنجي کاڌيءَ کي پنهنجي سهڻي، اڇي هٿ سان ڇهندي چيو.

مون ڏٺو: سندس خوبصورت هٿن جا نُنهن وڌايل هئا، جيڪي ڳاڙهي نيل پالش ۾ پئي چمڪيا. مون لڄي ٽيندي نالو ٻڌايو ته چوڻ لڳي، "توکي مان مَڏوُ سڏيندیس... چا سڏيندیس؟... ٻڌاءِ نہ بابا؟"

مون لج وڃان ڪجھ بہ نہ ڪُچيو ته کلڻ لڳي. سندس موتين جھڙا ڏند، ۽ گلابي چپ۔ مان ڪنڊ ڪٽي کيس تڪڻ لڳس ۽ اميءَ جي ٻڌايل گل ڦل راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ کي سارڻ لڳس... (رات جو اميءَ کي ٻڌائيندس، ته گل ڦل راڻي، ديوَ جي بندٽن مان پاڻ ڇڏائي، پنهنجي محل ۾ موٽي آئي آهي.)

۽ اها هئي آپا مهناز سان منهنجي پهرئين گڏجاڻي/ ملاقات، جنهن منهنجي ڪچڙي ذهن تي سندس لاءِ سمجھ ۾ نہ ايندڙ طلسماتي اَنيڪ جذبن جي جُهرمر جُهرمر لائي ڏني. منهنجي عمر ان مهل اَٺڪل ست اٺ سال مس هوندي، پر مون کي ايڏا تائين سندس شخصيت جا سمورا رنگ ۽ روپ ياد ٻينا آهن. آپا مهناز حيدرآباد جي اعليٰ سوسائٽيءَ ۾ مشڪل سان ڪنهن ٻي عورت فيشن، سونهن ۽ سينگار ۾ ساٺس برميچي سگهي

هوندي. جيم خاني جي محفلن کان ويندي ڪاڇن تائين، سندس سونهن ۽ سندرتا جي هاڪ پکڙيل هوندي هئي. سندس پيڪا سول لائينس ۾ ساهرا شهر ۾ رهندا هئا، آپا مهناز جو مڙس شهر جو نامياروَ ڊاڪٽر هو. جيڪو تازو لنڊن مان نئين نئين ڊگري ونيِ آيو هو ۽ سال 1957ع واري حيدرآباد ۾ اهو ئي جڳ پڌرو ڊاڪٽر هوندو هو. سندس سُهري ڪي انگريزن جي زماني ۾ خانبهادريءَ جو لقب مليل هو. جيڪو سدائين انهيءَ جاءِ جي وڏي ۽ ڏگهي ورانڊي ۾ آرام ڪرسيءَ تي اهليو چُروٽ پيو چڪيندو هو. اسان جا ساٿس پراڻا ڪٽنبي رستا هوندا هئا. ان ڪري پاڻ ۾ گهٽي اڇ وڇ هوندي هئي. اُهو ڏينهن خالي نه هوندو هو. جو اسان مان هنن ڏي، ۽ هنن مان ڪوئي اسان ڏي نه ورندو هو. امان جن هلندا هئا، ته سڄو سڄو ڏينهن آپا مهناز وارن وٽ گذارينداَ هئا. ۽ هو اسان وٽ ايندا هئا ته سانجهيءَ تاڻي پنهنجي گهر ورندا هئا. (عجب جهڙو زمانو هو- زندگيءَ جي سمورين ڳالهين تي ايجا مشيني زندگيءَ پنهنجا اثر نه ولاريا هئا، ۽ اڄ ڏک فقط انهيءَ ڳالهه جو رهيو آهي، جو محبتن ۽ قربتن جا اِهي ويجها ناتا الائي ڪهڙي پاسي منهن ڏيئي هليا ويا، جن جو ڪوئي پتو نٿو پوي- جن ۾ چاهه ۽ موهه هوندو هو. اهڙو جو انسانن جا مُک وٽندا پيا هئا هڪ ٻئي کي!!)

۽ جيئن جيئن مان آپا مهناز وٽ گهٽو ويڙ لڳس، تيئن تيئن اسان جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو به ويو گهاٽو ٿيندو. مون کي هوءَ پائيندي به ڏاڍو هئي. مان هڪ نه ٻئي ڏينهن ساٿس ملڻ ويندو هئس. ناني امان اڪثر دوا سندس مڙس کان ونڻ هلندي هئي ته مان به هن سان گڏجي ويندو هئس. (آپا مهناز جي مڙس جي اسپتال به انهيءَ شاهي عمارت جي هيٺين حصي ۾ هوندي هئي!) ناني امان، سندس مڙس کان دوا ونڊندي ٻئي ۽ مان آپا مهمان وٽ، مٽي وڃي راند ڪندو هوس.

آپا مهناز جو صفو جاءِ جي اڳياڙيءَ کان هوندو هو. جنهن جي آڏو هڪ شاهي گيلري (فرانسيسي طرز جي) هوندي هئي، جنهن کي وٽن جون

تاريون پيون ڇُهندیون هیون. تيز هوا جي جهوٽن ۾ انهن وٽن جا سُڪل ۽ ساوا پن ڇٽي هيٺ ڦوهاري ۾ ڪرندا هئا. ڳاڙهي پٿر جي ان شاهي گيلريءَ ۾ مان ويهي راند ڪندو هوس- هيٺ ڦوهاري جي پاٽيءَ ۾ ترندڙ پنن کي ڏسي خوش ٿيندو هوس ۽ آپا مهناز منهنجي پرسان آرام ڪرسي وجهي ويهندي هئي. گيلريءَ جي هيٺان ننڍڙو باغ هوندو هو. جنهن ۾ ٻه- چار نم ۽ گيدوڙي جا گهاتا وڻ ۽ انهن جي وچ ۾ سنگرمر جو ٺهيل ڦوهارو هو. جنهن مان پاٽي نڪري تلاءَ ۾ وڃي پوندو هو. ان جي چئني پاسن کان سائي سائي ڇپر ۽ پريان جاءِ جو شيشم جو شاهي ڪارو در هو. جيڪو پريان کان ڪنهن محل جو در پيو پاسندو هو. انهيءَ در آڏو رستو هوندو هو. جتان پير جي وڻ هيٺان ڪنهن ڪنهن مهل ڪوئي تانگو لنگهندو هو تہ ان جو آواز بہ اتي پيو ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مان ۽ آپا مهناز انهيءَ گيلريءَ جي ڪٺهڙي تي نوڙي، هيٺ تلاءَ کي ڏسندا هئاسين. تيز هوائون اسان جي ٻر مان لنگهي، آپا مهناز جا ڊگها وار اڏائي. وٽن ۾ شور ڪنديون هليون ويندیون هيون. مان اُن مهل آپا مهناز جي مُک ۾ نهارندو هوس،جيڪا ٻئي هٿ پنهنجي ڳلن تي رکي، هيٺ پاٽيءَ کي پئي تڪيندي هئي. هڪ ڀيري مان ۽ آپا مهناز گيلريءَ ۾ وينا هئاسين. هوءَ جڏهن بہ چُپ هوندي هئي تہ سگريٽ دکائي متي نيري آڪاس ۾ نهارندي هئي. اُن ڏينهن بہ هوءَ سگريٽ کي هڪ سهڻي هولڊر ۾ وجهي لائيٽر سان ڏُکائي، سگريٽ جا ننڍا ننڍا ڪش هڻي سامهون وٽن جي چوٽين کي ڏسڻ لڳي. مان جيڪو سندس پر ۾ بينو هوس، کيس سگريٽ ڇڪيندي ڏسي چوڻ لڳس، "آپي، توهان اِهو نہ پيئندا ڪريو؟"

اِهو ٻڌي هن مرڪي مون ڏانهن نهاريو. هوءَ اُن مهل وهنجي اچي ٻاهر وينِي هئي، سندس ڪارا ۽ ڊگها وار ڪلهي تي پئي لڙڪيا. انهن کي هڪ هٿ سان پري ڪندي مون کي ٻانهن کان جهلي پنهنجي ويجهو آڻي چوڻ لڳي، "چومڏو توکي اهو سنو نٿو لڳي ڇا؟"

مون ڪنڌ سان هاڪار ڪئي تہ منهنجي وارن کي پنهنجين

سھٹين آڱرين سان سنواريندي چوڻ لڳي، "چڱو هاڻ نہ پيئنديس!"

مان ڪنڌ هيٺ ڪري سندس پدم جھڙن پيرن کي ڏسڻ لڳس. آپا مھناز جا هٿ پير بہ ڏاڍا سھڻا هوندا هئا. (عورتون چونديون هيون تہ مھناز جھڙو حسن بہ اسان تمام گھٽ ڏٺو!)

سندس ڊگھيون ۽ سھڻيون آڱريون، ۽ انھن آڱرين جا وڏايل ننھن جن کي هوءَ ڳاڙھي نيل پالش هڻندي هئي، روشنيءَ ۾ سدائين پيا چمڪندا هئا. (۽ مون سدائين سندس هٿن ۽ پيرن جي ننھن کي ڳاڙھي نيل پالش ۾ چمڪندي ڏٺو.) اوچتو مون سندس پيرن کي ڏسندي چيو، "آپي توهان هي پنھنجي هٿن جا ننھن بہ ولايت مان ڪھرائي آيو آهيو نہ؟"

اهو ٻڌي هوءَ کلڻ لڳي، "چو توکي وٽن ٿا چاڻ؟"

مان سندس هٿن جي وڏايل ڳاڙھن ننھن کي ڏسندي پنھنجا ننڍڙا ٻئي هٿ سندس آڏو ڪندي چوڻ لڳس، "آپي، منھنجا ننھن بہ توهين ائين ناهيو. مان گھر وڃي اِنھن کي ڳاڙھو ڪندس!"

هوءَ ٿھڪ ڏيئي کلڻ لڳي تہ مان لڄي ٿي ويس. هن ڪلندي ڪلندي چيو، "هل، تہ تنھنجي ننھن کي پالش ڪريان!" ائين چئي هوءَ مون کي اُڀاري اندر بيڊ روم ۾ وٺي هلي. سندس ڊريسنگ ٽيبل ڳاڙھي رنگ جي هئي، جنھن ۾ بيلجم جي شيشي آڏو قسمين قسمين جون انيڪ شيشيون رکيل هيون. هڪ شيشيءَ کٽي چوڻ لڳي، "ڪھڙو رنگ هڻان؟"

"آپي توهان کي ڪھڙو رنگ وٺندو آهي؟" مون وراٽيو.

"ڳاڙھو... مون کي ڳاڙھو رنگ وٺندو آ." هوءَ پنھنجي رڳيل ننھن کي ڏسي چوڻ لڳي.

"مون کي بہ اهو ئي هڻو!"

هن هڪدم منھنجي مک ۾ نھاريو.

"توکي مڏو اهو رنگ بہ منھنجي ڪري وٽي ٿو نہ؟"

مون ڪنڌ ڏوڻيو تہ وري بہ کلي چوڻ لڳي، "چڱو هاڻ اڄ تہ تنھنجي ننھن کي نيل پالش هڻان."

ائين چئي هوءَ ڊريسنگ ٽيبل وٽ استول تي ويهي، منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي، نُنهن کي پالش هٽڻ لڳي ۽ مان سامهون آرسيءَ ۾ ڪيس ۾ پاڻ کي ڏسڻ لڳس.

اوچتو هڪ شخص بيڊ روم ۾ تڪڙو اندر گهڙي آيو- سوٽيڊ بوٽيڊ، بت پريل، رنگ صاف پر چپ تمام ٽلها. آپا مهناز جنهن جي چپن ۾ اٽڪيل هولڊر جو سگريٽ ڏُکي ڏُکي پورو ٽيڻ تي هو، منهنجي هٿ کي نيل پالش هٽندي، هڪ نهار مٽس ڏوڙائي، وري پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويئي. بيڊ روم ۾ گهڙي ايندڙ شخص مون کي الائي ڇو نه وٽيو- اُن مهل مون کي اُنهيءَ شخص کان ڏاڍو ڀؤ لڳو. مان ڊنل ۽ هيسيل نظرن سان ڏانهنس ڏسڻ لڳس، جيڪو وارڊ روب مان ڪائي شيءِ ڳولي رهيو هو. اوچتو هن ڪا شيءِ وارڊ روب مان ڪڍي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌي ۽ اچي اسان جي پر ۾ بينو ته مان وڌيڪ ڊجي، آپا مهناز سان لڳي بينس.

"چا پيو ٿئي؟" هن جو آواز بہ ڏاڍو ڳرو هو (تيز، تکو ۽ انساني جذبي کان خالي...!)

"چو ڊاڪٽر صاحب، ڪا شيءِ کپيوَ چا، جو هن مهل مٿي آيا آهيو؟" آپا مهناز بنا ڪنڌ کڻي کيس نهاريو جي، وري بہ منهنجي ٻئي هٿ جي ننهن کي نيل پالش هٽڻ ۾ مشغول رهي.

"هي ڪير آهي؟" هن پڇيو.

"ماسي شانيءَ جو پٽ آهي!" آپيءَ وراڻيو.

"ٺيڪ آهي... ٺيڪ آهي." هن تکو ٽيندي چيو "پر تون سگريٽ گهٽ چڪيندي ڪر!"

"مان پنهنجي چڱي- مدي سپ چڱيءَ ريت جاڻان ٿي. اوهين مهرباني ڪري ڪاب ڳڻتي نه ڪريو." آپا مهناز منهنجي چيچ جي ننهن کي نهايت ئي خوبصورتيءَ سان پالش ڪندي چيو.

اوچتو الائي اُنهيءَ شخص کي چا ٿيو جو هو آپا مهناز سان تکو تکو ٿي ڳالهائڻ لڳو. هوءَ بہ کيس تکيون وراڻيون ڏيڻ لڳي ته اهو شخص

ڪاوڙمان زور زور سان پٽ تي لتون هڻندو هيٺ هليو ويو.

ڀ اهو هو آپا مهناز جو مڙس، جنهن کي پهريون ڀيرو مون انهيءَ حالت ۾ ڏٺو. آپا مهناز ۽ سندس مڙس جي سياڻ ۾ ڪا وڏي وڇوٽي هئي، پر منهنجو ڪچڙو ذهن ان مهل انهيءَ وڇوٽيءَ کي ڪڌهن بہ سمجهي نہ سگهيو.

هڪ ڀيري اسان جي گهر آپيءَ جي سس آيل هجي. اَمي ۽ هُن وينِي ڪٽ تي ڳالهيون ڪيون ۽ مان پرسان پيل پينگهي جي مٿان سرائيءَ تي چڙهيو وينو هئس. منهنجي هٿن ۾ نانيءَ امان جو ناهيل 'چتون ڪينهوڙو' هو. (ڪنهن زماني ۾ ننڍڙي ڄاول ٻار لاءِ چتون ڪينهوڙو رنگين ڪپڙي مان ناهي ڏنو ويندو هو جنهن جي اندر ڪپهہ پري، ٻاهر گونٽي ۽ ستارن جو ڪم ڪيو ويندو هو جيڪو ٻار جي لوڏڻي ۾ ٽنگي ڇڏيندا هئا) جنهن کي مان پينگهي جي مُٽي ۾ ٻڌي رهيو هوس. اوچتو وينِي وينِي مون محسوس ڪيو تہ آپا مهناز جي سس جي واتان مهناز جو نالو نڪتو تہ مون هڪدم پنهنجا ڪن سندس ڳالهين تي ڏريا. آپا مهناز جي سس آپيءَ جون گلائون ڪري رهي هئي. هن چيو پئي، "مائي زالون هجن اهڙيون، هيترا سُک ڏنا اٿس، تہ بہ ڪيس مڙس جي اصل شڪل نٿي وٺي. نپٽيءَ کي ولايت وڃي ويو تہ اتان بہ هيڪلي هيڪلي هلي آئي. وري ڪيس وڃي ويو ۽ هاڻ هيترا ورهيہ اتي گذاري آئي آهي، تہ بہ مُنهن ئي ڪانہ ٿي ڏٺيس؟"

"توهان کي زوري شادي نہ ڪرڻ ڪپندي هئي." امي وراڻيو.

"تہ پوءِ ڇا ڪريون ها۔ سوتاڻي سؤٽ، ڏي وٺ جا سگ، اسان کي ڪهڙي ڄاڻ تہ هيءَ ڪنهن ٻئي سان نينهن لايو وينِي آهي. منهنجو پٽ تہ هو ولايت، هاڻ تہ مڙسس کي بہ هر شيءِ جو پور پئجي ويو آهي." ائين چوندي هن بہ چار لفظ آپا مهناز لاءِ چيا. هن جو ائين چوڻ ۽ مان جيڪو مٽي پينگهي تي وينو هوس، اتان رڙ ڪئي:

"اوهان سڀ آپيءَ کان سڙو تا!"

منهنجو ائين چوڻ، جڻ پنيور کي باهر وکوڙي ويئي. اميءَ مون کي چڙب ڏني:

"شرم نٿو اچئي، وڏن جي وچ ۾ ڳالهائيندي؟"

آپيءَ جي سس جيڪا اهو لقاءُ ڏسي ٿوري دهلجي ويئي هئي، چوڻ لڳي، "مائي ڇڏيوس کٽي، هن جو به ڪو ڏوهه ڪونهي." مان خارن مان پينگهي تان هيٺ لهي، اتي ئي چتون کينهوڙي کي ڦٽو ڪري، صفي مان باهر نڪرڻ لڳس. ته آپا مهناز جي سس جو پٽڪو ٻڌم. "هيڏڙي نينگر کي به ڪٽي پنهنجو مطيع بڻايو اٿس!"

باهر اڱڻ ۾ نڪري وڃي پنهنجي هرڻيءَ وٽ ويٺس. جڏهن به ڪنهن سان رسندو هوس ته وڃي انهيءَ هرڻي وٽ روئندو هوس. اِن واقعي کان پوءِ جڏهن به آپا مهناز جي سس اسان جي گهر ايندي هئي، ته منهنجي اڳيان اصل هڪ لفظ به نه ڳالهائيندي هئي.

هاڻ جيئن جيئن ڏينهن لنگهندا ويا، منهنجي ڇڪ آپا مهناز سان ويئي وڌندي. سندس آرٽسٽڪ سياڻ جا انيڪ رنگ هوندا هئا. سندس بيڊروم کي ڏسي انهيءَ سياڻ جو اولڙو پيو پسبو هو. ڪيس گلن سان خاص ڪري موتئي جي گلن سان ته بيحد موهه هوندو هو. هوءَ موتئي جي گلن کي 'رابيل' ڪري ڪوٺيندي هئي ۽ مون رابيل لفظ به پهريون ڀيرو سندس واتان ٻڌو! هوءَ گهٽو ڪري شام جي مهل وانگوڙي ۾ موتئي جا گجرا هٽندي هئي. سندس بيڊروم ۾ داخل ٿيندي ئي گلن جي سڱڌ ايندي هئي. انهيءَ بيڊ روم جي ٻن ڪنڊن کان وڏا وڏا اٽالين گلدان رکيل هوندا هئا، جن ۾ روز سندس نوڪرياڻي گل بدلائيندي هئي. انهيءَ بيڊ روم جي اڇين پتين تي ڪيتريون سهٽيون پينٽگس ٽنگيل هونديون هيون. وٽس وڃبو هو ته ڪڏهن نٽنگ پئي ڪندي هئي يا ڪڏهن ڪوئي ڪتاب پئي پڙهندي هئي ته ڪڏهن ستار پئي وڄائيندي هئي. هوءَ ستار وڄائڻ ڪڏهن ۽ ڪٿي سکي، اهو ياد نه اٿم. ۽ نه ڪڏهن اهو ڪانئس پڇيم. پر ڪيس ڇڪيءَ ريت ستار وڄائيندي ڪڏهن ٻڌم اهو

چٽيءَ ريت ياد ٻيٺو اٿم.

پهريون پيرو جڏهن مان سينٽ بونا وينچر ۾ داخل ٿيس، (جيڪو سندس گهر جي ويجهو هوندو هو) تہ پهرئين ئي ڏينهن روئي روئي ڪٽي هيٺان حال ڪيم. منهنجا اِهي پرڪار ڏسي اسان جي نوڪر ياور مون کي وڃي آپا مهناز وٽ چڏي آيو.

اُن مهل صبح جا ڏهہ- يارنهن وڳا هوندا. مان سندس بيڊ روم ۾ آلين اڪين سان گهڙيس تہ هن هيٺ غاليچي تي ستار پئي وڃايو. ڪيس ڪاري رنگ جي ساڙهي پهريل هئي، جنهن تي ستارن جو ڪم ٿيل هو. بيڊ روم ۾ اڌ اونداهي ۽ اڌ روشني هئي. درين جا پردا مٿي ٿيل نہ هئا، پر روشندانن جا رنگين شيشا تجلا ڏيئي پئي چمڪا، جن ۾ آپيءَ جي ڪاري ساڙهي ۾ لڳل ستارن جي ڪم بہ پئي تجلا ڏنا- پريان گلدانن ۾ موتئي جا گل پيا هئا. جن جي مهڪار سان سڄو صفو واسجي ويو هو. هوءَ مون کي اُن مهل ايتري تہ وٽي، جو مان پنهنجو روئڻ وساري وڃي هن جي قدمن ۾ وينس. سندس نيٺ ٻوٽيل هئا، ۽ سڃي وايومنڊل تي ستار جو اُداس ۽ وٽندڙ آواز ڇانيل هو. اوچتو ستار وڄائيندي وڄائيندي هن کي ڪنهن جي هٿ جو احساس ٿيو. پنهنجا نيٺ پٽي مون تي نهار وڌائين. ستار جو آواز بند ٿيو تہ بيڊ روم ۾ هڪ عجيب چپ ڇائنجي ويئي. مان، جيڪو سندس مُک ۾ نهاري رهيو هوس، ڪيس پاڻ ڏانهن ڏسندي لڄي ٿي ويس. هن ستار هڪ طرف رکيو ۽ مون ڏانهن ڏسي مرڪڻ لڳي.

"آپي مان نہ پڙهندس!" مون روئڻهارڪو ٿيندي چيو.

مون کي اسڪولي ڊريس ۾ ڏسي سمجهي ويئي تہ مان اسڪول مان هليو آيو آهيان.

"نہ مڏو ائين نہ چئبو آ." هن ٻانهن وڌائي مون کي پنهنجي پير ۾ ويهاريندي چيو "تون پڙهندين ۽ هڪ ڏينهن لکي پڙهي وڏو ماڻهو ٿيندين!"

مان جيڪو اڳي ئي پريو ويٺو هوس، تنهن سڏڪا پري ڪٽي سندس هنج ۾ منهن لڪايو.

هوءَ پنهنجي آڳرين سان منهنجا وار سنيارڻ لڳي تہ مون چيو "آپي مون کي اسڪول کان ڊپ ٿو لڳي!"

"چريا! چو ڇا ٿيو آ اسڪول کي۔ سنو تہ آ تنهنجو اسڪول!"

"نہ آپي مان نہ پڙهندس. اصل ڪڏهن بہ نہ پڙهندس!"

"نہ پڙهندين؟"

مون ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ مرڪي چوڙ لڳي. "نہ پڙهندين تہ وڏو ماڻهو ڪيئن ٿيندين. نہ مڏو. تون لکي پڙهي وڏو ٿي. تہ پوءِ مان تو وٽ هلي رهنديس!" (هڪ ڀيري مون کيس چيو هو "آپي. توهان هلي اسان وٽ رهو. هتي هي سپ اوهان سان وڙهن ٿا!")

مان چپ چاپ سندس هنج ۾ منهن لڪائي وينو رهيس. هوءَ منهنجا وار ناهي چوڙ لڳي. "ڪيئن مڏو. پڙهندين نہ؟"

مان ڪنڌ لوڏي چوڙ لڳس. "ها آپي. مان پڙهندس ۽ پوءِ جڏهن وڏو ماڻهو ٿيان تہ پوءِ توهان هلي اسان وٽ رهجو!"

هن اهو ٻڌي کلندي منهنجي نرڙ تي مٿي ڏني ۽ چوڙ لڳي. "چڱو هاڻ ائين ٿا ڪٽي ڪريون تہ تون روز شام جو اچي مون وٽ پڙهہ. مان توکي A.B.C.D سيکاريندیس! ايندين نہ؟"

"ها!" مون خوش ٿيندي چيو.

هن کلي منهنجا ڳوڙها پنهنجي هٿ سان اُگهيا. تہ مون کيس چيو. "آپي. توهان اهو ڇا پئي وڃايو؟"

"هي... هي ستار آهي!" هن جي چپن تي مرڪ وري آئي. "چو توکي وٽي ٿو انهيءَ جو آواز؟"

"سچي آپي. توهان ڏاڍو سنو پئي وڃايو. توهان ان کي وري وڃايو!" مون ائين چئي سندس پير ۾ رکيل عاج لڳل ستار جي تارن کي ڇهيو.

هن ڪجهہ پل سوچيو ۽ پوءِ ستار ڪٽي هوريان هوريان ڪائي ڏُن ڇيڙي آپا مهناز ستار بہ ڏاڍو سنو وڃائيندي هئي. مان گم سم ٿي کيس ٻڌڻ لڳس. هوءَ ستار وڃائيندي پئي ويئي. ۽ مان پنڌ پهڻ ٿيو. سندس

خوبصورت ۽ نازڪ آڱرين کي تارن تي هلندي ڏسندو پئي ويس. (اڄ انهيءَ ڀَالهه کي ڪا مدت گزري ويئي آهي، پر مان ايڏا تائين انهن خوبصورت آڱرين، ۽ انهيءَ اُداس ستار جي ڏَن کي نه واري سگهيو آهيان!)

اوچتو ستار وڄائيندي وڄائيندي هن جي نيٽن مان لڙڪ ٽمڻ لڳا. هن جي نيٽن مان لڙڪ وهي اچي سندس ڳلن تي بيٺا ته مان ڏِجي ويس. هڪدم اٿي پنهنجن ٻنهي هٿن سان سندس ڳوڙها اگهي چوڻ لڳس، "آپي نه روئو، آپي نه روئو!"

۽ هوءَ ستار وڄائڻ بند ڪري منهنجي ننڍڙن هٿن کي پنهنجن نيٽن تي رکي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

انهيءَ رات، جڏهن آڪاس تي ستارن پنهنجي جهرمر لاتي ته مان امي‌ءَ جي ڀر ۾ ليٽي مٿي ٽمندڙ ستارن کي تڪڻ لڳس. مون کي هڪ ٽڪ آڪاس ۾ تڪيندي ڏسي امي چوڻ لڳي، "پٽ، آسمان ۾ نه ڏسبو آ. نه ته نند ۾ ڏِجندين!"

"چو ڀلا؟ ڇا آهي آسمان ۾؟ ايڏا ته ٽيڙو به ڪونه ڪڙيا آهن، پنهنجي اڳڻ مٽان، مان ته ڪونه ٽو ڏِجان!" مون ضد ڪندي ڪاوڙ مان چيو.

"پٽ ضد ناهي ڪبو." امي منهنجي وارن کي سنوارينديِ چيو.

"ڀلا چو اڄ ڪا آڪاٽي ڪونه ٻڌندين ڇا؟"

مان پنهنجا ٻئي هٿ مٿي هيٺان ڏيندي، لڳاتار تارن کي ڏسندي چوڻ لڳس، "امي، هو تو مون کي جيڪا گل ڏل راٽي واري آڪاٽي ٻڌائيندي آهين نه، جنهن ۾ شهزادي‌ءَ کي هڪ ديوَ وڏي محلات ۾ ڪٽي پنهنجي بند ۾ رکيو آهي، اها وري ٻڌاءِ!"

"اها ته ڪوڙ پيرا ٻڌي اٿئي!" امي مرڪي چوڻ لڳي.

"بس، اُها ئي آڪاٽي وٽيم ٿي." مون ڪجهه ويچاريندي چيو.

"ڀلا امي، اِها شهزادي، ديوَ جي بند مان ڪڏهن آجي ٿيندي؟"

"جڏهن شهزادو ديوَ کي ماري، اچي ڪيس اِنهيءَ بند مان ڇڏائيندو!" ائين چئي، امي‌ءَ پيرائتي نموني آڪاٽي ٻڌائڻ شروع ڪئي ۽ منهنجا نيٽ

آکاٹي ٻڌندي الائي ڪهڙيءَ مهل ٻوڙجي ويا. انهيءَ رات مون ڪيترا ڀيرا ڀوائتا سپنا ڏٺا ۽ ڇرڪ پري اٿي ويٺس ۽ سڄي رات ننڊ ۾ وڦلندو رهيس.

❖❖❖

"رات، مڏو خواب ۾ ڏنو آهي!" ورندي ڏينهن صبح جو امي، ناني امان کي چيو جيڪا کير جو گلاس جهليو منهنجي سيراندي بيني هئي. ناني وڏي منهنجي نرڙ کي هٿ لاتو ته اهو ٻريو ٻئي. بخار جو ٻڌندي ئي سڄي گهر ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. هڪدم پاڙي واري ڊاڪٽر عزيز احمد کي گهرايو ويو. جنهن اچي سئي هنئي ۽ دوا ڏني. منهنجو اسڪول وڃڻ بند. شام جو ناني امان بخاري شاهه مان مائي بچل کان وڃي فال ڪڍرائي پليٽون لکرائي آئي (چينيءَ جي ساسرين تي زعفران سان ڪجهه آيتون لکيون ويندیون هيون. روز صبح جو سويل انهن ۾ ٿورو پاڻي اوتي، اهو پاڻي پياريو ويندو هو.)

ٻه چار ڏينهن آپا مهناز وٽ نه ويس، ته هڪ شام جو اچي اسان جي گهر نڪتي. مان اُن مهل تازو بخار مان اٿيو هوس، ۽ وهنجي سهنجي شاپنگ سينٽر تان بخار مان اٿڻ جي خوشيءَ ۾ ورتل پوپٽن واري بشرت ۽ ڪاري بخمل جي چڊي (بن پٽين واري) پهريو. اڳڻ ۾ پئي ڦريس. (حيدرآباد شهر ۾ اُن وقت ريڊي ميڊ ڪپڑن جو فقط هڪ وڏو دڪان هوندو هو. جنهن ۾ طرحين طرحين ٻارن توڙي وڏن جا ريڊي ميڊ ڪپڑا ۽ ڪاسميٽڪس پريا پيا هوندا هئا. اهو دڪان تلڪ چاڙهيءَ مٽان جتي هاڻ هوٽل جبيس آهي، ان جي پر ۾ هوندو هو.)

ڪيس ڏسندي ڏڪ پائي وڃي ساٽس پاڪر پائي مليس. هن کي آسماني رنگ جي ساڙهي پهريل هئي، جنهن تي هُرمچ جو سهڻو ڪم ٿيل هو ۽ پيرن ۾ ڊگهي ڪڙيءَ وارو سينڊل پيل هو. مان خوش خوش ڪيس هٿ مان ونڻي وڃي پنهنجي هرٽي وٽ ونڻي ويس. پنهنجون سموريون گڏيون (جيڪي گهٽ ۾ گهٽ 70_80 سال پراڻيون هيون.) جَتون کينهوڙو ۽ تپ

دوران ورتل راندیکا ڏیکاریم.

هُن مون لاءِ چاکليٽن جي هڪ سهڻي پيتي آندي هئي. جيڪا مون انهيءَ مهل وڃي کڻڻ ۾ لڪائي رکي. امي مون کي خوش ٿيندو ڏسي، آپا مهناز کي چوڻ لڳي، "هيترن ڏيهاڙن کان پوءِ اجهو کِليو آهي، توکي ڏسي!" اهو ٻڌي هوءَ مرڪڻ لڳي. اُن شام هوءَ مون کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ وٺي هلي. اسان جي گهر جي ٻاهران سندس موٽر بيٺي هئي. مان ٽپا ڏيندو ساڻس هلڻ لڳس. هن مون کي ڪار جو در کولي اڳين سيٽ تي ويهاري، پاڻ اڇي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺي ۽ مان خوش خوش کيس موٽر ڊرائيونگ ڪندي ڏسڻ لڳس. (انهيءَ وقت حيدرآباد شهر ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ موٽر ڪارون هونديون هيون.)

حيدرآباد جا رستا شام جي ڏنڊلڪي ۾ ويڑهيل هئا. فوٽ پاٿن تي ماڻهن چهل قدمي پئي ڪئي. رستي تي بينل بجليءَ جي ٽنين ۾ لڳل بجليءَ جا بلب ٻرڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ اسان جي موٽر هوريان هوريان ڏامر جي رستي تان هلندي پئي ويئي. موٽر جڏهن گاڏي کاتي واري ٻاغ وٽان مُڙي، ٽڏي سڙڪ ڏي هلڻ لڳي تہ هن مون کان پڇيو، "مڏو، ڪيڏانهن گهمڻ هلندين؟"

مان، جيڪو اُن مهل دريءَ مان باغ جي اوچن وڻن کي ڏسي رهيو هوس، گد گد ٿيندي چوڻ لڳس، آپي، جتي ٻ وٺي هلو. اوهان جي مرضي!"

پويان باغ ۾ جهرڪين جو شور، شام جي اونداهي مهل ڏاڍو عجب پئي لڳو. مان سيٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺس ٿي تہ ڪنهن مهل وري ايو ٿي سامهون باغ کي ٿي ڏسڻ لڳس. موٽر جڏهن سنڈ يونيورسٽي (نوويال) جي عمارت جو ٽاور، سندس اڳيان شاهي باغ ۽ ان جو لوهي جنگلو هو. سڀ شام جي ڏنڊلڪي ۾ ويڑهيل نظر اچي رهيا هئا. جن جي وچ ۾ ننڍڙو رستو هو. (تڏهن اڄا اهو رستو ويڪرو نہ ڪيو ويو هو. ڪورٽ جي اڳڻ ۽ اولڊ ڪئمپس جي لان کي ڳڏائي) جنهن تان اسان جي موٽر آهستي آهستي هلندي پئي ويئي. سامهون رستو ڏگهو ۽ سنسان هو. جنهن تان

ڪنهن ڪنهن مهل ڪا وڏي گاڏي يا ٽانگو لنگهيو ٿي. ڪورٽ کان ٿورو اڳيان ويندي کابي پاسي کان سول لائينس جو بنگلو نمبر پهريون هو جنهن جي آڳڻ ۾ ڪيتريون ڳئون ٻڌل هيون. مان اهو سمورو ڏيک ڏاڍي موهه سان ڏسي رهيو هوس. اسان جي سامهون ڀاڪ بنگلو ۽ ان جي پريان جيم خانو هو جنهن جي مٿان برين بتي پري کان ڏسڻ ۾ پئي آئي. موٽر جڏهن پريم پارڪ وٽ پهتي ته مون آپي کي ٻڌايو:

"آپي، اسين پريم پارڪ ۾ هڪ پيرو گهمڻ آيا هئاسين!"

هن کلندي چيو "چڱو، اڄ وري اسين پنهنجي مڏوءَ کي ڪلب گهمائيندا سين." مان ڏيان سان پريم پارڪ جي وٽن هيٺ چاڙهيءَ تي پٿر جي ٺهيل بينچن ۽ سول لائينس ڏانهن ويندڙ رستي تي ڊوڙينا جي قطارن کي ڏسڻ لڳس.

گاڏي جڏهن سامهون جيم خانه ڪلب جي اندر گهڙي ته مان ڪلب جي عمارت کي ڏسڻ لڳس، جنهن جي اڳيان ڪيترا وڻ هئا، جن جي وچ مان شام جي ٺڏي ٺڏي هوا لنگهندي پئي ويئي ۽ عمارت جي مٿان برين بلب هوا ۾ لُڏي رهيو هو.

هن موٽر هلي نم جي گهاٽي وڻ هيٺان بيهاري ۽ در کولي هيٺ لهي، منهنجي پاسي وارو در کولي مون کي ڪلب جي اندروني هلڻ لڳي. اسان جي مٿان رات جي اونداهي ڇانئجي رهي هئي. اسان جي کابي پاسي کان ڪيترا وڻ بينل هئا، جن جا پاڇا ڏاڍا پوائتا پئي لڳا.

اسين ڏاڪڻيون چڙهي مٿي ٽياسين ته سامهون هڪ شاهي لان نظر آيو، جنهن جي اوچن اوچن وٽن جي هيٺان ڪيتريون ڪرسيون ۽ ميزون پيل هيون، جن جي آڏو ڪيترا مرد ۽ عورتون وينل هئا. (1897ع ۾ ۽ اڄوڪي جيم خاني واري ماحول کان اور هئي.) اسين لان لتاڙي اندر ورانڊي ۾ داخل ٽياسين- هڪ پاسي بليئرڊ روم هو، جنهن ۾ ڪيترا سوٽيڊ بوٽيڊ مرد وات ۾ چروٽ/ پائيپ ۽ هٿن ۾ ڊگهيون ڪانيون جهليو هڪ شاهي ميز جي چوڏگرد بينل هئا.

"هي، چا پيا ڪن؟" مون اوچتو آپا مهناز کان پڇيو.

"هيءَ راند آهي- بليئرڊ." هن وراڻيو ۽ مون کي هٿ کان جهلي بار روم (جتي هاڻ ڊرائينگ هال آهي) کان پاسو ڪري ليڊيز هال ڏانهن وٺي هلڻ لڳي. ليڊيز هال- هڪ شاهي ڪمرو هو. جيڪو وڪتورين دؤر جي فرنيچر سان پريل هو. هيٺ غاليچو وڇين پانهن وارا ڪوچ، ميزون، ٽپايون، ڪرسيون، سامهون بُخارو جنهن جي مٿان تامي جي گلدانن ۾ تازا گل مهڪي رهيا هئا. هال ۾ ڪيتريون خوش پوش عورتون ويٺل هيون، ۽ سڄو هال طرحين طرحين جي سينٽن جي سڱڌ سان واسجي ويو هو.

آپيءَ مون کي وٺي هلي ڪرسيءَ تي ويهاريو ته ڪيتريون عورتون اچي ساڻس مليون. هوءَ عورتن سان وِڻ ڪري اچي منهنجي پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويٺي.

"باهر هلي لان ۾ ويهون!" هن مون کي لڄي ٿيندي ڏسي چيو. مون ڪنڌ سان هاڪار ڪئي ته هوءَ مرڪي پئي. مان سچ پچ ته عورتن جي هيڏي ساري ميڙ ۾ لڄي ٿيندو پئي ويس. هوءَ مون کي هٿ کان وٺي باهر آئي. وراندي ۾ ڪجهه ٻار به هئا، جن کي ڏسي هوءَ چوڻ لڳي: "ڏس مڏو هي ٻار ڪيئن نه پيا هتي ڦرن، ۽ تون پيو لڄين ٿين!"

باهر لان ۾ هڪ ٻئي کان پري پري رکيل ميزن جي چؤگرد ڪرسين تي ڪيترا جوڙا ويٺل هئا، جن سان ڪجهه ٻار به گڏ هئا. لان ۾ بينل وٽن مان اونهاري جي ٺڏي ٺڏي هوا، گهوگهٽ ڪندي پئي ويئي. ڪلب جون سموريون بتيون ٻري چڪيون هيون، جن جي مٿان آڪاس تي چڊن چڊن ڪڪرن جي وچ ۾ ڪٽان ڪٽان، ڪي ٻتڪيل تارا ليلڪا پائي اسان کي ڏسي رهيا هئا.

آپا مهناز مون کي هڪ ٽيبل وٽ ڪرسيءَ تي ويهاري پاڻ منهنجي سامهون ويهي سگريٽ دڪائي. ان جا ننڍا ننڍا ڪش هٽڻ لڳي. اچي ڊريس پهريل هڪ بيرو اچي اسان جي پر ۾ بينو ته ڪيس چِپس، سينڊوچز ۽ آئس ڪريم جو آرڊر ڏيئي وري سگريٽ چڪڻ لڳي.

اوچتو هن مون کان پڇيو "مڏو ڪڪ تہ ڪونہ ٿيو آهين؟"

"نہ آپي، مون کي تہ ڏاڍو مزو پيو اچي هتي!" مون کيس چيو.

اسان جي مٿان حيدرآباد جي اونهاري جي رات پنهنجي پوري مهڪ سان ماحول تي ڇائنجندي پئي ويئي. هوا ۾ گلن جي مهڪ هئي. پريان عورتن، مردن ۽ ٻارن جي ڳالهائڻ جو هلڪڙو آواز اسان تائين آيو پئي ۽هوءَ الائي ڪهڙي ويچار ۾ گم، سگريٽ جا ڪش هڻي رهي هئي. اوچتو مون رات جي تيزيءَ سان پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ جيم خاني جي لان ۾ اڏ اونداهي ۽ روشنيءَ ۾ ڪيس ڏنو. جيڪا هڪ سگريٽ مٿان ٻيو سگريٽ ڇڪي مٿي آڪاس کي ڏسي رهي هئي. مٿي آڪاس هاڻ ڪڪرن سان صاف ٿي چڪو هو. جنهن ۾ آرهڙ جو چند ۽ تارا ٿم ٿم ڪري رهيا هئا ۽ هوءَ لڳاتار سگريٽ ڇڪيندي ڪليل آڪاس کي تڪي رهي هئي. (مون ان مهل هلڪي هلڪي روشنيءَ ۾ سندس مُک ڏانهن ڏسندي سوچيو هو- وڏو ٿي مان آپا مهناز سان شادي ڪندس ۽ ڪيس هلي پاڻ وٽ رهائيندس!)

۽ پوءِ مون وري روز شام جو آپا مهناز وٽ وڃڻ شروع ڪيو. هوءَ مون کي شام جو ويهي پڙهائيندي هئي. ڪڏهن سندس بيڊروم ۾ تہ، ڪڏهن مٿي ڪُڏ تي اڇي سنگمرمر جي ٻارنهن- دريءَ ۾، مان روز وٽس ويندو هوس. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا ڀيرا سندس مڙس مکا ميلو ٿيو. پر نہ هن مون سان ڳالهايو، نہ مون سندس ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ لڳا مون کي چٽيءَ ريت ياد آهي، منهنجي ٻانهن تي ڳاڙهو داغ ٿي پيو هو. (شايد چمڙيءَ جي ڪائي بيماري هئي) آپا مهناز جو اهو داغ ڏٺو. تہ مون کان پڇيائين "مڏو هي چا ٿيو اٿئي؟"

"آپي، هن ۾ خارش بہ ٿئي ٿي، پائوڊر بہ هنيو اٿم، تہ بہ ڪُري ٿو" مون کيس ٻڌايو. هوءَ اهو ٻڌي مون کي هيٺ وٺي هلي. ان مهل شام جا پنج يا ڇهہ ٿيا هوندا. هيٺ اڳڻ ۾ سندس مڙس واش- بيسن ۾ ڏنڊ ڪري رهيو هو. آپا مهناز هڪدم مڙس کي چيو. "ڏسو ننڍڙي کي هيءُ

داغ ٿي پيو آهي، توهان کائي دوا لکي ڏيو؟"

مون ٻانهن اڇيان وڌائي، تہ هن ڏندڙ ڏيندي، نهايت ئي ڪاوڙ مان چڙڀ ڏني، "مان هتي ڪنهن بہ مريض کي ڪونہ ڏسندو آهيان. ڏيکارٽو اٽوٺ تہ صبح جو اسپتال موڪليوس!"

مان چڙڀ ٻڌي پوئتي وريس. منهنجي نيٽن مان ڳوڙها وهي آيا. آپا مهناز ان مهل ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ڪاوڙ مان مون کي ٻانهن کان وٺي پنهنجي بيڊ روم ۾ هلي، ڪٻٽ مان ڪٽي ڪورا جي ڊبي مان پائوڊر ڪڍي منهنجي ٻانهن تي هڻڻ لڳي. منهنجي نيٽن ۾ ڳوڙها ڏسي، انهن کي پنهنجي هٿن سان اگهندي، مون کي هيٺ وٺي آئي. ڦوهاري جي ڪٺهڙي تي ويهي اسين ڦوهاري مان نڪرندڙ پاٽيءَ کي ڏسڻ لڳاسين. سندس چهرو ڪاوڙمان ٽامٽي هٽي ويو هو ان کان پهرين مون ڪڏهن بہ ڪيس ايترو ڪاوڙيل نہ ڏٺو.

مون کي ياد آهي، آپا مهناز کي سير سفر جو بہ ڏاڍو شو هوندو هو. قدرت جي سهڻن نظارن ڏسڻ جو تہ ڪيس عجب موهہ هوندو هو. مان شام جو وٽس پڙهڻ ويندو هوس. رات جو ڪڏهن سندس ڊرائيور عمر مون کي موٽر ۾ گهر ڇڏي ويندو هو تہ ڪڏهن ناني امان مون کي ونڻ ايندي هئي.

ڇيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ هوءَ گهٽو ڪري متي ڪُڏ تي اِنهيءَ سنگمرمر جي ٻارنهن دريءَ ۾ هلي ويندي هئي. رات جي سانت ۾ اوير کان چنڊ آهستي آهستي ڪڙندو هو ۽ آڪاس ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ڪوئي ٽيٽيهر رڙيون ڪندو هليو ويندو هو ۽ پريان شهر جا مَنگهہ انهن جا پاڇا ۽ ماڙيون، هر شيءِ ڪنهن سپني جي ماحول جيان طلسمي لڳندي هئي- ۽هوءَ آرام ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي پولار ۾ نهاريندي رهندي هئي. (اُن مهل هوءَ بتيون گل ڪرائي ڇڏيندي هئي.)

هر سياري جي مند ۾ هوءَ منجهر ڏينہ گهمڻ ويندي هيئي، جتي سندس ماروٽ ڪيس شڪار ڪرائڻ وڃي ويندو هو. (منهنجي ذهن تي اڃا تائين سندس اهو فوٽو بہ اُڪريو پيو آهي، جيڪو سندس پيڪي گهر جي گول

ڪمري ۾ پٽ تي ٽنگيل هوندو هو جنهن ۾ هوءَ رائيڊنگ جي فل ويس ۾ گھوڙي تي ويٺل نظر ايندي هئي.)

هڪ پيري سندس اباڻي گھر ۾ ڪوئي ڪاج هو. سندس اباڻو گھر سول لائينس ۾ هوندو هو- تمام وڏو بنگلو. جنهن جي ٻنهي پاسن کان لان هوندي هئي. ۽ پاسن کان زيتون، انب، ۽ نم جا وڻ هوندا هئا ۽ اهو ڪاج رات جو انهيءَ ڪليل شاهي لان ۾ هو. جنهن ۾ تنبو لڳل هئا. ٻاهر هلڪي هلڪي ٽڏ هئي. لان ۾ هڪ طرف ٽيبلون رکيل هيون. جن تي اڇيون چادرون وڇايل هيون. ته ٻئي طرف لڳل تنبوءَ ۾ عورتن جي ويھڻ جو انتظام رکيل هو. آپا مهناز جي ڪٽنب جون چوڪريون پاسي وارن بنگلن جي چوڪرين سان گڏجي شيشي جي گلاسن ۾ اڇا رومال (نيپڪن) ويڙهي رکي رهيون هيون. ۽ مان وراندي ۾ آپا مهناز جي ڪيڊ پئي ڦريس. امي، پاسي واري گول ڪمري (ڊرائينگ روم) ۾ پنهنجي پراڻين ساهيڙين سان ڪچهري پئي ڪئي. جيڪو عورتن سان پريل هو ۽ آپا مهناز سنيرڻ جي تيارين ۾ هئي. هوءَ اُنهيءَ مهل اندران وڃي ڳاڙهي رنگ جي ساڙهي اوڍي آئي هئي. جنهن تي هرمُڃ جو ڪم ٿيل هو. قدرت ڪيس سونهن ئي اهڙي ڏني هئي. جو هر لباس سندس بت تي ٺهڪندو هو. انهيءَ مهل بہ هوءَ ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ ڏاڍي سهڻي پئي لڳي. سندس ڏڳها ۽ ڪارا وار جن کي هن چوٽين ۾ بہ نہ ٻڌو هو. چيلهه تائين پئي لڙڪيا.

"هل مڏو ته مان سنيري وٺان!" هن ماٽس جي صفي مان ٻاهر نڪري مون کي چيو.

مان جيڪو سندس اوسيئڙي ۾ وراندي ۾ بينو هوس. جهٽ ۾ سندس هٿ جهلي ساٽس اندر هلڻ لڳس. هوءَ مون کي اندر ڊريسنگ روم ۾ وٺي هلي. انهيءَ ڊريسنگ روم جو لنگھ سندس ماءُ جي صفي مان هو- اندر سندس ماءُ ڪاٺ جي صندل تي نماز پئي پڙهي. اسين اندر هلياسين ته هن سلام ورائي اسان کي ڏٺو. ڊريسنگ ٽيبل آڏو بيهي برش کڻي ڦٽي ڏيڻ لڳي. ننڍڙي ڊريسنگ روم ۾ ڊريسنگ ٽيبل، ڪيترا ڪاٺ

جا ڪٻٽ (وارڊ روب) هئا. جن کي ڏسندي، مون ڪنهن ڪنهن مهل ڪيس ڦٽي ڏيندي پئي ڏٺو. اوچتو هوءَ ڦٽي ڏيندي ڏاڍي سهٽي سُر ۾ ڳائڻ لڳي. اها شاهه سائين جي سُر سسئي مان ڪافي هئي:

"لائي تہ ويا، مُئي کي لوري،
هيءَ گهوري، منهنجي جندڙي جتن تان!"

(سندس خوبصورت آواز ۾ مون پهريون ڀيرو سنڌي ڪلام بہ ان وقت ٻڌو. وقت جي بي رحم پلن ۾، اهو پل ۽ اهو آواز ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪنن ۾ ڀيو سُرندو آهي.)

مون پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، استول تي ويٺي سندس اهو راڳ ٻڌو تہ اوچتو ڊريسنگ روم جو در کولي، آپا مهناز جي ماءُ لنگهي آئي. آپا مهناز کيس ڏٺو تہ ڦٽي ڏيڻ بند ڪري کيس آرسيءَ مان ڏسڻ لڳي، جيڪا سندس پويان اچي بيٺي هئي.

"مهناز!" هن آهستي کيس سڏيو.

"جي، امان!" آپا مهناز برش هٿ ۾ گهمائيندي چيو.

آپا مهناز جي ماءُ جي ڳنڀير اکين تي عينڪ ڀيل هئي، جنهن مان سندس اکيون ڏيءَ تي پوندیون اچي مون تي بيٺيون.

"پٽ، تون هلي ٻاهر ويهہ، تہ اسين اچون ٿا!" هن منهنجي وارن تي هٿ ڦيرينديءَ چيو.

"نہ، امان هي ويٺو هجي." آپا مهناز تيز ٿيندي چيو "توهان کي جيڪي ڪجهہ چوٽو هجي، هن جي اڳيان ئي چئي ڏيو."

"تنهنجي پويان مڏو اصل ڇيلو ٿيو پيو ڦري" آپا مهناز جي ماءُ ٿورو مرڪي چوڻ لڳي. "ماٽس چوندي آهي تہ هي منهنجو ڏيئرڙي پٽ آهي، تڏهن تہ مهناز توسان ايڏي دل اٽس!"

"امي، هي منهنجو اصل جُهٽ اٽئي. مون کي هن جي وندر آهي!" آپا مهناز مون کي پيار جي نهار سان ڏسندي چيو.

ڪجهہ پلن جي چپ رهڻ کان پوءِ ماٽس کيس وري سڏ

ڪيو: "مهناز!"

"امي، ڇڏ نہ. ڇا ٿا چوڻ چاهيو توهين!" آپا مهناز برش جي ڏندن تي هٿ ڦيرينديءَ چوڻ لڳي.

"ڏيءَ، تون پنهنجي ڇڪي مدي پاڻ سمجهين ٿي، مان توکي وڌيڪ ڇا چوان." ماٽس آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو "ڇ چوڻ بہ گهٽو ڪجهہ چاهيان ٿي، پر چوندیس فقط اهو تہ جيڪي ڪجهہ ٿيو، سو ٿيو. هاڻ حالتن سان ناهہ ڪر!"

"ناهہ!" آپا مهناز جي منهن تي رنگ لهندو ويو. "امي، ناهہ ڪنهن سان ڪريان، پنهنجي پاڻ سان، حالتن سان يا زندگيءَ سان؟"

"مهناز تون سمجهين ڇو نٿي؟" ماٽس سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

آپا مهناز ڪنڌ ورائي، ماءُ کي چوڻ لڳي. "امي، مون توهان کي اڳي بہ چيو هو ڇ اها ڳالهہ اڄ وري بہ توهان کي ٻڌائي ٿي ڇڏيان. تہ توهان اِنهيءَ شخص سان شادي ڪرائي. منهنجي حياتي تباهہ ڪري ڇڏي. مري ويندیس تہ پوءِ ياد ڪندؤ منهنجي اِها ڳالهہ!" سندس آواز ڪاوڙ ڇ ڏک وچان پرجي آيو.

اوچتو ماٽس اڳيان وڌي کيس پاکر پاتو. تہ هوءَ ماءُ جي ڇاتي ۾ منهن لڪائي ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان سڏڪا پري روئڻ لڳي.

"بس ڪر. مهناز نہ روءُ." ماٽس کيس چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

مون استول تي ويٺي اهو سمورو لقاءُ ڏٺو. ڪا مهل چپ چپات رهي، جنهن ۾ فقط آپا مهناز جي سڏڪن جو آواز هو. جيڪو رکي رکي گونجي رهيو هو.

"مهناز هاڻ ٿي بہ ڇا ٿو سگهي!" سندس ماءُ کيس چوڻ لڳي. "تون ڪوشش ڪري پنهنجي گهر کي تباهہ ٿيڻ نہ ڏي. هُن مُئي سان بہ فون تي نہ ڳالهائيندي ڪر. تنهنجي سس هڪ هڪ ڳالهہ تنهنجي مڙس کي

ويهي ٻڌائي آهي."

آپا مهناز کابہ ورندي نہ ڏني. اوچتو هُن ساڃي هٿ سان پنهنجي نيٽن مان وهندڙ ڳوڙهن کي اُگهيو. ۽ مون ڏانهن ڏٺو. جيڪو کيس هيسيل نهار سان ڏسي رهيو هوس.

"اڄ مڏو ٻاهر ٿا هلون!" هن منهنجي ڪلهي کان وٺي مون کي استول تان اٿڻ لاءِ چيو. مان جيڪو اڳي ئي انهيءَ وايو منڊل ۾ هيسجي ويو هوس، يڪدم سندس هٿ جهلي ساٿس ٻاهر هلڻ لڳس.

"ڪيڏانهن ٿي وڃين مهناز؟" سندس ماءُ پويان وراڙيو.

"اتي ئي آهيان، امي. ويندیس ڪيڏانهن!" هن آهستي چيو. ۽ مون کي ٻاهر وٺي آئي. ٻاهر وراندي ۾ ريفريجريٽر رکيل هو. جنهن مان هڪ شيشي جي ٽڈي بوتل ڪڍي. انهيءَ مان پاڻي پيئڻ لڳي. مون ان مهل ڪيس عجب مان ڏٺو. جيڪا اهڙي سيءَ ۾ بہ ايڏو ٽڈو پاڻي پي رهي هئي.

ٻاهر لان ۾ چوڪرين جو شور هو. جيڪي نيپڪن ناهي، هاڻ پاڻ ۾ زور زور سان ڳالهائي رهيون هيون. نوڪر لان ۾ پئي ڦريا. زالون اڇڻ شروع ٿيڻ لڳيون هيون. پريان تنبوءَ ۾ حاجياڻي ڇُٽي شيديائي پنهنجي پارٽي سان اچي ويٺي هئي. ڏينهن اڃا پورو نہ ٿيو هو. جنهن جي ڪري سڄ جي روشني اڃا باقي هئي. پر لان جي وڻن ۾ ڪاڄ سبب لڳايل بلبن جي جهالر (مرچون)، هينئر کان ئي ڪنهن ٻاري ڇڏيون هيون.

اسين وراندي جون ڏاڪڻيون لهي هيٺ لان ۾ آياسين تہ آپا مهناز کي چوڪرين وکوڙي ويون. هوءَ ساٿن ڳالهائيندي، لان لتاڙي، تکو مون کي پاڻ سان وٺي بنگلي جي لوهي گيٽ ڏانهن هلڻ لڳي، تہ مون پڇيو "آپي، ڪيڏانهن ٿا هلون؟"

"ٻاهر ٿا هلون ٽڪريءَ تي هوا کائڻ. مڏو هتي تہ منهنجو ساهہ ٿو منجهي!" هن چيو.

۽ مان چپ چاپ ساٿس هلندو بنگلي جو لوهي گيٽ اکري ٻاهر هليو آيس.

ٻاهر سول لائينس جي رستن مٿان شام آهستي آهستي لهي رهي هئي. ۽ مان آپا مهناز سان گڏ واڪ ڪري رهيو هوس. شام سموري وايو منڊل تي پنهنجن سمورن رنگن سان ڇائنجندي پئي ويئي. ۽ هوءَ سامهون تنڊو جهانيان واري ٽڪري ڏانهن ننڍيون ننڍيون وکون کڻندي پئي ويئي.

(حيدرآباد شهر جون سانجهيون اڄ بہ وٽندڙ آهن. پر سول لائينس حيدرآباد جي شام اڄ کان ويهہ- ٻاويهہ ورهيہ اڳ اور هوندي هئي. اڄوڪي سول لائينس ۽ سال 58_1959ع واري سول لائينس ۾ وڏو فرق هو. سول لائينس جي ٻنهي رستن تي سرنهن جا وڻ. انهن جي پاسي کان ڊوڀينا جون سايون سايون قطارون. ۽ اِنهن سان گڏوگڏ سيمينٽ ۽ پٿر جون بينچون پريم پارڪ کان بہ اڳيان ٻاڪ بنگلي تائين پکڙيل هونديون هيون. جڏهن ته وري راڻي باغ تائين بہ پٿر جون بيچون ٿهيل هونديون هيون. پريم پارڪ، ان ۾ وڏا وڏا وڻ، ڇپر. ۽ انهيءَ جي اڳيان ٽڪري. روز صبح ۽ شام هوا خوريءَ لاءِ ايندڙ ماڻهو. پريم پارڪ مان ٽي. پٿر ۽ سيمينٽ جي بينچن تي گهڙيءَ پل لاءِ ويهي ٽڪ ڪيندا هئا. گلن ۽ وڻن جي ٻهڪار ۾ رچيل هوا. انهيءَ وٽندڙ شام جي ماحول کي چئني پاسن کان مهڪائي ڇڏيندي هئي. پنهنجي سڳنڌ سان.)

اسين پنڌ ڪندا پئي وياسين. ۽ مان آس پاس جي وايو منڊل کي ڏاڍي ڌيان سان ڏسي رهيو هوس. ٻنهي پاسن کان اڌيل بنگلن مان ڪنهن ڪنهن مهل ماڻهن جا آواز اچي وري گم ٿيو پئي ويا. ٽورو پنڌڪري اسين ٽڪري تي پهتاسين. (تنڊوجهانيان واري اها شاهي ٽڪري. سول لائينس جي ڇيڙي تي هوندي هئي. ۽ اڄ اها ٽڪري بہ معدوم ٿي وئي آهي. جو انهيءَ سموري ٽڪريءَ تي بنگلا ٺهي ويا آهن!) انهيءَ ٽڪريءَ تي بيهي هوءَ اولهہ ڏي ٻڌندڙ سج کي ڏسڻ لڳي.

اسان جي چئني پاسن کان شام جو سمورا رنگ ۽ روپ هڪ هڪ ٿي وايو منڊل تي ڇائنجندا پئي ويا. سامهون اولهہ ڏي ڇامشوري وارين ٽڪرين ۾ ڳاڙهو سج لڙيو پئي ۽ آڪاس تي جڙ ڪنهن کهنبو رنگ

هاري ڇڏيو هو. هيٺ ٽنڊوجهانيان هو جتي وٽن ۾ جهرڪين جي ڇين ڇين، مٿي آڪاس تي آڪيرن ڏانهن ويندڙ پکين، ابابيلن ۽ سرٽين جا ولر هئا. مان ڪنڊ ورائي وٽن ڏانهن تڪڻ لڳس. اسان جي پويان، ڪنهن بنگلي ۾ ڪوئي ريڊيو زور زور سان وڄائي رهيو هو. جنهن جو آواز هوا جي هندوري تي ڪنهن مهل آيو ٿي ۽ وري گم ٿيو پئي ويو. مان سامهون ٽنڊي جهانيان جي اڇي مقبري کي ڏسڻ لڳس، جنهن سان لاڳو ڪچن گهرن مان نڪرندڙ دونهون آهستي آهستي مٿي شام جي آڪاس ۾ گم ٿيندو پئي ويو ۽ آپا مهناز، چپ چاپ، الائي ڪهڙن ويچارن ۾ گم، شفق جي بدلجندڙ رنگن کي تڪي رهي هئي. (۽ آڪاس مان اونداهي، آهستي آهستي لهڻ جي تيارين ۾ مشغول هئي!)

مون کي ان مهل شام جي پکڙجندڙ اونداهيءَ کي ڏسي الائي ڪهڙو ڇؤ ٿيو. جو مون کٽي آپا مهناز جي ساڙهيءَ جو پلاند پکڙيو پر کيس ان جي ڪا لکا نہ پيئي. مون ڪنڊ کٽي کيس ڏنو: هوءَ پولار ۾ تڪيندي پئي ويئي. سندس مکڙو ڏاڍو ڏکويل ۽ اداس هو انمهل ۽ اکين جي گهرائيءَ ۾ ڪا پري جي نهار ۽ سندس من ۾ ڪائي اڻ تڻ هئي.

مون ان مهل شفق جي انيڪ رنگن جي روشنيءَ ۾ سندس مک تي هڪ عجيب اُداسي محسوس ڪئي ۽ مون سوچيو 'سموريون شهزادیون، ديوَن جي بند ۾ ائين ئي ڏکويل ۽ ملول هونديون، مومل، سومل، گل ڦل راڻي!'

اوچتو هن مون کان پڇيو "مڏو ڊڄين پيو ڇا؟"

"نہ آپي!" مون ڪوڙ ڳالهايو. "توهان جو مون سان گڏ آهيو!"

مون ڪنڊ مٿي کٽي کيس وراڻي ڏني، ۽ هوءَ وري سامهون شفق جي رنگن کي ڏسڻ ۾ گم ٿي ويئي- لهندڙ سج جون لامون، نيڪ اسان جي سامهون هيون. اوچتو ڪجهہ پلن کان پوءِ سج اولهہ ۾ ٽُبي هنئي تہ سڄي وايو منڊل تي ڊپ جهڙي ماڻ ڇائنجي ويئي، پکي پکڙ، سپ چپ ٿي ويا. ٽڏي ٽڏي هوا اسان جي پر مان لنگهندي پئي ويئي، جنهن ۾ آپا مهناز جا کليل وار اُڏامي رهيا هئا ۽ آڪاس مان لهي ايندڙ ڏنڈلڪو اونداهي سان

گڏ سرمئي شام کي ڳڙڪائيندو ٿي ويو.

هن اوچتو هڪ ڏگهو ساهه کنيو ۽ مون کي ٻانهن کان وٺي پوئتي وري، اسين ننڍڙيون ننڍڙيون وکون کڻندا واپس وري رهيا هئاسين. سندس هٿ منهنجي ڪلهي تي هو ۽ سامهون سول لائينس جي رستن تي لڳل اسٽريٽ لائيٽس جي ڏگهي قطار جا بلب ڪڏهوڪو ٻري اٿيا هئا، جن جي جهيٽي روشنيءَ ۾ سڄو رستو سنسان هو. جنهن تي تيز هلندڙ هوا ۾ وٽن مان ڇٽيل پن اُڏامي رهيا هئا. پريان ڪنهن وٽن جي سڪل پنن جي ڍير کي باهه ڏيئي ڇڏي هئي. جنهن جو دونهون شام جي اونداهي آڪاس ۾ شامل ٿي رهيو هو. وٽن جي سڪل پنن جي سڙڻ جو واس هوا ۾ شامل ٿي اسان تائين پهچي رهيو هو. اسان جي ٻنهي پاسن کان آڏيل بنگلن ۾ هوريان هوريان بتيون ٻرندیون پئي ويون، ۽ هوءَ ڪنڌ نمائي، پنڌ ڪندي هلي رهي هئي.

اسين جڏهن واپس بنگلي جي لوهي گيٽ وٽ پهتاسين تہ سرمئي شام رات جي اونداهي جي پيٽ ۾ اچي ويئي هئي. مٿي آڪاس جي ڪاراٽ ۽ نيراڻ ۾ رات جا ستارا ٻڏل نظر پئي آيا. اندر لان ۾ عورتن ۽ ٻارن جو گوڙ هو. رات جي تيزيءَ سان پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ ڪاج واري تنبوءَ ۾ لڳايل سموريون بتيون جڳ مڳ جڳ مڳ ڪيو ٻريون پئي، جنهن جي وچ ۾ گلم مٿان وڇايل غاليچي تي مشهور ڳائڻي حاجياڻي ڇُٽي پنهنجي دردیلي آواز ۾ ڏوهيڙو ڏيئي رهي هئي:

لڙبو سج لڪن ۾ راسيون رتائين،
مون کي ماريائين، آيل اونداهي ڪري!

انهيءَ واقعي جي ڪجهه مهينن کان پوءِ اوچتو بابا جي بدلي لاهور ٿي، تہ اسان به اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي- منهنجي دل، وسامي ويئي. حيدرآباد شهر ۾ راندیون ڪندي ڏينهن گذاريا هيم، ان کي ۽ آپا مهناز کي ڇڏيندي من وسامندو ٿي ويو- مون اصل روڄ راڙو ٻاري ڏنو تہ مان لاهور نہ هلندس. آپا مهناز وٽ رهي پڙهندس. مون کي هتي ڇڏي وينو.

مون کي ياد آهي، آپا مهناز اسان سان موڪلائڻ لاءِ اسان جي گهر آئي ته مان ڊڪ پائي وجي کيس پاڪر پائي روئڻ لڳس. آپا مهناز منهنجا ڳوڙها اُگهندي، چوڻ لڳي:

"نه مڏو سڻا ٻار ته روئندا ڪونہ آهن! تون لاهور وڃ، مان توسان اتي ٻه ملڻ ايندي س."

"نه آپي، توهان ٻه هلو اسان سان،" مون سڏڪا پريندي چيو.

"مڏو تون لکي پڙهي وڏو ماڻهو ٿي، ته پوءِ مان اچي تو وٽ رهنديس. ڏس ياد ڪونہ اٿئي پنهنجو واعدو!" هوءَ مون کي پچائيندي اندر وٺي وڃڻ لڳي، ته مان وڌيڪ روئڻ لڳس.

ڇ اهڙيءَ ريت پورا ڏهہ ورهيہ تڪڙا تڪڙا اکين اڳيان لنگهي ويا. اونهارو ويو ته سيارو آهي، چيٽ، سانوڻ، سرءُ، مون اهي سموريون مندون لاهور جي مهڪ پريل هوائن ۾ گهاري ڇڏيون. سال 1968ع جي ڳالهہ آهي، مان انهيءَ زماني ۾ ميٽرڪ ۾ پڙهندو هوس جو بابا سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو ڇ اسين واپس حيدرآباد وڃياسين.

حيدرآباد آياسين، ته اوچتو ئي اوچتو خبر پئي، ته آپا مهناز کي ڪينسر ٿي پئي آهي (اچرج جهڙي ڳالهہ آهي ته سندس ستارو ٻه 'ڪينسر' هو. سندس جنم 3 جولاءِ تي ٿيو هو.) ڇ هن علاج لاءِ ولايت وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

هوءَ منهنجي ننڍي هوندي جو آدرش هئي. منهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين جا سموراً رنگ رتا سپنا، هن جي رنگن سان چٽيل هئا. مان کيس پهريون پيرو ڏسڻ ويس.

(ڏهن- يارنهن سالن ۾ حيدرآباد جو نقشو ئي بدلجي ويو هو. رستن تي هانءُ ڦاڙيندڙ ٽريفڪ جو گوڙ رستن تان وڻ غائب. فوٽ پاٿن جي نالي نشان جو پرو ئي نٿي پيو. سول لائينس ڏانهن ويندي رسالا روڊ تان ٻئي سهڻا باغ گم ٿي ويا هئا- حيدر چوڪ واري باغ جي جاءِ تي هڪڙو ڏڏو پارڪ ڇ ٻئي هنڌ تي اوچي گول بلڊنگ ٻيني هئي. سول لائينس جي

رستن تان ڊوڙينا جون سايون سايون قطارون. بينچن سان گڏ ڪنهن ٻئي جهان ۾ وڃي پهتيون هيون ۽ سڀ کان سهڻي پريم پارک ۾ فليٽ ۽ هٽ اڏجي رهيا هئا!) اها ئي سول لائينس هئي. اها ئي سهڻي حيدرآباد. پر الائي ڇو سڀ ڪجهه عجيب عجيب لڳي رهيو هو. سندس بنگلي ۾ گهڙيس تہ هر طرف کان ماڻ ئي ماڻ لڳي پئي هئي. در وٽ آپا مهناز جي ماءُ منهن ۾ گڏجي ويئي. نوڙي سندس پيرن تي هٿ رکي نالو ٻڌايم تہ پاڪ پائي منهنجي متي کي مٿي ڏيئي اچي سُڏڪن ۾ پئي- منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڪيترن ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ مان پنهنجي ننڍي هوندي جي انهيءَ آدرش کي ڏسڻ پئي ويس. جنهن منهنجي ذهن جي ڪئنواس تي عجيب عجيب رنگ رتا انيڪ سپنا چتي چڏيا هئا. جنهن جي لاءِ مون سن ئي من ۾ الائي ڪيترا واريءَ جا محل ٺاهي ۽ پوءِ پوري چڏيا هئا. مان ڪنڌ هيٺ ڪيو. آپيءَ جي ماءُ جي ڪيڏ لڳو ويس. هوءَ مون کي پنهنجي صفي ۾ وٺي هلي. جتي آپا مهناز ترسيل هئي.

صفي جي ٻاهران اهو ئي ساڳيو ڪاٺ جو صندل پيو هو. جنهن تي سندس ماءُ ويهي نماز پڙهندي هئي. انهيءَ ساڳئي صندل تي آپا مهناز جو مڙس ويٺو هو. سندس ڪنڌ هيٺ هو. پر هو ڪنهن ويچار ۾ گم هو. هن مون ڏانهن نهاريو ئي ڪونہ ۽ مان سندس پاسي ماڻ لنگهندو اندر گهڙيس.

اندر صفي ۾ آپا مهناز هالن جي جنڀيءَ جي پاون واري ڪٽ تي ليٽيل هئي. سندس متان اڃ ڪ پيل هئي. ٻئي هٿ متي هيٺان ڏيو هن لڳاتار متي چت ۾ پئي نهاريو.

"مهناز ڏس ڪير آيو آ؟" سندس ماءُ جو آواز صفي ۾ گونجيو تہ هوءَ ڇرڪي مون ڏانهن نهاريو لڳي. (خوبصورت چهرو سرو قد، گهرا ۽ ڪارا نيٽ، سهڻا ۽ ڪير جهڙا اڇا هٿ، ڏگهيون آڱريون ۽ پدم جهڙا پير.) مون کي سچاڻ جي ڪيائين تہ مون نوڙي سندس پير ڇهيا.

"مڏو آهين نہ؟" هن اٿڻ جي ڪئي.

"ها، آپي!" مون روئڻهارکو ٿيندي چيو.

سندس زرد مُک تي مرڪ ۽ خوشي وري آئي. هڪدم منهنجي وارن تي هٿ ڦيرينديِ منهنجي لِلاٽ تي مٺي ڏينديِ ماءُ کي چوڻ لڳي، "امان، ڏس مڏو ڪيڏو نہ وڏو ٿي ويو آهي!"

مون ڪنڌ ڪٽي ڏانهنس نهاريو جڙ چوڏهين جو چنڊ گرهجي ويو هو. سندس گهرن ۾ نيرن نيٽن هيڻان ڪارا نشان هئا. نہ اهو اڇيون مُک، نہ اها مرڪ. نہ اهو رنگ نہ اهو روپ. مان آلين اکين سان ننڍڙي هوندي جي ڏٺل آپا مهناز کي ڳولڻ لڳس. (جڙ حيدرآباد شهر سان گڏ آپا مهناز کي بہ ڪائي پراسرار سائي وکوڙي ويئي هئي.)

هن هڪ ڀيرو مون کي چتائي ڏنو ۽ پوءِ پڇڻ لڳي، "مڏو پڙهين تہ پيو نہ؟"

"ها آپي!" مون سندس ڪٽ تي ويٺي وينديِ نگاهہ ڪٽي هيٺ ڪئي.

"مڏو مون کي اتي ياد ڪندو هئين؟"

نمون لڄي ٽي وراٽي نہ ڏني تہ مرڪي چوڻ لڳي، "اسان جو مڏو هيڏو وڏو ٿيو آهي پر چوڪرين جيان ايجا پيو لڄي ٿئي!"

ائين چئي هوءَ وري وهاٽن تي ڪنڌ رکي ليٽي پئي. صفي ۾ هڪ عجيب ماٺ ڇانئجي ويئي. ٻاهر رات جي اونداهيءَ ۾ هوا جا سوسٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. سامهون دري ڪليل هئي جنهن مان جولاءِ جي مهيني جو اونداهو آڪاس ڏسڻ ۾ پئي آيو. جنهن ۾ ڏکڻ جي پاسي کان ستارا ٽمر ٽمر ڪيو پئي ٽمڪيا. دور ڪٽان ڪنهن ڪتي جي اونائڻ جو آواز پئي آيو.

پوءِ مان روزانو صبح جو کيس ڏسڻ ويندو هوس. چنبيليءَ جي گلن جو پنهنجي هٿن سان ٺاهيل گلدستو روز سندس هٿن ۾ ويجي ڏيندو هوس، جنهن کي هوءَ پنهنجي سيراندیءَ رکي مُرڪي پوندي هئي.

پڇاڙيءَ ۾ ڀيرو کيس ڏڻ ويس تہ اها جولاءِ جي ئي هڪ اُداس ۽ سنسان شام هئي. سندس حالت اڳي کان وڌيڪ خراب ٿي ويئي هئي. هوءَ ائين ئي ساڳي ڪٽ تي ليٽيل هئي. سندس سيراندیءَ کان ماٺس ويٺي وار سنواريا، جنهن جا نيٺ پنل هئا. پريان کان ڪرسيءَ تي سندس مڙس

وينو هو. آپا مهناز جي ڪتنب جا سڀ ياتي صفي ۾ آيا ۽ ويا پئي.

مون پنل نيٽن سان چتائي آپا مهناز کي ڏنو جيڪا نيٽ ٻوٽيو ستي پئي هئي. منهنجي اچڻ تي پيرن جو ڪڙڪو ٽيو تہ ٻوٽيل نيٽ کولي مون ڏانهن نهاريائين. گهرن ۽ نيرن نيٽن ۾ برندڙ ڏياتيون، جيڪي ڪڏهن انهن ئي نيٽن ۾ پيون برنديون هيون، انهن ۾ اها ساڳي جوت نہ رهي هئي. اوچتو هن مرڪي مون ڏانهن نهاريو. اها مرڪ هڪ عجيب مرڪ هئي، جڙ پوهہ جي سياري ۾ اُس جو تجلو.

مون پنل نيٽن جي نهار مان ڪيس ڏنو: هوءَ منهنجي ننڍڙي هوندي جو اهو املهہ سپنو هئي، جنهن سپني جي ساڻيا، مون سدائين سپني ۾ ئي ڏٺي هئي. هوءَ منهنجي ننڍڙي لاڪي جو هڪ سهڻو آدرش، ڪنهن راندیڪي جيان هئي. مون سوچيو هو: وڏو ٿي ڪيس انهيءَ بند مان آجو ڪرائيندس. (ها، سموريون شهزادیون ائين ئي هونديون آهن. گل ڦل راڻي، مومل... مون کي ننڍي هوندي ٻڌل آکاڻيون ياد اچي ويون.) هن مون کي پڙهايو هو. A.B.C.D سيکاري هئائين. هٿ کان ونڊي اوچي سوسائٽي هلي ڏيکاري هئائين.

اوچتو هوءَ وري اکيون ٻوٽي سمهي پئي، تہ مون نوڙي سندس پيرن کي هٿ لاتو. چوندا آهن تہ استاد ماءُ- پيءُ جي برابر هوندو آهي. هوءَ بہ مون کي حياتيءَ جا رنگ رتا انيڪ رنگ ڏيکاري سونهين تي هئي. مان سندس پيرن تي هٿ رکي، آلين اکين سان ننڍيون ننڍيون وکون کڻندو ورانڊا لتاڙي لوهي گيٽ اُکري بنگلي کان ٻاهر نڪري آيس.

ٻاهر سول لائينس جي رستن مٿان آرهڙ جي سُرمئي شام پنهنجا رنگ پکيڙي رهي هئي. اسٽريٽ لائيٽس جي جهيٽين بتين ۾ سمورو رستو سنسان ۽ اُداسيءَ ۾ ويڙهيل هو جنهن ۾ شام جي هوا سوسٽ ڪندي سرنهن جا سُڪل ۽ چڪيل پٽ اڏائي رهي هئي.

❐

جھوريءَ جھوري جند

- ايشور چندر

رات هوُ بيحد رنو هو.

سڄي رات، پنهنجي ئي ڪمري ۾ ليٽئي ليٽئي، زيرو بلب جي جھڪي روشنيءَ ۾، هُو اُن فوٽي ڏانهن نهاريندو رهيو هو جنهن ۾ سندس سڄو ڪٽنب ويڙل هو... تڏهن هو خود بہ ڪافي جوان هو... سندس چارئي پُٽ تڏهن ايڏا ننڍا هئا- ايترا ننڍا، جو هڪ کي تہ هن پنهنجي گود ۾ ئي ويهاري فوٽو ڪيرايو هو.

اُهو ئي پٽ، سندس چوٿون پٽ- جنهن کي، هو فوٽي ۾ هنج ۾ ويهاري وينو هو، اڄ ڪائنس الڳ ٿي ويو هو... ڪيس جڙ ان ڳالهہ تي اعتبار ئي نہ پئي آيو.

ائين هميشه ئي ٿيو هو... جڏهن جڏهن بہ ڪو پٽ ڪائنس الڳ ٿيندو هو تہ ڪيس ان ڳالهہ تي اعتبار ئي نہ ايندو هو.

دراصل، هن ڪڏهن اهو سوچيو بہ ڪونہ هو تہ جن پٽن کي لکائي- پڙهائي هن وڏو ڪيو هو، لائقيءَ لڳايو هو اُهي ڪن ننڍين ننڍين معمولي ڳالهين جي ڪري، ڪائنس الڳ ٿي ويندا. اَڄ بہ، جڏهن سندس ننڍي ۾ ننڍو پٽ بہ ڪائنس الڳ ٿي ويو هو، تڏهن ڪيس لڳو هو، تہ جڙ هو ڪو اَڻ وٽندڙ سپنو ڏسي رهيو آهي. ڪيس اُن تي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ اُهو پٽ، جنهن کي ايڏا بہ سال ڪن اڳ، هن ڏامر- ڏوم سان پرڻايو هو، سو ائين ئي- ايترو جلدي، ڪائنس الڳ ٿي ويندو. پڪ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي ٻيڙي

چمڙيءَ کي چهنبڙي پائي ڏني. سندس گهُنجيل چمڙيءَ تي پاتل اُن چهنبڙيءَ سان کيس ڪجهہ سور محسوس ٿيو. تڏهن وڃي کيس ان ڳالهہ تي اعتبار آيو۔ پڪ ٿي۔ تہ هُو ڪو سپنو ڪونہ ڏسي رهيو هو... سچ پچ سندس چوٽون پٽ. اڄ ڪانئس الڳ ٿي ويو هو.

تڏهن زيري بلب جي اُن ڪمزور ۽ جهڪي روشنيءَ ۾ فوٽي ڏانهن نهاريندي سندس بي رحم ماضي سندس اکين آڏو ڦرڻ لڳو. تہ ڪيئن نہ ماستريءَ جو معمولي پگهار مان هن. پنهنجي پيٽ تي پٿر رکي ہ. پنهنجن ٻارن کي لکائي۔ پڙهائي لائقيءَ لڳايو هو ۽ ڪيئن نہ گهر جي ڪمزور مالي حالت کي سنيالڻ لاءِ هن ٻين جي ٻارن کي ٽيوشنون ڏيئي. روشن ٻڊاپي جي ڪن سهڻن سپنن خاطر. پنهنجي جوانيءَ کي ٽڪائي ڇڏيو هو ۽ ڪيئن نہ. پاڻ رڳو آڇي ڪپڙي ۾ ڏڪجي. ہ هن هميشه ٻارن کي سنيالیو رکيو هو.

... ۽ اڄ. جڏهن هو رٽائر ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتو آهي تڏهن. اُهي سڀ پٽ ڪانئس الڳ ٿي ويا آهن. جن جي سهاري. هن پنهنجو ٻڊاپو سک سان گذارڻ جو هڪ رنگين سپنو ڏٺو هو.

تڏهن وري ليٽئي ليٽئي هن کان هڪ ٽڏو ساهہ نڪري ويو. اڄ جي انهن گهڙين کي هو وساري ئي نہ پئي سگهيو. جڏهن يارهين مهيني جي پنهنجي ننڍي پوٽي کي هنج ۾ کڻي. هُو ڪيس منيون ڏيئي رهيو هو۔ جو ويندي ويندي. سندس ننهن. سندس پاکر مان کسي. ٻار پنهنجن ٻانهن ۾ پري ورتو هو. تڏهن کيس لڳو هو. جڻ رهيو۔ کهيو سڀ ڪجهہ ڪانئس کسجي ويو هو.

ان بعد. سندس ننهن۔ پٽ. ڪڏهن بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي ڏاڪڻ لهي ويا ۽ ڪڏهن ٽئڪسي ۾ چڙهي پنهنجي ماڳ روانا ٿي ويا۔ اُهو سڀ هو ڏسي ئي نہ سگهيو. جاڻي ٻجهي. اُن وقت. هن دريءَ کان ٻاهر نہ نهاريو هو. ڪيس خبر هئي. تہ اڳ ہ. ان ئي گهر مان سندس ئي پٽ الڳ ٿيا هئا. ۽ تڏهن. جڏهن جڏهن ہ هن دريءَ مان ليئو پائي ٻاهر نهاريو هو. تڏهن

تڏهن ڪيس لڳو هو جڻ ڪنهن مالهيءَ جو باغيچو ڪوئي لٽي ڪٽي ٽي ويو ۽ مالهي، ويچارو بڏجي، اُنهن گلن ڏانهن نهارينڊو ئي رهجي ٽي ويو جن گلن جي خوشبوءِ ايڏا هن خود ئي ڪاڻ ورتي هئي. تڏهن وري ڪيس پنهنجي زال جي ياد آئي. ڪيس لڳو ته ٻئي ڪمري ۾ ٻڍي ٻه پڪ ئي پڪ، منهن مونن ۾ وجهي سڏڪا پريندي هوندي.. هڪ پيرو اُٿي، هو ٻئي ڪمري ڏانهن ويو. ڏنائين، ٻڍي ايڏا جاڳي پئي. ٻنهي، تڏهن رڳو هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. لفظ نه سندس منهن مان نڪتا ۽ نه ٻڍيءَ جي مُک مان... جڻ ٻنهي جي اکين، پنهنجي گونگي ٻوليءَ ۾، هڪ ٻئي سان ڪجهه ڳالهايو ۽ هوءَ وري، پنهنجي ڪمري ۾ موٽي اچي ليٽي پئي.

... ۽ پوءِ ... فوٽي ڏانهن نهاريندي نهاريندي، خبر ناهي ڪڏهن ڪيس ننڊ اچي ويئي.

صبح جو اسڪول وڃڻ ٽي ٻه سندس دل نه پئي ٽي. پر جڏهن نيم- انوسار سندس لاءِ ڪوسو پاڻي سنان ڪونيءَ ۾ رکي، ٻڍيءَ ٽوال آڻي سندس سامهون رکيو. تڏهن بي دليو اُٿي هن سنان ڪيو. ڪيس لڳو جڻ لس ئي لس، هُو اُهي منتر اُچاري ويو. جيڪي هو زور سان سنان بعد اُچارينڊو هو. اڄ پهريون پيرو سندس من ۾ هڪ ناستڪ سوال اُٿيو هو: ڇا ڀڳوان سچ پچ آهي؟ يا اسين ائين ئي وينا اوندهه ۾ هٿ هٽون؟

پر، ڪافي ڪوشش بعد ٻه، هو اُن جو جواب خود ئي ڳولهي نه سگهيو ۽ پوڄا پوري ڪرڻ بعد، ناشتو وغيره ڪري، چپ چاپ پنهنجي پراڻي سائيڪل ڪٽي، هو نيم- انوسار اسڪول ڏانهن وڃڻ لڳو.

رستي تي ويندي ويندي هو سوچڻ لڳو: هو ڇو ماستري ڪري رهيو آهي؟ اڄ تائين هن ڪنهن جي خاطر ماستري ڪئي هئي؟ ڪنهن جي لاءِ ڪمايو هو؟... پر من منڊل هڻڻ ڪارڻ، ڪافي سوچڻ بعد ٻه، هو انهن سوالن جا جواب خود ئي نه ڏيئي سگهيو.

اسڪول ۾ پهچڻ تي ٻه ڪيس لڳو ته هو ڇا پاڙهي سگهندو اڄ؟... ڪيس ته اِهو ٻه ياد ڪونه هو ته ڪالهه تائين هن ڪيترو ڪورس پورو

ڪرايو هو... ڪالهه ڪهڙو سبق هُو آڏ ۾ چڏي آيو هو.

پرارٿنا ۾ به هو چپ چاپ بيٺو رهيو. ٻين جيان پرارٿنا جي لفظن کي دهرائڻ بجاءِ، هُو رڳو هال ۾ لڳل نيتائن ۽ مهتمائن جي مورتن ڏانهن نهارينڊو رهيو.

پرارٿنا پوري ٿيڻ بعد، هو چپ چاپ پنهنجي ڪلاس ڏانهن وڌي ويو. چوڪرن جي حاضري ونڻ بعد، هن مانيٽر ڏانهن اشارو ڪري پڇيو: "راجو!... ڪالهه ڪيستائين پهتا هئاسين؟"

مانيٽر نمرتا وچان جواب ڏنو "سر! ڪالهه گوتم ٻڌ وارو سبق اڌ ۾ چڏيو هوسين...!"

"هون!" هن رڳو ايترو ئي چيو ۽ پوءِ ٻارن ڏانهن نهاري چيائين:

"پنهنجا پنهنجا ڪتاب کوليو...!"

سڀ ٻار گوتم ٻڌ وارو سبق کولي، پنهنجي ماستر جي اُن ڇهري ڏانهن نهارڻ لڳا، جو کين اڄ بيحد اُداس پئي لڳو.

تڏهن هن وري پاڙهڻ شروع ڪيو: "گوتم ٻڌ، پنهنجي جواني ۾ ڪجهه اهڙا نظارا ڏٺا، جو کيس لڳو، هي سنسار سڀ ڪوڙ آهي- مِٽيا آهي. رڳو هڪ سهڻو سپنو آهي. سنسار ۾، گرهست ۾ رهي سچي سک جي ڳولا، هڪ طرح جي مرگهه- ترشنا آهي... ان ڪري دنيا جي مڙني ڪوڙن سکن، ستائيندڙ ڏکن تي، شانت- چت سان سوچ ويچار ڪرڻ بعد، هن فيصلو ڪيو ته ويراڳ ونڻ ئي انهن مڙني مسئلن جو حل آهي ۽ پوءِ، موهه- مايا جو تياڳ ڪري، هڪ رات هو پنهنجا سڀ محل ماڙيون چڏي، نرواڻ جي ڳولها ۾ نڪري پيو...!" ايترو چئي، هو ڪجهه دير لاءِ چپ ٿي ويو.

پنهنجي ماستر کي چپ ڏسي، هڪ چوڪريءَ کانئس سوال ڪيو: "سر! سنسار کان پاسو ڪري، زال ۽ ٻار جي موهه کي تياڳي، چپ چاپ گهر چڏي نڪري ويڻ، چا کانئرتا ناهي؟"

چوڪريءَ جي ان سوال تي، هن کان هڪ ڀيرو چرڪ نڪري ويو.

پر پوءِ پاڻ سنيالينديِ چيائين: "سنسار يا موهہ ئي سڀ ڪجهہ نہ هوندو آهي... ڪڏهن ڪڏهن انسان ڪن خاص ڪارڻن جي ڪري ٻہ سنسار مان ٻر ٽي پوندو آهي... تڏهن ڪيس ڪجهہ ٻہ مڙو نہ لڳندو آهي... ڪيس لڳندو آهي، سڀ ڪوڙ آهي... سڀ مٽيا آهي...!"

ان تي چوڪريءَ وري پنهنجو منطق رکيو: "چگو سر! اهو ٻڌايو۔ اڄ جي زماني ۾ ٻہ انسان جي من ۾ تياڳ جي اُها ياونا اُجاگر ٿي سگهي ٿي؟"

"ها، پٽ! ٿي سگهي ٿي... جيتوٽيڪ سڀ گوتم ٻُدّ نٿا ٿي سگهن... پر، سنسار مان موهہ تہ گهٽن جو ئي نڪري ويندو آهي... ڪارڻ پلي اُنهن جا الڳ الڳ هجن...!"

"جيئن تہ؟" چوڪريءَ وري وچ ۾ سوال ڪيو.

ان سوال تي هو ڪجهہ گهڙين لاءِ منجهي ٻيهي رهيو. پر وري هڪدم پاڻ سنيالي چوٽ شروع ڪيائين: "جيئن تہ... جيئن تہ ڪنهن کي چار پٽ هجن، جن مان هو آئيندي جون وڏيون اُميدون لڳاي ويٺو هجي۔ سهڻا سپنا سجائي ويٺو هجي۔ پر وڏا ٿي، اُنهن مان هڪ ٻہ پٽ ساڻس گڏ رهڻ پسند نہ ڪري... سڀ، هڪ هڪ ٿي، ڪائنس الڳ ٿي وڃن... اُن شخص جي لاءِ سوچي ڏسو... سنسار ۾ باقي اُن لاءِ ڇا وڃي رهندو؟"

هن شايد ايڏا ٻہ وڏيڪ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو ٿي، پر وچ ۾ ئي ٻئي هڪ چوڪري ڳالهائڻ شروع ڪيو: "سر!... هرو ڀيرو ائين ڪونہ هوندو... ڪنهن جا سڀ پٽ هڪجهڙا ٿورئي هوندا... ڪي تہ پيءُ سان گڏ رهڻ پسند ڪندا ٻہ...! ڪيئن سر!؟"

ان سوال تي هن جو من ڀرجي آيو. چيائين: "نہ، ائين ڪونهي... مون کي ئي ڏسو نہ!... مون کي چار پٽ آهن... هڪ هڪ ڪري، ٽي تہ اڳ ۾ ئي جدا ٿي ويا هئا... پر ڪالهہ... ڪالهہ چوٿون ٻہ مون کان الڳ ٿي ويو!"

"اَڇا؟" چوڪري حيرت وچان پڇيو "چو؟ سڀ توهان کان الڳ چو ٿي ويا، سر؟!... ڪارڻ ڇا هو؟"

"ڪارڻ؟" ايترو چئي هن هڪ دفعو چت ۾ نهاريو. پوءِ وري اُن

چوڪري ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو: "ڪارڻ توهان کي ٻڌايان؟"

"ها، سر! ٻڌايو نا!" اُن ئي چوڪري چيو.

تڏهن هڪ ٽڏو ساهه کڻي هن چيو: "چڱو ويهه- ته ٻڌايانو ٿو...!" ايترو چئي جڙ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ جي انداز ۾، هن هڪ ڀيرو وري ڇت ڏانهن نهارڻ شروع ڪيو. پوءِ هو ڇت ڏانهن نهاريندو ئي رهيو- نهاريندو ئي رهيو.

ڪافي دير تائين پنهنجي ماستر کي ڇت ڏانهن نهاريندو ڏسي، نيٺ هڪ چوڪري چئي ڏنو: "ٻڌايو نه، سر!"

پر ماستر وٽان چوڪري کي ڪوبه جواب نه مليو.

تڏهن ڪلاس جو مانيٽر اُٿي، ماستر جي ويجهو ويو. ڏٺائين، ته ڇت ڏانهن نهاريندي نهاريندي، ماستر جون اکيون، ڪليل جون ڪليل رهجي ويون هيون.

ماستر مري چڪو هو.

مانيٽر ڊوڙندو ڊوڙندو وڃي هيڊماستر کي سڏي آيو. هيڊماستر سان گڏ ٻيا به ڪجهه ماستر ڊوڙندا اندر آيا. سڀ چپ چاپ هن جي شانت سرير ڏانهن نهارڻ لڳا. مانيٽر هيڊماستر کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي.

هيڊماستر ۽ ٻيا ماستر، مانيٽر جي ڳالهه ٻڌي، واڪڙن وانگر، اُن شخص ڏانهن نهارڻ لڳا، جو هڪ ڏکوئيندڙ ڪهاڻي، ڪنهن لڪل راز جيان، پاڻ سان گڏ کڻي وڃي رهيو هو.

... ۽ هوڏانهن ٻيا چوڪرا، چپ چاپ پنهنجين ڪرسين تي ويٺا، ڪڏهن ڪتاب ۾ چپيل گوتم ٻڌ جي تصوير کي ڏسي رهيا هئا، ته ڪڏهن پنهنجي ماستر جي لاش ڏانهن نهاري رهيا هئا، جو ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي، جڙ اڃا به ڇت ڏانهن نهاري رهيو هو.

❐

هيءَ قربتون، هُو فاصلا

ـ قمر واحد

هن ڏارئين ملڪ ۾ جڏهن تيز برفاني هوائون لڳنديون آهن ۽ منهنجي ٻيڍ روم جي دريءَ ٻاهران ٻيئل وڻ جي هر هڪ ٽاري شيشي جهڙي شفاف برف سان ڍڪجي ويندي آهي. تڏهن آئون زرينہ بلوچ جي آواز ۾ شيخ ايياز جو گيت "تڙي پوندا تارئينءَ جڏهن ڳاڙها گل. تڏهن ملنداسين" زور زور سان وڃائيندي آهيان ۽ پوءِ چوڏاري گل ٽہ ڪونہ ٽڙندا آهن بلڪ يادن جا ڳاڙها مچ ٻري پوندا آهن. منهنجو سڃو ذهن، سڃو جسم جڏهن انهن ٻاهہ جي ڇيين اندر پچڻ لڳندو آهي تڏهن آئون انهن ڇيين کي لفظن جو ويس پارائي توڏانهن اماڻيندي آهيان ٽہ جيئن تنهنجا نيڻ ڪنهن ڏارا ۾ ٻڏي وڃن. خبر ناهي ڇو سالن کان آئون انهيءَ ڏارا جي منتظر آهيان جيڪا تنهنجي نيڻن مان وهي اُٿي ۽ هڪ وار سنڌوءَ اندر ٻيندڙ اُڇل وانگر ڪنارا ڇڪي، پوئن ۽ ڇڻن تي پالوٽ ڪندي مون تائين اچي پهچي.

تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هميشه جدائين جا برپٽ حائل رهيا آهن. تو هڪ ڀيري چيو هو "اُهي جدايون اسان جي پنهنجي پورائيءَ جي ڪري ٿيون آهن." ۽ مون جواب ۾ چيو. "اسين هنيلن هانوَن جا مالڪ آهيون. دل جا دروازا بند ڪري جيڪي بت اندر ۾ ويهاري ڇڏيا اٿئون انهن اڳيان متو جهڪائيندي ٻہ خبر ناهي ڇو ائين ٿو لڳي ٽہ جڻ پنهنجي صليب تان ٿورو کسڪي ويا آهيون ۽ توکي خبر آهي ٽہ صلبب تان

کسڪڻ ۾ ايتروئي اذيت ۽ ايذاءُ پهچائيندڙ آهي جيترو ان تي چڙهي بيهڻ.“

توکي منهنجي فلاسافي ۽ ڳالهيون جڏهن سمجهه ۾ نه ايندیون هيون تہ تون وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي سگريٽ دکائڻ لڳندو هئين. اُن ڀيري ۾ تو ائين ئي ڪيو هو ۽ مان چپ چاپ پنهنجا ڪاغذ ميڙي تنهنجيءَ آفيس مان اُٿي آئي هيس.

هينئر جڏهن آئون اڪيلي سر ڪاڏي جي سامان جا ۾ وڏا ڪاغذي ٿيلها گهِلي Giante Eagle کان گهر تائين گوڏي جيڏيءَ برف تان ٽڙندي ٽاپڙندي اٽ بلاڪ پري گهر تائين پئي آيس تہ الائجي ڇو سڀ يادون هڪ هڪ ڪري اچي مڙيون. صبح جو تنهنجو خط مليو هو. اُهي ئي شڪايتون. اُهي ئي زماني جي نااتفاقيءَ جون ڳالهيون ۽ سور ۽ اهي ئي مون تي وعده خلافيءَ جا الزام. تو لکيو آهي: ”تون بدلجي وئي آهين. اتي دوست ۽ ساهيڙيون توکي ايترو وقت ڪٽي ڏيندا هوندا جو اسان ڇريا توکي ياد پئون...“

توکي شايد ياد ڪونهي. مون گهٽيئي ڀيرا اڳ توکي لکيو هو تہ مفاصلا جڏهن ذهني هوندا آهن تہ هڪ ٻئي جي ويجهو هوندي ۾ اسين ڪوهين پري ٿي ويندا آهيون- پر جسماني مفاصلا ذهني قربن کي ڪڏهن ۾ ٽوڙي ڪونہ سگهندا آهن ۽ اسان جون تہ ذهني قربتون هيون ۽ رهنديون. اسان تہ ڪڏهن ۾ جسمن جي آڌار تي هڪ ٻئي کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪئي هئي. جيسين اسان ۾ هڪ ٻئي کي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت آهي تيسين اسين هڪ ٻئي کي قرب ڏيندا رهنداسين.

پر الائجي ڇو مون کي اڄ سڄو ڏينهن هڪ اڻ سڌي خوف ورائي پئي ورتو آهي. لڳيم ٿو تہ جڙ منهنجي فلاسافي غلط هئي ۽ جسماني مفاصلو ڪٽي اسان جي ذهني قربت تي حاوي نہ پئجي ويي ۽ اسين ان مفاصلي اندر لُڙهي هڪ ٻئي کي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت کان

محرومر نہ ٹي وڃون.

ڊسمبر 1976ع جي پڇاڙي واري هفتي ۾ مان پهريون ڀيرو برف تان ترڪي ڪري پئي هيس. منهنجي سامهون ويندڙ هڪ آمريڪي آواز ٻڌو تہ پوئتي قدم ڪري اچي مون تائين پهتو ۽ چيائين، "Do yon need help?" مون ڪلي ڏنو ۽ چيم "Oh no. I can manage to get up." هو ويچارو وري بہ ويٺو رهيو هو. منهنجي وات مان اٽڪ مهل 'الا' نڪري ويو تہ وري جيائين: "You sure you are not hurt." مون ڪجهہ بہ ڪونہ چيو. رڳو اهڙي نظر سان ڏٺومانس جو سمجهي ويو تہ هاڻ هن کي اڪيلو نہ ڇڏيم تہ ڏڪ وهائي ڪيندي. ان وقت جڏهن آئون رهڙيل گوڏي سان ٽڙندي ٽاپڙندي ٽيلها گهليندي پنهنجي گهر پئي آيس تہ مون کي ڏهني قربت کان وڌيڪ تنهنجي جسماني قربت جي ضرورت محسوس ٿي. ان وقت مون سوچيو: 'ڪاش تون هتي هجين ها تہ جيڪر هي ٻئي ٽيلها بہ ڪٽي گهر تائين پهچائين ها ۽ مون کي جيڪر ائين ڏڪ کائيندو ڏسين ها تہ اڳيان وڌي سهارو بہ ڏين ها. ٿي سگهي ٿو اهي ٻاهريان ڪم تون پاڻ ڪرين ها ۽ آئون ڏاڍي آرام سان شيشي جي وڏي دريءَ مان ٻاهر ڪرندڙ برف جو نظارو ڪريان ها. مُنيون پري پري اخروٽ ۽ بادام چٻيان ها ۽ مٺان ڪاري خوشبودار ڪافيءَ جا بہ ٿي ڪوپ پي شاهہ سائين جا بيت جهونگاريان ها.'

آئون ننڍي هوندي کان ئي تصور جي دنيا وسائي حقيقت کان منهن موڙڻ واري هيس. پلا ائين نہ هجي ها تہ پوءِ ڇو من جي منزل جي ڳولا ڪندي تن جي آسائش جو خيال بہ نہ ڪيم ۽ رڄ جي راهي ٻڌجي ويس.

سورهن سال اڳ توسان بحث ڪندي ۽ وڙهندي چيو هوم: "منهنجي منزل ڪنهن سيٺ يا سرڪاري ڪاموري جو عاليشان بنگلو نہ آهي. منهنجي خوابن جو شهزادو ڪو نازڪ هٿن وارو گريجوئيٽ ۽ انتيليڪچوئل نہ پر اهو پورهيت آهي، جيڪو پگهر جي هزارين ڦڙن عيوض چانديءَ جو هڪ رپيو ڪمائي اڇ ۾ فخر محسوس ڪندو ۽

آئون ڪنهن ڪچي گهر جي اڱڻ ۾ بيهي هر شام ان جو انتظار ڪندیس. منهنجي گهر جي پٽين تي قيمتي روغن جو تهہ ۾ چغتائيءَ جون تصويرون نہ بلڪ چمبيليءَ جي فرحت بخشيندڙ ول چڙهيل هوندي ۾ آئون جڏهن تازن گلن جا هار ناهي پنهنجي وارن ڪي سينگاريندیس تہ منهنجو ننڍڙو گهر خودبخود خوشين جي خوشبوءِ سان ڀرجي ويندو ۾ منهنجو محبوب منهنجي وارن ۾ منهن وجهي آرام ڪندي اهو محسوس ڪندو تہ جڳ دنيا ۾ اسان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ انسان جيئرو آهي ئي ڪونہ."

تو اُن وقت بہ سگريٽ دکايو هو ۾ وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا هئا. پر ان وقت آئون ٽڪل ڪونہ هيس. ان وقت مون توکي ڪلهن کان ڏوندڙاڙي ڇيو هو. "ٻڌ چريا، مان جيڪو فيصلو ڪندي آهيان اهو پورو ڪري ڏيکاريندي آهيان. مون پنهنجي زندگيءَ گذارڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۾ آئون توکي پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق زندگي گذاري ڏيکاريندیس ۾ ان وقت تو جهڙا چريا اوچنگارون ڏيئي روئندا جو توهين بنگلن ۾ رهندي بہ ان خوشيءَ کان محروم هوندا جيڪا مون کي حاصل هوندي."

مون کي اڄ تائين ياد آهي تہ اهو پهريون ڀيرو هو جو تو پنهنجو دکايل سگريٽ بنا ڪنهن ٽوڪ ڀرڻ جي ايش ٽري ۾ وجهي ڇڏيو هو ۾ مون کي چيو هو. "خدا ڪري تہ تنهنجيون سڀ خواهشون پوريون ٿين. اهي ايتريون تہ معصوم ۾ ٻاراڻيون آهن جو جيڪڏهن پوريون نہ ٿيون تہ منهنجو قدرت تان ايمان کڄي ويندو."

وقت ثابت ڪري ڏيکاريو تہ منهنجيون خواهشون نہ رڳو ٻاراڻيون هيون پر هن دنيا جي حقيقتن کان بہ پري هيون. آئون پنهنجين خواهشن جي بار هيڻان ڇيڀاتبي رهيس. هر تمنا کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اڪيلي سر رڙ پٽ لتاڙيندي رهيس. منهنجيءَ منزل جو تہ ڪو نشان ئي نظر ڪونہ آيو. منهنجي تصور ۾ ڏهني قربتون تہ ڪڏهن کان ڪچن ڏاڪڻ جي جاري وانگر پنهنجو وجود ٽوڙي ويٺيون. مون هر گهڙيءَ، هر پل جيئرن جاڳندن ۾ ويجهو رهندڙ وجودن جي تمنا پئي ڪئي.

مون معلوم ڪيو تہ جيڪي وجود جسماني طرح اسان تي حاوي آهن اهي ئي اسان جي ذهنن کي ڏنب ڏيڻ يا آسائشون پهچائڻ ۾ اهم حصو ادا ڪن ٿا.

خيالن جي دنيا ڪيتري بہ وسيع هجي پر ڍهڻ ۽ مرڻ ۾ رڳو هڪ سيڪنڊ يا هڪ منٽ ٿي ونڊي ۽ اسان جي زندگيءَ جو هر ڏينهن هزارين منٽن ۽ سيڪنڊن تي مستمل آهي.

جڏهن خيالن جا هزارين ورهين وارا تصور حقيقت جي هڪ سيڪنڊ کان هارائڻ لڳا، جڏهن ڪنهن جو لمحي جو جسماني قرب مون کي هزارين ڪنڊن سان رهڻي ڇڏيندو هو تڏهن سڄو ڏينهن ويهي خوشگوار تصور ۽ خيال بہ منهنجي نيٽن مان وهندڙ ڌارا کي روڪي نہ سگهندا هئا.

منهنجي اندر ۾ منهنجي تصور ۽ معصوم آرزوئن جيڪو ڪچو گهر آباد ڪيو هو تنهن جون ڇتيون پتيون تہ خبر ناهي ڪيترا ورهيہ پهرين ڪِري چڪيون هيون ۽ آئون ٽڪجي ٽُڪجي رستي تي پيل هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏيئي آرام ڪرڻ ويهي رهيس.

ڪنهن سان جسماني ساڻ جي اذيتن کان پاڻ آجو ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو هوم تہ وري بہ تون پنهنجي ذهني ساڻ سميت موجود هئين. لڳم تہ جڙ ڏهن ورهين کان پاڻ جدا نہ پر هر قدم ۽ هر موڙ تي هڪ ٻئي سان گڏ هئاسين. مون وڏي توکي پنهنجازخم ڏيکاريا هئا ۽ تون اڳيان اچي زماني جي بي وفائيءَ جو حال اوريو هو. مون چيو هو "مون کي تہ من جي منزل ملي ئي ڪونہ." ۽ تو چيو هو "منهنجو تہ قدرت مان ايمان ئي نڪري ويو آهي." مان سيني کي چوندي آئي هيس تہ ڏاڍي خوش آهيان. پاڻ نوڪري ڪري هزارين رپيا ٿي ڪمايان. ڪنهن جي پرواهہ ڪونہ اٿم. مرضيءَ جي مالڪ آهيان، جيئن ڪپيم تيئن خرچ ڪريان. جيڪو دل چويم سو پايان ۽ جيڏانهن طبيعت جو لاڙو ٿئي اوڏانهن لڙان. پر خبر ناهي ڇو تو اڳيان اندر جي اُڇل، نيٽن جي ڌارا ٿي

اُٿي هلي ته قابو ڪري ڪونہ سگھيس. تو ته پرچائڻ جي ڪوشش ۾ ڪونہ ڪئي هئي. آئون سڏڪا پري روئندي رهيس ۽ تون چپ چاپ سگريٽ دکائيندو ۽ وسائيندو رهين.

ٻئي ڏينهن آئون آفيس ۾ پهتيس ته ميز تي ڊگ سارا چمبيليءَ ۽ گلاب جا گل پيا هئا. پٽيوالي ٻڌايو ته تون ڇڏي ويو هئين. توکي ته خبر ڪانہ هوندي، مون انهن مان هر هڪ گل کي هزار دفعا سنگهي ڏٺو هو پر خبر ناهي ڇو منهنجي خيالن ۾ آباد ٿيل ڪچي گهر جي ولين ۾ جيڪا خوشبوءِ هئي سا انهن گلن مان ڪونہ ٿي آئي. مون شام جو توسان ملڻ لاءِ چيو هو. "مون کي خيرات جي ضرورت نہ آهي. اهي گل ڪنهن اهڙي انسان کي پهچائج جنهن کي انهن جي ضرورت هجي ۽ انهن جي خوشبوءِ سنگهي سگهي." تو رڳو هڪ پيرو مون ڏانهن نهاريو هو ۽ ڪجهہ چوڻ بنا هليو ويو هئين. مون کي پڪ آهي ته تون اهو ئي سمجهيو هوندو ته منهنجو هٿيلو هاڻ اڇيان اچي مون کي اهي لفظ چوڻ تي مجبور ڪندو هوندو. پر خبر ناهي ڇو آئون ان وقت توکي اهو چئي ڪونہ سگهيس ته جنهن ڏهني قرب جو تون ڏيک ڏيندو آيو آهين سو مون کي جسماني قرب جي تمنا تي همٿائي رهيو هو ۽ آئون پاڻ کان ۽ دنيا کان ڊڄي ويئي هيس. اسان جا ذهن ۽ انهن ۾ ايندڙ تصور ۽ لاڙا دنيا کان لڪي ٿا سگهن پر اسان جا جسم ته رڳو اسان وٽ اوڏر آهن. اسان کي اهو حق مليل ئي ڪونهي ته اسين انهن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري سگهون، ڇو جو پوءِ اسان لاءِ هزارين پٽرن جا ڊگ تيار ٿيندا آهن ۽ هزارين صليبون کوڙيون ويندیون آهن.

پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻيو پيرو مان تو سامهون ويهي تڏهن سڏڪا پري رنو هو جڏهن منهنجي آمريڪا وڃڻ ۾ رڳو ٻہ ڏينهن بچيا هئا. ان ڏينهن تو وعدو ڪندي چيو هو. "جتي ٻہ ۽ جڏهن ٻہ منهنجي ضرورت محسوس ٿئي، بنا هيڪ جي لکج. اسان جون هڪ ٻئي سان ڪي ٻہ اميدون واڳيل ڪونهن. اسان کي هڪ ٻئي مان ڪابہ لالچ ڪونهي. اسان جو ته رڳو

ڏهني قرب آهي. ڪنهن بہ اسان کي ڏک رسايو تہ اسين سڀ کان پهرين وڏي هڪ ٻئي جي ڏٺن تي چيني ميسارينداسين. جي ممڪن هوندو تہ توڏانهن اُڇلايل پٿر آئون پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي سهندس ۽ جي ٿي سگهنئي تہ تون منهنجي ڏال بنجي بيهج."

ان وقت مون پنهنجا لڙڪ اُگهي ڇڏيا هئا. خبر ناهي ڇو پنڌرهن ورهيہ پهرين من جي منزل جي تلاش ۾ نڪتل معصوم ۽ بيوقوف ڇوڪري مون تي حاوي ٿيڻ ويئي ۽ مون ڇيو هو "جيڪڏهن اسان اهو وعدو پورو ڪري نہ سگهياسين تہ منهنجو انسانيت تان ايمان کڄي ويندو."

ڪجهہ مهينا اڳ آئون ۽ بہ ٻيا هم ڪلاس زوُ ڏسڻ وياسين. ڏهن ميلن جو برف سان ڍڪيل رستو اسان پبلڪ بس وسيلي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ڇاڪاڻ جو گريگ جي موٽر ۾ سِنوتائرز لڳل ڪونہ هئا. هتي بس ۾ جيڪڏهن مڙس ويڙل آهن ۽ ڪا عورت ٻيڙل آهي تہ ڪوبہ مڙد اُٺي اُن کي پنهنجي سيٽ پيش ڪونہ ڪندو آهي. مون کي ٻيڙل ڏسي هڪ آمريڪي پاڻ اُٺي سيٽ پيش ڪئي ۽ آئون 'ٿئنڪ يُو' چئي ويهي رهيس. منهنجي پڪوڙي جهڙي نڪ ۽ ڳاڙهن سُڄيل هٺن کي ڏسي هو چوڻ لڳو "پنهنجا هٿ ۽ نڪ باهر نڪرڻ مهل ڍڪي ڇڏيندي ڪر نہ تہ هن موسم ۾ ڪين پارو لڳي ويندو ۽ توکي مٺن سوين ڊالر خرچ ڪرڻا پوندا."

ان وقت مون کي پنهنجو مڙس ياد آيو جو هر تڪليف، ڏک، سک ۽ هر ڪنبل قدم کي نفعي ۽ نقصان جي ساهميءَ ۾ توري ڏسندو هو. مون منهن شوڪي ڏانهنس نهاريو تہ کلي ڏنائين ۽ پوءِ چيائين، "آئون توکي سڃاڻي ويو آهيان، تون پڪ ايشيا جي رهاڪو آهين. آئون بہ ڪوريا واريءَ جنگ ۾ پنج ورهيہ پائليٽ رهي چڪو آهيان ۽ سڄي ايشيا ۾ رليو آهيان. توکي شايد هتي آئي ٿورو عرصو ٿيو آهي نہ تہ منهنجي صاف گوئيءَ تي ايڏي ڪاوڙ نہ اچئي ها."

زوُ ۾ گريگ ۽ هيلن مون کان پري ٿي ويا. هيءُ ملڪ بہ عجيب آهي. پوڙها يا جوان سڀ جوڙن ۾ ٿي هلندا آهن. ورلي ڪو اسان وانگر اڪيلو ماڻهو نظر ايندو. بس وارو آمريڪي پاڻ بہ ڪو اڪيلو هو سو منهنجي پاسي ۾ ٿي هلڻ لڳو ۽ بنا معاوضي 'گائيڊ' جا فرض انجام ڏيڻ لڳو. پهرين تہ مون ٽوري رُڪائي ڏيکاري پر پوءِ سندس ساٿ غنيمت سمجهيم. پلا هن اٽڄاڻ جڳهہ تي جيڪا ميلن ۾ پکڙيل هئي، آئون ڪيترو وقت اڪيلي سر هڪ ڪٿڙي کان ٻئي تائين ۽ هڪ زمين دوز جڳهہ کان ٻيءَ تائين رلندي وتان ها. زندگيءَ ۾ پهريون پيرو مون محسوس ڪيو تہ قوميت، چهرا، جسم ۽ رشتا ناتا کان بہ حيثيت ڪونہ ٿا رکن. اهي تہ رڳو اُنهن لاءِ فائدي وارا آهن جيڪي انساني ساٿ مان ڏاپجي ڇڪا آهن ۽ هاڻ چندچاڻ ڪري پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪي ڪي اُهڃاڻ ڳولي رهيا آهن. اسان ڏٺڙيلن ۽ ڏکويلن لاءِ ڪنهن جو انسان هڻڻ ئي اُن جي ساٿ جي تمنا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

ان ڏينهن مون ڏاڍا ٿهڪ ڏنا. ايترا جيترا مون پنهنجيءَ پنڌرهين ورهين جي شاديءَ واري زندگيءَ ۾ بہ شايد نہ ڏٺا هئا. هڪ ننڍڙي معصوم ٻار وانگر مون پولڙن کي منهن بچڙو ڪري ڏيکاريو. ڊولفن جي تلاءَ ۾ ڪٿمنا اڇلايا، هرٽيءَ جي ٻچن کي هنج ۾ کنيو. ننڍڙن چيلڙن کي پاڪر پائي چميون ڏنيون ۽ مڪائيءَ جي ڦُلن جون منيون پري هاڻيءَ جي سونڊ اڇيان اڇلايون. مهيني کن اندر مون پنهنجي شهر جون ماڻريون، ڊنڊون ۽ ڊورا، نديون ۽ نالا گهمي ڦري ورتا.

هن ملڪ تي شايد خداتعالىٰ ڪجهہ ضرورت کان وڌيڪ ئي رحمت نازل ڪري ڇڏي آهي. مون سوچيو جيڪڏهن اُهي سڀ انسان، جن جو قدرت ۽ محبت تان ايمان کڄي ويو آهي، هتي آڻي رهايا وڃن تہ جيڪر مون وانگر هڪ ورهيہ اندر ئي نئون جنم وٺي اچي کڙا ٿين، جنهن ۾ هو بين جا هڏڪوڪي، بي فڪرا ۽ سچائيءَ ۽ پيار جو پرچار ڪندڙ ٿي اڇيان اچن. شايد ان ڪري ئي تنهنجي هر خط جي جواب ۾ مون توکي

پنهنجي ۽ سوين آمريڪين جي وچ ۾ دوستيءَ ۽ گڏ گهمڻ ڦرڻ جون ڳالهيون لکي توکي هر پيري هتي اچڻ جي دعوت پئي ڏني هئي.

مون توکي لکيو هو "چريا، مستانا، هتي اچي هڪ هفتو رهندين ته قدرت جي نعمتن جو قائل ٿي پوندين ۽ شايد پهريون پيرو ٻين مان ڪجهه حاصل ڪرڻ جي تمنا ڪرڻ بدران ٻين کي ڏيڻ لاءِ قدم اڳتي وڌائي سچائيءَ ۽ پيار جا خزانا ورهائڻ لڳندين." مون سمجهيو هو ته منهنجي ذهني ڦير گهير سان گڏ تنهنجي ذهن ۾ ڪٿي نه ڪٿي ته مفاهمت ڪئي هوندي. تون جو هميشه مون کي سمجهڻ جي دعويٰ ڪندو آيو هئين، ڪٿي نه ڪٿي ته منهنجي لکت سمجهي ويو هوندين. پر شايد جسماني مفاصلا ذهني قربت تي غالب اچي ويا آهن. مون جنهن فلاسافيءَ کي غلط سمجهڻ کان هيترو وقت انڪار پئي ڪيو سا ته حقيقت ٿي مون کي سڃاڻپ ڏيئي رهي آهي. ڪنهن ٻئي جي نه پر پنهنجي پاڻ جي. تنهنجي هر خط ۾ شڪ ۽ وسوسا آهن ۽ منهنجي هر خط ۾ زندگيءَ جي لهر ۽ خوشيءَ جا تصور آهن. تون مون کي ماضيءَ ڏانهن ڇڪي رهيو آهين، اهو ماضي جنهن مون کي پنهنجين خوشين ۽ غمن لاءِ ٻين جو تابعدار بنائي ڇڏيو هو. شايد تون سمجهين ٿو ته ٻُڪئي کي اهو چوڻ سان ته تون ٻوڙ پلاءُ جا خواب ويهي ڏس، اسين ان جو پيٽ پري ٽا سگهون. تصور ڏاڍا حسين ٿيندا آهن پر رڳو ڪن پل لاءِ. تون تصور جي دنيا جو رهاڪو آهين ۽ آئون اُهي راهون چڏي اڳتي وڌي آئي آهيان. آئون ذهني طور تو کان ايترو ته متاثر هيس جو هميشه جسماني جدائين کي هڪ پاسي ڪري تنهنجي ذهني قربت جي جار ۾ پاڻ کي وڪوڙيندي رهيس ۽ شايد اُها هلت منهنجي جسماني ۽ ذهني نا آسودگيءَ جو سبب بنجي ويئي. هينئر لڳيم ٿو ته جڏ اسان ۾ ذهني جدائي به ايترو ئي موجود هئي جيترو ٻيا ويجها ۽ فاصلا نه ته ائين ڪيئن ٿي ها جو تون منهنجيءَ لکت مان منهنجي خوشين ۽ آسودگين کي يڪسر نظرانداز ڪري مون تي الزام هڻين ها ۽ شڪايتون ڪرين ها. منهنجي بيد روم

واري دريءَ ٻاهران بينل وڻ تي ايا ۽ برف جو تھ جڙهيل آهي. شايد ايندڙ هفتي ٻن اندر ڪجھ اُس نڪرڻ شروع ٿئي ۽ اها برف ڏڙو ڏڙو پاڻي ٿي وهي وڃي پر منهنجي ڪمري اندر رکيل African Violet جھڙي نازڪ ٻوٽي تي ان سرديءَ ۽ برف جو ڪوبہ اثر ڪونهي. ٿي سگھي ٿو تہ ان ٻوٽي ۾ اکيون هجن ۽ ٻاهر جي ٻوٽن ۽ وڻن تي ڪريل ڪا اڇي شيءِ ڪيس نظر ايندي هجي. پر پڪ اٿم تہ ان شيءِ جي اثر ۽ خاصيت سمجھڻ کان هو يڪسر محروم آهي. تون ۽ هزارين لکين ٻيا، لکيم ٿو تہ ان ٻوٽي وانگر آهيو. پنهنجيءَ دنيا جا رهواسي ۽ پنهنجن خيالن جا پوجاري- شايد ٻين جي خوشين ۽ ڏکن کي رڳو پنهنجي تجربن جي روشنيءَ ۾ سڃاڻڻ جا اهڙا عادي انسان. جيڪي هميشه ٻين جي ڏهنن تي پنهنجي مهر هڻي انهن جي اوسر تي بگڙجيو ويجو.

ٻڌ چريا، ٿي سگھي ٿو تہ آئون هينئر ٻہ غلط هجان پر سچ پچين تہ هاڻ آئون پوئتي موٽي اُها سڏڪا پريندڙ ننڍڙي ڪمزور ڇوڪري ٻنجي نہ ٿي سگھان. مون کي هينئر ڪوبہ اهڙو وقت ڪونهي جو ڪٽي تو وٽ اچي چيڻايان. مون کي هينئر انهيءَ پٿر جي ضرورت ڪانهي جنهن کي سھڻ لاءِ توکي پنهنجو سينو اڳيان ڪرڻو پوي. مون کي هينئر منزل جو تصور ۽ مستقبل جون خواهشون نہ پر حال جون خوشيون کپن ۽ اُهي خوشيون آئون انهن هزارين انسانن ۽ نظارن کان وصول پئي ڪريان جيڪي منهنجي ويجهو ۽ چوڌاري پکڙيل آهن. مون توسان ڪيل وعدو ٽوڙي انسانيت مان ايمان ڪڏيو ڪونہ آهي بلڪ وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي ۽ مون کي پڪ آهي تہ ڪٽي نہ ڪٽي تون ٻہ اها حقيقت سمجھي ويندين- پنهنجي چوڌاري پکڙيل ڄار مان نڪري جيئرن جاڳندن انسانن کي ڇُهي سندن خوشيون ۽ غم محسوس ڪندين.

ڪڏهن ڪڏهن آئون اڪيلي هوندي آهيان تہ توکي ڏسڻ ۽ ڇھڻ جي خواهش مون کي شيخ ايياز جو ڪلام ٻڌڻ تي مجبور ڪندي آهي ۽ آئون روئي روئي وري ٻہ گرم ڪوٽ پائي. ڳچيءَ ۾ مفلر ويڙهي ٻاهر

نڪري ايندي آهيان ۽ جڏهن ٽڏي هوا ۽ اڇي ڪپهه جهڙي برف منهنجي ڳلن کي يخ ڪري ڇڏيندیون آهن ته آئون ننڍڙن ٻارن وانگر ٿهڪ ڏيندي پنهنجين درين ۽ ڏاڪڻ تان برف لاهي، گولا ٺاهي پاڙي جي ٻارن کي اڇلائي هڻندي آهيان ۽ هڪ پل اندر سندن حصو بنجي ويندي آهيان.

❐

اهو سمجهي نہ سگهيو آهيان

ـ ابراهيم خشڪ

تن ڏينهن ۾ مان سمجهندو هوس تہ سياڻن ۾ سياڻو اسان جي ڳوٺ وارو ايوب آهي. جيڪو ڪچهرين ۾ ڳالهيون ڪٽي ٻڌائيندو آهي. ڳالهہ ڳالهہ ۾ ٽوٽڪا، پهاڪا ۽ بيت ڏيندو آهي. تن ڏينهن ۾ مان اهو بہ سمجهندو هوس تہ اسان جي ڳوٺ جي پرسان وارو شهر پان سعيدآباد وڏي ۾ وڏو شهر آهي. ان کان وڏو سيوهڻ آهي ۽ تمام گهڻو پڙهيل اسان جي مسيت جو مُلو آهي جنهن کان ماڻهو تعويذ ڌڻ لکرائيندا هئا. ڪتاب پڙائيندا هئا ۽ پنهنجي گهر جي مئل پاتين کي ختما ڏيارينداهئا. مان انهن ڏينهن ۾ انهيءَ استاد مُلي وٽ مسيت ۾ اجا پٽي پڙهندو هوس ۽ سٽڻ ڪونہ پائيندو هوس.

مان ڪڏهن ڪڏهن مسيت مان موڪل کان پوءِ وجي گيدوڙا پٽي کائيندو هوس ۽ ڪجهہ اُستاد مُلي لاءِ بہ ڪٽي ويندو هوس. اُستاد منهنجا آندل گيدوڙا کائيندو هو تہ منهنجي دل خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيندي هئي.

تن ڏينهن ۾ هڪ ڀيري مان ڳوٺ کان ٻاهران، شاخ جي پُل پرسان سڏو اُن ڪٽڪ جي پوک وٽ آيس جنهن جي وچ تي گيدوڙيءَ جو وڻ هو. ڪٽڪ جي وچان وجي گيدوڙيءَ جي وڻ وٽ پهتس تہ اُتي ڀيرل ويٺو هو.

"چورا چو آيو آهين؟" مون کي رعب سان چيائين.

"مان اُستاد مسيت واري لاءِ گيدوڙا پٽڻ آيو آهيان،" مون ڏڃندي ڏڃندي چيومانس. ڀيرل اجا اُن ڏينهن صبح جو اُستاد کان تعويذ لکرائي

ويو هو. ان ڪري مون هڪدم اُستاد لاءِ چيومانس پر پيرل تي انهيءَ جو اثر ئي ڪونہ ٿيو. مون کي چيائين، "جلدي ڪر، زمين تان ميڙي پڄ."

مون ايڏا ٿورا گيدوڙا ميڙيا مس تہ ايوب واري زال حياتان آئي ۽ گيدوڙا ميڙي کائڻ لڳي. تپ ڏئي هڪڙو وڏو ڳاڙهو گيدوڙو وڻ مان پٽي پيرل کي چيائين، "هي ڏس!" پيرل اهو ڏسڻ کان اڳ مون کي چيو "چورا پڄ!"

"ڇڏينس ويچاري معصوم کي، پلي ميڙي کائي." حياتان اهو پيرل کي چئي وري مون کي چوڻ لڳي، "ابا، تون ميڙ ميڙ پلي کاءُ." وري پيرل ڏي منهن ڪري مرڪي چوڻ لڳي، "تون هي ڏس!" حياتان اُن ڳاڙهي گيدوڙي کي آڳوٺي ۽ آڳر جو زور ڏئي ڦيهي پيرل کي سکائڻ وانگر اُن جي رس ڏيکاري ڪنڌ متي ڪري آهستي آهستي چپن جي ويجهو آڻي چوسڻ لڳي تہ پيرل ائين خوش ٿيڻ لڳو جيئن اُستاد جي گيدوڙن کائڻ تي مان خوش ٿيندو هوس. پر مون کي پيرل جو ايترو خوش ٿيڻ اجايو لڳو. مان گيدوڙا ڳولڻ ۽ ميڙڻ ۾ لڳو رهيس. حياتان وڻ جي لڙڪندڙ تارين مان تپ ڏئي ڪجھ ٻيا بہ گيدوڙا پٽي هٿ ۾ ڪيا ۽ چُوسڻ لڳي. پيرل بہ اُٿي آرس پيچي بہ گيدوڙا پٽي حياتان کي چيو. "گاھ ڪري ڇڏيو اٿم اهو تہ هلي کڻائينم."

"جلدي هل، مون کي پاڻ تکڙ آهي." حياتان چيس.

پوءِ هو ٻئي هڪ ٻئي پويان آڏو وٽي گيدوڙيءَ جي وڻ کان پرتي وڃڻ لڳا ۽ ويندي ويندي پيرل پنهنجي هٿ وارا ٻئي گيدوڙا مون کي ڏنا جيڪي ڏاڍا سٺا هئا.

مون پنهنجي جھوليءَ ۾ ٻيا گيدوڙا ڏٺا تہ اهي ايترا سٺا ڪونہ هئا، ان ڪري اهي ڏيرڙي ڪري پيرل وارا ڏنل بہ گيدوڙا بہ انهن متان رکي گيدوڙيءَ جي وڻ تي چڙھڻ لڳس. اهو وڻ هيٺان کان ئي تڙيل پکڙيل تارن سان هئڻ ڪري تمام سولو هو ان ڪري هر ڪو چڙھي سگھندو هو. مان متي چڙھي ڪجھ گيدوڙا پٽي کائڻ لڳس ۽ ڪجھ اُستاد لاءِ کيسي ۾ بہ

وجهڻ لڳس. اتان ائين ئي پريان ڪڏڪ جي هڪ ٻاري جي وچ تي بي خياليءَ ۾ ڏنم تہ اول تہ ڪجھ سمجھ ۾ ڪونہ آيو پر پوءِ سمجھيم تہ پيرل ۽ حياتان راند ڪيڏندي زمين تي ليٽي شايد پوڳ پيا ڪن ۽ وري اڳيان هڪ ٽاريءَ ۾ ڪجھ پڪل گيدوڙا ڏنم تہ پيرل ۽ حياتان ڏهن تان لهي ويا. مان اهي گيدوڙا پٽي وڃ تان هيٺ لٽس ۽ مٽان پٽيل ۽ هيٺ رکيل سپ گيدوڙا کڻي آڻي استاد کي ڏنم. ان وقت ايوب مسيت ۾ نماز پڙهڻ لاءِ آيو هو پر ٻانگ ۾ دير هئي، ان ڪري استاد سان ڪجهري پئي ڪيائين. استاد جي صلاح هٽڻ تي ايوب ٻہ انهن گيدوڙن مان هڪ ٻہ سٽا گيدوڙا کڻي کاڌا. استاد مون کي اڳي وانگر ان پيري ٻہ شاباس چئي. انهن ڏينهن ۾ شاباس مون کي ڏاڍو خوش ڪري ڇڏيندي هئي. هاڻي مان وڏو ٿي ويو آهيان ۽ جيتوڻيڪ ٻان سعيدآباد ۽ سيوهڻ اڳي کان گهٽو وڌي ويا آهن تہ ٻہ مون کي ننڍڙا شهر محسوس ٿيندا آهن. پنهنجي ڳوٺ جي مسيت واري استاد مُلي کان ڪيترائي ٻيا وڌيڪ پڙهيل ماڻهو نظر ايندا اٿم. هاڻي اهو ٻہ سمجهي ويو آهيان تہ گيدوڙيءَ جي وڃ هينان پيرل ڇو وينو هو. حياتان پڪل گيدوڙيءَ کي پيرل سامهون هٿ ۾ کڻي کيس ڏيکاري چپن سان ائين ڇو چوسيو هو. حياتان جي انهيءَ انداز تي پيرل ايترو ڇو خوش ٿيو هو ۽ پيرل آرس ڀچي پوءِ حياتان کي گاهہ ڪٽائڻ جو ڇو چيو هو. هاڻي اهو ٻہ سمجهي ويو آهيان تہ جيڪو گيدوڙيءَ جي وڃ تان ڪڏڪ جي ٻاري جي وچ ۾ ڏٺو هئم ۽ تڏهن سمجھ ۾ نہ آيو هئم تہ پيرل ۽ حياتان کهڙي راند پئي ڪئي. هاڻي سپ ڪجھ سمجهي ويو آهيان. پر ايڏو وڏو ٿي ويو آهيان تہ ٻہ کي ڪي ڳالهيون مون کي ايجا سمجھ ۾ نہ ٿيون اچن. تنهن ڏينهن حياتان جو مڙس ايوب شاخ جي پُل تي وينو هو. مون کي ٻہ سڏي ويهاريائين ۽ ڪجهري ڪندي پنهنجي عشق جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. جن ٽن عورتن جو ايوب ذڪر ڪيو انهن مان ٻن عورتن کي مان ايجا تائين شريف سمجهندو هوس. انهن مان ٻہ هڪ سان ايوب جو ڪنهن وقت ۾ پيچ پيل هو ۽ هڪ سان ائين اتفاقي ٿي ويو

هوس. مون ايوب کان پڇيو "پلا انهن ماين سان تنهنجي تعلق جي خبر تنهنجي گهر واريءَ کي ته هوندي؟"

"سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي." ڇوٽ ۾ چئي اڳتي چوڻ لڳو "اهي ماڻهو جيڪي ٻين عورتن سان تعلق جو پنهنجي زالن کي ٻڌائيندا آهن، پوءِ انهن جون زالون به وري پنهنجي مڙسن واري خراب رستي تي هلندڙيون آهن. مون ٻڌائڻ ته نهيو پر پنهنجي زال کي ڪڏهن شڪ ڪرڻ جو موقعو به نه ڏنو آهي. هونئن منهنجي زال اهڙي هوشيار ڪانهي." ايوب وات تي هٿ ڏئي ٽورو کنگهي وري اڳتي چوڻ لڳو "مان انهيءَ سلسلي ۾ خوشنصيب آهيان. هونئن زال جي نيڪي سندس مرڻ کان پوءِ ڪجي پر خدا جي مهرباڻيءَ سان مون کي زال اهڙي ملي، جو شادي ڪيم ته ڪيس اهو پتو ڪونه هو ته زال مڙس رات جو ڇا ڪندا آهن ۽ اڄ تائين اهڙي سادڙي آ جو اڄ ڪلهه ٻارن کي عقل وڌيڪ آهي، هن کي ايترو به ڪونهي." مان حياتان جي مڙس ايوب جون اهي ڳالهيون ٻڌي پاسي واري نمبر ۾ بينل اُن ساڳي گيدوڙيءَ جي وڻ ڏي نهاريو ۽ وري ايوب کي چتائي ڏسي دل ۾ چوڻ لڳس: 'انسان عقل هوندي ڪيڏو نه پاڳل آهي!' پر ائين چو آهي!!! ايڏو وڏو ٿي ويو آهيان ته به سمجهي نه سگهيو آهيان.

❐

تو سنگ تو بن ڏينهڙا

ـ محمود مغل

نمنا... نم جانان!

اڄ حيران آهيان، تنهنجو نالو چپن تي ڪيئن آيو اٿم. ۽ آيو به آ ته ان وقت جڏهن منهنجي متي ۾ چانديءَ جي تارن جي جهرمر رڙيون ڪري ٻڌائي پئي ته زورد علي، وقت ڪنهن تيز مانجهي جيان، تنهنجن هٿن مان ترڪي، توکي رتورت ڪري محبتن جي لغڙ کي توکان تمام پري ڪڍي ويو آهي. جڏهن به ڪنهن کي وڏي ڏور گهرج ۾ هوندي آ ۽ جڏهن مانجهو ۽ ڪچو ڏاڪو پاڻ ۾ ملائي ڇڏبو آ، ته مانجهي جي نڪرڻ کان پوءِ انسان ڪچي ڏاڪي کي جهلي ڪيئن نه پاڻ کي بي وس محسوس ڪندو آهي.

۽ مان زورد علي، پنهنجي ڪاليج جو بيحد سمارٽ ۽ ڊئشنگ چوڪرو، اڄ ائين ئي ڪچي ڏاڪي کي جهلي الائي ڪيترو پري نڪري آيو آهيان. تو سنگ گذاريل پَل منهنجي ڏاڪي سان ٻڌل لغر آهن. يادگيرين جا عذاب ورڇڻ تي هوندا آهن ته لغڙ کي ڇڪ ڏئي هيٺ لاهيندو آهيان ۽ جڏهن سورن کي سهي نه سگهندو آهيان ته ڊر ڏئي ڇڏيندو آهيان.

هي محبتون به ڪيتريون نه عجيب هونديون آهن نمنا. اسين محبتن ڪرڻ کان پهرين مڪمل هوندا آهيون. ڪلي سگهندا آهيون. ميوزڪ گهٽ آواز ۾ ٻڌي ٻئي جي ڳالهه به آرام سان ٻڌي سگهندا آهيون ۽ پوءِ جڏهن محبتون ڪري وڃائڻ کان پوءِ نه ڪل ايندي آ نه وجود مڪمل

رهندو آ ته اسين ڪيترن دوستن هوندي به پرپور آواز ۾ ميوزڪ ٻڌندا آهيون ۽ جڏهن ڪو ڪا ڳالهه چندو آ ته آواز گهٽ ڪرٽو پوندو آ ۽ ڳالهائيندڙ الائي ڇا محسوس ڪندو آ.

محبتون مرادن کي دل ۾ جڳهه ڏيندیون آهن، انسان گلن مان خوشبو ۽ هوائن مان پاڻهه پريل سَتُ محسوس ڪندو آ. ڇهائن جو سَتُ، ڪنوارن جسمن ۽ برندڙ حياتين جو ست. ۽ دل انهن مرادن کي ميندیءَ جيان رڇائي وڏي ويندي آ. انسان پاڻ، پاڻ کي همالیه جي مٿان پائيندو آ. پوءِ الائي ڪيئن اها خوشبو گلن کي ڇڏي ويندي آ. اهو ست ڏپ ڪري ويندو آ ۽ انسان هيڪل وياڪل ٿي ڪنهن اوپري جيان پنهنجي پاڻ کي ڏسي ڪلندو آ. ۽ نمنا، اها ئي ڪيفيت هوندي آ دل مان مرادن جي نڪرڻ جي. جڏهن اسان جو اندر مرادون ماڻڻ کان انڪار ڪندو آ ته اسين اتاولا ٿي پوندا آهيون.

۽ اڄ، ٽيهارو ورهين کان پوءِ، جڏهن چنڊ رات آ، ٻاهر هر کو عيد لاءِ خوش آ ۽ هينئر جڏهن ڪنهن هنڊ سِيُون چڙهيون هونديون، ڪنهن سيرو رڊيو هوندو ۽ رڪابيءَ ۾ جڏهن ڪن چوڙيل پريل هٿن، ڪن مضبوط هٿن کي اهو سيرو يا سِيون ڪائڻ لاءِ ڏنيون هونديون ته منهنجي وطن ۾ هر هنڊ هٻڪار پکڙي هوندي. مضبوط هٿن سيري جي پليت جهلڻ کان سواءِ ئي نازڪ هٿن کي جهلي ورتو هوندو. رڪابيءَ ۾ پيل سيرو ترڪڻ تي هوندو، ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٻڌي، چوڙين چڪيو هوندو.

"چڏ نه، الائي ڪير اچي ٿو."

"نه، پهرين چنڊ مبارڪ ته ڏي نه." هٿن مضبوطيءَ سان چوڙيلين لاءِ چاهه ڪيا هوندا.

"مبارڪ هجئي."

"توکي به."

۽ پوءِ گهڙيءَ پل لاءِ نيٽن جوت جڳائي هوندي. لمحن جي سرڪڻ

جي ڪابہ خبر ئي نہ پئي هوندي ۽...

اڙي پر مان بہ ڪهڙو نہ چريو آهيان. ٽيهارو ورهين ۾ منهنجي ديس ۾ ڪيترين نہ تبديليون آيون هونديون. مان بہ ڪهڙا نہ عجيب تذڪرا پيو ڪيان. پر نمنا، حرمان نصيبتن جا تذڪرا تہ اهڙا ئي هوندا آهن نہ، جيسا اڻ چٽيل.

هتي، سئزرلئنڊ ۾، منهنجو خوبصورت ترين گهر، اهڙو تہ نهيل آ جڙ ڪنهن ميوزم جو ڪو ڪمرو. جيڪا شيءِ جتي سا تتي پئي هوندي آ. ڪير ڪٽي، ڪير هٽ لائي؟ منهنجو پٽ محسن، پنهنجن دوستن مارڪ ۽ ڊيونڊرا سان باهر ويل آ، منهنجي ڏيءَ آسيا کي شادي ڪئي بہ مهينا ٿي ويا آهن. ڪوئي بہ تہ ڪونهيم. ۽ اڄ جڏهن آسيا جي شاديءَ کان پوءِ اها پهرين عيد رات آ تہ مون پنبڻن ۾ ڪنهن شيءِ کي اٽڪيل پانيو آ. منهنجين اکين ۾ تون اٽڪي پئي آهين نمنا، لڙڪن جي صورت ۾. اهي لڙڪ مان تنهنجي محبت جي رومال سان اگهي ڇڏيندم، پر اگهڙ کان پهرين مان پنهنجين اکين کي ڏنڊلو ڏسڻ ٿوگهران.

"پڊ!"

توڏي ڏٺو هوم، هٿن کي پيالو ٺاهي، منهن رکي، مون ڏي ڏسي رهي هئينءَ. سڏ ڪيو مانءِ تہ جواب ۾ مرڪ منهن تي آئي هيئي.

"هونهن."

"هي سنيپ تہ ڏس!" مون ايئرڪ سن اينڊ ڪمپنيءَ جو ڪئلينڊر توکي ڏيکاريو هو.

"چو، ڪا خاص ڳالهہ اٿس چا؟" تو پيالو ٿوڙي منهن کي آجو ڪندي پڇيو هو.

"ڏس تہ سهي." مون ٻانهن کان ڇڪيو هو مانءِ. "اڇ!"

تون ڪئلينڊر تي جهڪي آئي هئينءَ. ان تي هڪ گهر جو فوٽو هو. خوبصورت ترين گهر. ٽڪرين ۾ گهريل، اڇي رنگ جو. جنهن جي چت ۽ بالڪنيون ڪاٺ جون هيون ۽ بالڪنين ۾ گل لڱل هئا. ٻاهران

نظر ايندڙ درين جي شيشن پنيان آف وائيٽ رنگ جا پردا لڳا هئا. گهر باهران لان ۾ هڪ ڪاٺ جي بئنچ پيل هئي. لان ۾ پيلا پيلا گل هئا ۽ هڪ طرف پينگهو به لڳل هو.

"خوبصورت آ." تو غور سان ڏسندي چيو هو.

"اهو منهنجو آئيڊيل گهر آ. جڏهن مان توکي ساڻ ڪري سئزرلئنڊ هلندم نہ، تہ نمنا منهنجو واعدو آ، پاڻ اهڙي ئي گهر ۾ رهنداسين."

"چريو آهين چا!"

"نہ، مون اهو فوٽو الائي ڪڏهن کان سنياليو رکيو آ، رڳو توکي ڏيکارڻ لاءِ. جڏهن تون انهن درين جا پردا سرڪائي پنهنجن ٻارن کي سڏيندين ۽ سپوز وڏي هوندي جڏهن هو پرڻجي ويندا تہ پوءِ تون مون کي لان مان اندر گهرائيندينءَ تہ حياتي ڪيڏي نہ عجيب لڳندي جانان!" مان صفا جذباتي ٿي ويو هئم.

"اڙي هاڻي نهيو. بلڪل پيسيمسِٽ آهين. اهو به تہ ٿي سگهي ٿو تہ تون ڪنهن ٻيءَ سان شادي ڪري، پنهنجي اولاد کي پرٽائي، پوءِ ان ئي پردي کي چڪي. ان سان پنهنجا ڳوڙها اگهين ۽ مون کي ياد ڪري وايون ڳائيندو وتين: توکي ياد ڪري اونمنا، اکڙيون پرجي آيون."

"نہ پليز." مون رڙ ڪئي هئي، "اڄ چنڊ رات آ، چوندا آهن ان رات ڪاڻ ڪا گهڙي مقبوليت جي هوندي آ. اهڙي وائي تہ واتان نہ ڪڍ. ڪهڙي خبر هيءَ ئي اها گهڙي هجي."

۽ تو مان ڪري ڪنڌ جهڪائي، منهنجن وارن کي چميو هو. اهو تنهنجي معافي ونڊ جو مخصوص انداز هو.

۽ جانان، اڄ اها ئي ڳالهه آ، اهو ئي گهر آ پر تو بن.

هتي اهي ئي آف وائيٽ پردا آهن. اهو ئي عمارتي نقشو آ. پر ناهين تہ تون ۽ سوچيان پيو هيءَ جاءِ آهي گهر تہ ڪونهي. ماڻهو ڏينهن ۾ ڪنهن جاءِ کي گهر ڪري ونندا آهن. مان ورهين ۾ به گهر کي گهر ڪري ڪونہ سگهيو آهيان.

هونئن ڏس نہ ڪيڏو عجيب رشتو آ چاهتن جو بہ! اول اول جڏهن انسان ها ڪندو آ، ڪنهن ساڻ هلڻ جي، يا ڪو ٻيو پنهنجي وجود سان گڏ وڪون ڪٽندو محسوس ٿيندو آ تہ پوءِ سڀ رستا چڙ ايُوبيا يا نٽيا گليءَ جا هجن، ڊگها، سهڻا، ٻنهي پاسي وڻن سان پريل ۽ هيڪلا. چاڪاڻ تہ چاهت انسان کي سيکاريندي ئي هيڪلائيءَ جو سفر آ نہ! پوءِ جيڪڏهن هلندي هلندي اوچتو اهو رستو ٻواٽو ٿي وڃينَ ۽ مجبوريون انسان کي الڳ رستي تي هلائن تہ ڪيڏو نہ شديد احساس ٿيندو آ ڦُرجڻ جو!

۽ مان زوردعلي، جڏهن پنهنجي محبتن جي ايوبيا جا سڀ رستا تو سنگ لتاڙي، ان اوچتي ٻواٽي تي توکان الڳ ٿي، هتي اچي پهتو آن، تہ خبر ٿئي مون وٽ ڇا آ؟ تون، تنهنجو هر ڪو احساس، ۽ تنهنجا اقرار ۽ محبتون.

ڪرٽن جي ڪنهن پَر، تنهنجو هٿ جهلي چيو هئم، "اڇ، توکي تنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايان."

ان مهل رڳو ڪزن هئاسين. محبتون هيون تہ بہ اندر ۾ ڊهيل، ڪنهن پانڌاري ۾ پيل سِڪن جيان. چڙ چڙ جي چنڪار سان پُر، پر ٻاهران نظر اچڻ ڪان معذور.

تو آهستگيءَ سان هٿ ڇڏائي چيو هو "نہ، مان انهن ڳالهين تي اعتبار نہ ڪندي آن."

"ڇو؟"

"بس، الائي ڇو نہ."

۽ ان مهل مون سوچيو هو، زورُ هن سامهون جهڪ نہ. هن جي وجود جي پانڌاري کي پنهنجي محبتن جي سِڪن سان پرجڻ ڏي، انتظار ڪر تہ ڪو تنگيءَ جو پَل اچي، پانڌارو پيجينَ ۽ سڪا چڙ چڙ ڪندا نڪري اچن.

پوءِ ڪيتريون ئي رُتون گذري ويون، هڪ ٻئي سان گڏ هلندي لائيف شيئر ڪندي، نہ تون ئي ڪجهہ ڪيندي هئينءَ ۽ نہ وري آئون.

۽ هڪ پيري عيد جي ٻئي ڏينهن، گهر وارن چيو "اڄ ڏسون تا زوروءَ جي نجومت، ڪيستائين ٽي هلي."

پوءِ مون نندڙي ڪوٺيءَ ۾ ويهي واري واري سان هٿ ڏسڻ شروع ڪيا هئا. در تي دادا ٻه ٻه رپيا في بندو وٺي رهيو هو. ۽ ان مهل ئي جڏهن نجما آپا جي وڃڻ کان پوءِ مون 'نيڪسٽ' جو نعرو هنيو هو ته تون اندر آئي هئينءَ. سامهون ڪرسيءَ تي ويهي، شرارت سان مون ڏي ڏسندي تو هٿ ڏيکيڙيو هو.

"فرمايو سائين، ڇا آهي منهنجي هٿ ۾؟"

"ساري، مان تنهنجو هٿ ڏسي نه ٿو سگهان." مون صاف انڪار ڪيو هو.

"ڇو؟"

"بس الائي ڇو نه." مون تنهنجو ئي چيل جملو ورجايو هو. تنهنجي منهن تي پهرين ته الائي ڪيترا اداسيءَ جا رنگ آيا هئا. پوءِ آخري جملو ٻڌي تو مرڪيو هو.

"بدلو ٿو وٺين؟"

"نه." مون انڪار ڪيو هو.

"ته پوءِ ڏس نا!" تو ليلايو هو.

"نه."

۽ ان مهل ئي دادا کي مون رڙ ڪري چيو هو "دادا، مان نمنا جو هٿ نه ڏسندم."

"اڙي ائين نه ڪجانءِ. ان لاءِ منهنجي سخت سفارش آ. خبر ٿئي هن ته پنج رپيا ڏنا آهن، هٿ ڏيکارٽي."

۽ مون مڙي توڙانهن ڏٺو هو. تو رئي کي وات ۾ پکوڙي، شرارتن سان ڪلي ڪنڌ جهٽڪيو هو.

"پڇي سگهان ٿو ڪهڙي خوشيءَ ۾ توهان کي هٿ ڏيکارڻ جي ريچڪ ڪنيو آ، جڏهن ته توهان کي اها ڳالهه پسند به ناهي؟"

"توهان رڳو هٿ ڏسو نجومي صاحب. پئسو مليو جان ڇڏي. هاڻ پنهنجو ڪم ڪريو."

تو وري رئو وات ۾ وڌو هو. جڏ ڪل روڪيندي هجين، ۽ مون ڪاپو هٿ جهلي توکي ٻڌائڻ شروع ڪيو هو. پهرين تنهنجي ڪل گم ٿي ۽ پوءِ جڏ سڃو وجود ئي الائي ڪيئن ٿي ويو هيئي. تو رڳو ها پئي ڪئي. نہ ڪري ٻہ نہ پئي سگهين. منهنجو علم ۽ منهنجي سئڪالاجي ڪنهن ڪنهن کي نہ پڪڙي سگهي هئي نہ تہ هر ڪو ڪليل ڪتاب جيان هو.

تنهنجي منهن ڏانهن ڏسندي چيو هئم: "تون اقرار ۾ اڳرائي ڪرڻ نہ ٿي گهرين. ائين نہ؟ ۽ جنهن سان تون محبتون ٿي ڪرين، ان ڇسي انسان کي ان ڳالهہ جي ڪا خبر ئي ڪانهي. آهي نہ؟"

تو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو ۽ ان مهل الائي ڪيئن ڇڏ ڪنهن ڪو پاندارو منهنجي ڪنن ۾ وڃايو هجي.

ڪجهہ ڪن رکي پڇيو هو مانءِ. "هڪ ڳالهہ چوان، مائينڊ تہ نہ ڪندين؟"

"نہ." تو منهنجي منهن ۾ ڏٺو هو.

۽ ان مهل الائي ڪيئن ذات جي سيني اعتماد کي گڏي توکان پڇيم: "Do you love me?"

هڪدم الائي ڇا ٿي ويو هو. تنهنجو هٿ اڻ- لکو ڏڪيو هو. رئي جو پلاند هٿ تي ويڙهيندي، تو کن لاءِ سوچي چيو هو. "Yes."

"From how much time?"

"I don't know."

"Approx?"

تو کن وري سوچيو هو ۽ پوءِ ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هيئي.

"I really don't know."

اهي چار جملا، اهو مغرب کان پوءِ سڄ گم ٿيڻ مهل اوندهہ جو اثر ۽ اهو رئي جو پلاند ۽ آڳر، منهنجي حياتيءَ جو موهہ آهن. مون وٽ ٻيو

آهي ئي چا؟

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان، تنهنجي ساڻ بابت ته ڪيڏو نه عجيب لڳندو آ! اهو وقت جيڪو توسان گڏ حياتيءَ جي مالها ۾ پويو هئم ۽ بي فڪرا پَل اسان جي هٿن مان ترڪندا هليا ويا. ساهه سيباڻين گهڙين ۾ به اسان ڏکن ۽ سورن جي سٽن کي منهن ڏنا. گڏ هوندا هئاسين ته به جداين جي احساسن سميت، جڏ ڪنهن بور سئنيما ۾ انسان ڪنهن من پسند فلم ڏسڻ لاءِ بائونڊ هجي.

"اڄ چنڊ ڏسون."

رات جي راڻيءَ جي پريان اوندهه ۾ تنهنجو هٿ جهلي، توکي گهليندي اندر وٺي آيو هئم. بئگ مان دوربيني ڪڍي تنهنجي ڳچيءَ ۾ پارائي هئم.

"هان اڄي وڃ. هاڻي ڏس چنڊ."

تو پنهنجو مخصوص مُرڪ سان مون ڏي ڏٺو هو. "زوريءَ ڏيکاريندیم چا؟"

"ها، نه ته گهر وارا ڪو هن مهل پاڻ کي اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ڏيندا چا، اهو ئي هڪ بهانو آ."

چوڻ لاءِ چئي ته ويم پر هڪدم ڦڪو ٿي ويو هئم. تون الائي چا سمجهين ته توسان اڪيلائيءَ ۾ اوندهه ۾ چو ٿو ملڻ گهران. توڏي ڏٺم ته تنهنجي منهن تي ڪوبه تاثر ڪونه هو.

بانهن کان جهلي باهر پڌر ۾ وٺي آيو هيومانءِ. پريان مما نماز پڙهندي پڇيو هو. "زورو، چو ٿو نمنا کي تنگ ڪرين- هاڻي وري چا سُجهيو اٿئي."

"ڪجهه نه مام، مان ته نه، هن نموري کي ئي چنڊ ڏسڻ جو شوق ٿيو آ. پڇوس ڪٿي."

۽ تو هڪدم ڏڪي امان ڏانهن ڏٺو هو. مون ڏي ڏٺئي ته ڪنڌ ڦيري ڇڏيو هئم.

عجيب انداز سان الائي ڪيئن جملو اچاريو هيئي: "ها مما، مون ئي چنڊ ڏسڻ پئي چاهيو. هن مهل ڪجهہ وڏو آ نا!" تو هڪدم جملو چئي مون ڏانهن ڏٺو هو. امان نماز پڙهڻ ۾ وري لڳي وئي هئي ۽ مون توکي ٻاهر پٽ جي پرين ويهاريو هو. تنهنجو رنگ ڪجهہ ديرِ لاءِ الائي ڪيئن ٽي ويو هو. منهن ۾ ڏسندي چيو هومانءِ، "ٽٺنڪ يو."

تو ڪجهہ نہ چيو هو. دوربيني اکين تي رکي چڏي هيئي.

۽ ان رات مون توکي ٻانهن کان وٺي، حياتيءَ ۾ پهريون پيرو ڪنهن عورت جا وار چميا هئا. اهو ڪن پل مون کي اڄ بہ ياد آ. تنهنجا وار، منهنجا چپ ۽ ڇهاءُ ۽ تنهنجو مهڪندڙ وجود. مون توکي وارن چمڻ کان پوءِ غور سان ڏٺو هو. تون ڪلندي خاموش ٽي وئي هئينءَ. تنهنجو ڪنڈ منهنجي ڪلهي تي آهلجي پيو هو ۽ مون انهن ٻلن ۾ جهونگاريو هو:

"Ever and ever, forever and ever,
You will be the one,
That shines on me like a morning sun."

ان رات جو هڪ هڪ پل، منهنجي حياتيءَ جو ڪل سرمايو آ. هونئن بہ ڪيئن نہ راتين جون راتيون پاڻ گڏ ويهندا هئاسين. توکي خبر آ نمنا، تو کان سواءِ مون ڪنهن کي بہ پوري رات پاڻ سان گڏ گذارڻ لاءِ نہ ڏني آ. پلي مون کي ننڊ نہ اچي، پلي ڪمپني ڪهڙي بہ سٹي چو نہ هجي، مان وڏ ۾ وڏ ٽين تائين ڪنهن سان گڏ ويهندو آهيان. سڄي رت تہ تنهنجو حق آ. ڪنهن ٻئي کي ڪيئن ڏيان؟

۽ ان رات چنڊ ڏسڻ جي بهاني ڪيتري دير ئي ويٺا هياسين. گهر وارا آيا، بہ منٽ ويهي هليا پئي ويا. ڪوبہ آيو پئي تہ دوربيني تنهنجين اکين تي پئي آئي. تو ان سان چنڊ جي غارن تي پئي ڳالهايو ۽ پريان مون ائين ئي ڏاڪڻ تي ويني پئي اليهر جا پن پٽيا. ان رات تہ سڀ چڙ چنڊ جي ڪري پئجي ويا هئا. ۽ جيڏي مهل اکيلايون پئي مليون تہ ڪيئن نہ مون دوربيني تنهنجي اکين تان لاهي پئي چڏي.

"چنبر تہ ڏسڻ ڏي نہ!" تو کل کل ۾ ڏڪي طور پئي چيو.

"مون کي پنهنجين اکين ۾ ڏسڻ ڏي، اڄ تہ الائي ڇو ايمان ٿو خراب ٿئيم."

توکي وارن کان جهلي پئي ورتم ۽ تو هر هر آهستگيءَ سان پاڻ کي ڇڏايو پئي.

"زورد، ايڏو جذباتي نہ ٿي. منهنجي ايڏو ويجهو نہ اچ." ۽ مان پاڻ جذبن جي تپش کان گهبرائجي توکان کن پل لاءِ پري پئي ويم.

ڪجهہ ڪَن رکي تو بند مٽ کولي مون کي سڏيو هو: "زورد، اچي وڃ."

مان ويجهو نہ آيو هئم، پريان ئي پچيو هئم، "چاهي؟"

"سوپاري ۽ سونف."

"تون کاءُ نہ!"

مون سختيءَ سان ڪنڌ ٻئي طرف ڦيري پئي چڏيو. ان مهل تون الائي ڇا هئينءَ ـ ڪو چنبر ٽڪر، ڪو آتشين پيڪر.

"تو سواءِ کاوان؟" تون مون ڏانهن ڏسندي ڏسندي ڪنڌ جهڪائي چڏيو هو.

"ويجهو اچڻ ڏين نہ ٿي، باقي سوپاري سونف کارائڻ لاءِ تڪڙي آهين، ائين نہ؟"

تون ٻارن وانگر هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو ۽ مون کي تنهنجي انداز تي کل اچي وئي هئي. ويجهو اچي، تنهنجي هٿن مان ڪجهہ سوپاريون ۽ سونف کڻي، مون تنهنجي ٻئي هٿ کي تيزيءَ سان جهلي پڪڙيو هو. تو هٿ نہ ڇڏايو هو. بس ٻئي هٿ ۾ بچيل سوپاريون ڦڪي، دوربينيءَ جي ڪاري راڊ تي پرسينگ ڪئي هئي. ۽ ان مهل تنهنجو اهو وجود، تنهنجي اها خوشبو ۽ ان هٿ جو ڇهاءُ، اڄ بہ مون کي چنبر جي غارن ۾ جهاتيون پائيندي محسوس ٿيندو آ.

هي محبتون هونديون بہ تہ ننڍين ننڍين سُرڪن جو مجموعو آهن

نا ڪيڏيون نہ معمولي ڳالهيون ڪيڏيون نہ خوبصورت لڳنديون آهن قربتن ۾ پوءِ اهي معمولي لفظ ۽ ادائون سڄي عمر جي اسڪرين لاءِ جڙ سينما اسڪوپ ٿي ويندیون آهن.

ڪيڏو نہ وڌهندا هئاسين پارڻن جيان! هڪ ٻئي کي هلڪا ڏڪ هٽن. صوفن جا ڪُشن وهائڻ ۽ وس پڄي تہ پري محفل ۾ ڪو هڪ عدد جملو آهستگيءَ سان چيل پر ٽانڊن جهڙو پوءِ جڏهن هڪ ٻئي کان سواءِ نہ سرندي هئي تہ پرچي پوندا هئاسين ائين ئي چڙ هير گُهلڻ نہ گهري خوشبوءِ کان سواءِ.

"تو وارن کي ڪلپ چوهنئي، کولئي چو ڪونہ؟"

"منهنجي مرضي، منهنجا وار آهن، تنهنجا تہ ڪونهن." تو هيئين چپ کي ڏندن ۾ پکوڙيو هو.

"تنهنجي وارن تي منهنجو ڪو حق ناهي؟" مون کي الائي ڇو جوڪي اچي وئي هئي.

"نہ." تون مون ڏانهن ڏسندي انڪار ڪيو هو.

۽ مون ساهہ ۾ الائي ڇا هُرندي محسوس ڪيو هو. مان ڪري ڪنڈ ٻئي طرف ڦيري ڇڏيو هئم. الائي ڪيترا پَل ائين ئي گذري ويا هئا. پوءِ تو ئي سڏيو هو:

"زوردا!"

"هونهن." ڪنڈ ائين ئي هئم.

"تون ڪيڏو نہ عجيب آهين. هڪدم چڙيو پوين. ٻڌ، هي سڄو وجود ئي جڏهن تنهنجو آ تہ رهگو وارن جي لاءِ ڇو پچيئي؟"

مون ڪنڈ ورائي توڏانهن ڏٺو هو. تنهنجين اکين ۾ هلڪو پاڻي هو. مون کي پنهنجي نادانيءَ تي پشيماني هئي.

"ٻڌ جانان! اسين محبتن ڪرڻ لاءِ ها تہ ڪندا آهيون، پر پوءِ پنهنجين محبوبائن سان صحيح ڊِيل ڪري ڪونہ سگهندا آهيون. مان بہ شايد ائين ئي ٿو ڪريان. يار اڳ ۾ ڪنهن سان عشق ڪرڻ جو تجربو

ڪونهيم نہ، ان ڪري مڙئي توکي اُگرو ٿو لڳان .. O.K I'm sorry مون هٽ ٻڌا هئا ۽ تو هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جڪڙيو هو.

هونئن اسان قربتن جي هر پَل کي ميڙڻ گهرندا آهيون. قربتون هونئن به ته ڪنهن پرفيوم جي هڳاءُ جيان هونديون آهن نہ، ڪنهن وقت جي ڪپڙي تي لڳل، جدائيءَ جي ڏوبيءَ هٿان ڏوپجڻ جون منتظر.

اسان ٻئي به ته پري پري رهندا هئاسين نہ. پوءِ جڏهن ڪنهن عيد تي يا ڪنهن ڪم ڪار جي سلسلي ۾ ملندا هئاسين ته ڪيئن نہ اندر جو انسان مرڪي پوندو هو! جئن ئي پاسي جڻ خوشبو هوندي هئي، ٻرپور پر هلڪي.

"اڄ موسم ڪهڙي نہ خوبصورت آ!" تو سوڙ چڪي ويڙهيندي ماريا کي چيو هو.

"ها، باهر ڪڪر آهن زبردست سيءُ آ ۽ گهر ۾ زبردست بوريت آ. ان کان وڌيڪ ڪا خوبصورتي هونديا!" هن 'ٽائيم' ٻئي پڙهيو ۽ پريان هڪ ٻئي هنڌ ۾ ويڙهجندي سيڙهجندي، مون توڏي نهاريو هو. تنهنجا ڳل تپش ڪري الائي ڪيئن ٿي ويا هئا. تنهنجا وار وهاڻي تي پکڙيل هئا ۽ ان مهل ئي ماريا رڙ ڪئي هئي:

"ادا زورد، ڪجهه خيال ڪيو، ائين ته نہ ڏسو آخر مان به..." هن ڳالهه ڪري ڪنگهيو هو ۽ مان جڻ وائڙو ٿي ويو هئم. تو مٿن کان وهاڻو ڪڍي، ماريا کي وهائي ڪڍيو هو.

"چو ٻئي، چا ٻئي ڪيو مون؟" مون هن ڏانهن نهاريو.

"توهان آپا کي..." هن وري جملو ڪٽيو هو.

"ها، چا ٻئي ڪيو مون تنهنجي آپا کي؟" مون منهن جي پڪائي ڪئي هئي.

"الا، توهان ٻئي ڪيڏا نہ هُو آهيو، سيني جي سامهون ئي هڪ ٻئي کي گهوريندا وتو." هن 'ٽائيم' جا پنا تيز تيز اٿلايا هئا.

"بيوقوف!" مون رسالو ڦُري سندس متي ۾ وهائي ڪڍيو.

"نمنا ته دراصل مون کي اشارن ۾ سمجهايو پئي ته 'علي بابا' جي فلائنگ ساسر ۾ پستا چانهه آندي وڃي."

ماريا کي سنيالڻ جي اها هڪ ئي ترڪيب هئي. نه ته وات ڦاٽي هئي، الائي ڇا ڇا چوي ها.

"سچي؟" هن ڏوڏا ڦاڙيا.

"ها، جناب."

"پوءِ اُٿو نا!" هن سوڙ ڇڪي هئي.

"پر هڪ پرابلم آ."

"ڪهڙو؟"

"پئسا ڪونهن."

"پوءِ ڏوڙ چانهه ۾ ساسر ايندي."

هن منهن سڃايو هو مون وري بازي ڦرندي ڏٺي. هڪدم ڳالهه مٽي ڪنيم: "اڙي نه نه. هڪ ترڪيب پي به آ. آنٽيءَ کي وٺي اڄ ته تون ۾ آنٽي، مان ۾ نمنا، تاش ٽا کيڏون، جيڪو هارائي سو بِل ڀري."

"چڱو مان آنٽيءَ کي وٺي اچان."

هوءَ وڻڪ وئي هئي ته مون توکي سڏيو هو: "بڌ، تنهنجو هي عشق مون کي ڪنگلو ڪري ڇڏيندو."

"مون چيومان۽ ته 'علي بابا' جي آفر ڪر؟"

"نه يار. هيئن ٽا ڪيون ڪٽي ته مان پتو ٿو ڦيرايان، پلي بِلُ آنٽي ۾ ماريا ڀرين."

پوءِ تاش کيڏنديءِ هزار چالاڪين جي باوجود به اسان هارائي ويا هئاسين. پوءِ ته آنٽيءَ ۾ ماريا جهان ڪٽي مٽي تي ڪنيو ته اڏ ڪلاڪ اندر بل ڀريو وڃينَ. تو مون ڏانهن نهاري هو:

"اڃا ڪيڏ."

"هاٽي ڇا ٿو ٿي سگهي. ڪيڏ ٽيهه رپيا." مون پئسا گهريا هئا.

"مون وٽ ته ڪونهن."

"تہ ست ئي مان ڏيندم چا؟"

"نہ تہ مون آفر ڪئي هئي؟"

"يار ڪجهہ ئي ڏي ڪٽي. ويهہ رپيا ڪن."

"ساري"

"ساري" مون تنهنجا تال ڪڍيا هئا، "نہ ڪيان ها اها آفر تہ اها ماريا الائي چا چا بڪي ها."

"You are not true lover. Aren't you?"

"I am a true businessman, نهيو نيڪ آ."

ان ڏينهن مون ان بل کي پريندي، تو ڏانهن ڏٺو هو. تو ساسر کائيندي ماريا کي چيو هو "اڳي تہ ايڏي مزيدار نہ هئي. اڄ مڙئي سواد وڏي ويو اٿس."

ڇ ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ مون پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ ڪا شيءِ محسوس ڪئي. ڏٺم اتي ٽيهہ رپيا رکيل هئا.

"هي پنج رپيا وٺ."مون نوٽ توڏي وڌايو.

"ڪٽان آيا؟"

"ان بل مان بچيا هئا."

"تون رکي ڇڏ."

"اڙي وٺ ڪٽي، ڪو توکان پنان پيو چا؟"

"پيو نہ تہ وري.."

تو پريان اميءَ کي ايندو ڏسي، آهستي اهو جملو چئي 'مئگ' کولي سامهون ڪيو هو ڇ مون ان مهل ڪسڪ ۾ ئي عافيت پائئي هئي.

اهي پَل هوندا بہ تہ ڪن نمبر لڳل ٽنين جيان آهن نا انسان ڪنهن تيزيءَ سان ويندڙ ٽرين جي مسافر جيان، اندران وينو پيو ڳڻيندو آ: ڏهہ سؤ اسي، اٺ هزار هڪ ڇ الائي چا چا.

توسان گڏ هوندي، منهنجين محبتن جي ٽنين جو ڪوبہ نمبر نہ هوندو هو.

"پنهنجو هٿ ته ڏي"

تنهنجي ساهيڑيءَ جي گهران رات جو گهر موٽندي، مون اوندهه ۾ هلندي توکي ڏٺو هو. پريان روڊ تي برندڙ اسٽريٽ لائيٽ ڪجهه ڊِهِ هئي. تو ساڃو هٿ وڌايو هو.

"هيءُ؟"

"نه، ڪاپو ڏي" مون تنهنجو ڪاپو هٿ، پنهنجي ساڃي هٿ ۾ جڪڑي، توکي پنهنجي ويجهو آندو هو. تو هٿ کي هلڪو لوڏيو هو.

"ڇڏاءِ نه. ائين ئي رهڻ ڏي"

مان ڏاڍو اُداس هئم. ان رات جي صبح تي توکي واپس وڃڻو هو. محسوس ڪيم، مان جي ائين ٿي ويس ته توسان ته الائي ڪهڑي حالت هوندي، توڏي ڏٺم، تنهنجو ڪنڌ جهڪيل هو. مون سان گڏ هلندي، تنهنجو مٿو منهنجي ڪلهي کي پئي لڳو.

مون ان مهل اندر جي عذابن کي لڪائڻ چاهيو هو: "نم، آسمان تي ڏس."

"چا ڏسان؟"

لڳم، تنهنجو لهجو ڪجهه پريل هو. مون کان ڳالهايو نه پئي ٿيو. زور ڪري پئي چڙ لفظ ڪڍيم.

"اتي ٽيڑو ڏس. صدين کان ائين ئي آ، هڪ هنڌ بينل. ان ۾ تي تارا آهن نه. ساڃي پاسي وارو تون آهين ۽ ڪابي پاسي وارو مان ۽ وچ ۾ جيڪو ستارو آ نه سو تنهنجو منهنجو پيار آ، ڪنهن جلد جيان، بن ٽلهن ورقن ۾ محبت جي وکريل پنن کي ڳنڍيندڙ."

تو ڪجهه نه ڪيو هو. ماڻ ڪري ساڻ هلندي رهي هئينءَ. مون توسان ان رات بيحد ڳالهايو هو. تو ڪيڏي مهل منهنجين چرين جهڑين ڳالهين تي مرڪيو پئي ته ڪيڏي مهل اداس پئي ٿئينءَ. ۽ موٽ مهل گيٽ وٽ ايندي، مون توکي ٻانهن کان جهلي بيهاريو هو.

"ترس، اندر نه هل."

"چو؟"

"مون کي پاڻ ڏسڻ ڏي. اندر هلندينءَ تہ وري گهر وارن وٽ ڦاسي ويندا سين."

"چگو. ڏس مون کي."

تو کجهہ چڙ مان چيو هو ۽ مون محسوس کيو هو تہ ايندڙ جدائيءَ جا احساس توکي ڏنگي رهيا آهن ۽ تو مون کان جلدي الگ ٿيڻ ٿي چاهيو. ان مهل مون کي کو احساس کونہ هو تہ گهٽيءَ ۾ کير ٿو اچي، کير پيو وڪي. مون توکي گيٽ پلر جي پرسان بيهاري، تنهنجي پيشانيءَ جي وچ تي، وارن شروع ٿيڻ واري جڳهہ تي چميو هو. تنهنجي اکين ۾ هلکو پاڻي هو. ۽ پوءِ گهر اچي، جڏهن رات جو دير تائين، سڄي گهر وارا کچهريءَ ۾ لڳل هئا تہ مون سيني وچ ۾ ويهندي، توکي کيڏي کڏي مهل ٽيڏيءَ اک سان ڏٺو ٿي. تنهنجي وجود ۾ جڙ کا جسم تي ٽيندڙ اسکينگ ٽيندي هجي- رگڙجندڙ، چٽنگون کيندڙ. ٻئي ڏينهن صبح جو مون توکي ٽرين ۾ ويهاري، دريءَ کان اچي ماريا کان پڇيو هو: "کوک هلندي."

"شوق سان." هن ڏند ٽيڙيا هئا.

"تون چا پيئندينءَ؟" توکان پڇيم.

"ائپل."

امان جي مون کي خبر هئي تہ پيپسي پيئندي هئي. بوتلون آندم تہ ماريا اک بچائي هک ائپل کڻي ورتي. پوءِ تو ۽ مون وٽ هک ائپل ۽ هک کوک بچي هئي. کجهہ پل رکي، کجهہ ڏک پري تو کوک مون کان ورتي هئي.

۽ جنهن مهل مون اڏپيتل ائپل مان ڏک پئي پريو تہ پريان امان کي ماريا چوندي اسان ڏانهن نهاريو: "امان کي کي ماٺهو هوندا آهن نہ، تن جي بوتلن ۾ بہ هکجهڙي چوائس هوندي آ. ان ۾ بہ هک ٻئي کان سواءِ کونہ سرينَ. هو منهنجي ساهيڙي آ نہ نجما..."

هوءَ الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ لڳي وئي هئي. ۽ مون اک بچائي تنهنجي مُنهن ۾ نهاريو هو. ۽ تنهنجي منهن تي ان مهل الائي ڇا هو. ڪا انڊلڻ، ڪا رنگ ريکا. ۽ پوءِ مون کي خبر پئي هئي ته اها ائپل تو ان ڪري گهرائي هئي، جو توکي خبر هئي ته مان ان کان سواءِ ڪا بي بوتل نه پيئندو آن.

هنن محبتن ۾ انسان وٽ ڪا شيءِ پنهنجي بچندي به ته ناهي نه ٿم. انسان سڄو ڪنهن رنگ ۾ رڱجي ويندو آ. تکو رنگ، پڪو نه لهندڙ. ان رنگ ۾ رڱجڻ کان پوءِ اڳ جا سيئي خراب توڙي سنا چٽ متجي ويندا آهن. پوءِ بس هڪ ئي رنگ بچندو آ، چڙهيل. ۽ انسان ان رنگ جهڙو ئي ٿي ويندو آ، چڻ اڳ الائي اهڙو هو ئي نه.

"پڌ."

"چاهي؟" تو 'نيوز ويڪ' تي جهڪئي جواب ڏنو هو. دريءَ تي ويٺي تو الائي گهٽي دير کان ويٺي ببل-گم چٻاڙيو ۽ رسالو ويٺي پڙهيئي.

"اڄ کان وٺي تنهنجا ببلز بند."

"آلا نا!" تو ڪتاب بند ڪري مون ڏي نهاريو هو.

"جي جناب. بلڪل بند ۽ ان سان گڏ جيڪو تون سڄو ڏينهن مينهن وانگر سونف سوپاريءَ جو اشتهار لڳي پئي هوندي آهين نه، اهي به ختم."

"نه نه نا!" تو ننڍڙي پار وانگر رينگڻ ڪيو هو.

"نمنا جي، مان پنهنجي فيوچر وائيف کي ڪنيسرَس ڏسڻ نه ٿو گهران."

"آلا زورد، ڪيڏو بي حيا آهين. ڪنيون ڳالهيون نه ڪندو ڪر." تون ڪجهه شرمائجي وئي هئينءَ.

"ڪنيون ڳالهيون ته ٿيندیون جيڪڏهن تو ببلز ۽ سوپاريون نه چڏيون."

"ڏس زورو، اهڙو سخت آردر نہ اِشو ڪر."

"مون کي تنگ ٿي اهڙو قدم کڻڻو ٿو پئي. هونئن نہ تون مڙندينءَ نہ مان." مون ڪاوڙ واري ائڪٽنگ ڪندي نخرو ڏيکاريو هو.

"ٻڌ، گهٽ ۾ گهٽ ڪا ڪوانٽٽي تہ چڏ، نہ!" تو ليلايو هو.

"چگو هيئن ٿا ڪيون، ببلز بند، سوپاري هڪ روز. ٺيڪ آ؟"

"ہہ پڙيون روز."

"نہ، هڪ. هڪ ڪان وڌيڪ بلڪل نہ."

"پلا اڄ تہ آڻي ڏينم. آخري پيرو تہ دل ڪولي ڪائي ونان."

"ها، اڄ جام."

مان ٽپ ڏئي بازار ڏانهن پڳو هئم. ونئي گهر آيم تہ تون دادا سان گڏ ويٺي هئينءَ. مان مات ڪري اندر اچي ويو هئم. دادا پلنگ تي ليٽيل هو. منهن تو طرف ۽ پٺ مون طرف هئس. تون مٿو ڏکيو ڏاڍي آرام سان ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيو ويٺي هن سان ڳالهيون ڪيون. مون مات ڪري ويٺي 'سب رنگ' جا پنا اٿلايا. ڪجهہ پَل رکي، جڏهن دادا وري ڪتاب پڙهڻ لڳو تہ تو اشاري سان پچا ڪئي: "آندئي."

مون ڪنڌ لوڏيو هو: 'ها.'

تو وري اشارو ڪيو هو: 'ڏي نہ.'

سوچيم ڪيئن ڏيان. ڪتاب کولي وچ ۾ وجهي، توکان پڇيم: "نمنا، تو هي سب رنگ ۾ جهرڪ جهرڪيءَ وارو لطيفو پڙهيو آ."

"نہ مون تہ. سب رنگ ڏٺو ئي ڪونهي، ڏيکار تہ."

۽ مون ڪتاب آڻي تنهنجي ڪچ ۾ رکيو هو. ۽ ان مهل دادا مٿان هلي آيو هو. "ڏسان تہ ڪهڙو لطيفو آ."

۽ مون کي ان مهل پنهنجي بيوقوفيءَ تي ڪاوڙ آئي هئي. ڪتاب کوليو هئم تہ بہ غلط جاءِ تان. ۽ پنن تي رڳيون ڪهاڻيون هيون. تو هڪدم ڪتاب پاسي کان جهٽڪيو هو. سوپاريون ۽ سونف اتي رئي جي اوت ۾ ڪري پيا ۽ تو هڪدم پنا اٿلائڻ شروع ڪيا.

"آلا ڪيڏانهن ويو. زورو هي ڳولي ته ڏي تو وارو لطيفو."

تو پنهنجي جان ڇڏائي، رئي جو پلؤ ويڙهي، سوپاريون لڪائي ٻاهر جي راهه ورتي هئي ۽ مون کي ان ڪتاب مان لطيفا ڳولڻا پيا هئا.

۽ اڄ، عذابن جي اڻ-ڪٽ سلسلن مان لنگهندي، منهنجي چؤطرف جڙ هوائن جا گهوگهٽ هجن- ڪو طوفان، ڪا واڄ، ڪو ٻڪرار مينهن. اتي وطن ۾ اتر اوپر جي ڪنڌ وٽ مينهن چڙهندو هوندو ته اڄ به ماڻهو ان کي ٻڪرار چوندا هوندا نا! اتي، تنهنجي گهر جي اڳڻ تي ائين ئي ساوڻ لهندو هوندو ۽ پوءِ وسندڙ مينهن ۾، پنهنجي گهر جي ڪنهن ڪنڌ ۾ ويهندي، تو پنهنجي ڪاپي هٿ جي پٺ تي پنهنجا چپ رکيا هوندا، انهن احساسن سان ته مان جت به هوندم، ائين ئي ڪيو هوندم.

"نم سويٽي، هڪ ڪم ته ڪر."

تو ان مهل نٽنگ پئي ڪئي. ڪنهن سوئيٽر جو باربر پئي ناهيئي.

"چا ڪپئي، چانهه يا ڪافي؟"

تو هٿ روڪيو هو. مان جيستائين ڪجهه ڪچان ئي ڪچان، تو دريءَ جي ٻاهران نظر وجهي پريان ايندڙ ڪڪرن، ۽ جهڙ جي خوبصورت موسم کي ڏسي چيو هو: "پڪ ڪافي پيئندين؟"

"نه، مان توسان ڪچهري ڪرڻ ٿو گهران."

مون ڳالهه بدلائي هئي، جيتوڻيڪ آيو ڪافي پيئڻ هئم.

"نه جناب، هينئر نه. مان هن مهل سخت مصروف آهيان. ڏسين نه ٿو شام تائين باربر ناهي امان کي ڏيڻو آ، سوئيٽر پوري ڪرڻ لاءِ."

"پڌ، توکي ڏهون ڏينهن ته آهي ان باربر کي پورو ڪندي ايجا نه ٿو ٿهي."

"ٿوري سست آهيان نه." تو پنهنجي مخصوص انداز سان هينيون چپ پڪوڙي مرڪيو هو.

"تو ۾ ڪم اهو هو ته مون کي ايندڙ سياري لاءِ، ناسي رنگ ۾ هڪ زبردست قسم جو سويٽر ڪپي. ۽ جناب اهو تنهنجن هٿن جو هوندو. اهي

چتيون لڳل سويٽر مان ڪونہ پائيندم. باربر تنهنجو ناهيل. نمونو ڪنهن ٻئي جو."

"ساري مان نہ ناهيندم."

"ڇو؟"

مون کي انڪار تي تعجب ٿيو هو. ۽ ان مهل تو پنهنجين عادتن جيان، هلڪڙي آواز ۾ اچاريو هو: "تنهنجو سويٽر ناهيندم تہ زورد، تہ هڪ ڏينهن ۾ ئي ٿهي ويندو. پوءِ هي جي گهر جي سوئيٽر جو رڳو باربر ئي ڏهن ڏينهن ۾ ٿو ٿهي تہ گهر وارا ڇا چوندا؟"

"ٿوري ڪٽي دِلي ڪجانءِ."

"مون کان ڪونہ ٿيندي"

تو مرڪيو هو. ان مهل ٻاهر جي موسم جي خوبصورتيءَ کان وڌيڪ اسان جي اندر جي سونهن هئي.

توڏي نهاريندي چيو هئم: "تون اهڙيون خوبصورت ڳالهيون نہ ڪندي ڪر. مان جڏهن هتان ويندو آهيان نہ، تہ پوءِ ڪلاڪ وينو ڳٽيندو آهيان. پهرين ڪلاڪ، پوءِ ڏينهن، پوءِ مهينا، جيستائين توکي وري ڏسان."

تو باربر ناهڻ ڇڏي ڏنو هو. نِٽنگ ائين ئي ڪچ ۾ رکي، تو منهنجيون ڳالهيون غور سان ٻڌيون. ان مهل اهي آدرشي پَل بہ عجب هئا.

تو هڪدم ڳالهايو هو: "تون ڪلاڪن کي ڏسندو آهين ۽ مان منٽن کان شروع ڪندي آهيان."

"تون ڏاڍي بولڊ آهين."

"مان پنهنجي گهر وارن جي وچ ۾ ويهي دنيا جي هر موضوع تي ڳالهائي سگهندي آن، پر جنهن بہ وقت تنهنجو تذڪرو ٿيندو آ، تہ خبر ناهي ڇو منهنجي زبان ئي نہ هلندي آ."

"اهو سڀ منهنجين محبتن جو ڪرشمو آ، چري ڇوڪري"

"ڪڏهن انجام سوچيو اٿئي، ايڏين وڏين دعوائن جو."

"خدا انجام کي خوبصورت ڪندو نمنا جي. جذبا شديد هجن نہ، تہ محب ضرور ملندا آهن. اڄ کان هڪ ڪم ڪجانءِ سمهڻ کان پهرين پنهنجي ڪاپي هٿ جي پٽ تي هڪ ڪِس ڪري ڇڏجانءِ. مان هجان نہ هجان، پلي ڪنهن جو بہ ساڻ هجئي، اهو ڪم ضرور ڪجانءِ."

ءِ تو هاڪار ۾ ڪنڊ لوڏيو هو.

پر پوءِ الائي ڪٿان ڇٽيل ڊير سارن پنن، سائي گاهہ واري ڇپر کي ڏکي وڏو اهڙي طرح جو ذرو بہ تہ سائو نہ پئي نظر آيو. بس ساواڻ ءِ پيلاڻ ۾ڪس ٿي وئي. مون کان سپ ڪجهہ کسجي ويو- تون، تنهنجو ساڻ ءِ رفاقتون ءِ پوءِ جنهن شيءِ کان ڊنل هئم سا ئي ٿي هئي. مان تنهنجو ڪزن هئم تہ ماءُ طرفان ءِ تنهنجو پيءُ بي ذات ۾ ڏيڻ جو قائل نہ هو.

ماڻهو ملندا آهن سفر دوران. واقفيتون ٿيندیون آهن، ائڊريسن جي ڏي وٺ کان پوءِ جدا ٿيڻ مهل موڪلائي تہ سگهبو آ نہ؟ مان تہ توکان موڪلائي بہ نہ سگهيم. هڪدم سپ ڪجهہ ٿي ويو. ڪجهہ بہ تہ باقي نہ رهيو. نياز پنهور جي سٽن جيان: 'يار ان جو بہ ڪو سبب هوندو- مون جي مرڪڻ صفا ڇڏيو آهي.'

ءِ پوءِ مندن ويل، تنهنجي شاديءَ جي سال کن کان پوءِ، جڏهن هڪ پيري اوچتو مليا هئاسين تہ ڪيئن نہ آنٽيءَ ڪجهہ جملا چيا هئا: "اڙي توبنهن. اڳ ڪيئن نہ نمنا ءِ زورد تاس تي جهيڙا ڪندا هئا، ءِ هڪ پيري تہ بل پريندي روڻهارکا بہ ٿي ويا هئا. توبنهن، توبنهن، اهو بہ ڪهڙو زمانو هو! زوروُ پٽ، چپ چپ ڇو آن؟ سپ ڪجهہ ئي تہ ساڳيو آ. اجايو پيو نمنا کان ڦڪو ٿئين. پرڻجي وئي آ تہ ڇا ٿيو هي تہ اها ئي ساڳي آ. آ ماريا، کٽي آ تاس تہ اڄ ٿي وڃين."

ءِ مون ڦڪي مرڪ مرڪندي توڙانهن نهاريو هو. تون ڪيڏي نہ بدلجي وئي هئينءَ. سڄي شوخي ختم ٿي وئي هئي. جڻ ڪو موٽ هجين- ڪو مرڪندڙ بيجان مجسمو.

"توهان اڪيلا آيا آهيو ارشاد نہ آيو چا؟"

مون تنهنجي مڙس جي باري ۾ پڇيو هو. تون تڙپي وئي هئينءَ. سمجهيم 'توهان' جو استعمال نہ ويٽيو اٽئي. پر هاڻي تہ سڀ جملا 'توهان' سان ئي شروع ڪرڻا هئا. 'تون' جو تہ وقت ئي گذري ويو هو.

"نہ، ڪجهہ ڪم هئن."

وري بہ اها چپ. اڄ تہ ڪلائيندڙ وات ڦاٽي ماريا بہ چپ هئي. وقت هڪدم جيڪو وَر ڏنو هو سو ڏاڍو اوچتو هو ۽ منهنجي وجود جي سواري ان تي ايڏا پاڻ سنيالي نہ سگهي هئي.

"آ، ماريا!" مون ماريا کي سامهون ويهڻ لاءِ چيو.

"چو، مون سان نہ ويهندا؟" تو پڇيو هو.

"پلي پلي."

"اڄ مڙئي زورد ڪجهہ شرمائي پيو. شاديءَ کان پوءِ پهريون پيرو توسان مليو آ نہ!"

"نہ آنٽي، اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي."

مون پتا ورهائڻ شروع ڪيا هئا.

"هارائڻ واري تي 'علي بابا' جو ٻِل." تو مرڪندي چيو هو. اها هڪ مُرڪ منهنجي وجود جي مَرڪ هئي. جدائيءَ جا عذاب ڪيترا بہ گهرا چو نہ هجن، قربتن جي تڃ جيتري وجود کي بہ وسارائي نہ سگهندا آهن.

ان بازيءَ ۾ هن ۾ ڪيڏو نہ فرق هو. اسان ڪيڏياسين تہ پئي پر بي دليا. اڄ تہ اڪٻوٽ ڪري توڙي سنا پتا ڪيئن اڇلايان ها؟ تنهنجي هٿن کي پٽن ڏيڻ مهل، ڏئي، ڪيئن ڏبايان ها؟ ۽ هڪ بازي کٽي تنهنجن هٿن تي هٿ ڪيئن رکان ها؟ ان هٿ جي ميندي تہ ڪنهن ٻئي جي نالي جي هئي.

۽ راند ڪيڏي تو چيو هو "پاڻ اڄ بہ هارائي وياسين."

"مان چانهہ ۽ ساسر وٺي اچان."

"پئسا تہ ڪٽو."

"نہ نہ، مان وڃي اچان."

"نہ بابا ائين ڪيئن، ٻئي اڏو اڏ ڪيو." آنتي مٽان ٻيهي فيصلو ڪيو هو.

ڀتو پرس ڏئي چيو هو "ان ۾ سائيڊ پاڪيٽ ۾ جيڪي پنج رپيا پيا آهن نہ، اهي نہ ڪڍجو."

مون سائيڊ پاڪيٽ مان اهو نوٽ ڪڍي پڇيو هو "هي نہ ڪٽان؟"

"ها، اهو." تو ڀڳيت ڏني هئي.

ڀ مون نوٽ رکي پرس بند ڪري ڇڏيو هو. ان نوٽ کي مان نہ سڃاڻان ها تہ ٻيو ڪير سڃاڻي ها. ان مان تہ ٻہ سال ڦهرين جي موسم ڀ قربتن جي خوشبو پئي آئي.

پوءِ توکان جدا ٿيم تہ خبر ٿئي ڪيئن هئم: ڪنهن ڏنل ڪپڙي جيان- دڙڳ دڙڳ. مان آدرشي انسان، مرڪندڙ پَلن جو فليوَر ڪٽان وساري سگهان ها؟ هيڏانهن هليو آيم، ڀ اتفاق تہ ڏس نہ، گهر ورتم تہ ٻہ اهڙو ئي خوابن جو موهہ. سوچيم، گهر مليو ٻہ آهي تہ ڪڏهن، جڏهن گهر ڏيڃاڻي ڪانهي. پوءِ آسيا ڀ موسو منهنجي حياتيءَ ۾ آيا.

موسو ڪڏهن ڪڏهن پڇندو هو "پيا، مم ڪنهن جهڙي هئي؟" مان مرڪي هن جي ڳالهہ ٽاري ويندو هئم. يار ڪڏهن توکي ڊسڪرائيب ڪندي ڪندي، جڏهن اوچتو چپ کابي هڙ جي پڙ تي پهچندا هئا تہ هو هميشہ پڇندو هو، "پيا، توهان اهو ائڪشن ڇو هڙندا آهيو؟"

مان ڇا چوان، هتي ڇائو نپنو آ. تڏهن ٻہ مون ۾رپور ڪوشش ڪئي آ، ڪيس سنڊي اڇي. ڀ پوءِ انهن پَلن ۾ اسان تنهنجيون گهڙيون ئي ڳالهيون ڪندا آهيون. خيالي، الائي ڪهڑا ڪوڙ بدوڙ، ڀ نم جانان. ڪيڏي نہ عجب جهڙي ڳالهہ آ. دادا نثار کي جڏهن مان آسيا جي شاديءَ جو لکيو تہ هن موٽ ۾ جيڪي لکيو سو ڇا نہ هو. ان خط ۾ هڪ پئرا هئي- ورهين کان پوءِ مون لاءِ تنهنجي ڪا خوشبوءِ:

'ڪالهہ نمنا آئي هئي، چوي پئي هي زوروُ ڪهڙو نہ عجيب نڪتو

هيڏا ورهيہ ٿي ويا، جيئن سڀزرلئنڊ ويو تہ اکر نہ لکيائين. ۽ لکيائين تہ بہ چا؟ ڏيءَ جي شاديءَ جو. چئوس تہ زال جا فوٽو تہ موڪلي، ڏسون تہ ڪيئن آ، ان جي فيملي.'

خط لکڻ مهل دادا لکيو تہ تون ات وينل هئينءَ. او خدا، هنن پنن کي تو ڏٺو هوندو، هي لفظ تو پڙهيا هوندا!

۽ نمنا، منهنجي وجود کي انهن ستن ڏٺگي وڏو آ. هن مهل تنهنجو تصور مون سامهون آ: ڪن پارن جي ماءُ، ڪجهہ ٿلهي، ڪجهہ عجيب، وارن ۾ اڇيون تارون، هٿن ۾ هلڪا گهنج.

توکي ڏٺي بہ تہ ٽيهہ ورهيہ ٿيا آهن. مان پنجاهن جي سرحدن ۾ گهڙي چڪو آهيان. عمر جي اڌ صديءَ جو هڪ ڪوارٽر توسان گڏ گذاريل آ ۽ ٿي توکان الڳ. ۽ اڄ سوچيان پيو نمنا، تو اها ڀگالہ ڪيئن چئي؟ اتان جڏهن هليو هئم تہ آخري ڪم خبر ٿئي مون ڪهڙو ڪيو هو؟ مون ان گيٽ پلر کي چميو هو، جتي توکي ان رات بيهاري، تنهنجي وارن کي ڇهيو هئم.

۽ نَہ جي! اڄ ٽيهن سالن گذرڻ کانپوءِ نہ اڄ تائين چيوئنگ گم چکيو آ، نہ سوپاري. نہ ڪڏهن پنهنجي اولاد کي وارن تي چميو آ ۽ نہ ئي ڪڏهن کين کاڀي هٿ کان جهليو آ. نہ ڪڏهن ائپل کان سواءِ ڪجهہ پيتو آ. اهو هٿ، اها ذاتي نسبت تہ توسان آ. مان تہ اڄ بہ، ٽيهن سالن کان پوءِ بہ، سمهڻ کان پهرين پنهنجي کاڀي هٿ جي پُٺ کي ضرور چمندو آن. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ننڊ نہ ايندي اٿم تہ پوءِ احساس ٽيندو اٿم تہ اڄ ڪِس ڪونہ ڪيو اٿم. ڪندو آهيان تہ ننڊ ايندي آ. ٻڌاءِ چا اها سڄي تپسيا رک هئي؟ نہ، بلڪل نہ.

تون جيڪڏهن پنجن جو نوٽ رکي سگهين ٿي تہ مان بہ اهي سڀ ڪري ٿو سگهان. اهو ئي تہ محبتن جو معراج آ. جانان، تو زال جي فوٽو جي لاءِ چيو آ، مان ڪٽان موڪليان. آسيا ۽ موسو تہ هتان هٿ ڪيل آهن. هتي هڪ سنڌي زال مڙس هٿا، حادثي ۾ مري ويا، انهن جو اولاد مون

ڪنيو. تو ڪيئن چيو تہ مون شادي ڪئي هوندي، نمنا، محبتون اولمپڪ جي مشعل جيان هونديون آهن. سيليبريشن ڪٽي بہ ٿئي، چٽنگ اولمپيڊ مان ئي ايندي آ. نَہ جي، مان ڪٽي بہ هجان، تنهنجو آن. ايڏو ايڪسٽريمسٽ هئم، بي عورت کي پنهنجو وجود ڪيئن ڏيان ها؟

هي زورد علي آهي، هو ۽ رهندو تہ رڳو نمنا جو. پوءِ پيلي سنگ هجي يا ٻِن.

مون کي لڳي ٿو، جڏ مون ڪو سوئيٽر پاتو هجي، تنهنجن هٿن جو ٺهيل ۽ جڏ ان جو باربر ۽ نمونو هڪ ئي ڏينهن ۾ مڪمل ٿي ويا هجن ۽ جڏ مون توکان الڳ ٿيهہ سال گذاريا ئي نہ هجن.

❐

II– آرسي

اَڏوري اُڏام

- بشير موريا ٽي

شاهدا ڪلفٽن روڊ تي 'مئڪسمس' جي سامهون فٽ پاٿ تي، ٽئڪسي جي انتظار ۾ بيٺي هئي. هوءَ اتي روز صبح جو اچي بيهندي هئي. ٽئڪسي جلد ئي ملي ويندي هيس. هن پيري الائجي ڇو گهٽي دير گذرن کان پوءِ به نه ملي سگهي هيس. جيڪي لنگهي ويٺون سي سپ پريل هيون. هن پنهنجي رست- واچ ۾ وقت ڏٺو. اٺ لڳي انيتاليهه منٽ ٽيا هئا. شاهدا جي ڪلاس شروع ٽيڻ ۾ باقي هارنهن منٽ وجي بچيا هئا. اتان پنجن ستن منٽن جي پنڌ تي خيابانِ تنظيم هيو جتي اڪيڈمي آف ائڊوانسڊ اسٽڊيز ۾ شاهدا اپلائيڊ مئٽيميٽڪس پاڙهندي هئي.

هلڪي نيري رنگ جي هڪ سوزوڪي ڪئري شاهدا جي پرسان لنگهي ويئي، پر پوءِ يڪدم اسڪريچ هٽي، اڳيرو وڃي بيهي رهي. آواز جي شدت شاهدا جي محويت کي ٽوڙي ڇڏيو. هوءَ خالي خالي نظرن سان، سوزوڪي ڏانهن ڏسڻ لڳي، جيڪا رِورَس ٽيندي هن جي اڳيان اچي بيٺي. فوراً هن جي پاسي وارو دروازو کليو.

"هلي آءٔ شاهدا."

"اوهه- شفيق، تون! ٽئنڪ گاڏ." تڙ تڪڙ ۾، سوزوڪي ۾ ويهندي، شاهدا پنهنجي ساٿيءَ جو ٽورو ادا ڪيو. شفيق به هن سان گڏ، ساڳي اداري ۾، ايڪانامڪس پاڙهيندو هو.

"لڳي ٽو ته ڪافي دير کان اتي بيٺي هئينءَ؟" شفيق، شاهدا جي

منهن ۾ گهوري نهاريندي ۽ سندس سراپا مان نڪرندڙ بيو-ڊي- ڪولون جي هلڪي خوشبو جو مزو وٺندي چيو.

"ها- پنڌرهن ويهن منٽن کان." شاهدا بي نيازي سان، پنهنجي چهري تان وار هٽائيندي چيو. "هونئن ته پنهنجي اپارٽمينٽ کان هيٺ مس لهي بيهندي آهيان ته ٽئڪسي يا رڪشا ملي ويندي آهي. اڄ الائي ڇا ٿيو! هڪ به خالي نه هئي!!"

"ائين، مڙئي اتفاق ٿيندو آهي." شفيق متس پرپور نظر وجهندي چيو.

شاهدا کي ان جو احساس به ٿيو. هن جڙ ته پنهنجي بچاءَ طور گفتگو جاري رکندي چيو "توکي ته خبر آهي ته نوين وڳي منهنجو پهريون ڪلاس هوندو آهي. تون ٻڌاءِ، تون اڄ سوير ڪيئن نڪتو آهين؟"

"منهنجو هونئن ڪلاس ته ڏهين وڳي ئي آهي پر اڄ نوين وڳي ايڪسٽرا ڪلاس رکيو اٿم." شفيق 'زمزم بليوارد' طرف گاڏي موڙيندي چيو.

شاهدا جي دروازي وارو شيشو کليل هئڻ ڪري، هلڪي هوا جي جهُوٽن، هن جي ڇڙيل وارن ۽ ساڙهيءَ جي پلوَ سان من مستيون جاري رکيون تان جو 'خيابان- شاهين' ۽ 'خيابان- تنظيم' جو سنگم اچي ويو.

گاڏي خيابان- تنظيم تي موڙيندي ٽيٽيهن سالن جي شفيق، شاهدا کي وري پُر شوق نظرن سان ڏسندي سوچيو ته هوءَ پنهنجي چاليهن سالن کان گهٽي ننڍي لڳندي آهي. شاهدا جي ڏيءَ سونيا، جيڪا پڻ ساڳي اڪيڊمي مان ئي 'A' Levels ڪري رهي هئي، هن جي ننڍي پيڻ جيتري لڳندي آهي. "Just in time." شفيق اڪيڊمي جي ڪار پورچ ۾ گاڏي بيهاري، شاهدا کي داد طلب نظرن سان ڏسندي چيو.

"Oh, yeah! Thanks to you." شاهدا گاڏي مان لهي، واڇ ۾ وقت ڏسندي چيو ۽ اسٽاف ڪامن روم ڏانهن وڃڻ لڳي.

"See you."

جواب ۾ شاهدا کيس وِيوَ ڪندي، تڪڙيون وکون کڻندي،

هلي ويئي.

بن هزار والن تي نهيل بنگلي ۾ اڪيڊمي قائم ٿيل آهي. هتي هڪ ته ڪئمبرج سسٽم جي پڙهائي ٿئي ۽ ٻيو لنڊن يونيورسٽي جي G.C.E ۽ 'O' ۽ 'A' ليولس جي امتحانن لاءِ تياري ڪرائين. ڪنهن حد تائين هي اڪيڊمي ڇٽڪ متاهين درجي جو پرائيويٽ ڪوچنگ سينٽر آهي. ڳريون فيون هئڻ ڪري هتي رڳو وڏا گهراٽا ۽ دولتمند ٻار پڙهن ٿا. هتي جي ڊسپلين ڪنهن به وڏي تعليمي اداري جي نظم ۽ ضبط سان پيٽي سگهجي ٿو. پر ان هوندي به انوکي ڳالهه اها آهي ته استاف ميمبر ۽ شاگرد هڪ ٻئي سان نهايت بي تڪلف آهن.

سونيا لنڊن يونيورسٽي جو 'O' ليولس جو امتحان پرائيويٽ طور ڪراچي برٽش ڪائونسل جي معرفت پاس ڪيو. هڪ ڪان سواءِ باقي مضمونن ۾ گريڊ سٺا آيس تنهن ڪري اڪيڊمي ۾ 'A' ليولس جي پنهنجي مضمونن ۾ ڪجهه ڦير ڦار آندي. هن فزڪس بدران، ائڊيشنل مئٿس ۽ ڪيمسٽري بدران ايڪنامڪس ڪنئي. سندس داخلا جو فارم ڏسي اڪيڊمي جي ڊئريڪٽر ڪيس ۽ شاهدا کي گهرايو. هن ڪانئن ان ڦير ڦار جو سبب پڇيو. هن چيو ته ڪيمسٽريءَ لاءِ ته اڪيڊمي ۾ Lab equipment ئي ڪونه هو. ۽ پرئڪٽيڪل لاءِ گرئمر، سينٽ پئٽ يا ٻئي ڪنهن به هنڊ وڇڻ ڏکيو به هو ته مهانگو به. باقي فزڪس ۾ سونيا 'E' گريڊ آندو هو. تنهن ڪري اهو مضمون دهرائڻ جي بدران اقتصاديات ڪنئي هئائين.

"مون کي اعتراض ڪونهي پر ٻنهي مضمونن جي استادن کان پڇي پوءِ داخلا ڏئي سگهندس." هن سندس سربستي ڳالهه ٻڌي چيو. ٻئي ڏينهن شاهدا کي ٻڌايائين ته جيڪڏهن اقتصاديات ڏانهن سونيا جو لاڙو هوندو ۽ هوءَ محنت ڪندي ته ڪم ٽپائي ويندي باقي مئٿس لاءِ اوهان مسٽر شفيق سان ڳالهايو. هو مطمئن ٿيندو ته پوءِ ان تبديلي جي اجازت ڏئي سگهبي.

"بهتر." شاهدا چيو.

"سونيا کي ضرور موقعو ڏبو." شفيق سونيا جو 'O' ليولس جو گريڊ ڪارڊ ڏسي چيو. اهو شفيق جو سونيا سان پهريون تعارف هو. هنن جو ابتدائي تعلق اُستاد ۽ شاگرد وارو هو جيڪو اڳتي هلي، بي تڪلف ماحول ۾، هڪ ٻئي ۾ دلچسپي جي صورت اختيار ڪرڻ لڳو. چوڪرن چوڪرين جي گهرائپ اڪيڊمي جي چوڌيواري تائين محدود نه هئي. گهٽن جا والدين آزاد خيال هئا. ٻئسي وارا ۽ نوان دولتمند سندن ميل ميلاپ، پارٽين ۽ رقص جي محفلن تي اعتراض نه ڪندا هئا. مبادا کين غير مهذب ۽ پُنتي ٻيل سمجهيو وڃي. اهڙي ماحول هوندي جي هنن ٻنهي جي ٽورڙي Intimacy ٽي ته ڇا ٽي ٻيو؟ ان کان سواءِ اها ايتري ته Discreet هئي جو ان جي اسڪنڈل بنجڻ جو ڪو امڪان نه هو. ازان سواءِ سونيا جي طبيعت ۾ شوخي ۽ شرات هئي. بي ساخته بي تڪلفي جڻ سندس ٻي فطرت بنجي چڪي هئي. اهي ئي وصفون جواني ۾، شاهدا ۾ به هوندیون هيون. پر ٻيوهه ٽيڻ کان پوءِ ۽ عمر جي تقاضا ڪري هاڻي هوءَ سنجيده ٿي ويئي هئي. سندس اهي وصفون ماضيءَ جي ٿهن هيٺ لڪي ويئون هيون. هاڻي سونيا جي نِسرڻ ۽ نِکرڻ جو وقت هو. ماءُ جي سار سنڀال ۽ لاڏ ڀيار سونيا کي ڪومائجڻ کان بچائي ورتو هو. شاهدا جي اها ئي ڪوشش هوندي هئي ته سونيا کي ٻيءَ جي ڳمي جو احساس ٽيڻ ئي نه ڏئي. تنهنڪري جهل پل نه ڪندي هيس، سنو پالیندي هيس. نت نوان فيشن ڪرائيندي هيس. مرحوم جي اها هڪڙي نشاني ئي ته ونس بچي هئي.

شاهدا جو مڙس ڪيس بيحد چاهيندو هو. هو هڪ تعميراتي اداري ۾ سائيٽ انجنيئر هو. ڪِرين جي هڪ اوچتي، دکدائڪ حادثي ۾ مري ويو هو. ان وقت سونيا ايجا ننڍي هئي. اسڪول جي تعليم به مڪمل نه ڪئي هئائين. شاهدا ٻي شادي نه ڪئي. هنن جو سماجي حلقو ڪافي وسيع هو. سندس مڙس جي ڪن ڪنوارن دوستن ۽ ٻين جاڻ سجاڻ وارن مان ڪن، ساڻس شاديءَ جي خواهش ڏيکاري پر هن قطعي انڪار ڪري

چڏيو. هاڻي هوءَ پنهنجي سِر هئي ۽ زندگي جي ڏگهي شاهراهه. جيوت جو اٽاهه سمنڊ. بي نشان منزل جي ڳولا ۾ هوءَ ان شاهراهه تي هلڻ لڳي. جيوت جو سمنڊ جهاڳڻ ذري گهٽ ناممڪن لڳس ته به توڪل جو ترهو ٻڌي ان ۾ گهڙي پيئي. مالي حالت ايتري مضبوط ڪانه هين. نه پنهنجو گهر هين نه بينڪ بيلنس. شاهدا کي پنهنجي تعليم ڪم آئي. هوءَ اڻ پڙهيلن وٽ پئدا ٿي. زماني جي زوراوري کان، والدين محدود تعليم جي اجازت ڏنس پر شاهدا سندن مرضيءَ ۽ اميدن جي برعڪس اعليٰ تعليم حاصل ڪري ورتي. وَرُ به اعليٰ تعليم يافته مليس. ٻنهي پيار جي شادي ڪئي. سندن مائٽ ناراض ٿيا. شاهدا جي زندگي جي مشڪل ترين وقت ۾ به اُهي هن کي ڪم نه آيا. پهريائين هوءَ پرائيويٽ ٽيوشن ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ اڪيڊميءَ ۾ ملازمت.

شاهدا شفيق کي پنهنجي گهر شام جي چانهه پيئڻ جي دعوت ڏني ته هن کي هلڪي حيراني به ٿي ۽ نامعلوم خوشي به. ان خوشي کي سمجهڻ کان هو خود به قاصر هو. عام طور سان ڪيس عورتن، نوجوانن ۽ حسين عورتن جي صحبت وٽندي هئي. ۽ هن جي خيال ۾ شاهدا ايجا به حسين هئي ۽ سندس حسن ۾ grace هئي ۽ سونيا...؟ ...؟ سونيا جو خيال ايندي ئي، دل ۾ چهنڊڙي پيس ۽ هن هڪدم دعوت قبول ڪئي.

"پر اها پارٽي آهي ڪهڙي سلسلي ۾؟" هن شاهدا کان پڇيو.

"ڪوئي سلسلو ناهي. بس پاڻ ۾ هونداسين."

شام جا پنج وڳا ته شاهدا سوچيو ته اڄ ڪلاڪ کن ۾ شفيق پهچي ويندو. هن Agha's مان آندل هوم- ميڊ ڪيڪ، ڪولي، هڪ پليٽ ۾ ڍڪي رکيو ۽ بيد جي باسڪيٽ ۾ تازو ميوو پڻ سجائي رکيائين. اهي شيون ٽي- ٽرالي ۾ رکي دريون کولڻ لڳي جو ڪافي ٻوسٽ محسوس ٿي رهيو هو. دريون کلڻ شرط تازي هوا جا جهوٽا ڏوڪيندا اندر آيا. ان بعد پنهنجي ڊريسنگ ٽيبل ڏانهن وڃي آئيني ۾ پنهنجي سراپا جو سرسري جائزو ورتائين.

"شفيق بس اچڻ وارو هوندو." شاهدا سوچيو. "سونيا جي مٿتني شو ختم ٿيڻ ۾ اڃا ڪلاڪ کن آهي." هٿ سان وار ٺيڪ ڪندي هوءَ صوفي تي وڃي ويٺي. ٺيڪ پنج لڳي پنجتيهه تي ڊور بيل وڄي. شاهدا تڪڙا قدم کڻندي دروازو کولڻ ويئي.

"Hi" شفيق سهڪندي چيو.

"ويلڪم... هيڏانهن..." شاهدا سندس رهنمائي ڪندي چيو.

"ملتي- استوريڈ بلڊنگس تہ ناهين ٿا پر لفٽ نٿا رکن."

"بلڪل صحيح. هن عمارت ۾ تہ وري بہ چار منزلون آهن پر ڪيترين گهڻ- ماڙ عمارتن ۾ بہ يا لفٽ نہ آهي يا نہ ٿي هلي."

"بئڊ پلاننگ. خبر ناهي تہ ماسٽر پلان وارا ڪين منظوري ڪيئن ٿا ڏين!"

ان وقت تائين هو پنهنجي سهڪي تي قابو پائي چڪو هو.

"اوهان سجاوٽ خوب ڪئي آهي."

شاهدا هلڪي ڪنڌ- لوڏ ۾ مرڪ سان سندس تعريف لاءِ ٿورو مجيو ۽ هن ڏانهن پليٽ وڌائيندي چيائين: "چانهہ ڪافي يا ڪولڊ ڊرنڪ؟"

"سادو پاڻي."

شاهدا کان ڪل نڪري وئي. "اهو نہ هلندو. مڙئي ڪجهہ تہ..." هن ڪيڪ پيس سندس پليٽ ۾ رکندي چيو.

"چڱو سادي پاڻيءَ کان پوءِ، ڪافي."

شاهدا ڪافي جو ڪپ شفيق ڏانهن وڌايو تہ غير ارادي طور ٻنهي جا هٿ ٽڪرائجي ويا.

"تون غلط نہ سمجهين تہ مان پنهنجي دل جي راءِ کي زبان تي آڻيان." شفيق ان سهاڻي شام جو پرپور مزو وٺي رهيو هو.

شاهدا ڪافي پيئندي سوالي انداز ۾ پلڪون مٽي ڪيون.

"تنهنجي شخصيت ۾ جداگانہ جاذبيت آهي... گريس آهي."

شفيق چيو.

شاهدا blush ڪيو ۽ پلڪون جهڪائي ڇڏيائين. پر اها رنگين ڪيفيت سندس غازن جي هلڪي تهه ۾ لڪي ويئي.

"ڪنڊ ٺيڪ آهي يا وڌيڪ گهرجي؟" شاهدا جڙ ته پنهنجي اندروني گهبراهٽ تي قابو پائڻ لاءِ سوال جو سهارو ورتو.

"بلڪل ٺيڪ آهي." شفيق سندس حالت کي پروڙي مرڪندي چيو. "ڪافي تمام مزيدار آهي."

"دراصل توسان مشورو ڪرڻو آهي... سونيا جي باري ۾."

"هوءَ آهي ڪٿي؟" شفيق اتاولو ٿي پڇيو.

"باربرا استرائسنڊ جي ڪا فلم لڳي آهي. سهيلين سان گڏجي ڏسڻ ويئي آهي. جاڻ آئي."

"سونيا جي باري ۾ ڪهڙي صلاح ڪرڻي آهي؟" شفيق پڇيو.

"اڪيڈمي ۾ ٽيون ڏينهن جيڪو مهمان مقرر آيو ان جي تقرير ٻڌي هيئڻ؟"

"نه... مان برٽش ڪائونسل ويل هوس."

"هو پيار علي- مير علي جي پراڻي فرم ۾ آرڪيٽيڪٽ آهي. سندس تقرير معلوماتي هئي. هن آرڪيٽيڪچر تي سٺو ڳالهايو. خاص طرح ان جي انجنيئرنگ واري پهلوءَ تي. ان تقرير سونيا کي ايترو متاثر ڪيو جو هاڻي ضد پيئي ڪري ته پڙهندي ته آرڪيٽيڪچر ئي پڙهندي تون هن کي سمجهائي سگهين ٿو."

"پوءِ چا ٿي ٻيو؟ پل پڙهي." شفيق چيو.

"پر... هوءَ چوڪري آهي." شاهدا احتجاج ڪيو.

"پوءِ چاهي؟" شفيق جوش سان. ڪيس وچ ۾ ڪٽيندي چيو.

"اسان جي ملڪ ۾- خود هتي. ڪراچي ۾ عورتون آرڪيٽيڪٽ آهن- ياسمين لاري آهي. نور آهي ۽ اڳ ثمينا هوندي هئي. عورتون ڪافي عرصي کان ان پروفيشن ۾ اچي چڪيون آهن."

"پر بنيادي طرح اهو مرداڻو پيشو آهي. نوجوان عورتن کي ان کم ۾ ڏکيائي ٿيندي هوندي" شاهدا پنهنجي خيال تي قائم رهي.

"اهو خيال اجايو آهي. بين ڪيترن شعبن ۾ عورتون مردن سان گڏوگڏ ڪم ڪري رهيون آهن.

"مان تنگدل نہ آهيان. بلڪ آزاد خيال آهيان. اهڙي ئي رجعت پسند هجان ها تہ نہ پاڻ پڙهان ها ۽ نہ نوڪري ڪريان ها ۽ نہ ئي وري سونيا کي اڪيڈمي جي آزاد ماحول ۾ پڙهايان ها."

"تہ پوءِ؟" شفيق چوڻ لڳو. "مون سونيا ۾ ڪافي خوداعتمادي ڏٺي آهي. مون کي يقين آهي تہ هوءَ ان پروفيشن ۾ ڪامياب ٿيندي."

"خود اعتمادي پنهنجي جاءِ تي آهي پر هوءَ بالي پولي آهي."

شاهدا روايتي ماءُ وانگر چيو: "اهڙو ئي شوق اٽس تہ نئون سبجيڪٽ ايڪنامڪ انجنيئرنگ کڻي جيڪو اسٽيٽس ۾ آئوي ليگ جي ڪيترن ادارن ۾ ۽ انگلنڈ ۾ پاڙهجي ٿو. ان گرئجوئيشن ڪري پر هي آرڪيٽيڪچر..."

"اصل سوال سونيا جي پنهنجي ائپٽيٽيوڊ جو آهي." شفيق ٻہ پنهنجي راءِ تي ٻيٺو رهيو.

"ٺيڪ آهي. پر اهو سڀ ان جي برعڪس آهي جيڪو مون سونيا لاءِ سوچيو آهي."

"تہ پوءِ ائين چؤ سونيا جي ارادي دراصل تنهنجا خواب چڪنا چور ڪري ڇڏيا آهن. تون انهن ڳچل ٽٽل خوابن جي چوڏاري هڪ خيالي بچاءَ واري ديوار ناهڻ جي ارادي سان هن جي خواهش کي روڪڻ ٿي چاهين." هن پاسو بدلائي. شاهدا جي ويجهو ٿيندي چيو. "پلا ٻڌاءِ تہ تو هن لاءِ ڪهڙي قسم جو مستقبل سوچيو آهي؟ اهو ئي نہ. تہ هوءَ هڪ روايتي ڏگري ونڊي نوڪريءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجندي رهي ۽ تون ڪيس ڪنهن سدوري چوڪري سان پرٽائي پنهنجي فرض جو بار لاهين؟ شاهدا تون سمجهدار آهين. وقت بدلجي چڪو آهي. منهنجي صلاح تہ

سونيا کي اهو ڪجھ ڪرڻ ڏي جيڪو هوءَ ڪرڻ ٿي چاهي."

شاهدا سوچ ۾ پئجي ويئي. هن هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان اڳ ڏگھو ساھ کنيو. "شايد تون ٺيڪ ٿو چوين." ۽ ڪجھ دير ٻنھي نہ ڳالھايو. ٻئي سوچ ۾ ٻڏل ھئا.

"چگو. ھاڻي آءٌ ھلان ٿو."

"ٿورو ترس، سونيا اجھا آئي."

"ڪاش! ترسي سگھان ھا." ھن واچ ڏسندي چيو. "امان کي ڊاڪٽر ڏانھن وٺي وڃڻو آھي. چگو. اجازت؟" توسان گڏجي ڪافي پيئڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو."

"خدا حافظ"

"خدا حافظ"

شاهدا ڪافي جا ڪپ سِنڪ ۾ رکندي زير- لب شفيق جا لفظ ورجايا: 'توسان گڏجي ڪافي پيئڻ ۾ مزو آيو.' ڇوٽ ۾ تہ هوءَ دل ئي دل ۾ خوش ٿي پر اڳ پوءِ جو سوچي، موٽندڙ جواني جي امنگن کي ايارڻ جي بدران انھن کي ٽپي سمھارڻ ۾ ئي عافيت ڄاتائين. آخر تہ هوءَ ھڪ جوان ڏيءَ جي ماءُ ٻہ ھئي. وري سوچڻ لڳي تہ ڪيس ٻيوھہ ٽئي ڪيترا سال گذري ويا. هن جي واقفيت جي دائري ۾ جيڪي مرد ھئا تن جي اخلاق پريل جملن ۽ پُر تڪلف سنجيده تعريفن هن جي ايمان کي ايترو تہ لوڏيو هو جيتري قدر شفيق جي چند جملن. يا تہ ھاڻي ڪيس پنھنجي عدم- حفاظت جو احساس ٽيڻ لڳو هو. يا هن کي پنھنجي خوبصورت نوجوان ڏيءَ جي ڏينھون ڏينھن ڦٽندڙ جواني ۽ سونھن جي باغ جي چوڌاري لوڙھو ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي ھئي. ڪيس لاشڪ ڪنھن دوست، همدم ۽ همدرد جي قربت جي خواهش ٽيڻ لڳي ھئي. ڪوئي اھڙو هجي جيڪو هن وانگر سوچي، هن لاءِ سوچي، هن جي خبر گيري، هن جي دک درد کي، خوشين ۽ خواهشن کي، هن جي احساس کي سمجھي ۽ پنھنجو ڪري ڇاڻي.

ڪپ ڏوئيندي منهن تان وارن جي ڇڳن کي ٻانهن سان هٽائيندي شاهدا سوچيندي رهي: 'ڇا ان سوچ جي منزل نٿهي، بي تڪلف ميل ميلاپ تائين هئي يا ڪنهن بہ قسم جي جسماني ربط تائين يا.... يا شاديءَ تائين؟' پر پنهنجو اهو خيال هن کي ايترو تہ بيهودو لڳو جو پنهنجو مٿو ڏوٽي جڙ تہ ان کي ڏهن مان چندبي ڪڍي ڇڏڻ پئي چاهيائين. سوچي سوچي ٽڪجي پئي تہ ڊائننگ چيئر تي ئي ويهي رهي ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

سونيا پنهنجي ڪلاس فيلو ارتضيٰ جي ڪي- ڊِي- اي واري گهر ۾ سندس سالگرهہ جي تقريب ۾ شريڪ هئي. اتي سيني شفيق سان هن جي گهرائپ کي محسوس پئي ڪيو. هاڻي تہ هوءَ توڻي شاهدا شفيق سان ڪافي بي تڪلف ٿي ويئون هيون ۽ اڪثر ڪري شفيق جي Carry ۾ ايندين ويندين هيون. ڪن شرير شاگردن کين 'ٽِرپل ايس' جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو هو. ان ڏينهن حد ٿي وئي جو هڪ ڇوڪريءَ هڪ اِسٽڪر تي S.S.S لکي اهو شفيق جي Carry تي چنبڙايو مس تہ متان شفيق اچي پهتو. شرم وچان، ڇوڪريءَ اسٽڪر لاهي ڇڏيو.

"Disgusting." حقارت وچان شفيق چيو.

"I am sorry." چئي ڇوڪري لڄ کان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ پوءِ پيچي ويئي. بن ڏينهن معافي ونڊ لاءِ هوءَ ڪامن روم ۾ وئي تہ ڪيس ڏسي شفيق منهن ڦيرائي ڇڏيو. وري جڏهن هو گهر وڃڻ لڳو تہ ساڳي ڇوڪريءَ وري بہ تهہ دل سان پنهنجي حرڪت جي معافي گهري. هن شاهدا ۽ سونيا کان پڻ معافي ونڊ جي آڇ ڪئي. هن جي ڇهري جي ويراني ڏسي شفيق کي رحم اچي ويو. هن سوچيو تہ هاڻي گهٽو ٽيو. هٿ جي لوڏ سان هنن کي دفع ٿي وڃڻ جو اشارو ڪيائين. ڇوڪريءَ جي اکين جون ڳُندبون آليون ٿي ويئون.

اِرتضيٰ سيني حاضرين جو ڌيان ڇڪائڻ کان پوءِ اعلان ڪيو: "شفيق سر لنڊن وڃي رهيو آهي." تاڙين جي ڦهڪي ۾ ڪنهن جو آواز آيو: "لاٽريءَ ۾ ٽڪيٽ نڪتي آهي ڇا؟"

"وڏيڪ پڙهڻ ٿو وڃان." شفيق ڦڪي ڪِل ڪلندي چيو.

"لنڊن؟ اوهه ڊئم ات." هڪ چوڪريءَ چپن کي موڙو ڏيئي چيو: "وڃو تہ استيٽس وڃو. لنڊن ڇا..."

"لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس ۾ ڊاڪٽريٽ لاءِ داخلا ملي آهي." اُن تي هُوڪرا پئجي ويا ۽ تاڙيون وڄيون. "هيئر هيئر." ۽ "اوهہ گريٽ" جا نعرا لڳا. ڪائنس ڪيترائي سوال پڇيا ويا: "ڪڏهن ويندؤ؟ اسان کي هاڻي ڪير پاڙهيندو؟" ڇهڇتو مچي ويو. ڪنهن چيو: "اميد تہ اسان منجهان بہ ڪي اوهان سان ايل- ايس-ايِ ۾ اچي پڙهندا." ٻئي چرچو ڪندي چيو: "صبر کان ڪم وٺندؤ تہ اسان مان ڪي اوهان سان گڏ پڙهائي پوري ڪري موٽندا."

"گريٽ." سونيا وات تي شفيق کي چيو جيڪو پارٽيءَ کان پوءِ ڪيس گهر پهچائڻ وڃي رهيو هو.

"آءِ وِل مِس يوُ."

"آءِ وِل مِس يوُ ٽُو سونيا!" هن سونيا جي هٿ کي هلڪو دٻائيندي چيو.

"سونيا! منهنجي دلي خواهش آهي تہ جيستائين وڃان تيستائين گهڻي کان گهڻو وقت توسان گذاريان." سونيا جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. شفيق اهو تہ نہ ڏسي سگهيو باقي سندس هٿ جو ڇهاءُ سو محسوس ڪيائين.

ٽيليفون جي گهنٽي مسلسل وڄي رهي هئي. شاهدا فون ڪنئي تہ هن "هيلو" چوڻ کان اڳ ئي ٻئي طرف کان شفيق شروع ٿي ويو: "تيار ٿي ويهجانءِ. اڄ هاليڊي-اِن جي فيسٽيول ۾ هلنداسين نہ؟ آئون پوري ستين وڳي ايندس." هن پاسي ٽيليفون بند ٿيڻ جو آواز ٻڌي بہ شاهدا مبهوت بيٺي رهي. هن کان رسيور رکڻ بہ وسري ويو. جن خيالن کي هن پنهنجي دل جي چوڪٽ ٽپڻ کان روڪي ڇڏيو هو. اُهي وڌندڙ ويرن وانگر وري هن جي دل ۽ دماغ جي بندن ۾ گهارا وجهڻ لڳا. سونيا پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ ڪيس ان حالت ۾ بت بڻيل بينل ڏسي چوڻ

لڳس: "ممي! يا ته فون ڪريو يا رسيور رکو."

"اوهه." چئي هن ٽڪڙ ۾ فون هيٺ رکي.

شاهدا پنهنجي بهترين ڪامدار ساڙهي ڪڍي نهايت نفاست سان پاتي ۽ ڏاڍي خيال سان ميڪ اپ ڪرڻ لڳي. پوءِ سيني پاسن کان ور ور ڪري پنهنجي سراپا جو جائزو ورتائين ۽ اهو سوچي مرڪي ڏنائين ته اڄا ڪنهن حال ۾ هئي. هن کي ڏسي ڪوئي به پسند ڪري پئي سگهيو. آئيني وٽان هٽي مس ته ڪال بيل وڳي. هن رسٽ واچ ۾ ڏٺو: ست وڄي رهيا هئا! 'شفيق کان سواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟' سوچيندي سوچيندي دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي مس ته سونيا، جينس ۽ بلائوزر ۾ ملبوس، هلڪو ميڪ اپ ڪيل، هن کان اڳ ۾ وڃي ڊوڙندي دروازو کولي چڪي هئي. هوءَ اتي ئي بيهي رهي.

"يُو آر ليٽ." سونيا شفيق کي چيو.

"ناٽ ايٽ آل. مان فون مطابق پوري وقت تي آيو آهيان." سونيا باهر نڪرڻ لاءِ دروازو وڏيڪ کوليو ته شفيق سونيا جي پٺيان ٿهي سنيري بيٺل شاهدا کي ڏسي مرڪيو ۽ ويو ڪيائين پئي ته سونيا، پنڌتي ڏسڻ بدران ڪيس هٿ کان وٺي ڏري گهٽ گهليندي وٺي وئي. شاهدا ڇڙ پنڌ پهڻ ٿي وئي. ڪجهه دير کان پوءِ پاڻ کي سنياليندي سوچيائين ته هو ٻئي ته وڃي هاليڊي- اِن ۾ پهتا هوندا. گذري ويل اهي چند گهڙيون هن کي صدين کان ۾ ڊگهيون لڳيون. مڙ مڙ جيڏيون وکون کڻندي هوءَ ڊريسنگ ٽيبل ڏانهن وڌي ويئي ۽ آئيني جي سامهون بيهي آهستي آهستي ساڙهي جا پلوَ کولڻ لڳي. پوءِ اوچتو کو خيال آيس جو ساڙهيءَ کي ڇڏي بلائوز کولڻ لڳي. پنهنجي سيني کي ڏسندي سڏڪي پئي. هن جي اندر جو ٻرندڙ جبل ڦاٽي پيو. ميڪ اپ پئي لاٿائين ته ڳلن تان ڳوڙهن جي بوندن بس ئي نه پئي ڪيس. آخرڪار اهو سڀ ڇڏي ڊوڙندي پنهنجي بيڊ روم ڏانهن وئي ۽ پَر ڪُٽل ڪبوتريءَ وانگر اوندي ٿي پلنگ تي ڪري پيئي.

❐

وقت جو ڪَٽ

- موتي لال جوتواڻي

هونئن جڏهن شام جو ساڍي ڇهين وڳي رڌڻي ۾ گهڻ جي ڇلهي تي ڇانهه جو پاڻي رکندا آهن ته ديوان وشنداس ٻاهر ڪليل رستي تي گهمڻ لاءِ نڪرڻ جي تياريءَ ۾ لڳي ويندو آهي ۽جيستائين سندس ويهڻ واري ڪرسيءَ جي ڀرسان پيل ميز تي ڇانهه جو ڪوپ آڻي رکيو ويندو آهي، تيستائين هو هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا مٽائي، پيرن ۾ بنا سڳن وارو ڪليل بوٽ پائي ٿهي سنيري چڪو هوندو آهي. پر اڄ ڪافي دير ٿي ويئي آهي. ڇانهه ناهڻ لاءِ ايجا تائين ته رنڌڻي ۾ ڪير ڪين گهڙيو هو. جيڪڏهن گهر ۾ ٻيو ڪير ڪونه ٿي ڏٺو ته سندس گهر واري ته هئي. پر هوءَ بہ رنڌڻي ۾ ڪمرن جي ٻاهر واري خالي ٽڪر ۾ پيل چونڪي تي ويهي رات جي مانيءَ جا سانباها ڪري رهي هئي. پتاتا ڇلي رهي هئي ۽ سندس اڳيان مٽرن جي ڍڳي لڳي پيئي هئي.

وشنداس ڏانهنس هڪ سرد نظر اڇلائي. ساڳئي وقت هن پنهنجن چپن تي هڪ هلڪي مرڪ بہ ڦهلائي ڇڏي. نيٺ بہ هوءَ سندس پٺ ۽ ڏيءَ جي ماءُ هئي، سندس نونهن جي سَسَ هئي ۽ گهر پريوار جي سموري سرشتي جي مالڪياڻي هئي.

پر سندس گهر واريءَ هلڪي مرڪ ڏانهن خير ڪو ڏيان ڏنو ۽ ڪانئس پنهنجي مڙس جي سرد نظر ۾ لڪل غصو ڳجهو نہ رهيو. هن چيو "نوڻهين منجهند جو ٻار کي ونڊي پنهنجي پيڪي گهر ويئي آهي. چيائين ٽي ڇهين وڳي تائين اچي ويندیس ۽ تنهنجي لاڏلي ڏيءَ ايجا

کالیج کان کین موتي آهي. پڇبس تہ نہ پھ جواب ڈيندي. اڄ کالیج ۾ ڪلاسن کان پوءِ پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر ويئي هيس، يا اڄ کالیج ۾ اين- سي- سي جي پريڊ ۾ حصو ونڊو هو... منهنجي ناهيل چانهہ توکي وڻندي ڪين، جو مان اڻي ناهيان!"

وشنداس جي پيشانيءَ تي پريشاني ظاهر هئي. هن پڇيو "چو لڇمي! تنهنجي ناهيل چانهہ چو ڪين وڻندي؟"

لڇميءَ کي خبر هئي تہ اڄ کالهہ جڏهن آس پاس ڪير ڪونہ هوندو آهي تہ هو سندس نالو وٺي ڳالهہ ڪندو آهي، نہ تہ 'هيڏانهن، ٻڌين ٿي؟' ۽ 'مون چيومانءِ'، چئي ساڻس ڳالهائيندو آهي. هن کوبہ جواب نہ ڏنو.

وشنداس پڇڙ سانگي وري چيو "ائين تہ نہ آهي."

لڇمي ڙڪي اٿي. چيائين، "هائو ائين آهي: هاڻي توکي منهنجي ناهيل چانهہ نہ وڻندي آهي."

هڪ ڪن لاءِ وشنداس سندس اکين ۾ نهاريو ۽ سبب ڄاڻڙ چاهيو. پر جلد ئي لڇميءَ جي 'هاڻي' لفظ تي ڏنل زور مان ڪيس سبب جي ڄاڻ پئجي ويئي. سندس چپن تان مرڪ غائب ٿي ويئي ۽ ڀرن ۾ ٽنگيل سرد نظر وڏيڪ سرد ٻڌجي ويئي. ڄڙ اُهي اکيون نہ هجن، برف جا ٻہ ٽڪر هجن. ڪيس اوچتو ئي ياد آيو گذريل رات هن نہ رڳو مذاق ۾ ڪيس چيو هو "لڇمي، تون پنهنجي منهن جي پلاسٽڪ سرجري ڪرائي، اهي گهنج دور نٿي ڪرائين؟... ۽ پنهنجيءَ چيلهہ وٽ ٽلهڙي ماس جو اهو لوٿو گهٽائي نٿي ڇڏين؟" ان وقت لڇميءَ سندس وڏيڪ چست بدن ڏانهن هڪ وار ڏٺو ۽ هوءَ غصي وچان پاسو بدلائي سمهي پيئي هئي.

وشنداس چپ چاپ گهر مان ٻاهر نڪري آيو. هميشہ جيان سامهون واري پارڪ ۾ آس پاس جي ڪوارٽرن جا ٻار راندیون ڪري رهيا هئا. دفترن ۾ نوڪري ڪندڙ ماڻهن مان ڪيترا پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي رهيا هئا. انهن مان گهڻا ننڍي ٽهيءَ وارا هئا... دفتر ۾ سادا چار وڳا نہ آهن، اهي ماڻهو گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيا نہ آهن! پوءِ اهي تائليٽ ۾

وڃي ڦٽي ڦوڪارو ڪري. هٿ ۾ خالي لنڇ- باڪس سنيالي نڪري پوندا. ڇوڪريون ۽ زالون پرس ڪٽي اڇي اسپيشل بس لاءِ بيهنديون. وشنداس کين هڪ نظر ڏنو: هو نئين ٿهيءَ جي انهن نوجوانن ۽ نوجوانڙين لاءِ اجنبي هو. هن سوچيو. اُهي سندس پٽ کي ضرور سڃاڻندا هوندا. هو پاڻ ٻه گذريل سال تائين سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو ۽ اهو سرڪاري ڪوارٽر رهڻ لاءِ ڪيس مليو هو. پر هاڻي سندس پٽ جي نالي ۾ آهي. هن کان هڪ ڏڏو شوڪارو نڪري ويو. هاڻي هو ۽ سندس گهر واري ان ڪوارٽر جي هڪ ننڍي ڪمري ۾ ٻڍي ٻڍيءَ واري ڪمري ۾ رهن ٿا. هو ٻئي زندگيءَ جي مڪيہ مضمون جو حصو نہ بلڪ ان جي حاشيءَ تي آهن.

وشنداس صادق نگر مان نڪري وڏي رستي تي آيو ۽ ٿورو پنڌ ڪري اڇي مولچند خيراتي رام اسپتال واري فلاءِ اوور جي چاڙهيءَ تي ٻيٺو. سوچڻ لڳو: هن سال اهو فلاءِ اوور ڏاڍو سٺو ٺاهيو اٿن. ايشيائي راندين جي تياريءَ جي سلسلي ۾ دهليءَ جو هي ٽڪر واقعي سونو ٿي پيو آهي. واهہ جي رونق لڳي پيئي آهي. پُل جي اوچائيءَ تي بيهي هن رنگ روڊ ڏانهن ڏٺو: هڪ سڌي ليڪ ۾ رستو بسين، موٽر ڪارين، اسڪوٽرن ۽ موٽرسائيڪلين سان پريل هو. ڪيس ياد آيو. اڄ جتي اهو رِنگ روڊ آهي، اتي ڪو وقت اهڙو به هو. جڏهن رڳو هڪ ڪچو رستو هوندو هو تڏهن ان رستي تي گهوڙي گاڏيون هلنديون هيون، سائيڪليون هونديون هيون. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ هو جدا جدا شهرن ۾ ڏڪا ڏوپا کائي اڇي دهليءَ پهتو هو. تيستائين ڪافي دير ٿي چڪي هئي ۽ سرڪار طرفان سنڌين کي لجپت نگر ۾ ڏنل جايون پرجي چڪيون هيون نہ تہ ڪيس به ڪا سٺي جاءِ هجي ها! انهن ڏينهن ۾ لجپت نگر کان صفدر جنگ اسپتال وڃبو هو تہ تانگي وارو به آنا ونندو هو. اڳتي وڏيو. سامهون مولچند اسپتال جي گهنٽا گهر جو گهڙيال شام جو ساڍا پنج وڄائي رهيو هو. هن سوچيو. اهو گهڙيال هيترن سالن کان ائين جو ائين هلي رهيو آهي، پر هو

پاڻ بيهجي ويو آهي. وقت وقت نہ آهي. وقت هڪ ڳالھ آهي، جيڪو زندگيءَ کي لڳي ان کي جھونو پراڻو ڪيو ڇڏي. ڪيس زنگ روڊ ۾ ان جي متان فلاءِ اوور جي چمڪ دمڪ ۾ وقت جو ڳالھ ڏسڻ ۾ آيو.

هينئر سندس من تھائين وڌيڪ اداس ٿي پيو. ڪانئس اڳتي هلڻ نہ پڳو ۽ هو پويان پير ڪري واپس گھر ڏانھن هلڻ لڳو.

گھر اچي ڏٺائين، ماءُ ڏي چانھ پي رهيون هيون. شيلا چانھ پيئڻ جي وچ مان اٿي رنڊڻي ڏانھن ڀڳي. اتائين پنھنجي پيءُ کان پڇيائين، "چو بابا! اڄ ايوننگ واڪ تان جلدي موٽي آيا؟"

وشنداس پنھنجي ڏيءَ جي سوال جو جواب نہ ڏيئي ڪانئس اُلٽو سوال ڪيو. "تون هيڏي مھل تائين ڪيڏانھن ويئي هئينءَ؟"

شيلا گھس جي چلھي تي چانھ رکي رنڊڻي کان ٻاهر آئي.

چيائين، "پاپا! پِنڪيءَ جي گھر ويئي هئم. چا تہ هنن جو گھر آهي! ڏاڍو وڏو بنگلو اٿن."

وشنداس هڪ ڪن لاءِ خاموش ٿي ويو. وراڻيائين. "پٽ، اهو رڳو اتفاق آهي تہ تون هن گھر ۾ ۽ تنھنجي ساهيڙي پنڪي وڏي گھر ۾ پئدا ٿي آهي."

۽ هو پنھنجي من جي منجھيل دنيا ۾ ويڃائجي ويو. شيلا پنھنجو چانھ جو ڪوپ کڻي رنڊڻي ۾ هلي ويئي.

گھر ۾ خاموشي ڇانيل رهي. شيلا چانھ جو ڪوپ ناهي اچي پنھنجي پيءُ جي هٿ ۾ ڏنو... هن چانھ سِپ ڪئي.

ايتري ۾ لچميءَ ڪيس مخاطب ٿي چيو. "ٻڌاپي ۾ پنھنجي بدن جي پلاسٽڪ سرجي ڪرائي کڻي اسين جوان بنجون. پر ٻڌاپي ۾ پنھنجي من جو کھڙو اُپاءُ ڪريون؟"

وشنداس لچميءَ ڏانھن ڏنو ۽ شيلا هنن ٻنھي ڏانھن ڏنو. پر لچمي پنھنجي ڪم کي لڳي ويئي، جڙ هن ڪجھ ڪين چيو هو. اهڙي موقعي تي شيلا کي محسوس ٿيو تہ ٻنھي جي وچ ۾ ڪا ڳالھ اڳي کان هلي

رهي هئي ۾ ڪيس اها ڳالهه حوالي کان ٻاهر سمجهه ۾ نه ايندي. جڏهن هوءَ ننڍي هئي، تڏهن اهڙن موقعن تي ڳالهين تي ضد ڪندي هئي. پر هاڻي هوءَ ٻنهي جي وچ ۾ ڳالهائڻ نه چاهيندي آهي. ائين ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃيس ته ٺيڪ، نه ته ڪوشش ڪري سمجهڻ نه چاهيندي آهي. هوءَ چپ چاپ ۾ ڊرائنگ روم ۾ هلي ويئي.

وشنداس سوچڻ لڳو. واقعي، ٻيڏاپي ۾ پنهنجي من جو ڪهڙو اُپاءُ ڪجي؟ هن ڏٺو. لچميءَ جي من تان بار هٽيو هو. گذريل رات ڪان ٻنهي جي وچ ۾ تاڻ تنگيو پيو هو. ڪالهه رات جڏهن هن کل چرچي ۾ لچميءَ کي ڪجهه چيو هو ته لچميءَ سندس وڌيڪ چست بدن ڏانهن هڪ وار اک کڻي ڏٺو هو. هاڻي وري جڏهن لچميءَ اهو چيو ته وشنداس ڪيس ڏٺو ۾ محسوس ڪيو ته سندس من جي ٻيٽ ۾ لچميءَ جو من وڌيڪ درست رهيو هو.

هو ڪرسيءَ تان اٿيو ۾ شيلا کي آواز ڏنائين. "شيلا پٽ، تنهنجو پاءُ دفتر مان اجهو آيو ڪي آيو. جلدي تنهنجي پايي ۽ اچي ويندي. تون پٽيان گهر ۾ ڏيان سان ويهج. اسان ٻئي لجپت نگر جي سينٽرل مارڪيٽ مان خريداري ڪري ٽا اچون."

لچمي پنهنجي مڙس ڏانهن سوالي نگاهه سان ڏٺو ۾ پڇيو. "اسان ٻئي؟"

وشنداس چيو. "هائو لچمي! گهر لاءِ ڪراڪري وغيره کپي، هل ته وٺي اچون..."

شيلا ويجهو اچي چيو. "ها، ممي! هونئن ته تون گهٽن ڏينهن کان ٻاهر نه نڪتي آهين. ٿي اڄ."

لچميءَ وري پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو. شيلا ڏانهن ڏٺو ۾ هوءَ اٿي ڪپڑا متائڻ لاءِ ٻڌي- ٻڌيءَ واري ڪمري ۾ ويئي.

❐

هڪ ٻيو عام ماڻهو

ـ حميد سنڌي

هن ٻيڙا کان چپ ڪوڙيا. اکين ۾ پاڻي پرجي آيس. هو آهستي آهستي هنڌ تان چريو ۽ ٻيٽ کي ٽيڪ ڏيڻ جي ڪيائين. ڪا گهڙي ته سامت ئي نه رهيس پر هن ائين سوچي ته ڪيس ايڏا به سهاري جي ضرورت آهي. هو ٻيٽ کي ٽيڪ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ سنئون ٿي ماڻ کي تڪڻ لڳو جا سندس سامهون ئي ڪمري ۾ ستل هئي. سندس جيءُ ڀُهري پيو. ڳلن تان ڳوڙهن. لارون ڪري وهڻ شروع ڪيو. وري سور ست ڏنس ته هو سڄي ٻانهن سان کاٻي ٻانهن ۽ سيني کي مهٽڻ لڳو. ٻه چار وڌا ساهه کنيائين ۽ ڪيس ائين لڳو ته هو بيهوش ٿيندو وڃي پيو. پر هن جي من وراڪو ڏنو ۽ اندر اُيو ٿي ڪيس جهوريڻ لڳو. جيءُ جهريل هجي چاڪ چڪيل هجن ته ڪير هوش وجائڻ چاهيندو هتي ته يادگيرين جا انبار هئا.

هن وري ماڻ ڏي ڏٺو. اوندهڙي هوندي ٻه ڇڳي طرح ڏسي پئي سگهيو ته سندس ماءُ جي جهريل جسم ۽ چهري تي ڦهليل همٽ ۾ عظمت ۽ وڏو فرق هو. هن کي ياد هو ته حياتي جو پل پل هن ڪيئن گذاريو هو ۽ هو ساڻس ائين گڏ هو جڏ سندس ساهه. پر هن وقت هن کي ائين وڻي پيو ته هو پنهنجو پاڻ جيئي پنهنجو پاڻ مري. ماڻس جي جيءُ کي هن گهڻو ئي جهوريو آهي وڏيڪ جيءَ کي جهوريڻ ڪهڙا. آهستي آهستي هن ڪنڌ ڪٽي دري ڏانهن نهاريو. جتان چنڊ جي روشني اولڙا ڪيو پئي اندر آئي ۽ چنڊ جو پويون پهر ڏسي پانيائين ته چنڊ اُلهڻ تي آهي ۽ سندس وانگيان

ئي تڪليف ۾ آهي.

هو چنڊ جي چانڊُڪي ۾ اُن جي اوج کي ياد ڪرڻ لڳو. ڪيس اُهي چانڊوڪي راتيون ياد آيون، جڏهن هو پنهنجن سوٽن ماساتن سان گڏ چانڊوڪي رات ۾ رڙيون واکا ڪري ڪڏندو هو. ڪيس اُهي چانڊوڪي راتيون ته وٽندیون هيون، اُهي ساڻي اُها ڏوپڙي راند ۾ وٽندي هئي ۽ سندس جيءَ ۾ ننڍي هوندي جيڪا ميخ لڳي هئي، اُها هو ڍوڙڻ، ڍڪڻ، ڪيڏڻ، ڪڏڻ ۽ چرچن گهٻن ۾ وسارڻ جي ڪندو هو. ماٽس جڏهن به ڪيس ياڪر پائي رئندي هئي ته سندس من ۾ اِهو ئي ايندو هو ته بيهه ته وڏو ٿيان. اِنهي بابي جي پيءُ کي سڏو ڪندس، جنهن اسان کي ڇڏي وڃي پي رن ڪئي آ. ماٽس جي ڳلن تان ڳوڙها اُگهڙ جي ڪندي ۽ هو ڳوڙها اُگهي نه سگهندو هو. سندس اندر ۾ چٽنگون ڏُکي دنگ ڪنديون هيون. هو پنيٽ باهه ٽي اڳڙ ۾ رڙيون ڪوڪون ڪري پنهنجن ساٽين کي سڏ ڪندو هو: "آهي ڪو جو چڙهي جبل چوٽ تي."

"آهي ڪو جو ڳولي لهي هن هوت کي." سندس ساڻي کلندا ٽڙندا، ڪڏهن ڏوپڙي ڪڏهن ڊڊيءَ ڪڏهن اک ٻوٽ راند ڪُڏي هڪ ٻئي جو جيءُ پريائيندا هئا. يا وري وٽن ويهي سندس چرچن گهٻن کي ٻڏي ٽهڪڙا ڏيندا هئا.

هو جيئن وڏڙو ٿيو ته رات سندس اوطاق تي گذرندي هئي جتي سندس ڏاڏي جا فقير چانڊوڪي رات ۾ ڳائيندا هئا ۽ هو به اُنهن سان گڏ جهونگاريندو هو:

صاحب تنهنجي صاحبي عجب ڏٺي سون،
پن ٻوڙين پاتال ۾ پاهڙ تارين تون،
جي راضي ٿي تون ته ميريائي مانُ لهان.

جڏهن سندس ڏاڏو هيءُ جهان ڇڏي ويو ته فقيرن به اچڻ ڇڏيو هو ۽ هو اڪيلو ئي اڪيلو ڪڏهن ته ڏاڏيان ڪڏهن هوريان جهونگاريندو هليو:

صاحب تنهنجي صاحبي عجب ڏني سون.

ڪيس چٽي طرح ياد هو تہ پوءِ ڪيس چاچا پاڻ سان گڏ کڻي رمندا رهيا. ڪڏهن هو ڪهڙي چاچي سان ڪڏهن ڪهڙي سان. ماءُ ڳوٺ ۾ پورهيو ڪندي جيءُ جهورينديِ رهي ۽ هو ٻين پناري جيءُ جيارينديو رهيو. نيٺ جڏهن ڇڪي سمجهہ سان ٽيو تہ عقل هوش حواس سان فيصلو ڪري وڃي مامي سان رهيو. جيڪو همٿ وارو مڙس هو. ڪيس اُن جي همٿ ۽ جيءَ جياپي جو ڏنگ وڌيو. هُن سوچيو تہ ڪيس جيئڻون آهي تہ اُنهيءَ مامي مڙس مٽير وانگر جيڪو حياتي جي هر موڙ تي حالتن کي شڪست ڏئي جاڻي. هو پڙهيو ڳڙهيو ۽ چاهيائين تہ هو بہ بنگلا محل ماڙيون نهرائي ماءُ کي انهيءَ ۾ رهائيندو ۽ زندگي جا سڪ ڏيندو پر حالتن ساڻس وري ويڙهہ ڪاڌي. مامو بہ گذاري ويس. هو اُن ڏينهن پهريون دفعو ڏاڍو رُنو.

ڳوٺ ۾ ماءُ جن جي پناري هئي تہ اتي بہ تہ ڪيس سڪ تہ نہ هو. هن جا هٿ پورهئي ڦٽي وڏا هئا. رنگ روغن اُجڙي چڪو هو. جسم مان رت ست موڪلائي ويو هو. هو ڦٽڪي اٽيو ۽ پڙهائي ڇڏي سوٽن جي مدد سان وڃي ٽڪي جو ڪلارڪ ٽيو. پر اها ٽڪي جي ڪلارڪي ڪيس رپيو ٿي لڳي. ڪاتو تہ ڪمائي وارو هيس پر ٽيبل بہ ڪمائي واري مليس. ۽ جڏهن پهرين ڪمائي ماءُ کي ڏنائين تہ سندس لڳ لڳ ٿري پيا هئا. هن کي چٽي طرح ياد هو تہ ماڻس روئي ڏنو هو. هُن ماءُ جا ڳوڙها ان ويلي بہ نہ اُگهيا هئا. هن انهيءَ مامي مڙس مٽير، جيڪو خاندان جو پرجهلائو هو، وانگر جيئڻ پئي چاهيو جنهن سڄي زندگي ڪمايو ۽ ٻين تي خرچ ڪيو. هن اُنهيءَ مامي مڙس مٽير وانگر محفلون سجائڻ پئي چاهيون جنهن ۾ شراب هو ڪباب هو ۽ ٿهڪن جو سيلاب هو.

هن اُنهيءَ وانگي خيالي محل ۽ ماڙيون اَڏڻ پئي چاهيون. اُن ڏينهن پهريون دفعو شهر پهچندي ئي هن چڪلي ڏانهن رخ رکيو. اڇي جسم واري نازلي، ناز واري نظر وڌس. هو گهائل ٿي پيو. هو متائنس گلن وانگيان

نوٽن جي ورڪا ڪندو هليو. پر هن کي ڪڏهن ڇهي نه سگهيو. جڏهن به نازلي نچندي ڳائيندي سندس ويجهو ايندي هئي ۽ سندس منهن تي گرم ساهه ڇڏيندي ڳل سان ڳل ملائي مصرع ڪٽندي هئي ته هو سڄو پگهر جي ويندو هو. اُن ويلي کيس نازان ياد ايندي هئي جا سندس پاڙي ۾ رهندي هئي. اَڄي جهڙي پشم. وڄ وراکو. چاندي جيان پئي جرڪندي هئي. هوءَ ننڍي هوندي ئي کيس وٽندي هئي. پر جڏهن وڏو ٿيو ته سندس اک منجهائنس نه نڪرندي هئي. هو جڏهن به ڳوٺ ايندو هو ته نازان جي گهر آڏو چڪر ضرور هڻندو هو. نازان کيس ڏسندي هئي ته کلندي کيس موتيءَ داڻا ضرور پسائيندي هئي ۽ هو اُنهيءَ ۾ ئي خوش هوندو هو. هڪ ڏينهن جيئن هو گهٽي ۾ بينو هو ته نازان در تي ڏنل ٽپڙي کٽي کيس اشارو ڪيو. هو منجهندو اڳتي وڌيو ۽ در وٽ ٻيهي ڏاڍي قرب مان پڇيو هٿائين. "نازان خوش ته آهين نه؟"

هن کلي ڏنو ۽ ڏندڙا. موتيءَ داڻا پسي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

۽ پوءِ نازان ٻانهن ۾ هٿ وجهي اندر ڇڪيس. هو اندر هليو ويو ۽ گهر ۾ ڪير به ڪونه هو. جيئن هو نازان سان ڪمري ۾ گهڙيو ته نازان کي چنبڙي ويو. نازان بي اختيار کيس چهٽي پئي. پوءِ اهو ڪجهه ٿيو جيڪو سندس خيال ۾ ٿيڻ نه ڪپندو هو. پر جواني جي جوش ۾ جڏهن به گهر خالي هوندو هو ته هو ور ور وٽس ويندو رهيو. هو ڳوٺ ۾ بنهه ٽڪي پيو. ايستائين جيسائين نازان کيس ٻڌايو ته هوءَ پيٽ سان آهي. هو سڄو پگهر جي ويو. هو مامي مڙس مٽير وانگر همٽ ڏيکاري ها ته سڀ ڪجهه ٽي پئي ها. پر هو پاڻين وانگر پڄي ويو ۽ ڪي مهينا ڳوٺ نه آيو. نيٺ کيس خبر پئي ته نازان مري وئي. ماڻ ميٽ ۾ يا زهر کائي. هو پڇا به نه ڪري سگهيو. کيس اهڙو ته ڏک ٿيو جو پهريون دفعو هن کي ٻانهن ۽ سيني ۾ سور محسوس ڪيو ۽ هن ان سور کي مٽائڻ لاءِ ديسي شراب واپرايو.

سور ۽ شراب جي خيال ايندي ئي واپس ان ڪمري ۾ پهچي ويو. جتي اڄ هو انهيءَ سور کان بيحال هو. جتي ماڻس سندس حال کان بي

خبر ستي پئي هئي، جتي بن کٽن، بن هنڊن، بن پڳل پيتين، چند خالي شيشن، ڊبن، چپن جستي ديڳڙن ۾ ٽالهين کان سواءِ ڪي به نه هو.

هن آهستي آهستي هوش وڃايو پئي پر سندس ذهن اڃا ڪم ڪيو پئي، هو انهن مئين ڪوڙين يادگيرين کان منهن نه پئي موڙي سگهيو. دک درد هوندي به زوريءَ اکيون کوليائين ۽ دري ڏانهن نهاريائين، چند باقي ڪو بچيو هو. سندس زرد روشني ڪيس هيڏو ۾ پيلو ڪري ڇڏيو هو پر هن جيئڻ ڪارڻ جتن ڪرڻ جي پئي ڪئي. نيٺ هو اُن محفل ۾ موتي ويو جت چاندي جهڙي چانڊوڪي واري نازلي هئي. نازان جي همشڪل، نازان جي موتي ڪٽن جهڙن ڏندڙن سان کلندڙ ۽ ڪڙڪندڙ هوءَ جڏهن ويجهو ايندي هيس ته هو ڪيس چنبڙڻ ۽ چهٽڻ چاهيندو هو. جيئن نازان کي چهٽيو هو. پر هو هٽ ۽ من کي روڪي وٺندو هو. ڪيس خيال ٽيندو هو ته جي هو ڪيس چهٽيو ته هوءَ به نازان وانگر مري ويندي. هو اُن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن به عورت کي نه چنبڙيو نه چهٽيو ۽ پري کان حسن ۽ قرب جي خيرات پنندو رهيو. نازليءَ پئسي تي ڪيس قرب ڏنو ۽ هو جڏهن به ڪوٺي تي ويندو هو ته قرب جي خيرات تڏهن ملندي هيس جڏهن هو پاڻ خير ڪيندو هو ۽ ڪيسا خالي ڪري اُٺندو هو. هن زندگيءَ ۾ به اِهو ئي پسيو. پئسو هوندو هيس ته يار دوستار اچي مِڙندا هيس، جڏهن هو خالي هوندو هو ته ڪير به سندس ويجهو نه ايندو هو. هو اُن قرب ۽ پيار خاطر شراب جي نشي ۾ ٽپ ٽي خيالي محل محلات جوڙائيندو رهيو. خيال ئي خيال ۾ ماءُ جي خدمت ڪندو رهيو ۽ جڏهن هوش ايندو هوس ته پاڻ کي سرڪاري ڪوارٽر جي خالي ڪوٺيءَ ۾ ڪريل ڏسندو هو ۽ سندس سينو سور کان ڦاٽندو هو. ڪپي ٻانهن ڳري ٽيو چپ مثل سندس جسم سان چنبڙي پئي هوندي هئي ائين جيئن سندس ماءُ ڪڏهن ڪڏهن سندس سيني تي مٿو رکي روئندي هئي ۽ هن ڪڏهن به سندس ڳوڙها نه اُگهيا نه وري هو ماءُ سان گڏ ڳوڙها ڳاڙي سگهيو. نوڪري سان گڏ نازلي به وئي ته ميڙ ماڻهن جا به ويا. بک

بيروزگاري واسو ڪيو. هن هاڻي ماءُ کي اچي پاڻ سان رهايو ۽ هو ڪڏهن چلهه ٻري نه ٻري، هو خاموش انهي مامي مڙس مٽير لاءِ سوچيندو هو جيڪو زندگيءَ جو جوانمرداي سان مقابلو ڪندي مارجي ويو هو. هو سوچيندو هو: "چا هو ائين ئي مارجي ويندو- ڪجهه ڪرڻ کان سواءِ."

هو ڏک ۾ پرجي اُن سوڻ وٽ وڃي ويهندو هو جيڪو سرندي وارو هو پر سندس دک درد جو ساٿي هو. هن کيس پنهنجو ٻنيءَ ٽڪر ۽ ڏنو هو ته آباد ڪرائي ڪجهه گذر سفر ڪري. هو جڏهن انهيءَ ٿوڻ ڏرتي تي ويو ته الائجي ڇو کيس ماءُ ياد آئي هئي. هن مامي مڙس مٽير کي ياد ڪري همٿ ڪئي ۽ اُها ٿوڻ ڏرتي آباد ٿيڻ لڳي ته سندس ماءُ جي منهن تي ۽ رونق اچڻ لڳي ۽ هن خوش رهڻ جي ڪئي. شراب ڇڏيو. ڪوٺا ڇڏيا ۽ صرف سوٽ جي سنگت ۾ گهارڻ لڳو. هو سوٽ کي ڪڏهن چوندو هو:

"يار لالڻ! هيءُ ٻني باري وارو ڪمر جاکوڙ ته آهي، هٽي پگهر ڪيي وڏو اٽئين پر ان ۾ مزو ڏاڍو آهي. مون کي ائين لڳندو آهي ته ڏٽل زمين آباد ڪرڻ ائين آهي جڙ ماءُ جي خدمت ڪرڻ."

يڪدم سوٽ لالڻ وراٽيندو هيس:

"منا! همٿ ڪر اجا ۽ دير نه ٿي آهي، ڀُلي پلي، پاڻ آئي ته ۽ نه ڀُلي. تنهنجي عمر ئي ڇاهي، پنجٽيهه سال ۽ عمر آهي. توکي گهر ناهڻو آهي، اَمڙ جي خدمت لاءِ ڪنوار آڻڻي آهي. گهر جي سونهن لاءِ ٻچا ٻار پيدا ڪرڻا آهن. جڏهن تنهنجي گهر ۾ کي جيوَ نه هوندا ته تنهنجو جيون سڪرو ڪيئن ٿيندو!"

"مان ۽ ته لالڻ! جيوَ هيس، چند وانگيان ڪنهن اڳڻ تي اُپريو هيس پر منهنجي ماءُ يا پيءُ جو جيون ته سڪرو ڪونه ٿيو. پيءُ اڄ تائين غائب آهي، ماءُ اڄ ۽ منهنجي ناڪامين ۽ بربادين کي ڏسي روئي ٿي. ڇڏ يار! شادي ۽ ٻارن کي. بس! دعا ڪر ته پَر جيڪو فصل مارجي ويو هو هيل پلو ٿئي ته قرض پکا لاهي رڳو آجا ٿيون."

لالڻ کلي چيو هس، "مَنا! جي بصر ئي توکي لڳو تہ شاديءَ جا ڏوکڙ نڪري ايندا. هيل تنهنجي شادي ضرور ڪرائبي!" هن بہ کلي وراڻيو هيس.

"يار هن گنجي، ڪاري ڪوجهي سان هاڻي ڪير شادي ڪندو."

"مَنا! تو جهڙو اندر اُجرو ۽ من جي سونهن وارو ڪلمک ماڻهو ڪنهن کي ملي تہ اُن جا وڏا ڀاڳ."

هو زور سان ٿهڪ ڏيندو هو ۽ سندس ٿهڪ سان وينل ٻي سنگت بہ گلزار ٻڌجي ويندي هئي. هُنَ ڏٺو تہ دل جا سچا اڇا اُجرا ماڻهو تہ ڪيس هاڻ ملیا هئا. سوٽن لالڻ هو تہ اُن جو دوست قمر هو تہ وڏو سوٽس منل هو ۽ ان جا گهر وارا. جڏهن بہ هو وٽن ويندو هو تہ منيون ڏئي مان ڏيندا هيس، هن جو آهستي آهستي جيئڻ ۾ ايمان پختو ٿيندو ويو پر هاڻي سيني ۽ ٻانهن جي سور ڪيس ڏاڍو تنگ ڪيو هو. کلندي سوٽن ۽ يارن سان ڳالهہ ڪيائين:

"يار ڪٽي هي دل جو سور تہ ناهي."

هو سڀ کلي چوندا هئس:

"يار تو جهڙي کلمک يار جي دل بہ تہ مذاقي هوندي. ڏسجانءِ جواب نہ ڏئي وڃئي!"

۽ سچ پچ تہ دل جواب ڏئي ڇڏيو هوس. هو مونجهہ کان بي چين ٿي خيالن جي دنيا مان موٽي آيو. چند اُلهي چکو هو ۽ ڪمري ۾ اوندهہ هئي، سندس دل جي درد اندر اوندهہ وانگر. هو ڏکجندڙ اکين سان ماءُ کي ڏٺو ۽ وڏو ساهہ ڀريائين. سمجهيائين تہ ماڻس ڇرڪ ڀري اُٿي وينِي آهي ۽ هن ڏانهن يڪدم وٽس ڊوڙي آئي آهي: "مَنا! خير تہ آهي. توکي ڇا ٿيو آهي. ڇاڪ ڇگو ڀلو تہ ستو هئين.. خير تہ آهي...!"

هن زور ڀري سور سان آليون ٿيندڙ اکيون کوليون ۽ آهستي آهستي ٻڏکيو: "اَمان! ٻانهن ۽ دل ۾ ڏاڍو سور اٿم. شايد موڪلاڻي آهي، منهنجي ويجهو اچ اَمان، منهنجي سيني سان لڳ اَمان!"

ماٽس اوچنگارون ڏئي کيس چنبڙي پئي: "مَنا موتي آ اکيون بند نہ ڪر... مَنا! ائين مون کي ڪيئن ٿو ڇڏي وڃين... روھ ۾ ٿو رلائين... مون کي تہ آس ھئي تنھنجي لاءِ ڪنوار آڻيان، تنھنجا ٻچا نپايان. ائين ڪيئن ٿو ڪرين..."

مَنوءَ انھيءَ تي اڪڙيون ڪوليون ۾ پٽڪندي چيائين: "امان! منھنجي ڪنوار تہ مون کي سڏي پئي... نازان... امان! منھنجي ڪنوار... سامھون بيٺي آھي... اُنھيءَ تہ ھيءُ سو ڏَنم... اُھا ئي گھرائيم پئي امان... نازان... منھنجي نازان...!"

ھن آھستي آھستي اکيون بند ڪيون ۽ ماٽس، بيوس، روئندي رھي. اوچتو مَني جو ھٿ ڪجيو ۽ ھوا ۾ ھٿوراڙيون ڏيندو ماءُ جي ڳلن تي پھتو. ھن زندگيءَ ۾ پھريون ڀيرو آھستي آھستي ماءُ جا ڳوڙھا اُگھڻ شروع ڪيا. منو منھنجي سامھون مرڪندڙ ڀھڪندڙ ڇھري سان چوٽ تہ ننڍ ستو پيو آھي، ماٽس سندس پاسي ۾ ويٺي آھي، سندس ڳوڙھا اُگھيل آھن ۽ ھوءَ روئي ڪاڻ ٿي، ۽ منھنجو ياءُ لالڻ منھنجي پاسي ۾ بيٺل آھي، ھو بہ روئي نہ ٿو ھن جا ڳوڙھا اُگھيل آھن ۽ ھو رڳو جھونگاري رھيو آھي:

"صاحب تنھنجي صاحبي عجب ڏَني سون،

پن ٻوڙين پاتال ۾ پاھڻ تارين تون."

پر مان روڻان ٿو ڇاڪاڻ تہ مَنو منھنجو ڪلٽو سوٽ، منھنجو رلٽو دوست، منھنجو ملٽو ساٿي، مامي مڙس مٽير وانگي اسان کي ڇڏي سنڌي سماج جي ھڪ عام ماڻھو وارو موت مري چڪو آھي.

❐

ڪلجگ

ـ علي بابا

چمر بوندون برسائيندا، هاڻين جي ولرن جيان رمندا ٿا وڃن. ڪن ٻين پٽن تي پلٽي پوڻ لاءِ ۾ جهڙ جهڙالي ۾، هو روئي وينو. گهر جي اهڙيءَ ڪنڊ ۾، جتان ٻين پاتين جو اڇڻ وڃڻ ڪينهي. هونئن به هن جي روئڻ جي ڪل ڪنهن کي ڪاڻ پوي. رانيا، سڏڪا، هڏڪا، هو سڀ اندر ۾ دٻائي ويندو آهي. بس رڳو ڪوسا ڪوسا، نيڻ نار ڇوڙها نه دٻائي سگهندو آهي، جي ڇُڻاڪا ڇُڻاڪا وهندا، ڦُڙا ٿيندا، سندن ڳلن جي ڪڍن مان وهندا، ڪڍهن ڪڍهن سندس وات ۾ هليا ويندا آهن، لوٽيانا، هڪ عجيب ٽيسٽ جا ڇوڙها. ۾ روئندي هن کي محسوس ٿو ٿئي ته ڇوڙهن کي پنهنجي ٽيسٽ آهي ـ ڏاڍي وٽندڙ ۾ اها سوچ ايندي، هن جا لڙڪ بند ٽيو وڃن ٿا. هاڻي جڏهن فقط هو ڇوڙهن پيئڻ لاءِ روئڻ ٿو چاهي ته هن کي روئڻ ئي نٿو اچي. ايڏا ته هن کي پوريءَ ريت ڇوڙهن جي سواد جي ڪل به نه پئي ته ڇوڙها بند. هو پنهنجي ان ڳالهه تي مرڪي ٿو پوي، اونهي اَڳهور شُوڪاري سان ۾ پر مان هن جي ياڃائي ينگياڻين جيان ڀهاري جو مُنيو مضبوط ڪندي، منجهس نهاري ٿي:

"واهه واهه، اڄ ته اکين ۾ ڏاڍا ڪامڻ پريو پيو مرڪين. اڄ مڙئي ڪجهه آهي."

"ته ڇا روئان؟ اڄ سدائين جيان ڪجهه به ڪينهي. مان ڪجهه سوچيان پيو، پياري پاڻي ٿي نه. اڄ مون وٽ گولڊ ليف لاءِ پيسا ڪينهن،

چُلم ناهي ڏي نہ، الا ڳڙاکو تماک جو جواب ناهي. نہ تہ پوءِ آءُ اهڙي ڳالهہ ڪندس جو پتا سڙي ويندءِ."

"پاڻ نڏو ناهين، مون کي پِتو چا، نڪ چپ ئي ڪينهن."

هاڻي هن کي خبر آهي تہ پاپيءَ تي ڪنهن ڳالهہ جو اثر ئي ڪين ٿئي. پر پوءِ بہ هو چاهي ٿو جيون ۾ ڪو رؤنشو هئڻ گهرجي نہ تہ هي دوزخ جهڙو هچارو جيون ڪيئن گذرندو. پلا روئڻ سان ماڻهو ڪيترو جيئندو؟ ٺيڪ آهي، روئڻ ۽ سوچڻ سان ڄمار وڌندي آهي. پر هر گهڙيءَ جي روڄ راڙي کان تہ هڪ پيرو ئي موت جي هڏڪي ڏيڻ سڻي آهي. هاڻي هو ٻهارو ڏينڊڙ پاڄائي کي بنهہ ڏڪائي ڇڏڻ ٿو چاهي، ڏاڍو ميسڙو ٿي: "پاپي."

"جي پائڙا."

"پانيان ٿو توکي سڀ خبر آهي."

"نہ ادا، پاڻ نہ مُئن سان گڏ نہ جيئرن. خبرون وڃي ڏوڙ ۾ پون، مان تہ ٿي- وي تان بہ خبرون نہ ٻڌان." پاپي بالڻي پاڻيءَ جي هاري وري شاپڙ شاپڙ ٻهارو هلائيندي ٿي رهي.

"قران پاپي، جي منهنجو ڪارو منهن آهي تہ مڙسهين جا نِيرا پير ٿئي."

"ها ادا، تون هاڻي تاريخ ۽ جاگرافي بيان ڪر. چا ٿيو آهي منهنجي مڙس کي؟"

"نُور پٽاري هوءَ پنهنجي پاڙي ۾ سياستدان عورت آهي نہ. جيڪا ڏاڍي گمبير ٿي هلندي آهي. جنهن جي ساڙهي، سندس ڀرپور بدن تان ڦڙڪندي اُڏندي هلندي آهي."

"ڪهڙي؟"

"اڙي پائي، مون کي نالا ڪونہ اچن. توکي تہ خبر آهي، مون کي سياسي ماڻهو ڏٺي ڪونہ وڻن. هڪ ئي تہ عورت آهي جيڪا هيڏي وڏي سياستدان هئڻ کان پوءِ بہ سياستدان نہ، ڪا وڏي مامتا ڀريل مهاراڻي لڳندي آهي."

"ها، سمجهي ويس. پلا ان کي چا ٿيو آهي؟" پاپيءَ جو ڀهارو کن لاءِ بيهي ٿو وڃي ۽ هوءَ ڀهاري جو مُنيو زور سان فرش ۾ نوڪيندي، ڏانهنس نهاري وري ڳالهائي ٿي: "هڪ ئي ته عورت آهي سنڌ ۾! ادا مان ته رڳو تي-وي تي ڏٺي آهي، چا شاندار عورت آهي! ان جي ڳالهه ته نه پيو ڪرين؟"

"پاپي ڳالهه عورت جي نه، پائوءَ جي آهي."

"چا اُن سان به وڃي وڙهيو چا؟" پاپي ڏڪي ٿي وڃي ۽ هو هاسيڪار ٿڏو ساهه ٿو پري: "اڙي پاپي، آهين ڪٿي؟ اڄ ڪلهه ته سج ۽ چنڊ به سياسي انداز سان ٿو لهي چڙهي."

"پائي ڪُلي ڳالهه ڪر. اڄ چا سياست جهڙو بيهودو موضوع ڪٽي ويٺو آهين!"

"او نو پاپي. رومانس جي ڳالهه آهي."

"ادل چڏ ته ڀهاري ڪيان سڄو گهر گندو ٿي ويو آهي."

پاڃائيءَ بيزاريءَ مان دهمان ٿي ٻڌيس ۽ هو ڪاوڙ ٿو ڪري:

"توبهن... جنهن مهل ڏس ته ڀهارو هٿ ۾. پاپي قران جو قسم، سڄي ڪالوني گندي ٿي رهي آهي، الا اج ته ثواب کٽ، سڄي ڪالونيءَ کي ڀهاري گهمائي چڏ. الله جو سنهن واهه جو ٺهندينءَ."

"تون ته ائين پيو چئين جڙ سڙڪن تي ڀهاري هلائڻ واريون عورتون ماڻهو نه هوندیون آهن. اهي ٺهنديون ئي ڪينهن!"

"اڙي توبهن ڪر پاپي. مون کي انهن لاءِ ايتري ئي عزت آهي جيتري پنهنجي لاءِ. مون ته تنهنجي پلائيءَ جي ڳالهه پئي ڪئي." هو ويٽر ميسٽو ٽيندي، ڪتاب پٽي ٿو. جڙ هاڻ پاڃائي سان ڳالهائڻ نٽو چاهي ۽ پاڃائي جو ڀهارو شڙاپ شڙاپ هلندي وري بند ٿي وڃي ٿو.

"پائي پلائي ڪا پچي ڪبي آهي چا؟ ڪر پلائي، ڪيتري پلائي ڪري سگهين ٿو؟"

"ڪي چوندس ته توکي اعتبار ئي نه ايندو." هو پاڃائي کي ليکي نه ٿو.

"پائو چؤ نہ، منهنجو ڪن توڙي آهي. منهنجي ڪا اوهان تي هلندي! هڪ اڳيئي واندو وينو هو تہ ٻئي متان نوڪري ڇڏي، منهنجو چا! ڪجهہ آٽيندؤ تہ پچائي ڏيندي سانوَ نہ تہ آءٌ ٻہ اوهان سان."

"نوڪري ڇو ڇڏي اٿس، آءٌ سڀ سمجهان پيو. وڏي ڪيڏ پيو ڪيڏي"

"اچنس تہ تاش جا پتا ٻہ مون وانگي ورهائڻ ڪين، پوءِ پلا اهو ڪهڙو لباڻو فتح ڪرڻو پيو اٿس!"

لباڻي جي ڳالهہ تي هو ڳالهہ مان ڳالهوڙو ناهڻ لاءِ گَنَ ڪيٿا ٿو ڪري: "پاپي قران، واهہ جو ڪوڙو هنيو اٿئي. آءٌ ٻہ چوان، ان عورت ۾ آهي چا؟ ايمان سان، مومل نہ، سومل جا مجاز اٿس."

"وري اِها وچ ۾ سومل ڪٿان ٽڪات ڪري نڪري آئي؟ تون الائي ڪهڙيون بتال ڳالهيون پيو ڪرين!" پاپي بيزار ٿي وڃي ٿي.

"پاپي، وايون بتال ٿي ويندئہ. قران، تو واري انهيءَ ميسڻي مڙس وڏا گُل ڪيڀا اٿئي. پر ڳالهہ حق جي ڪبي، الا رڳو هڪڙي پيري ڏني ٿمہ. ڪنهن ايڪٽريس جي ٻہ منهنجي اکين ۾ ايتري شڪل چٽي نہ آهي جيتري انهيءَ عورت جي. مار پويس، عورت ٻہ تہ راڃاڻ آهي..."

"عورت... عورت... نالو ٻہ ڪٽي ونينس."

"پاڃائي چيم نہ، نالو نٿو اچي. پائي اُها ئي ٿي۔ ويءَ واري گميير عورت. ها، جمبوجيت، اهو ٿس نالو اُن تي عشق ٿيو اٿس."

"نہ ادا اهڙو آهيئي ڪونہ." پاپي کي اعتبار نٿو اچي، پاپي مرڪي ڏانهنس نهاري ٿي: "چو پلا، اڄ وري جهيڙو ڪرائيندين چا؟ ڪو ڪڙ تيل ڪونہ نڪرندءِ."

"ها توکي اعتبار ڪيئن ايندو. تنهنجي جا هيڏي ساري مسڪا پاليسي ٿو ڪري! وڏو ميسڻو ٿئي! ايمان سان سائنٽيفڪلي هزار ڪن تہ عورتن جي قسمن جي خبر اٿس. بس بازار مان هلندو تہ سڀ نمونا ۾ آر پار ٻڌائيندو ويندو: هي جمبو وومن آهي، هيءَ جيٽ آهي، هيءَ فوڪر آهي فور باءِ فائيو. هي بمبات ٿئي."

"اڙي ادا، ويچارو اِهي چرچا ته ڪندو رهندو آهي پلا جيون ۾ ٻي دلچسپي ڪهڙي رهي آهي؟" پاڻي ٽڏو ساهه ٽي پري ۽ دهمان ٽي ڪريس: "ڏس، گاڏو برتنن جو مون کي هينئر ملٽو آهي. هاڻ منهنجو دماغ نه کاءُ."

"اڙي پاڻي منهنجو چا! ٻن ڏينهن لاءِ آياسين، هليا ويندا سين. پر خبر ٽئي، ماڻهن کي پريشان تنهنجو تعارف ڪيئن ڪرائيندو آهي؟"

"ها خبر ٽم. ڪڪنگ مشين، روٽي پلانٽ، سوپر ليڈي، مس ڏوبي گهاٽ."

"سڀ ڪجهه خبر ٽئي پوءِ ٻ؟" هو پاڻي کي چڙ ڏيارڻ لاءِ ڏاڍو ايڪٽ ٽو ڪري: "پلا ائين ناهي چا؟!"

پاڻي ڏاڍي دکي ٽي وڃي ٽي، روئڻ جهڙي. هو پوڳ ڪندي پاڻ ٻ دکي ٽي وڃي ٽو ۽ سوچي ٽو ڪهڙو نه ڪلجگ اچي ويو آهي! اسين هڪ ٻئي سان روٺنشا ٽا ڪريون هڪ ٻئي جا دک درد متائڻ لاءِ ۽ ڪلڻ بدران روئي ٽاپئون!! ۽ هو روئڻ جهڙو ٽي هڪدم اٽي باهر هليو ٽو وڃي.

❐

ڊوڙ

ـ انند ڪيماڻي

اڄ مان پاڻ نهايت ناراض آهيان. مون کي لڳي ٿو ته مون ٺيڪ نه ڪيو. مان اڪيون پوري، بتي وسائي، پلنگ تي شِو آسڻ ۾، يعني مردي وانگر، ڊلو ڊلو پيو آهيان. بيبي ۽ ناراض آهي ته ڪهڙي ڳالهه آهي، جو مان ڪيس نٿو ٻڌايان. مان اڪثر دفتر جي ڳالهه، گهر ۾، خيالن ۾ ۽ نه آڻيندو آهيان پر اڄ منهنجو ڏيان ور ور ڪري اڄ جي واردات ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي.

لڳ ڀڳ ٻارهين وڳي ديال چند ڊرڪندو ڊرڪندو دفتر آيو ۽ اچي ڏمر سان ڪرسيءَ ۾ ڀيو. اسين سندس سڀ ساٿي ڏانهنس نهاريڻ لڳاسين. ٽن چئن ڏينهن کان وڃي سندس طبيعت خراب پئي رهي آهي. مون کي چوڻ لڳو: "ٽن چئن ڏينهن کان بخار ٿو اچيم، ڪا گوري ٻوري ڏي"

مون سندس ڪرائي پڪڙي نبض ڏني. اُها تمام تيز هئي ۽ رکي رکي سندس پنهنجي ڏڙڪن جو هڪ Beat گسائي رهي هئي. اسان جي دفتر ۾ ئي هڪ ڊسپينسري آهي. مون کيس صلاح ڏني ته هيٺ وڃي ڊاڪٽر کان تپاس ڪرائي دوا وڃي اچي ۽ ٻه ٽي ڏينهن دفتر نه اچي خواهه گهر ۾ آرام ڪري.

ٿوري دير کان پوءِ هيٺيان ڊسپينسريءَ مان اسان جي انچارج کي فون آيو ته هيٺ ديال چند جي ڪنهن ساٿيءَ کي موڪليو.

انچارج مون کي چيو ته مان هيٺ وڃي ڏسان ته ڳالهه ڇا آهي. مان

هيٺ ڊسپينسري ۾ ويس تہ ڏٺم ڊاڪٽر جي ڪمري جي ٻاهران ديال چند بينچ تي ليٽيو پيو هو. مان ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ ويس تہ ڊاڪٽرياٽيءَ پڇيو: "ديال چندر سان گڏ ڪم ڪندو آهين؟"

مون هامي ڀري چيائين: "اوهان جو ساٿي اهڙو بيمار آهي ۽ اوهان مان ڪو بہ ساٿس گڏ نہ آيو آهي."

ڊاڪٽرياٽيءَ ٻڌايو تہ ديال چند ڊسپينسريءَ ۾ ايندي ايندي لڳ پڳ ڪري رهيو هو ۽ استاف جي ڪن ماڻهن ڪيس سنياليو.

مان چپ رهيس جو مون چاهيو ٿي تہ ڊاڪٽرياٽي ٻڌائي تہ ڪيس تڪليف ڪهڙي آهي. پر جڏهن ٻن- ٽن منٽن لاءِ هن ان باري ۾ ڪجهہ نہ ٻڌايو تڏهن مون پڇيو: "ديال چند کي آخر تڪليف ڪهڙي آهي؟"

جواب ۾ ڊاڪٽرياٽيءَ چيو: "هن کي هڪ سؤ سائيون چار ڊگريون بخار آهي. پر مان ڪيس ڪابہ دوا نٿي ڏيان جو ديال چند چوي ٿو ڪيس Allopathy جي دوا پاڻ نہ پوندي آهي. مليريا يا ٻئي ڪنهن بخار جي گوري وٽ سان سندس سڄي جسم ۾ ڦرڙيون ۽ ڇالا نڪري پوندا آهن. ۽ جيڪڏهن ڊسپينسري ۾ مريضن کي ڪا دقت ٿئي تہ ڪيس سنيالڻ لاءِ اسان وٽ ڪو ساڄ سامان ڪونهي."

منهنجي نگاهہ ۾ سوال هو: پوءِ؟

مون ڏٺو ڊاڪٽرياٽي ڪجهہ پريشان هئي. مون پڇيو:

"جيڪڏهن اوهان جي وس جي ڳالهہ نہ هجي تہ ڪيس وڏيءَ اسپتال ۾ وڃي وجان."

مون ڏٺو ڊاڪٽرياٽي جي همٿ واپس اچي رهي هئي. مان پارليامينٽ ۾ ڪم ڪندو آهيان. ميمبرن لاءِ هڪ ايمرجنسي ڊيسپينسري آهي. جتي ضرورت جي وقت ملازمن کي بہ اٽينڊ ڪيو ويندو آهي ۽ هي ڊاڪٽرياٽي ان جي انچارج آهي. سڄي ملڪ لاءِ قانون ناهڻ وارن جي روز بہ روز صحت جي نگهبان ڪئين ٿي گوارا ڪري سگهي تہ هن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

ڊاڪٽرياڻيءَ حڪم ڏنو تہ پاسي واري ڪمري ۾ ديال چند کي وڃي وڃان. اُتي ڪوچ پيو آهي. وڃي اُتي سمهاريانس. مون ائين ئي ڪيو. پنجن منٽن کان پوءِ ڪمري ۾ آئي ساٽس گڏ خون (Blood) وٺڻ وارو ٽيڪنيشن پڻ آيو. مليريا آهي يا نہ. ان جو فيصلو بن ڪلاڪن ۾ ٿي ويندو. مون کي هڪ وڏو ٽوال ۽ پاڻي پريل گينڊي (Pot) ڏنائين ۽ چيائين: "مريض کي هر هر متي، ٻانهن، پيرن وغيره تي اهو ٽوال آلو ڪري رکندو اڄ." ان کان اڳ چيو هئائين تہ ڪولڊ ڊرنڪ گهرائي ديال چند کي پياريان. ٿوري دير کان پوءِ اسان جي ڪمري جا ٻيا ساٿي بہ ديال چند کان پڇڻ لاءِ ايندا رهيا.

ڪلاڪ کن جي آلي ٽوال رکڻ جي باوجود ديال چند جو بخار ڪونہ گهٽيو هو. ان وچ ۾ ڊاڪٽرياڻي بہ پيرا اچي چڪي هئي ۽ ٽيمپريچر وٺي. ظاهري طرح چوندي رهي: "فرسٽ ڪلاس. سپ ٺيڪ آهي." ڊاڪٽرياڻي مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويئي ۽ ٻڌايائين. "مريض کي Low blood Pressure آهي ۽ کيس Tachycardia آهي. يعني دل جي ڌڪ ڏکيل آهي. ان کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن هن جي دل پنهنجي ڏک ڏک جي هڪ ڪڙي گسائي ٿي وڃي. پر گهبرائڻ جي ڪائي ڳالهہ نہ آهي. مان سندس E.C.G ڪرايان ٿي ۽ بخار گهٽائڻ لاءِ هڪ گوري ڏيان ٿي. پر ڇاڪاڻ تہ مريض کي انگريزي دوائن کان Allergy آهي. ان ڪري مان ڪوبہ خطرو کڻڻ نٿي چاهيان. ڪيس ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا اسپتال ۾ وٺي وڃو. اُتي ڊاڪٽر گگلاڻي جي نگرانيءَ هيٺ گوري ڏجوس تہ جيڪڏهن ڪا ايمرجنسي يا مشڪل پيدا ٿئي تہ وڏي اسپتال ۾ اُن سان نپٽڻ جا سڀ ذريعا آهن."

مون اچي ديال چند کي ٻڌايو تہ بخار ايڏا آهي ۽ ان ڪري توکي بن- ٽن ڪلاڪن لاءِ ڊاڪٽر منوهر لوهيا اسپتال ۾ وڏي ڊاڪٽر جي نگراني هيٺ دوا ڏجي.

ديال چند ٻڌايو تہ سندس پتني دهليءَ کان ٻاهر آهي ۽ گهر ۾ صرف

ٻہ اسڪول ويندڙ ڇوڪريون آهن. جيڪڏهن هو وڏي اسپتال ۾ ويو ۽ اتي رات وغيره رهڻي پيئي تہ اُهي گهبرائجي ويندیون.

ان وچ ۾ نرس بلڈ رپورٽ کڻي آئي ۽ اُها پازيٽو هئي. پر آڻت ڏيئي ويئي تہ مليريا جي دوا جو ڪورس ونڊ سان سيٽ ٿيڪ ٿي ويندو.

مان ديال چند کي E.C.G واري روم ۾ وٺي ويس. ۽ اهو پنو کڻي اچي ڊاڪٽرياڻي کي ڏنم ۽ سندس چهري کي نهارڻ لڳس. پنجاهہ سالن جي ڏاڪڻ تي پهچڻ واري ڊاڪٽرياڻي ظاهري طرح سڻن لفظن جي باوجود پنهنجي خوف کي لڪائي نہ سگهي. مون کيس ٻڌايو تہ ديال چند کي وڏي اسپتال وٺي وڃڻ ممڪن نہ آهي جو سندس پتني ٻاهر آهي ۽ گهر ۾ صرف ننڍيون ڇوڪريون اٿس.

گنيير ٿيندي فرمائڻ لڳي ان ڪري تہ هيڪاري وڏيڪ ضرورت آهي جو جيڪڏهن آڌي رات جو ڪا Complication پيدا ٿي تہ ڇوڪريون وڏيڪ گهبرائجي ويندیون.

مون بهتر سمجهيو تہ پنهنجي ساٿين کي چتايان ۽ ڪن ٻن ڇڻن کي موڪل ٿيڻ کان اڳ ئي روڪيان تہ اُهي ديال چند کي اسپتال وٺي وڃن جو شام جو منهنجو قوت سر گهر پهچڻ ضروري هو جو مون پنهنجي ٻار سان وعدو ڪيو هو تہ اڄ کيس مارڪيٽ مان ڪتاب ضرور ٻہ ضرور خريد ڪري ڏيندس. ڇڻن پنجن ڏينهن کان سندس فرمائش کي ٽاريندو پئي آيس ۽ اڄ هو انتظار ڪندو هوندو.

ديال چند اسپتال وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. پر مون کيس سمجهايو تہ بيماريءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽر جي صلاح کي وزن ڏيڻ ٿيڪ آهي. ۽ کيس ٻڌايو تہ مان اسپتال نہ هلي سگهندس. باقي ٻہ ٻيا ساٿي توسان گڏ اسپتال هلندا. گهٽو ڪري ٻن ڪلاڪن ۾ دوا جي ردعمل جي خبر پئجي ويندي ۽ پوءِ حالتن موجب توکي گهر وٺي ويندا يا ضرورت پئي تہ هڪ توسان گڏ رهندو ۽ ٻيو تنهنجي گهر اطلاع ڏيڻ ويندو.

مون شرما گوسوامیءَ کي تيار ڪيو ۽ڪين ٻڌايو تہ مون اڳ ۾ ئي

Appointment آهي جا مان رد ڪري نٿو سگهان. شرما کي موٽرسائيڪل آهي ۽ ديال چند جي ڪالوني ۾ ئي رهندو آهي. گوسوامي مون واري ڪالوني ۾ رهندو آهي ۽ مون ساڻس واعدو ڪيو ته مان سندس گهر اطلاع ڏيندو ويندس ته هو دير سان ايندو.

هڪ پيرو ته منهنجي من ۾ آيو ته مان به ساڻس گڏ وڃان. پر پوءِ مون ٻار جي ضد جو تصور ڪري گهر واري بس پڪڙي ڪين ڊاڪٽرياڻيءَ جون ڏنل سڀ هدايتون ٻڌايون ۽ معاملي جي گنڀيرتا سمجهائي.

پنهنجي ڪالونيءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ مان جڏهن گوسواميءَ جي گهر ڏانهن وڃي رهيو هوس ته پريان ڏٺم ته گوسوامي پنهنجي بئگ لوڏيندو پيو اچي. مان حيران ٿي ويس. پڇيومانس ته چوڻ لڳو "گهر هل ته ٻڌايان ته چا ٿيو."

منهنجي من ۾ غصو پرجي آيو ته سالن کان گڏ ڪم ڪندڙ ساٿي جي صحت خاطر هو شام جا بـ ٽي ڪلاڪ بـ نٿا ڏين. جڏهن ڊاڪٽرياڻيءَ ور ور ڪري وڏي اسپتال ۾ مريض کي ونڊي وڃڻ ۽ ڪيس ڊاڪٽر جي نگرانيءَ هيٺ چند ڪلاڪ رهڻ جي صلاح ڀئي ڏني.

چانهه جي پيالي تي گوسوامي. منهنجي لفظن جي پٺيان عيان غصي کي درگذر ڪندي تحمل سان ٻڌايو ته پهرين اسپتال لاءِ ڪافي دير تائين ٽئڪسي ڪانه ملي ۽ پوءِ ديال چند اسپتال هلڻ کان نابري واري ان ڪري شرما کيس پنهنجي موٽرسائيڪل تي ويهاري سندس گهر ڏانهن روانو ٿيو آهي. ديال چند اُتي پنهنجي ڪالونيءَ ۾ ئي ڪنهن پرائيويٽ ڊاڪٽر جو علاج ڪندو. ڊسپينسريءَ وارن ته خواهه مخواهه ڀئي ڊيڄاريو.

ان تي مون سنجيدگيءَ سان چيو "اوهان ٻنهي دوستن تڪليف کان بچڻ لاءِ ائين ڪيو آهي. بيماريءَ جي حالت ۾ مريض جي راءِ تي نه بلڪ ڊاڪٽر جي راءِ تي هلڻو پوندو آهي."

گوسواميءَ ٿوري دير تائين ڪوبه جواب ڪونه ڏنو پر ان وچ ۾ مون

ڏنو تہ هو جڻ ڪي اوکا لفظ چوڻ کان پاڻ کي روڪي رهيو هو.

مون کي لڳو جڻ هو چوڻ وارو هو تہ جيڪڏهن تو تڪليف کان بچڻ نٿي چاهيو تہ پوءِ تون چو نہ ديال چند سان گڏ وئين؟

پر هن شريف ماڻهو رڳو ايترو چيو "ديال چند پنهنجي ڏيئرن جي خوفزده ٿيڻ جي امڪان کان اسپتال وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ اسان کي اهو ٺيڪ لڳو تہ اسين سندس ڳالهہ کي نہ ٽاريون."

مون گوسوامي ۽ جي چهري طرف نهاريو. لفظن جي ظاهري سچائي ۽ جي، هن جي چهري جي رنگت تصديق ڪانہ ڪئي.

مون کي لڳو بحث بيڪار آهي. هڪ ٻئي تي ملامت وجهڻ سان رڳو ترشي وڌندي ان ڪري مان چپ چاپ گهر هليو آيس.

مون ٻار کي ڪتاب ضرور وٺي ڏنا پر مان پاڻ کي معاف ڪري نہ سگهيس. هر هر منهنجو ذهن ديال چند ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي، جيڪڏهن مان ساڻس گڏ وڃان ها تہ ڪيس اسپتال ۾ اوس وٺي وڃان ها. مريض جي جان کان وڌيڪ ڇوڪرين جي خوفزده ٿيڻ کي اهميت ڪانہ آهي.

جڏهن مان استتيءَ جو ڇيڊ ٿو ڪريان تہ مون کي لڳي ٿو تہ اسان ٻنهي کي يعني شرما گوسوامي ۽ مون کي شام جا چند ڪلاڪ پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ جي جان کان بہ وڌيڪ پيارا آهن. مون رڳو ايترو وڌيڪ ڪيو هو جو منجهند جي سرڪاري وقت کي ديال چند جي نذر ڪيو هو. شايد تڏهن وڌيڪ ڏڙ ڏڙ ڪري رهيو هوس.

❐

اشارو

ـ شوڪت حسين شورو

'دنيا جيئڻ جي قابل ناهي يا آئون دنيا جي قابل ڪونہ آهيان؟' ڪمال جي ذهن ۾ سوال اٿيو ۽ هو ششدر بنجي بيهي رهيو. هو لُنڊا بازار مان ٻاهر نڪري لائيٽ هائوس سئنيما جي اڳيان اچي بينو هو. بندر روڊ تي ٽريفڪ جي ٻوڌ کي لائيٽ هائوس جي اڳيان سگنل جي ڳاڙهي بتيءَ ڪجھ دير لاءِ بند بنجي روڪيو ٿي تيستائين سامهون پاڪستاني چوڪ کان ايندڙ ٽريفڪ کي وارو مليو ٿي ۽ پوءِ سائي بتيءَ جي اشاري تي اها ٻوڌ اڳتي وڌي ويئي ٿي.

ڪمال جو هٿ پاڻيهي جاڻي ڪيسي ڏانهن ڪڍي ويو ۽ سندس هٿ اندر ڪيسي ۾ پيل خط کي ٻاهران محسوس ڪيو. هن جو سڄو ڌيان پيءُ ڏانهن هليو ويو. قد جو ننڍو ٿلهو ۽ هٿ ۾ سدائين ڏنڊي. اهو ٻاهر ته اسڪول ۾ هيڊماستر هو پر گهر ۾ ٻہ هيڊ ماستر هو. زال ۽ ٻارن کي هروقت ڇڙبون ۽ دڙڪا ڏيندڙ ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ ۾ اچي ٻارن کي ڏنڊي سان سٽيندڙ. ڪمال پيءُ جي ان طبيعت کي سمجهي نہ سگهيو ته اهڙو ڇو هوا هن پيءُ کي ڪڏهن ٻہ پنهنجائپ محسوس ئي نہ ڪرائي. پر هن کي ڪڏهن پيءُ کان نفرت ٻہ محسوس نہ ٿي. رڳو ڊپ ٿيندو هو. هاڻي هن کي لڳو ته سندس ۽ پيءُ جي وچ ۾ رڳو ڊپ جو رشتو هو. پوءِ هو جيئن وڏو ٿيندو ويو ۽ سندس پيءُ پوڙهو ٿيڻ لڳو ته اهو ڊپ لاتعلقي ۾ بدلجندو ويو. ڪمال گهر ڇڏيو. ان کي گهڻو وقت ٿي ويو هو. هاڻي هو ڪڏهن

ڪڏهن گهر ويندو هو ته پيءُ سان هڪ بن لفظن کان وڌيڪ ڳالهائيندو نه هو. پيءُ اندر ڪمري ۾ ويٺل هوندو هو ته ڪمال ٻاهر وراندي ۾ وڃي ويهندو. پيءُ ٻاهر ويٺل هوندو هو ته ڪمال اندر ڪمري ۾ وڃي ويهندو يا مورڳو گهر کان ٻاهر نڪري ويندو هو. هو سمجهي نه سگهيو ته ائين ڇو ٿي ٿيو! هن کي پيءُ جي موجودگيءَ ۾ هڪ عجيب مونجهه محسوس ٿيندي هئي. هن اهو به ڏٺو هو ته پٽس کي به هروپرو ڪا چاهنا ڪانه هئي ته ڪو پٽ سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪري. ڪجهه دير گڏ ويهڻو به پوندو هئن ته ٻئي چپ هوندا. گهر ۾ بي هئي ماءُ جيڪا هر وقت پٽس جي رويي ۽ گهر ۾ اڻ هوند جون شڪايتون پئي ڪندي هئي. ڪمال چپ چپ ماءُ جون ڳالهيون ٻڌندو رهندو هو. هن ڪڏهن به ماءُ جي شڪايتن تي سنيجدگيءَ سان ڌيان ڪونه ڏنو. پر گهٽي وقت کان پوءِ هن کي احساس ٿيو ته ماءُ سان سندس وهنوار بلڪل اهڙو ئي هو جهڙو سندس پيءُ جو هو. هن کي پنهنجي ماءُ تي رحم آيو جنهن کي سندس مڙس ته نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. پر پٽن به ڌيان نه ڏنو ۽ ان غريب عورت سڄي عمر ڪيترو لوڙهيو هو!

ڪمال خط ڪيسي مان ڪڍيو ۽ بيٺي بيٺي ان کي وري پڙهيو. هو اهو خط ٽي ڀيرا اڳ به پڙهي چڪو هو. پٽس لکيو هو:

"ماڻهو اولاد جڻيندا آهن ته ان کي پڙهائي لکائي، پنهنجن پيرن تي بيهاري، اها اميد رکندا آهن ته هو ڪين ڏکئي وقت ۾ سهارو ڏيندو. اسان تو لاءِ ڇا نه ڪيو؟ پنهنجي غريباڻي حال سارو توکي پالي پڙهائي ايڏو سارو ڪيو پر اسان کي خبر ڪانه هئي ته تون اهڙو نالائق ثابت ٿيندين جو پنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ پيءُ، پنهنجن ننڍين پيٽرن ۽ پائرن جي سار سنيال نه لهندين. ڇا توکي ذرو به احساس ڪونهي ته اسين ڪيتري تنگدستيءَ ۾ آهيون. اسان کي ڪٽي ڇڏ، اسان تو لاءِ ڪجهه ڪونه ڪيو پر پنهنجين پيٽرن جو ته خيال ڪر. اسين اڇي مرڙ ڪنڊيءَ تي بيٺا آهيون. اسان کان پوءِ انهن معصوم نياڻين جو ڪهڙو سهارو آهي؟ تون ته ننڍي هوندي

کان لاپرواهہ آهين. نہ ماءُ پيءُ جو خيال ۾ نہ پينرن جي چنتا. هتي تنهنجي چري ماءُ تنهنجي شاديءَ جا سانباها پئي ڪري. چوڪريءَ وارا هاڻي تڪڙ پيا ڪن. مون وٽ تہ پيسو ڪونهي جو شاديءَ جو خرچ پري سگهون. اهو سڀ توکي ئي ڪرڻو آهي. هاڻي تہ سُستي ۾ ڪاهلي ڇڏ. زندگيءَ ۾ ڪجهہ سنجيدو ٿي. ڪجهہ احساس ذار ڪجهہ ڪر. ان کان وڌيڪ آئون توکي چا چوان..."

ڪمال خط ويڙهي کيسي ۾ وڌو. هن روبہ ڪراس ڪرڻ چاهيو پر تريفڪ جو تيز وهڪرو ڏسي هو ترسيو جيستائين ريبہ سنگل اچي. هن کي خيال آيو تہ هو سڄي عمر منتظر رهيو تہ ڪيس ڪٽان کو سگنل ملندو. ڪو اشارو ملندو ۽ هو بہ دنيا سان گڏ اڳتي وڌندو. پنهنجن مسئلن جي ڏبڻ مان. پنهنجن ڪامپليڪس جي گهيرن مان ٻاهر نڪرندو.

'ايتري ساري زندگي گذري ويئي پر مون کي ڪٽان بہ ڪو گرين سگنل نہ مليو اڳتي وڌڻ لاءِ. گرين سگنل هميشہ ٻين جي لاءِ هوندو آهي. ٻيا اڳتي وڌي ويندا آهن ۽ جڏهن منهنجو وارو ايندو آهي تہ ريبہ سگنل روشن ٿي ويندو آهي. وقت ڪيترو اڳتي وڌي ويو هو ۽ آئون پوئتي ڏکجندو وڃان. موجوده وقت ۾ اڻ ٺهڪندڙ صفا Misfit.'

ڪمال کي ڪراچيءَ جي جنهن آفيس ۾ نوڪري ملي هئي تنهن ۾ هن پاڻ کي اڃا تائين نہ ٺهڪايو هو. ڪراچيءَ جا ماڻهو ڳالهائڻ جا. ڪم ڪرڻ جا ۽ هلڻ جا تيز. هڪڙي هنڌان اٿي ٻئي هنڌ ائين تيز ويندا جڻ ڪا ايمرجنسي هجي ۽ موٽندي بہ ايترو ئي تيز ايندا پوءِ پلي پنهنجي ٽيبل تي ويهڻ کان پوءِ ڪو ڪم نہ هجين. ڪمال جو آفيسر مسٽر نظامي ٻاهران ائين تيز تيز ايندو هو جو ساهہ بہ ڪرسيءَ تي ويهي کڻندو هو. اهو مسٽر نظامي ڪمال کي سست ڪري سڏيندو هو:

"ڪراچي جهڙي تيز شهر ۾ ائين مئل قدمن سان هلندين تہ پوئتي رهجي ويندين. ۽ ٻيا سڀ توکان اڳتي نڪري ويندا..."

پر ڪمال پنهنجي گهران جيڪي مئل قدم کڻي ٻاهر نڪتو هو

سي ڪراچيءَ ۾ بہ اهڙا ئي رهيا.

'چو؟ آئون ٻين جهڙو نٿو ٿي سگهان!' هن پاڻ کان پڇيو.

'آئون ٻين جهڙو تيز ۽ چالاڪ ڪونہ آهيان... هلڻ ۾ سست... ڳالهائڻ اچي ڪونہ...'

"تون ماڻهن سان گڏ رهيو آهين يا جهنگلي جانورن سان گڏ؟"

اها ڪرستائن هئي جنهن هن کان پڇيو هو. ڪاري هجڻ جي حد تائين سانوري، مستر نظامي جي استينو. ڪمال ڊسپيچ ڪلرڪ هو. ان ڪري ٻنهي جو هڪ ٻئي سان واسطو هو. پر ڪمال ڪوشش ڪئي تہ سندس واسطو گهٽ پوي. ڪرستائن جو واسطو ڪجهہ زياده ئي هو.

"تنهنجي لاءِ تہ آئون جهنگ مان پڪڙجي آيل هڪ جانور ئي آهيان. اوهان جهڙن شهري ماڻهن جي وندر جو وسيلو."

"او نو... تون تہ چڙي بہ جلدي ٿو پئين. منهنجو مطلب اهو ڪونہ هو. تون دنيا ۾ ڪجهہ سک. Taboos ۽ Complexes مان ٻاهر نڪر. نہ تہ هيءَ دنيا توکي لتاڙي پوئتي ڇڏي ويندي."

۽ ڪرستائن پاڻ ئي اڳتي وڌي هن ڏانهن آئي هئي. ڪمال تہ پنهنجي ليکي گهڻي ڪوشش ڪئي هئي تہ ڪرستائن کان فاصلو رکي. هوءَ جيڪڏهن خوبصورت ڪانہ هئي، تہ وٽندڙ ضرور هئي. صحتمند ۽ ٺيڪ ٺاڪ. پرٽيل هئي ۽ هڪ ٻار جي ماءُ پڻ هئي. پرڏسڻ ۾ ايجا چوڪري ٽيلگي. شروع شروع ۾ ڪمال هن سان ڳالهائڻ کان ڊڄندو هو. اول اول ڪرستائن ئي هن سان فري ٿي هئي ۽ هن کي ڇڪي پنهنجي ويجهو آندو هو.

"تون هر ڳالهہ ۾ سست آهين، سواءِ هڪڙي ڳالهہ جي..."

"شڪر، ڪنهن تہ ڳالهہ ۾ تيز آهيان! ڪهڙي آهي اها؟"

"تون اچين تڪڙو ٿو."

ڪرستائن ٿهڪ ڏنو هو. ڪمال بہ هن سان گڏ ڪليو. پر جلدي گنيير ٿي ويو. هو پريشان ٿي پيو هو.

"هاڻي وري چا پيو سوچين؟"

"ڪجھ نہ."

"ائين تہ آئون توکي سيڃاڻان ٿي. سواءِ سوچڻ جي ٻيو توکي اچي چا ٿو! نھيو ٻڌاءِ ڪھڑي ڳالھ آھي؟"

"اھو ئي تڪڙي اچڻ تي پيو سوچيان."

"يوُ استوپڊ! اھا بہ ڪا سوچڻ جي ڳالھ آھي. مون تہ مذاق ۾ چيو. اھو تہ نيچرل آھي تو جھڑي ماڻھوءَ جي لاءِ. جڏھن ڪو Excited گھٽو ھوندو آھي نہ، تہ جلدي اچي ويندو آھي. تون پاڻھي ٺيڪ ٿي ويندين. ان تي گھٽو سوچيندين تہ سڄو معاملو گڙ ٻڙ ٿي ويندو. پر مون کي بہ تنھنجو جلدي اچڻ بہ وڻي ٿو. تون ڪجھ بہ نہ سوچ ان بابت."

ڪرستائن ھن کي زور سان ٻاڪر پائي ھڪ ڏگھي ڪِس ڪئي ھئي.

بندر روٽ تي تيز ٽريفڪ سان گڏ ھن جون نظرون بہ ڏوڙندیون ويون. ايتري ساري وڏي دنيا ۾ ھڪڙي ڪرستائن ھئي جنھن مان ھن کي پنھنجائپ ملي ھئي، جيڪا ھن جي وجود جي اونڌاھي غار اندر گھڑي آئي ھئي ۽ اتان ڄارا صاف ڪيا ھئا. ڪيس ماڻھو بنايو ھو تہ ڪرستائين.

"تو مون کي جھنگلي جانور مان پالتو جانور بنائي ڇڏيو آھي."

"بيوقوف آھين تون. پالتو جانور جي ڳچيءَ ۾ تہ پٽو ھوندو آھي."

"اھو پٽو تون آھين."

"نہ تون پالتو جانور آھين ۽ نہ آئون تنھنجي گلي ۾ پيل پٽو. اونڌيون ڳالھيون نہ سوچيندو ڪر. ماڻھو ھميشہ سٹيون ڳالھيون سوچي. تون ماڻھو آھين، ٻين عام ماڻھن وانگر عام ماڻھو. آئيندي ڪڈھن ڪا اونڌي ابتي ڳالھ متان سوچين."

ڪمال سوچيو 'پر جنھن ماڻھوءَ جي شخصيت ئي اونڌي ھجي، اھو اونڌيون ابتيون ڳالھيون نہ سوچيندو تہ ٻيو چا ڪندو. آئون ڪيتري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود پاڻ کي دنيا سان ٺھڪائي نہ سگھيو آھيان.

هر هنڌ، هر ڪنهن سان، هر ڳالهه ۾ Misfit...' هن جون نظرون آسپاس ۽ روڊ جي ٻئي طرف وارن دڪانن، شين، ماڻهن ۽ گاڏين تان ڦرنديون سگنل تي اچي جمي ويون ٿي- جڏ ڪيس انتظار هجي ته هن کي ڪڏهن اشارو ملندو اتان هلڻ جو. ان اشاري جي انتظار ۾ سڄي زندگي گذري وئي ۽ هن زندگيءَ ۾ ڪجهه به نه ڪيو. نه پنهنجي لاءِ، نه ٻين جي لاءِ.

'ماڻهو ڏسندا اهو آهن ته هن ٻين جي لاءِ ڇا ڪيو آهي! مون ته ڪنهن جي لاءِ ڪجهه به نه ڪيو. نه پنهنجي گهر وارن جي لاءِ، نه ڪرسٽائن جي لاءِ...'

اها ڪرسٽائن هئي جنهن هن جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو. پر هو ڪرسٽائن جي لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيو هو. اها ڳالهه چيت بنجي هن جي ذهن ۾ چپي رهي هئي. هن کي لڳو ته هو هيٺ ڪري پيو هو- گهٽو گهٽو هيٺ، جتان نڪرڻ جي لاءِ ڪو حيلو وسيلو ڪونه هو.

"تون شروع کان اهڙو بيحس آهين يا هاڻي ٿيو آهين؟"

ڪرسٽائن پڇيو هو هن کان. ۽ هن سوچيو هو ته ڇا هو اندر به ايترو ئي بيحس آهي جيترو ٻاهران لڳي ٿو! جيڪڏهن هو سچي به ايترو بيحس هو، جيڪو هن ڪڏهن پاڻ کي نه سمجهيو هو، ته ان بيحسيءَ جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟

"مون ته هميشه ائين ٻئي سمجهيو آهي ته آئون حد کان وڌيڪ حساس آهيان. معمولي ڳالهه ۾ مون تي وڏو اثر ڪندي آهي ۽ ذهن ۾ چنبڙي پوندي آهي."

"ها، تون حساس ته آهين، پر رڳو پنهنجي لاءِ، پنهنجي ذات جي حد تائين. ٻئي ڪنهن کي ڪا تڪليف آهي، ڪو مسئلو آهي، ان جو احساس توکي ڪٿي ٿيندو آهي! جيستائين ٻئي جي جذبات جو واسطو آهي ته تنهنجو حساس پڻو ڪيڏانهن گم ٿيو وڃي؟"

ڪمال کي لڳو: لائيٽ هائوس جي سامهون گذرندڙ سموري ٽريفڪ هن جي متان چڙهندي ٻئي آئي. هن جي سيني اندر ڪا شئي مروڙجي

رهي هئي. ڪمال ڇاتيءَ تي هٿ رکيو ۽ ڏڳهي ساهه کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. اوچتو ريڊ سگنل سبب سموري ٽريفڪ بيهجي وئي. سگنل جي ڳاڙهي بتي ڪمال جي اکين ۾ نچڻ لڳي. هن کي ڊپ لڳو ته چڪرائجي فوٽ پاٿ تي نه ڪري پوي. هن سيني کي زور سان دٻايو ۽ گهڙي کن جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون.

هن پاڻ کي چيو: تون اهو شخص آهين جنهن ڪڏهن به ڪنهن جي لاءِ به ڪجهه نه ڪيو. ڪجهه ڪرڻ ته پري رهيو تو ڪڏهن ڪنهن لاءِ سوچيو به ڪونه. ڪو اهڙو ماڻهو آهي جيڪو تومان مطمئن هجي! تو هميشه ٻين ۾ اميدون رکيون ته اهي تنهنجو خيال ڪن. تو لاءِ ڪجهه ڪن... تنهنجي جيئڻ جو ڪارڻ بنجن. پر تو انهن جي لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ لعنت آهي توتي- تنهنجي جيئڻ تي...

ٽريفڪ جي گوڙ تي هن اکيون کوليون ۽ سگنل جي بتيءَ ڏانهن ڏٺو. سائي روشني هن جي اکين ۾ ٽڏاڻ بنجي آئي. هن پاڻ کان پڇيو. 'مون کي به ڪڏهن زندگيءَ ۾ گرين سگنل ملندو؟ سڄي حياتي آسرو رهيو. پر منهنجي اڳيان سيئي رستا بند رهيا آهن. سيئي دروازا بند رهيا آهن. جڏهن ڪو رستو نه ملي. ڪو دروازو کليل نه هجي ته ماڻهو ڪيڏانهن وڃي؟' تڏهن هن کي ڪرسٽائن جي چيل ڳالهه ياد آئي: "منهنجي گهر جو دروازو تو لاءِ هميشه کليل رهندو." پر اهو دراوزو به بند ٿي ويو هو هن لاءِ.

منهنجو مڙس بن سالن کان آمريڪا ۾ آهي. ايندا هن جي اچڻ جو ڪو پروگرام ناهي. پنڌيان آئون ٻار جي ماءَ بنجي وڃان ته ماڻهو ڇا چوندا؟ منهنجو مڙس ڇا چوندو؟ تون اهو سمجهين ڇو نٿو!"

"تون طلاق وٺ. آئون توسان اڄ ئي شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"اوهه ڪمال! اها ڳالهه ايتري سولي ڪانهي. طلاق وٺڻ جي لاءِ ڪو سبب هجڻ کپي. آئون الڳ ٿيڻ چاهيان ٿي. آئون ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان پيار ڪريان ٿي ۽ هن جي ٻار جي ماءُ بنجڻ واري آهيان... اهو ڪو

سبب ناهي. ٻي ڳالهه ته طلاق ايترو جلدي ملندو به ڪونه. تيستائين ته ٻار به جمي پوندو. نه، مون ۾ ايترو حوصلو ناهي جو آئون پنهنجن پروان کي منهن ڏئي سگهان."

"پوءِ تون چا ٿي چاهين؟ ابارشن!"

"ٻيو ڪو چارو ناهي."

'ها ٻيو ڪو چارو نه هو' ڪمال جي واتان نڪري ويو. پاسي مان لنگهندڙ ماڻهوءَ هن ڏانهن ڏٺو ۽ هليو ويو.

پر اهو سڀ هن کي نه وٽيو هو. ٻيوسي اها هئي ته هو ڪجهه ڪري به نٿي سگهيو. نه ڪرستائن جي لاءِ ۽ نه وري پنهنجي ٿيندڙ ٻار جي لاءِ. ڪرستائن موڪل وٺي هلي وئي. هاڻي رڳو فون تي حال احوال معلوم ٿي سگهيو ٿي. هڪ ڏينهن ڪرستائن هن کي ٻڌايو ته جيڪي عورتون ابارشن ڪرائڻ ۾ ماهر آهن ۽ بنا تڪليف جي جلدي سڃو ڪم ڪريو ڇڏين سي پيسا گهٽا ٿيون وٺن. ڪرستائن وٽ ايترا پيسا ڪونه هئا، ان ڪري هن کي اهڙي دائي جي تلاش هئي جنهن کي هوءَ افورڊ ڪري پئي سگهي.

"ان ۾ ڪو خطرو ته ناهي؟"

"ها، رسڪ ته آهي. هڪ ڏينهن کان وڌيڪ به لڳي ويندا آهن ۽ جيستائين ڪجهه ٿئي تيستائين روز روز جهنم جي عذاب مان گذرڻو پوندو."

"پوءِ اهو ڪم ڪنهن چڱي هنڌان چو نه ڪرائجي. جيستائين پيسن جو معاملو آهي ته ڪٿان اڌارا سڌارا ڪري وٺنداسين. پوءِ جڏهن تو وٽ ٿين ته ڏجانءِ."

"نه، اهڙي ضرورت ڪانهي. مون وٽ ڪجهه پئسا آهن."

موڪل ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪرستائن جڏهن آفيس ۾ آئي ته ڪمال ڏٺو ته هوءَ ڏانهنس نهاريڻ کان نٽائي رهي هئي. ڪمال کي لڳو ته هوءَ ڪوشش ڪري کانئس پري پري پئي ٿي. ڪمال گهڻو سوچيو پر ڪيس

ڪرستائن جي ان رويي جي لاءِ ڪو ڪارڻ نہ سجھيو.

"ڇا ڳالھ آھي، ڪرستائن! تون ناراض آھين ڇا؟"

"پاڻ کان پڇ."

"پاڻ کان تہ گھڻو پڇيو اٿم. پر ڪو سبب سمجھ ۾ نٿو اچي."

"اھڙو بار تہ ڪونہ آھين."

"سچي بہ... ٻڌاءِ ڪٽي، ڇا ڳالھ آھي؟ مون کان ڪا غلطي ٿي؟"

"توکي ڪڏھن پنھنجي فرض ۽ ذميداريءَ جو احساس ٿيو آھي؟"

"مون سمجھيو ڪونہ!"

"ھا، تون ڇو سمجھندين! توکي ضرورت ڪھڑي آھي..."

"پر تون صاف صاف ڇونٿي ٻڌائين؟"

"منھنجو ڪو حق ناھي توتي؟ مون ايتري تڪليف سھي ابارشن ڪرايو. تو ڇا ڪيو منھنجي لاءِ؟"

"مون تہ توکي چيو ھو تہ ڪنھن چگي ھنڌان ڪم ڪراءِ پيسن جو بندوبست آئون پاڻھي ڪندس."

"جي نہ. تو چيو ھو تہ ڪٽان اڏارا ونڊاسين ۽ جڏھن مون وٽ ٽين تہ واپس ڪريان. اڏارا پئسا آئون نٿي وڻي سگھيس ڇا ڪٽان؟"

"مون سوچيو تہ جيڪڏھن آئون چوندس تہ تنھنجي ابارشن لاءِ پيسا آئون ڏيندس تہ توکي خراب لڳندو. مون کي خبر آھي تہ تون خوددار آھين، ان ڪري ڊپ لڳو تہ تون ڪاوڙجي نہ پئين..."

"توکي اصل ۾ پنھنجي خودداري جو احساس ھو تہ ڪٽي آئون انڪار نہ ڪري ڇڏيان. توکي رڳو پنھنجو احساس ھوندو آھي. ٻين جو توکي ذرو بہ احساس ڪونہ ٿيندو آھي. مون تو جھڙو بيحس ماڻھو ڪونہ ڏٺو. مون کي نفرت آھي اھڙن ماڻھن کان..."

ڪمال سوچيو تہ ڪيترو وقت ٽي ويو ھو ڪيس اتي ئي بيٺي بيٺي. ھن کي خيال آيو تہ وقت گھٽو اڳتي وڌي ويو ھو ۽ ھن جي ڪرڻ لاءِ ھاڻي ڪجھ بہ نہ ھو. ھو ڪنھن جي لاءِ ڪجھ ڪرڻ جي لائق نہ ھو. ھاڻي

سندس جيئڻ جو ڪو ڪارڻ نہ رهيو هو. رڳو جيئن خاطر جيئڻ ۾ين ڪان لاتعلق ۽ بيحس بنجي جيئڻ بيسود هو. هن ڪيسي ۾ پيل خط کي هٿ لائي ڏٺو ۽ چيو. 'منهنجو هئڻ ۾ين لاءِ تڪليفن جو ڪارڻ آهي. آئون آهيان تہ ۾ين جون مون ۾ ڪوڙيون اميدون ۽ آسرا آهن. مون پنهنجي گهر وارن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو. پر جن کي خبر ناهي انهن هميشه ڏڪ ڪاڏا آهن منهنجي هٿان ۽ پوءِ ڇاتو آهي تہ منهنجو وجود هڪ فراڊ آهي. ڏوڪو آهي. اهو ڇا ائين هلندو رهندو؟ ڪيستائين! ڪيستائين...!!

هن جون نظرون ٽريفڪ سگنل ڏانهن ويون. ڳاڙهي لائيٽ بند ٿي وئي ۽ پيلي لائيٽ روشن ٿي. ڪمال جي ذهن ۾ وڄ چمڪي وئي. هن کي لڳو تہ پيلي لائيٽ کيس اشارو ڏنو هو تيار ٿيڻ جو. هو خوش ٿي ويو. 'مون کي اشارو ملي ويو... اشارو ملي ويو...' هن جي ذهن ۾ اهو جملو ڦاٽل سئي واري رڪارڊ وانگر وڃڻ لڳو. سائي لائيٽ جي روشن ٿيڻ سان ٽريفڪ چالو ٿي وئي هئي ۽ ان سان گڏ ڪمال جو پير بہ اڳتي ڪڇي ويو.

□

امي مري وئي

ـ اندرا واسواڻي

پاڙي ۾ سڀ کيس امي چوندا هئا. اها گذاري ويئي! ڪيڏي مهل گذاري ويئي ڪنهن کي خبر ئي ڪانہ پئي. گهر جي ٻاهران ميڙاڪو لڳو پيو هو مڙدن جو ۾ گهر جي اندر ڪجهہ زالون پٽ تي ويٺيون هيون. ڪي بيٺيون ٻہ هيون. اميءَ جو وڏو پٽ 'امي امي' ڪندو گهڙيءَ ٻاهر پئي آيو. گهڙيءَ اندر پئي ويو. لڳو پئي تہ سندس طبيعت ڪجهہ ٺيڪ ڪانہ هئي. رتن ماءُ نڪ تي توبهہ پري چيو. "سائين ديا ڪجانءِ! مائي ڪلجگ اچي ويو آهي. سڀ هتي ئي ٿو پوڳٽو پويا!" چوئٽ ماءُ اٿي نالي ۾ ٽڪ ڏٽي ڪري چوڙ لڳي. "چگو ٽيو جو امي گذاري ويئي. وڃي سگي ٽي. نرڳ ۾ تہ پئي هئي." هوتوءَ ماءُ ڪنوار کان پڇيو "امي ڪيڏي مهل گذاري ويئي؟" ڪنوار منهن لٽڪائي چيو. "مون کي تہ خبر ڪانهي. مان شام جو چانهہ ڏيڻ ويئي مانس تہ چري پري ڪونہ پئي! سڏ ڪيومانس: امان، امان، چانهہ پي، پر جواب ڪونہ ڏنائين. ٽن ڏينهن کان ڪجهہ ڪونہ کاڌو هئائين. هنن کي سڏ ڪيم. نبض ڏسي چيائون تہ امان تہ مري ويئي!" چوئٽ ماءُ اکين کي گول گول ڦيرائيندي چيو. "مائي گهر ۾ وينا آهيو تہ خبر ئي ڪانہ پيئي اٿو تہ امي ڪيڏي مهل گذاري ويئي! ويچاريءَ کي گنگا جل بہ ڪرمن ۾ ڪونہ لکيل هو." ڪنوار جواب ڪونہ ڏنو. رتن ماءُ چيو. "پلا رات ٽيڻ تي آهي، نراٽن ۾ ڏيرن کي ڪو نياپو يا تار ٻار ڪئي اٿو؟" تنهن تي گوبند جواب ڏنو. "رميش، اديءَ کي سڏڻ ويو آهي.

نندي پيٽ تہ هاٿي کانہ اچي سگهندي. صبح جو پاڙي مان فون ڪري ايندومانس. رام کي ٻہ صبح تار ڪندس، اهو تہ ہن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي، اچي شام تائين پهچندو، باقي موهن پڳڙين تائين پهچي سگهندو." ٻاهران چوٿٽ گوبند کي سڏ ڪندي چيو. "گوبند رام پلا اميءَ کي هينئر ڪٽبو يا صبح جو؟" چوٿٽ ماءُ پٽ کي چيو. "بابا چريو ٿيو آهين چا! رات جو پراٿيءَ کي ڪيئن ڪٽبو ۽ سو ٻہ امي تن ڏينهن کان گند ڦٽ ۾ پري پئي آهي. هينئر صفائي ٻڌائي ڪندا!" ايتري ۾ گوبند جي پيٽ ٻہ اچي پهتي: "امان ڪٽي آهي؟" بنان ڪنهن جواب ملڻ جي ئي هوءَ ڪمري ڏانهن وڌي. هڪ ڪمري وارو ئي گهر هو. اَمي پلنگ تي پيئي هئي. وات ڦاٽل، ٽنگون ڦهليل، ميرا گند ۾ پريل ڪپڑا. اَديءَ کان رڙ نڪري ويئي. چوڌاري مڪيون. بانس ايتري جو ڪير بيهي نہ سگهي. اَدي اتان ئي نڪ کي ڪپڑو ڏيئي واپس اچي زالن سان بيني. گوبند ڪنوار کان پڇيائين، "ڪنوار، امان ڪيڏي مهل گذاري ويئي؟"

ڪنوار ساڳيو ئي جواب ڏنو جيڪو پهرين سيني کي ٻڌايو هئائين. "مون کي تہ خبر ئي ڪانهي. مان شام جو چانهہ ڏيڻ ويئي مانس تہ چري پري ڪونہ پئي. سڏ ڪيومانس: امان، امان چانهہ پيءُ، پر جواب ڪونہ ڏنائين. تن ڏينهن کان ڪجهہ کاڌو ڪونہ هئائين. پاڻين کي سڏ ڪيم. انهيءَ نبض ڏسي چيو تہ امان مري ويئي." ادي نرڙ ۾ گهنج وجهي چيو. "تن ڏينهن کان ڪجهہ ڪونہ کاڌو هئائين تہ مون کي چوائي ٻہ ڪونہ موڪليو اَٿو؟ سڄي گند ۾ پري پيئي آهي تہ ڪنهن صاف ٻہ ڪونہ ڪيو آهي!" ڪنوار سريلي آواز ۾ چيو. "مان چا ڪريان، منهنجي تہ مهيني کان طبيعت ٺيڪ نہ آهي، سرڪاري اسپتال واري ڊاڪٽرن سيون لکي ڏنيون آهن. چوي ٿو آرام ڪر. آرام وري ڪٿان ڪريان؟ تن ڏينهن کان پاڻين ٻہ ٺيڪ ڪونهي. پلا امان جي ٻہ ڪير ڪري؟ ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ ٽي ٽي دفعا ڪپڑا ڌوئي منهنجون تہ ٻانهون ٽيون سور ڪن. تن ڏينهن کان برابر ڪنهن هٿ ڪونہ لاٿو اٿس." پاڙي جون زالون نڪ تي آڱر سان

توبهه ڪرڻ لڳيون. اديءَ چيو "پر مون کي نياپو ته موڪليو ها نہ؟" تڏهن رتن ماءُ همٿ ٻڌي چيس، "ادي، تن مهينن کان ماءُ جو منهن به ڏسڻ نہ آئي آهين؟" ادي هڏيءَ مان چيس، "مان چا ڪريان؟ مون کي گوڏن جو سور، مون کان ته پنڌ ڪونہ ٿو ٿئي. هينئر به رميش ۽ ڏاڻ آيو ته رکشا ڪري آئي آهيان." چوٿٽ ماءُ چيو "ادي امي به ته سالن کان ائين ئي پيئي آهي. مئي، ماءُ هيئي، ڪڏهن رکشا ڪري ڪٽي ڏسڻ اچينس ها!" اديءَ جواب ڪونہ ڏنو ته چيائين، "گوبند پلا رات جو ڪير جاڳندو؟" ايتري ۾ پاڙي وارين اٿڻ شروع ڪيو هو. گوبند چيو "ڏسون ٿا، واري واري اسان جاڳينداسين." اديءَ پڇيس، "صبح جو گهٽي وڳي کٽندا؟" "ڏهه ته ٿي ويندا." ۽ ادي اٿي ڪڙي ٿي هئي: "چگو مان صبح جو ايندیس." اديءَ جي گهر مان ٻيو ڪير ڪونہ آيو هو.

غريب گهر. اميءَ کي ٽن سالن کان اڌ رنگ ٿي پيو هو. سال کان ته پورو هوش به ڪونہ هوندو هئس. بس پلنگ تي پيئي هوندي هئي. پوري دوا درمل ته چا ڪاڏو به پورو ڪونہ ڪائي سگهندي هئي. اميءَ جون ٻہ ڏيئر سکيون هيون پر انهن ڪڏهن هن گهر جي پوري سنيال ڪانہ لڏي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه ڏينديون به هيون ته وڏائي ٻڌائيندیون هيون. هڪا ته گوبند جا به حال بچڑا. نوڪري هئس ته سڄي پر سپاءُ اهڙو جو هر ڪنهن کي پيو ڏاڙهيندو هو. نہ رهائي نہ رسائي. وري جو حساب ۾ به ڪيائين اوندهه ته نوڪريءَ مان نڪري اچي گهر ويٺو. بس سڄو ڏينهن اوڏر تي ٻيڑيون وڻي پيو ڦوڪون ڏيندو هو. ڪنوار کي ته ٻيٽو ڪونہ سهندو هو. جيستائين ڪنوار کي پٽ جائو تيستائين خوش هو. بس پوءِ ته پيو پنڌ پوندو هو گهر ۾. ڪڏهن ماءُ تي گار ڪڏهن پيءُ تي. ڪنوار به ڪڏهن ڪڏهن سڌيون ٻڌائيندي هئس، "هڪڑو ڪمائين ڪونہ، پيو سڄو ڏينهن گارين جو ڏوڙيو پيو وسائين." ته مٽان امي پٽ جو پاسو ڪٽندي چوندي هئي، "ڪٽلن جي ڏيءَ، جي ايڏو بانور اٿئي ته ماڻهين وٽ چونہ ٿي وڃي رهين؟" "پوءِ اهڙي پٽ کي شادي چو ٿي ڪرايئي. هڪ ته

عمر لڪائي پٽ جي ڪٽي شادي ڪرايئي. گهر ۾ سڀ ڪجهه آهي. اڪيلي اچي راج ڪندي. مان ته جيئن آئي آهيان تيئن سڀ لڳي پئي آهي." ڪنوار ڪاوڙ مان چيو هو. ۽ گوبند اُٽندي ڪنوار کي ٻانهن کان ونڊي چيو هئس. "نڪر. وڃ وڃي پڙهين وٽ ويهه. ڏسان گهٽا ڏينهن ٿا کارائين توکي." ۽ ڪنوار هلي ويئي هئي ننڍڙو پٽ ڇڏي. ٿورن مهينن کان پوءِ گوبند وڃي ونڊي آيس ته رميش کي بخار ٿي پيو آهي. وري سال ٻن کان پوءِ جهڳڙو ٿيو ۽ ڪنوار هلي ويئي. وري موٽي آئي هئي ۽ وري ٽيون دفعو ويئي ته سڄا سارا چار سال رهي پئي هئي اُتي. تيستائين پٽ وڏو ٿي ويو هو. اسڪول مان پڙهڻ ڇڏي سڄو ڏينهن پيو رلندو هو. پوءِ جڏهن ننڍي ڀاءُ گوبند کي ڏٽ لعنت هنئي هئي ته ڀاڀيءَ کي دکي ڪري ڪڍيو اٽائين تڏهن وڃي ننڍو ڀاءُ رميش ڪنوار کي ونڊي آيا هئا. بس تڏهن کان ڪنوار هتي ئي هئي.

ڪنوار پٽ کي هڪ ٺيڪيدار جي حوالي ڪيو. اُهو مڪيچوس سڄو ڏينهن ٽرڪ هلرائيندو هو رميش کان ۽ ڏينڊو هئس مهيني ۾ ادائي سؤ روپيا ۽ مٽان اهو به چوندو هئس ته "اها منهنجي مهرباني اٽئي جو توکي گاڏي هلائڻ سيکاري اٽم نه ته بک مرين ها." ننڍو ڀاءُ جڏهن ٻيو دفعو آيو ته اهو پنهنجو پٽ به سندن حوالي ڪري ويو. ائين چئي ته "ماٽيلي ماءُ ته ٻيئو به نٽي سهيس ان ڪري هتي ئي رهيو پيو هجي." رميش کي ڏسي اُن به پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ وڃي هڪ گئريج ۾ ڪم سکڻ لڳو. اوتان روپيا ملندا هئس مهيني ۾ پنجهتر. ڪل ملائي گهر جي ڪمائي هئس سوا ٽي سؤ روپيا. جنهن مان پنج پاتي گذر ڪندا هئا. پاڙي جو اُهو گهر رهيل ڪونه هو جتان ڪنوار اوڏر تي ڪڏهن گيهه. ڪڏهن اٽو ڪڏهن ڪنڊ نه ونڊي آئي هجي. ڪٽان پنج روپيه ونڊي ايندي ته ڪٽان ڏهه. هڪ دفعي مندي لاهي گروي رکي آئي جيڪا اڃان تائين ڇڏائي ڪونه هئائين.

ائين ته امي به گهٽ ڪانه هئي. ڪنهن به ننهن سان ڏهي ڪانه

هلي. نتيجو اهو نڪتو جو ڪير بہ گڏ رهائڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿيو. پٽن کي ننهن لاءِ گهٽ وڌ پيئي چوندي هئي يا انهن خلاف برغلائيندي هئن. پچاڙيءَ ۾ گوبند جي اچي پناري پيئي پر روز گهر ۾ جهيڙو پيو هلندو هو. ڪنوار بہ گهر جي ڪري ٽڪجي پئي هئي، گهر ۾ بہ ڪير اهڙو ڪونہ هو جو بہ اکر ڪڍي منا ٻولين. مڙيئي پئي ڏينهن گذاريندي هئي. ها باقي ننڍي ڏير جو پٽ گهر ۾ پيو پايي پايي ڪندو هئس. ائين تہ رميش بہ ڪڏهن ڪڏهن چوندو هئس، "پايي گهٽو ڪم ڪري ٽڪجي ٿي پوين، ٿورو آرام ڪر." پر ڪنوار کي آرام ڪٿي! بہ ٿي مهينا تہ پاڻ بہ وڃي ڪنهن ڪم تي فئڪٽريءَ ۾ لڳي، پر ڇهہ مهينا بہ ڪونہ ٽيس تہ بيمار ٿي پيئي. ڊاڪٽر چيس تہ جي سنيال نہ ڪندينءَ تہ ٿي-بي ٿي پوندءِ. بس وري ڪونہ ڏنائين ان فئڪٽري جو منهن.

اميءَ کي پنج پٽ هئا. جڏهن ننڍا هئا تہ سپ چوندا هئس، "هوتلي بس اچي چڙهي آهين! (اميءَ جو نالو هوتل هو) اڙي پنجن پانڊون جي ماءُ! اهي ڪوهر بہ وڪڻي ايندا تہ تنهنجي ماني ڪتا بہ ڪونہ کائيندا." ها هئي بہ سچي ڳالهہ. اڄ گهر ۾ اهڙي پينگ لڳي پيئي هئي جو ڪتن لاءِ بہ ڪونہ بچندو هو. جيڪي بہ لائق پٽ هئا سي جوانيءَ ۾ راهہ رباني وٺي ويا. باقي هئا ٿي، تن جا اهي حال هئا. ننڍو پٽ موهن جڏهن ايندو هو تہ چگو خرچ ڪري ويندو هو. ڪپڑو لٽو سيڊو پاڊو وٺي ڏيئي ويندو هئن. بس ان جي اچڻ سان فرمائشون ٿيندیون هيون ۽ آهي تہ عيد نہ تہ روزو واري ڪار ٿيندي هئي. اُن جي وچڑ ڪان پوءِ ساڳي اها بک. هاڻي تہ ڪيتري وقت ڪان هن بہ اچڻ ڇڏي ڏنو هو. ٻلا پنهنجي عيال کي منهن ڏئي يا هنن کي! پنهنجو پٽ جوهر بہ جڙ سهسائي ڇڏيو هئائين. ٻي زال مان ئي ڇهہ ٻار هئس ۽ اميءَ جو وچيون پٽ رام سو رڳو نالي ۾ رام هو. پر هو راوڻ. جڏهن ايندو هو پنهنجو اٽالو وٺي ايندو هو. هفتو ٻہ رهي ڪائي پي جهڳڙو ڪري ئي نڪرندو هو. ويچاري ڪنوار جو تہ تن ڏينهن ۾ دم خشڪ ٿيندو هو. هتان هتان وٺي اچي پورائو ڪندي هئي.

ها سو اميءَ جو لاش رات جو ائين ئي پيو رهيو. ڪنوار کي همٿ ڪانہ هئي جو اوجاڳو ڪري ۽ گوبند بہ سمهي پيو. ٻئي ٻار بہ جڏهن ٽڪجي موٽيا ۽ ٻڌائون تہ امان گذاري ويئي آهي تہ پهرين تہ چپ ٿي ويا پر پوءِ چانهہ ڦلڪو کائي سمهي پيا. صبح جو سپيئي سويل اٿيا، دادي بہ اچي پهتي ۽ ننڍي نراڙ بہ اچي ويئي. ڪريا ڪرم جو سامان آيو ۽ پوءِ وارو آيو اميءَ کي سنان ڪرائڻ جو. پر ڪنهن کي بہ همٿ نہ پئي ٿئي جو اڳيان وڌي سڃو ڪمرو مڪين سان پريو پيو هو. اميءَ جي سرير مان اڇا ڪينئان بہ نڪتا. سوين هزارين. بانس اهڙي جو ڪير جرئت نہ ڪري سگهي اندر وڃڻ جي. آخر هڪ پنگياٽيءَ کي پنج روپيہ ڏيئي راضي ڪيائون تہ اميءَ کي صاف ڪري. ايتري ۾ پرئين پاڙي جي شويا اچي ويئي. سيني کي شرمائيندي چيائين، "اڙي لج ڪانہ ٿي اچيو. سڳيون ڏيئر ننهن بينيون آهيو ۽ پنگياٽيءَ کان ٿيون اميءَ کي صاف ڪرايو! مون کي ڏيو پاٽي تہ مان ٿي سنان ڪرايانس!" ۽ بس پوءِ تہ نڪ جي چوڌاري رئو ويڙهي ويئي ڏولن سان اميءَ تي پاٽي وجهندي. مهٽي کٽي اجلو ڪيائينس. پنگياٽيءَ کي چيائين، "هاٽي صاف ڪر ڪمرو تہ اميءَ کي پٽ تي رکون."

هاٽي سپ رڙهي آيا. اميءَ کي اچو پڙو ۽ چولو پارائي مٽان اچو رئو کٽي ويڙهيائونس. لڳو ٿي ڪنهن هڏن جي پجري کي سينگاريو اٽائون. پوءِ ڏيئرن، پٽ ۽ ڪنوار مٽائنس ڪپڙا وڌا، پيرن کان ناريل پتاشا رکيائونس، مٽان گل وڌائونس ۽ اميءَ جي ارٿيءَ کي ڪلهن تي چاڙهي کٽي ويا شمشان پوميءَ ۾. ان وقت ننڍي ڏيءَ جون رڙيون نڪتيون، ڪنوار اوچنگارون ڏنيون ۽ داديءَ کي ڏنڊ پئجي ويا. ۽ پوءِ اڏ ڪلاڪ ۾ اهو سپ تماشو ختم ٿي ويو. رام کي تار موڪلي ويئي پر ڪونہ آيو. سندس زال ۽ ٻارن مان بہ ڪنهن لڙي ليئو ڪونہ پاتو. ٽئين ڏينهن موهن آيو. خوب رنائين پر هاٽي ڪهڙو فائدو! اڪيلو ئي آيو هو. سندس زال ڪانہ آئي. اميءَ سان ڪانہ پوندي هئس. ٻارهئي تائين هو. دل کولي خرچ

ڪيائين. ٻڌيءَ ماءُ مُئي هئي نوي سالن جي عمر ۾. سُک ته شايد ئي ڏٺو هئائين پر ان جو ٻارهو ڪيئن نه ملهائبو! ٻڌن جي ٻارهئي تي ته لڏون ورهائبا، اوڙي پاڙي ۾ متن مائٽن جي ماني ٿيندي.

پهرين ته پڳڙين کان پوءِ گهر جي پوچي لڳارايائون، گهر کي صاف ڪري فرنيچر کي ڏوئي صاف ڪري ٻاهر رکيائون، هنڌ بسترا صاف ڪري دوائون چٽڪاريائون ۽ پوءِ وينا سوچڻ ته ٻارهئي تي ڪهڙي تياري ڪجي ۽ ڪنهن ڪنهن کي ماني‌ءَ تي گهرائجي. هڪ ٻه ڀيرا موهن سان اها ڳالهه نڪتي ته اميءَ جي جيڪڏهن سڀ نموني دوا درمل ٿئي ها ته ههڙي ڪني موت کان بچي سگهي ها. پر ڪنهن وٽ کو جواب ڪونه هو. پچاڙيءَ جو سڀ اهو ئي چوندا رهيا، "چگو ٿيو جو امي مري ويئي." ادي چوندي رهي، "امان کي مچي ڏاڍي وٽندي هئي." ڪنوار چوي، "جوئر جي ماني ۽ لسي دل سان کائيندي هئي. پر پچاڙيءَ جو ڏاڍو پوڳيائين. اهڙي جيئڻ کان ته سئو ٿيو جو وڃي سُکي ٿي."

ٻارهئي جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ٻانيڻ لاءِ وڳا آيا. نياڻين لاءِ فراڪ. سو سوا ماڻهن جيماني تيار ڪرايائون. لڏون ٺهرايائون، پاڙي ۾ ورهائڻ لاءِ ۽ ڏيئرن کي ڏيڻ لاءِ. ۽ اميءَ جي نالي تي ٻارهو به ٽي گذريو. پچاڙيءَ جو سيني هڪ ٻئي کي ڏوراپا ڏيڻ شروع ڪيا: "تو امان جي خبر ڪانه لڌي." تون ٽن مهينن کان آئين به ڪونه." "تون جي امان کي خرچ موڪلين ها ته امان بکون ڪانه ڪڍي ها." وري هڪ ڀيرو گهرو لڙائي شروع ٿي. ننڍي نراڻ ڏهه ڪلو لڏڻ جي گهُر ڪئي هئي ته پاڙي ۾ جي لڏون نه ورهائيندي ته سندس گلا ٿيندي. ادي‌ءَ چيو "اڄ ڪلهه ڪير ٿو ايڏا خرچ ڪري!" گوبند جو چوڻ هو. "اسين پيا بک مرون، توهان کي اچي لڏڻ ورهائڻ جي لڳي آهي." موهن چيو "مان چگو قاتس. جڏهن اڄ تڏهن خرچ. مون ڪهڙو گناهه ڪيو. ماءُ ته سيني جي هئي." ها، ماءُ ته سيني جي هئي پر سار سنيال لهڻ وارو ڪير هو؟

مڙيئي ٻارهو پورو ڪري موهن ته روانو ٿيو ۽ وري ڪڏهن گوبند

جي ڪا خبر چار ڪانہ لڏائين، نہ ئي پٽ جي پڇا ڪيائين. ننڍي نراڙ کي ڏهہ ڪلو لڏون ڪونہ مليا ان ڪري منهن سڃائي هلي ويئي ۽ منهن ورائي ڪڏهن نهاريائين بہ ڪانہ. ننڍيءَ لاءِ تہ اهو ئي چوڻ ڪافي هو تہ "منهنجي تہ گوڏن ۾ سور آهي. مان تہ هلي نہ ٿي سگهان." ان ڪري وري اڇڻ جو سوال ئي ڪونہ اٿيو.

پر پاڙي وارن لاءِ ڪيترن ڏينهن تائين اهو جملو چوڻ لاءِ ضرور رهجي ويو: "چگو ٿيو جو امي مري ويئي. ويچاري وڃي سگي ٿي."

❐

آخري مُئل ماڻهو

ـ نورالهدايُ شاهہ

تباهہ ٿي ويل ڪائنات جو آخري منظر. هوريان هوريان اُٽندڙ دونهون، بوءِ، تپي ڳاڙهو تامو ٿي ويل آسمان ۾ ڦاٽي ڳيا ڳيا ٿي ويل ڏرتي. وچ ڪائنات ۾ ٽياس مٽان ٽنگيل آخري مئل ماڻهو سيئي آوازَ مري نري ويل. موت جي ان بي انت سانت ۾ بس پريان ڪٽان ايندڙ لٽ جي ٽڪ ٽڪ جو پڙلاءُ. آواز هوريان هوريان وچ ڪائنات ۾ ٽنگيل آخري مُئل ماڻهوءَ جي ويجهو ايندو ٿو وڃي. مُئل ماڻهوءَ جي ويجهو پهچي لٽ جي سهاري تي هلندڙ پوڙهو عزرائيل بيهي ٿو رهي. ڪن لاءِ مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ نفرت (موت کان نفرت) جا ڀاوَ ٿا اُپري اچن ۽ پوڙهي عزرائيل جي چپن تي بي معنيُ مُرڪ.

"مان صدين ڪنان توکي ڳوليان پيو." عزرائيل جا بند چپ پهريون پيرو ڪلن ٿا پنهنجي سموري جنم ۾.

"مان جاڻان ٿو ۽ مان صدين ڪنان توکان لڪندو ٿو وتان. پر، تنهنجي سيني ۾ پٿر پريل آهن شايد!"

مُئل ماڻهوءَ جي بند چپن اندران نڪرندڙ آواز جڙ سياري جي سرد هوا جو سيسڙاٽ ـ عزرائيل لٽ پٽَ تي رکي بي حد ٽڪل نوع ۾ مئل ماڻهوءَ جي پيرن ۾ ويهي ٽورهي. هڪ ئي نهار چوڏسا ۾ تباهہ ٽيل ڪائنات تي وجهي ٿو ۽ سندس اڇا پرون تاڄي وڃن ٿا.

"تون مون کي ڪڏهن بہ ڪونہ سمجهي سگهيو آهين، هيڏي ڊگهي

ڪائنات ۾ پلا ڪو هڪ پل بہ امن جو هوا ماڻهوءَ لاءِ ڪتي ڪا پناهہ گاهہ هئي. هان!!"

"نہ." سرد هوا جو سيسڙاٽ.

"ماڻهو. ماڻهوءَ جا پير وڌي رهيوهو. انهن وڏيل پيرن سان پلا تون ڪيترو ڊوڙي سگهين ها!!" عزرائيل ڪنڌ مٽي ڪٽي مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ نهاري ٿو. پيڙا پري نهار.

"ڪجهہ بہ هو. مون تڏهن بہ جيئڻ ٿي چاهيو. منهنجو ان ۾ ويساهہ هو تہ ماڻهو نيٺ تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪوڙ تي سچ جي سوپ ماڻي ونندو."

موٽ ۾ عزرائيل تهڪ ڏئي ڪلي پوي ٿو. مئل ماڻهو ائين ٿو محسوس ڪري جڙ پوڙهو عزرائيل سڏڪا پري روئندو هجي.

"هون!!... سوپ!! جڏهن ماڻهن جا سيئي ڪومل پاوَ مري چڪا هئا. تڏهن ڇا سوپ ماڻڻ ايڏو سڪل ٿي سگهي ٿي! مون کي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي جڙ تون جيئڻ جا سمورا ڏينهن اکين هوندي بہ انڌو رهيو آهين. پٿر تہ ماڻهن جي سينن ۾ پرجي ويا هئا. مون تہ ڪنهن جو بہ من ڏڪندي ڪين ٻڌو هو. سواءِ ابهم ٻارڻن جي. باقي بچيل پٿر ماڻهو هٿن ۾ ڪنيو ٿي هليا هڪ ٻئي جو نشانو تاڪيو."

ڏک ۽ ڪاوڙ جا گڏيل پاوَ عزرائيل جي پوڙهين اکين مان ليئو پائڻ ٿا لڳن. مئل ماڻهوءَ وٽ ورنديءَ ۾ ڪجهہ بہ چوڻ لاءِ جڙ باقي ناهي بچيو. انيڪ پل ٻنهي جي وچ ۾ سانت پر ڦهلايو ٻيني ٿي رهي. انيڪ پل لنگهي وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي بند چپن مان سرد هوا جو سيسرات ٿو نڪري:

"تڏهن بہ. مون ۽ هر ماڻهوءَ جيئڻ ٿي چاهيو. ان ساڳي ڪائنات ۾. جيئن بہ هئي. جهڙي بہ هئي. پر توکي ڪوبہ حق ڪين هو ائين اوچتو سپ ڪجهہ فنا ڪري ڇڏڻ جو."

مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ هوريان هوريان ڳاڙهي رنگ جو زهر پربو ٿو وڃي. عزرائيل ڇرڪي ڪي پل اچرج مان مئل ماڻهوءَ کي ڏسندو ٿو رهي ۽ بي پل ڪاوڙ. پيڙا ۽ نفرت جا پاوَ سندس منهن جي گهنجن مان

ليئو پائڻ تا لڳن. ڳالهائڻ سمي آواز تهائين اوچو ٿيو ٿو وڃيس.

"نہ، ماڻهوءَ کي ڪوبہ حق ڪين هو جيئڻ جو." ڪاوڙ مان ڏڪندو هو اُٿي بيهي ٿو. "تو تہ اکين تي ڪوپا چاڙهي ڇڏيا هئا ڇڻ، منهن مونن ۾ ڏيو ويٺو هئين. تو ڪڏهن ڪجهہ ڏنو ئي ڪٽي ٿي پلا!! ماڻهو، ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ بارود ڀري رهيو هو. روشنيءَ جي نڑيءَ تي ننهن ڏئي، روشنيءَ کي ماري ڇڏيو هيائون ۽ چئني ڏسائن ۾ ڦهليل اُونداهيءَ ۾ ماڻهو هڪ ٻئي کي کهي رهيا هئا. هڪ ٻئي جا ماس پٽي کائي رهيا هئا. ابهم ٻارڻن جي پيرن هيٺان بارودي سرنگون وڇائي رهيا هئا. سڄ جو خون ڪري، اُن کي چؤواڻي تي تياس مٽان ٽنگي ڇڏيو هئائون ۽... اُونداهي جو فائدو ونڊي ڪوڙ جا پير پئي چميائون. اجا بہ... تون... ٿو چئين... تہ... تہ..." عزرائيل جو آواز ڀرجي ٿو اچي. مئل ماڻهوءَ کي پٺ ڏيئي بيهي ٿو رهي.

پل اَپل جي سانت کان پوءِ سرد هوا جو سيسرات عزرائيل جي ڪنن وٽان لنگهي ٿو. "تنهنجيون اکيون تہ بس اهو ئي ٿي ڏسي سگهيون نہ...! نہ تہ جيئڻ سان تہ ماڻهوءَ جو موهہ جنم کان هو. سوءِ جي آس من ۾ پالي، هر ماڻهوءَ سدائين لاءِ ٿي جيئڻ چاهيو ۽... روشني ۽ سڄ جي مرڻ پڃاڻان بہ... ٻاڻ اونداهي ۾، ڪڏهن نہ ڪڏهن پنرجنم ونڊڻ روشني ۽ سڄ کي ماڻي ونڻون ها... ڪٽي نہ ڪٽي تہ اونداهي جو انت هجي ها نہ! پر... تون... بنا ڪجهہ سوچڻ جي... سڀ ڪجهہ..."

عزرائيل هوريان هوريان مڙي ٿو. ڪيس ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ مئل ماڻهوءَ جي اکين ۾ سموند ڇلندو هجي. ڪي ڪن هو تہ ٻڌي اچرج مان مئل ماڻهوءَ کي ڏسندو ٿو رهي، ٻي پل نراسائيءَ مان ڪنڌ نمائي ٿو ڇڏي. اُجهامندڙ آواز ۾ ٻڌڪي ٿو. "ويساهہ ڪر، منهنجي سيني ۾ پٿر ڪونہ آهن پريل. مون تہ جنگ، بک، بدحالي ۽ سازش ۾ مارجي ويندڙ ماڻهن ۽ ابهم ٻارن کي پنهنجين هنن پوڙهين ٻانهن ۾ ڪنيو آهي."

عزرائيل پنهنجون پوڙهيون ٻانهون مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين اڳيان ڦهلائي ٿو ڇڏي. "تون ٻڌين ٿو نہ!!؟"

"ها، بڌان ٿو. پر هاڻ اهو سڀ ڪجهہ بڌڻ جو پلا ڪهڙو حاصل!! جيئڻ جو وڏو ڪارڻ من ۾ پلجندڙ آس آهي جيڪا مُئي پجاڻان سڀ ڪان پهرين ختم ٿيو وڃي. ان کان اڳتي ته باقي ڪجهہ به نٿو رهي... نہ سوچ، نہ آس، نہ نياءَ، نہ انياءَ. پوءِ... پوءِ... بس اها ڏکوئيندڙ حقيقت رهجيو ٿي وڃي ته... ته... موت ماڻهوءَ جي سوچ ماڻي ورتي آهي." مُئل ماڻهوءَ جي اکين ۾ سمونڊ ڇُلڻ ٿو لڳي. عزرائيل کي ائين ٿو محسوس ٿئي جڏ ان سَمونڊ ۾ ٻڏندو هجي. جڏهن ته ڪائنات تباهہ ٿيڻ سمي سمورا سمونڊ (اُهي سمونڊ به جيڪي زمين جي ڪنارن وٽ هئا... اُهي سمونڊ به جيڪي ماڻهن جي اندر منجهہ هئا) سُڪي نوٽ ٿي چڪا هئا.

"پر ان ۾ منهنجو ته ڏوهہ نہ هو. تو ڪونہ ڏنو چا ته ماڻهو پنهنجي سموري طاقت ڪائنات جي تباهيءَ لاءِ..."

سرد هوا جو سيسرات عزرائيل جي ڳالهہ اڌ ۾ ئي ڪٽي ٿو.

"پر اُن تباهيءَ کان اڳتي به ته ماڻهو ڪڏهن نہ ڪڏهن امن، خوشحالي، روشني ۽ سچ ماڻي سگهيو ٿي نہ.. تو ته بس ڪائنات جو هڪ ئي رُخ پسيو هو... مان سچ ٿو چوان نہ!!!" مُئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ ڪي ڪن اڳ ڇُلندڙ سمونڊ هوريان هوريان سُڪڻ ٿو لڳي پر سرد هوا جي سيسرات تي عزرائيل کي نچاڻ چو سُڌڪن جو گمان ٿئي ٿو.

"چريو آهين تون ته... اهو سڀ نہ ڪرين ها ته جيئن عذاب ٻُجي پوي ها ماڻهن لاءِ. مان نہ سهي پر پوءِ ڪائنات جو هر جيو پاڻ کي پنهنجن هٿن سان گهُٽو ڏئي ماري چڏي ها. پر... تون... تون ته ڪجهہ به نہ سمجهي سگهندين، ڪجهہ به نہ."

عزرائيل نمي پٽ تان لٽ ڪٽي ٿو. مُئل ماڻهوءَ کي پيڙا پري نهار سان ڏسي ٿو ۽ وڃڻ لاءِ وک وڌائي ٿو. هيڪر وري سياري جي سرد هوا جو سيسرات جڻ سندس ڪنن وٽان لنگهي ٿو: "تون به ڪجهہ نہ سمجهي سگهندين... تو ته اونداهيءَ منجهان ڦٽندڙ روشنيءَ کي به ڪڏهن پسيو ڪونهي. پر هاڻ ته هر شيءِ جو انت اچي ويو آهي نہ. ڪجهہ به نہ رهيو

آهي باقي. نہ روشني، نہ آس، نہ زندگي، نہ نياءَ، نہ انياءَ، نہ شڪست ۽ نہ سوءِ. ڪنهن کي بہ ڪا معنيٰ ڪانهي رهي. بس اها ڏکوئيندڙ حقيقت رهجي وئي آهي تہ موت ماڻهوءَ تي سوءِ ماڻي ورتي آهي... ۽..."

عزرائيل کي هيڪر وري سرد هوا جي سيسرات تي سُڏڪن جو گمان ٿئي ٿو. هن جي ڪجندڙ وک کن لاءِ رُڪجي ٿي ويي. کن لاءِ مُئل ماڻهوءَ جي اکين ۾ (جن جو سموند هاڻ سُڪي ٽوڪ ٿي چڪو آهي) ليئو پائي ٿو. ڪيس ائين ٿو محسوس ٿئي جڙ مُئل ماڻهوءَ جي اکين وارو سموند هاڻ سندس پوڙهين اکين ۾ ڇُلندو هجي. هو تيزيءَ سان مڙي ٿو. لٽ جي سهاري تي، ٽڪ ٽڪ ڪندو پولارَ ڏانهن وڌندو ٿو ويي. ڇوڏسا ۾ عزرائيل جي لٽ ٽڪ ٽڪ ۽ پيرن جي گهِس گهِس جو آواز گونجندو رهي ٿو. پولار کان پاتال تائين بس اهو ئي آواز رهجيو ٿو ويي. ڏُک ۽ شڪست جي احساس کان مُئل ماڻهوءَ جون سُڪل ٽوٽ اکيون پاڻ ئي پاڻ پورجيو ٿيون وڃن.

❐

هوا جو وجود

- شرجيل

داسي!

ڪي ڏينهن اهڙا به هئا جو لغڙن اڏائڻ جو شوق چريائپ جي حد تائين هوندو هو. وتندو هوس پڳل ٽٽل شين جا ٽڪر گڏ ڪندو. پوءِ جڏهن تاڪ منجهند جو سپ گهر پاتي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ پينگهن ۾ آرامي هوندا هئا، تہ مان حمام دستو کڻي، اچي ٻاهر گهٽيءَ ۾ نم جي گهاٽي ڇانوَ ۾ اُنهن شيشن کي ڪٽيندو هوس. پوءِ جڏهن اُنهن ڪٽيل شيشن کي ڪنهن سنهڙي ڪپڙي ۾ ڇاڻيندو هوس تہ ساڃي هٿ جي آڱرين جي چوٽين مان رت نڪري ايندو هو. ۽ اهڙي طرح جڏهن ڪابہ ننڍي يا وڏي خواهش مَن ۾ پيدا ٿيندي اٿم تہ اُن جي پوري ٿيڻ تائين پوري جسم ۾ رت وهائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهيان. ۽ اڄ الائي ڇو، الائي ڇو، ائين وتان ٿو ماٺهن جا مهانڊا تڪيندو. هي ماٺهو، جيڪي وتن ٽا ڊڪندا، پڇندا، سهڪندا- هڻ هٽان ۾ ورتل- گهر جو سودو سلف، ٻارن جا ڪپڑا، پڑهائي، بيماريون علاج سال- گرهون، شاديون، جشن، تياريون، وڻ ونان، زندگيءَ جي پوري ٿيڻ تائين وڏو هنگامو، پوءِ مانار. هر انسپائريشن پنهنجو اتساهہ ڏيرو ڪندڙ جهڙوڪر هوا نڪتل ڦوڪڻو- چيڇڙو. اُف ڪيڏو نہ خوف ۽ ڪرب ڏيارينڊڙ خيال آهي.

تنهنجي خط کي آئي ڪوڙ سارا ڏينهن ٽي ويا آهن. جنهن ڏينهن تنهنجو خط مليو هوم، اُن ڏينهن ڏاڏو ڪو اداس هوس. ڪو خيال، ڪو

سپنو ياد آيو هوم. بس ڪجھ ڪونہ پڳو هوم. ڪمري جو دروازو اندران بند ڪري سڄو ڏينهن پراڻن فوٽن وارو البم ڏسندو رهيو هوس. تنهنجي خط برندڙ باهہ تي گاسليٽ جو ڪم ڪيو هو. اُها ڪيفيت يا اُهو سانحو اُن جي وارتا لکي نٿو سگهان. بس تنهنجي خط کي ٻيهر کولي پڙهيو هوم. باهہ جا اُلا آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا. هيڪاري خيال آيم تہ خط کي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري دريءَ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيان. پر ائين نہ ڪري سگهيو هوم. خط کي ڦاڙڻ کان سواءِ، ائين جو ائين تنهنجن ٻين خطن سان گڏ سيف ۾ رکي چابي گهمائي ڇڏي هئم.

اڄ جڏهن ڪنهن ارادي سان پراڻا ڪاغذ ۾ لفافا پئي ڦولهيم تہ تنهنجا خط هٿ اچي ويا، ۾ اُهو خط بہ جيڪو شايد تنهنجو آخري خط هو يا آهي. توکي پنهنجي اهڙي حالت تي ضرور ڏک ٿيندو جو توکي مون طرفان تنهنجن جذبن جي موت وقت اندر ۾ تڪڙي نہ ملي سگهي آهي. شايد خواهشن لاءِ مان ايترو شديد نہ رهيو آهي. يا تہ انهن خواهشن ۾ ايترو موهہ يا چڪ نہ رهي آهي، جيڪي منهنجي پيرن ۾ لڦون ۽ هٿن جي آڱرين جي چوٽين مان رت ڪڍي سگهن!! ٻنهي مان ڪا هڪ ڳالهہ ضرور آهي.

اُن ڏکر ڪيل خط کي سال کن تہ ٿي ويو هوندو۔ جي نہ تہ سال ٽيڻ وارو ئي هوندو. تواِن وچ ۾ سڀ رستا، پيچرا ۽ دڳ واجهايا هوندا، پر مان توکي ڪٿي بہ نظر نہ آيو هوندس. اِها آهي تہ منهنجي ڏاڍ مڙسي، پر تو بہ پنهنجي ڏاڍ سان ڪو گهٽايو آهي چا! الائي ڪهڙن پڙدن ۾ لڪل ڪنهن ڳُجهہ جيان وتين ٿي ڳُجهارتون ڏيندي! سچ تہ تنهنجي اِن لک لکوٽيءَ منهنجي هر اُتساهہ کي اڌ مئو ۽ بي دليو ڪيو آهي. تون خبر نہ آهي تہ ڪهڙي دنيا جي رهواسي آهين!؟ ڪڏهن ڏسيو ڀپ کان لکيو وڃين تہ ڪڏهن خط لکيو. اُن کي آخري چئي ايڏي وڏي ڳالهہ ڪي ٽوڙيو ڇڏين. جڙ تہ ڪا راند آهي، ڪو تماشو آهي. ڪڏهن تہ سماج جي هر لڳ لاڳاپي کي ٽوڙڻ لاءِ وڏيون وڏيون ڳالهيون لکي ويندي آهين. وري

ڪڏهن لکندي آهين تہ تنهنجي فلاڻي تقرير مان مون کي ڪنهن بي عورت سان تنهنجي عشق جي بوءِ ٿي اچي. اهي تنهنجا وهم وسوسا اهڙا آهن جيڪي هر قسم جون عورتون مرد لاءِ محسوس ڪنديون ۽ دل ۾ سانديندیون آهن. مون انهن کي اهميت ڪانہ ڏني آهي، پر اهڙين ڳالهين کي ڪنهن حد تائين عورتاڻي بيوقوفي ضرور سمجهان ٿو. مان سمجهان ٿو تون جنهن ماحول ۾ رهين ٿي يا رهي آهين، ۽ تنهنجي خطن جي لکڻيءَ مان تہ تون گريجوئيٽ بہ آهين، ۽ اِها ڳالهہ ضروري ۽ غير ضروري کان هٽي ڪري فطري آهي تہ تو ڪنهن سچي پچي مرد يا خيالي شهزادي لاءِ ضرور ۽ضرورسوچيو هوندو۔ اهڙي فطري لاڙي لاءِ جوان مرد ۽ عورت لاءِ ڪوبہ قيد نہ هوندو آهي۔ ۽ جي ڪو قيد گهڙيو يا ناهيو ويندو آهي تہ پوءِ هزارين قسم جا ذهني ۽ سماجي مونجهارا پيدا ٿي ويندا آهن. مان توکي بڏائي چڏيان تہ مان رومانس نہ ڪندو آهيان. ماڻهو مون کي اجايو ٿا گهلين. هونءَ ڪو رومانس ڪرڻ گناهہ يا ڪميڻائپ ناهي پر مان تہ ٿاڪ منجهند ۾ ڪنهن ڇانوري جي تلاش ۾ آهيان. مون زندگيءَ ۾ رڳو هڪ شديد رومانس ڪيو. جيڪو ساندهہ ڏهہ سال هليو ۽ اُن کي هاڻي پندرهن سال گذري ويا آهن. ۽ اُهي پنجويهہ سال، ائين چپ چپات سان گذري ڪونہ ويا آهن. انهن پنجويهن سالن کان مون گهٽو ڪجهہ کسيو آهي. ماڻهن کي ڇا آهي؟ رڳو جيب هلائڻي اٽن۔ ٻين لاءِ ڏرون کوٽيندڙ نہ سهو ۽ ساڙيلا ڪنهن جاءِ جا!

۽ مون تنهنجن خطن جي جوابن ۾ جو ڪجهہ بہ لکيو آهي، پنهنجي ذهن جي سمجهہ ۽ سڃ آهر لکيو آهي. مان محبتن ۾ بہ سمجهہ کان ڪم ونندو آهيان. مان نہ چاهيندس تہ ڪنهن پريءَ جي عشق ۾ مبتلا ٿي پوءِ اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ چئن هٽن ۽ هڪ اک واري ديو کي مارڻ لاءِ ڪوهہ ڪاف جو پنڌ ڪرڻ لاءِ نڪري پوان! انسان کي پنهنجي چوڌاري سماجي زندگي لاءِ ڪيترين ئي ڪنڊيشنس قبول ڪرڻيون پونديون آهن. سماج ۽ حالتن جي ناتي سان تہ مان بہ ڪي نہ ڪي ڪنڊيشنس

قبول ڪيو پيو ٿو زندگي گهاريان. پر ائين ب نہ ت ڪو ذات ڪيرائي نيچ زندگيءَ کي قبول ڪجي. توسان ڳالهيون ت تمام ڪوڙ ساريون ڪرٽيون آهن. پر هي جو مان وڏي واڪ مائيڪ ۾ منهن وجهيو پيو ٿو ڳالهايان، جنهن جي چئني ڏسائن ۾ وڏا وڏا لائوڊ اسپيڪر لڳل آهن، جن جو آواز پري پري تائين پيو وڃي، مون کي چڱو نٽو لڳي. تنهنجو ٽيون خط پنهنجي اعتبار کان ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي پهچڻ لاءِ فيصلي واري انداز ۾ لکيل هو. ءِ ها، جڏهن تنهنجو خط مليو هو اُن وقت مان تمام نروس ءِ اداس هو. شايد نہ پر پڪ سان حيرت ءِ خوشيءَ گاڏڙ احساسن ءِ جذبن سان کي هفتا خوش رهي سگهيو هوس. هي زندگي ءِ سندس حالتون ڪيڏيون نہ بي رحم ٽيون ٽين. ڪيئن ءِ ڪهڙي طرح نہ اڻ ڄاتل ماڻهن کي وات ويندي ملايو ءِ پوءِ خبر ئي نہ پوندي ت هڪ رستو وچ مان چيرجي پاڻ کي بن رستن ۾ ورهايو ڇڏي. سڄ پچين مان اهڙي نفسياتي خوف جو هر وقت شڪار رهيو آهيان. هيل تائين مون جيڪا ب هڙ وٺ ڪئي آهي، رڳو جيون جي بقا ءِ ان کي ڪو مٽاهون مقام ڏيڻ لاءِ ڪئي آهي. مون وٺ روايتي طرح سان زندگي گهارڻ جو احساس گهٽ آهي، مان جنهن سماج ۾ رهان ٿو، اهو جيتوڻيڪ نج منهنجو پنهنجو آهي، پر ڪن انفرادي نفسياتي مسئلن ڪري- جيڪي ب سنئون سڌو اُنهن ڪوڙهي ذهنن ءِ روايت پسند ماڻهن جي ڪري پيدا ٿيا آهن. منهنجي خيال ۾ ت دنيا جي هر شخص کي پنهنجي انفرادي رجيڪشن تي مڃرجي پوڻ گهرجي، ءِ اها هڪ فطري ڳالهه آهي. مان سهڻو آهيان، سيبتو آهيان، ڪمائو پٽ آهيان ءِ الائي ڇا ڇا آهيان. پر توکي خبر آهي ت مور ڪڏهن روئندا آهن!!؟ ءِ ڇو روئندا آهن!!!؟؟؟

مون کي جذباتي محبتن، نفرتن ءِ فيصلن کان الائي ڇو چڙ رهي آهي، جيتوڻيڪ مان ب ڪنهن حد تائين جذباتي رهيو آهيان، ءِ هاڻوڪين حالتن ۾ ب ڪڏهن ڪڏهن مون کان کي اهڙا لفظ نڪري ويندا آهن، يا ڪو اهڙو ڪم ٿي ويندو آهي، جنهن لاءِ مون کي پوءِ

پچتائڻو پوندو آهي. تو رڳو مون لاءِ لوڪ سان ٽڪرائجي وڃڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هڪ اهڙي شخص لاءِ جنهن سان هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو آهي. تون رڳو منهنجي چهري ۾ ڪلا سان محبت ٿي ڪرين. يا متاثر ٿي آهين. تڏهن تہ تو ايڏي وڏي ڳالهه ڪئي آهي. تنهنجي انِ فيصلي کي مان هروپرو جذباتي چئي تنهنجي چاهه ۾ خلوص جي گهٽتائي ڪوڙ پيو ڪريان. پر شايد حقيقتن سان اکيون ملائيندي ملائيندي هاڻي گهڻو ڪجهه سکي ويو آهيان. مان اُها ڳالهه ڏاڍي شدّ ۾ مدّ سان ڪندو آهيان. جيڪا منهنجي ذات جي اختيار جي دائري ۾ هوندي آهي. اِها ڳالهه تو ڪئي آهي. ان کي پنهنجي آس پاس ۾ تون بهتر نموني سمجهين ٿي سگهين. رهيو منهنجو سوال. توکي 'افورڊ' ڪرڻ جو. تہ چري. ڳوٺاڻي ۾ شهري زندگيءَ کي ڏري گهٽ الڳ الڳ سماج ۾ اون جا طور طريقا مليل آهن. يا ائين چوان تہ شهر ۾ ڳوٺ پاڻ ۾ هڪدم ناهن ملندا. ڳوٺ شهر بنجي سگهندا آهن. جڏهن تہ شهر پنهنجن هنگامن ۾ گوڙ ۾ گهٽجي گهٽجي ٻوڙا ۾ گونگا ٿي ڪنڊر بنجي ويندا آهن. مان توکي 'افورڊ' ڪري ٿو سگهان تہ جيڪڏهن تون مون کي احساساتي ۾ ذهني طور تي افورڊ ڪري سگهين!!؟ تو لکيو آهي تہ "اسان تمام وڏا ماڻهو نہ سهي پر ايترا ضرور آهيون جو هڪ بہ نوڪر ۾ڪار تہ افورڊ ڪيون ٿا. ڪامورا ناهيون. زميندار آهيون ۾ آءٌ اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ هڪ ڪلاڪار ڇا ڇا 'افورڊ' ڪري سگهي ٿو!"

منهنجي ڪنهن پراڻي ڊائريءَ جي پني تي لکيل آهي تہ "منهنجي زندگيءَ ۾ اُن عورت کي وڌيڪ دخل هوندو. جيڪا دل ۾ دماغ جي هڪ جيتري حاڪميت جي قائل هوندي." ان راءِ جا اڪر آخري ڪوڙ آهن. ان عورت لاءِ جيڪا ڪنهن مخصوص 'نيچر' واري مرد لاءِ سنو ساڻي ثابت ٿي ڏيکاريندي. اها جذبي ۾ عقل جي تور مناسب تہ ڪانهي. وقت وهندڙ ۾ فنا ڪندڙ آهي. اُن ۾ جذبي ۾ عقل جي وَٽن کي ايترو ساهمي ءَ جي ڪاڙ کي ڏسڻ ڪوڙيڪ آهي ڇا!! ان وچ ۾ تہ وقت ماڻهوءَ جي چهري تي

ڪيترائي گهنج وڃائي چڪو هوندو آهي. ۽ پوءِ جڏهن هر جذبو هر خواهش آسيري پاسيري ٿي وڃي تہ ماڻهو دنيا تياڳي گوڏن ۾ منهن هٽي وتندو آهي انسان ذات لاءِ آدرش ٻوليندوا! مان تو لاءِ رڳو هيئڻين وچولي ڪلاس جو ماڻهو ثابت ٿي سگهندس. اصل ۾ مان ڪلا ڪيتر جو ماڻهو آهيان. منهنجي سچاڻپ، منهنجي وڏائي، منهنجي ڪلا آهي ۽ بس. ٻلهي محبت جو نشو مان توکي ڪيترو ڏئي سگهندس!!؟ هونئن محبت وڏي شاهوڪار شيءِ آهي. مون الائي ڪيترن ماڻهن ۾ ورهائي هوندي. پر منهنجو جهول ايڏا خالي نہ ٿيو آهي، پوءِ بہ اُهي ماڻهو مون کي ڇڏي ويا. سمجهين ٿي ڇو!؟ محبت، اقتصاديات کان الڳ ٿي ڪري ڪابہ حيثيت نہ ٿي رکي. اڄوڪي زماني ۾، ۽ جيڪي ماڻهو انهن ٻنهي شين کي الڳ الڳ سمجهن ٿا تہ اُهي حقيقت ۾ ڪنهن سان بہ گڏجي رهڻ نہ ٿا چاهين. تون منهنجي ٻالهہ سمجهين ٿي نہ!!؟

تو خط جي پڇاڙيءَ ۾ لکيو آهي: "باقي آءٌ هر صورت ۾ ساڻ نياهيندم ۽ تون ڪوبہ ٻيو فڪر نہ ڪج جو پرپور ويساهہ اٿم تہ تون مون کي 'افورڊ' ڪرڻ جي سگهہ رکين ٿو. جو آءٌ ساده مزاج آهيان."

مان سمجهان ٿو تنهنجي اهڙي فيصلي ۾ ڪَس ڪسر ڪائڻ واري ٻالهہ اُتم ملي ٿي. هونئن تہ تون جيڪا بہ آهين، جيئن بہ آهين ـ پري کان تہ ٻالهہ چڱي لڳي اٿم ـ ۽ اهو بہ ڏاڍو چڱو لڳو اٿم تہ تون مون کي ڏسڻ ۽ جاچڻ کان سواءِ مڃتا ڏني آهي ـ آهن تہ تمام پراڻن جڳن جون ٻالهيون ـ هونئن ڏنو وڃي تہ اسان ماڻهو وري ڪهڙو ويهين صديءَ جا رهاڪو آهيون!! بس غارن ۾ سو ڪو نہ ٿا رهون، باقي آهيون تہ پراڻن جڳن جا. دل ۾ نہ ڪجاڻ جو منهنجا ابا ڏاڏا بہ اڄ سوڏو تائين سڄ، چنڊ ۽ باهہ جا پوڄاري آهن. هو پنهنجي هر ڪلپنا ۽ خوشيءَ لاءِ چنڊ کي ڏسي ڪجهہ پٽڪندا آهن. بس فرق رڳو ايترو آهي تہ سجدو ڪونہ ٿا ڪن. هونئن تہ هر سگهاري شيءِ کي هر نہل سجدو تہ اڄ بہ ڪري ٿو ـ تهذيب تہ رڳو ايڪسپلائيٽيشن جو ٻيو نالو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو

آهيان تہ سنڌ جا ماڻهو گهڻي حد تائين 'نيچرلسٽ' آهن۔ پوءِ اُهو 'نيچرل ازم' ڪيترو ۽ ڪيڏو مهانگو پيو آهي!!؟۔ ان ڳالهہ کي هاڻوڪي ۽ گذريل ڪنهن بہ سماجي ۽ تهذيبي عمل جي رد عمل سان پرکي سگهجي ٿو. بهرحال تنهنجي منهنجي حوالي سان مٿين ڳالهين جي ايتري ئي حوالي ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪيم. مان تنهنجي ڪنهن بہ ڪلپنا جو پرم ٽوڙڻ نہ ٿو چاهيان. باقي، 'مان توکي افورڊ ڪري سگهان ٿو' منهنجي لکڻ سان، يا تنهنجو سادو مزاج، تنهنجي لکڻ سان ٿي ڪونہ پيو آهي، ۽ نہ ٿي سگهندو. اهو تہ وقت ۽ حالتن تي دارو مدار رکندڙ شيون آهن. ان لاءِ ايترو فڪرمند نہ مان آهيان ۽ نہ توکي ٿيڻ گهرجي. اهي مسئلا اندر اُستد آهن. باقي ڏور ڏور پولار ۾، جيستائين منهنجي سوچن جا پکي اڏامي سگهيا آهن، اُتي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور آڏيو اٿم، جتي پنهنجي مَن ۽ ڪلا جي پوري سونهن ۽ سگهہ سان جيڪا بنا چهري مورتي اڌ ۾ چڏي رکي اٿم۔ اُن کي جيڪڏهن تون سچ پچ ڏرتيءَ تي ساڀيان جو روپ ڏيڻ ٿي چاهين تہ ڇا مان تنهنجي چهري جا نشان گهور اونداهين ۾ ڳولي سگهندس!؟ هونئن منهنجي جيون ۾ ڪو پنهنجي ۽ منهنجي مرضيءَ سان گڏ اچڻ چاهي تہ شايد پوءِ، دنيا جا مور ڪڏهن بہ نہ روئندا!

❐

ناچُو

- روشن جسكاڻي

انهيءَ هوٽل ۾ گهٽو ڪري ناچن جون ٽوليون اچي ترسنديون آهن. انهن ٽولين ۾ هڪ به لاسڙيات ڇوڪرو ضرور هوندو آهي. لٽ پورل هوٽل جي پوئين حصي ۾ ميدان آهي، جنهن ۾ پکن ۽ ٽوئن مان ٺهيل ننڍيون ننڍيون ڪوٺڙيون آهن، جن ۾ هر وقت ڇيرن جا چمڪار لڳا پيا هوندا آهن. سُرن جي ورڪا پئي ٽيندي آهي. ٿهڪڙا پيا ٻُرندا آهن. سر ۽ سونهن جي پياسي عاشق جيئڙن جا ڳاهٽ لڳا پيا هوندا آهن اتي. هر ڪا ٽولي دعوت ڏيڻَ تي ويندي آهي يا موٽندي، ان هوٽل ۾ ضرور ترسندي آهي، جتي رات گذارڻ سان گڏ نَون ڇوڪرن کي ڳائڻ ۽ نچڻ جي سکيا پئي ملندي آهي.

انهن ٽولين مان رانجهي فقير جي ٽوليءَ جي سڄي تر ۾ هاڪ هئي. اهو سڀ 'ناٽيءَ' جي ڪري هو. جڏهن رانجهي فقير کي ناٽي هٽ آيو هو تڏهن کان سندس پئون پارنهن ٽي ويا هئا. سانجهي اچي سهڙي هئي. هر ڪا ٽولي رياض ۾ رڌل هئي. الڙ ناچن کي نچڻ ۽ ڳائڻ جا گُر سيکاريا پئي ويا. هٽ کٽڻ، صدا هٽڻ، گوڏو ڀڃڻ، چير چمڪائڻ... ان مهل هوٽل ٻاهران هڪ جيپ اچي بيٺي. بوسڪيءَ جي پٽڪن سان ٽي همراهه مڇون وٽيندا هوٽل ۾ گهڙيا. دخل تي ويٺل سيٺ کان ڪجهه پڇيائون ۽ پوءِ سيٺ جي ڏسيل هنڌ ڏانهن وڃڻ لڳا. جيئن ئي استاد ڪاري جي مٽن نظر پئي، تيئن ساز بند ڪري اچي هنن سان مليو.

"سائين ڪهڙي خوشيءَ ۾ اڄ پلجي پيا آهيو؟" ڪاري هٿ ٻڌندي چيو ۽ هڪ ناڇوءَ کي سڏيائين: "پورل هيڏي ته آءُ."

۽ پورل ڇير ڇمڪائيندو، گُر تار ۾ وکون ڳٽيندو، هٿ ٻڌي اچي حاضر ٿيو. "پورل، تي چانهه ته وٺي آءُ، کير پتي."

" نه نه، ڪارا، توکان حجاب ڪونهي،" تن همراهن مان هڪڙي جنهن کي بوسڪيءَ جي پٽڪي جي ٻُٽ لڳل هئي، چيو.

"توسان ڪهڙا ليکا، پر هينئر ڪجهه تڪڙا آهيون. ڏنڊرون ونڊيون آهن، چانور ڪٽڻا آهن، شاميانو جو چوٽو آهي... چانهه ڪنهن ٻئي پيري، پورل سان به ڪچهري ڪنداسين." هن کيسي مان ڏهه رپيا ڪڍي پورل جي ڳٽي تي ڪڍي رکيا. پورل ڳٽي تان نوٽ کنيو ته ٻُٽ ٻڌل همراهه سندس هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪڍي جهليو- ۽ ڪاري کان پڇيائين: "يار ڪارا، رانجهي فقير جي ڪوٺي ڪهڙي آهي؟" ڪاري جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. پر اڳ ڳٽتي ڪندي نئڙت مان چيائين: "استاد رانجهي وارا نه- او هُو پريان چوٽين نمبر ڪوٺي ۾ ويٺا آهن."

"چگو ڪارا، موڪلاڻي ڪانهي."

"چانهه ته...!"

"چانهه وري ٻئي ڪنهن پيري- چگو سهڻا سائين!" هن پورل جي هٿ تي زور ڏنو ۽ پوءِ اڳتي وڌي ويا.

رانجهي جي ٽولي ڳائڻ ۾ رڌل هئي. سندس آڏو وينل 'ناٽي' پنجين ڪاري تي آلاپ ڪري رهيو هو. همراهن کي ڪوٺيءَ ۾ ايندو ڏسي رانجهي ساز بند ڪيا ۽ هٿ ٻڌي بيهي رهيو:

"رئيس بلوچ خان لک لک شڪر مولا جا!" رانجهي کي ٻُٽ ٻڌل همراهه ڇڪي چاتيءَ سان ڪٽي لاتو.. خوش چگا پلا کان پوءِ احوال ٻڌيا:

"بس رانجها توکي ته خبر آهي ته پاڻ کي توکان سواءِ بي ڪنهن جو راڳ وٽي ئي ڪونه. سيان سانجهيءَ پاڻ واري رئيس احمد خان جي پٽ جي شادي آهي. رئيس تنهنجو بار رکيو مون تي، سو اچي حاضر ٿيا

آهيون، ٻيو مڙيئي خير!"

رانجهو جهٽ لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو.

"چا ٻيو سوچين؟ خبر اٿم تہ علي پور وارا توهان سان سنوان نہ هليا هئا. پر تڏهن نہ رئيس هو ۽ نہ وري آئون ئي هوس. لوسي چورن کي ڪهڙي خبر عزت جي۔ ڪهڙو مان تڏي جو. هينئر سڀ منهنجو ڏمو آهي. تون ڪٽڪو ئي نہ ڪر." ٻُٽ ٻڌل همراهہ کيسي ۾ هٿ وڌو: "هان، هي اٺئي سو رپيا پاڙي جا ۽ هيءُ شاديءَ جو ڪارڊ."

انهيءَ وچ ۾ ناٽيءَ کين چانهہ ڏني ۽ هو ٽيئي همراهہ صدقي صدقي ڪندا چانهہ جون چسڪيون پيئڻ لڳا.

"آئون سڏيان ۽ رانجهو نہ اچي!" ٻُٽ ٻڌل همراهہ رانجهي کي ياڪر ۾ پريو ۽ پوءِ کيسي مان سؤ جو نوٽ ڪڍي ناٽيءَ جي هٿن ۾ ڏئي سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليائين، "چگو منڙا، وري سيان سانجهيءَ محبن سان ميلو ٽيندوا!" پوءِ موڪلايائون.

هنن جي ويڙ کان پوءِ رانجهو سوچ ۾ پئجي ويو. اڳي علي پور شاديءَ تي ويو هو. تہ سندس ناڇُوءَ کي ڪي ماڻهو ڪٽي ويا هئا. بلوچ خان ۽ رئيس جي وٽ پڪڙ ڪرڻ تي مهيني کان پوءِ ناڇو واپس مليو هوس. اُهي ڏينهن هي ڏينهن، گهٽيون ئي دعوتون مليس، پر رانجهو علي پور نہ ويو سو نہ ويو. هن کي رئيس جي تہ پرواهہ نہ هئي، پر بلوچ خان سان سر جون ستون هوس. بلوچ خان بہ ساٽس ڇگا پير پريا هئا. ڪو ڪاڇ هجي يا نہ، پر رانجهو مليو هوندس، تہ سؤيا پنجاهہ جو نوٽ اچي سندس کيسي ۾ پيو هوندو چانهہ پاٽيءَ لاءِ. بلوچ خان سونهن جو پياسي هو. تہ رانجهو وري پئسي جو پوڄاري. ۽ائين ٻئي هڪ ٻئي سان نيائيندا آيا. هو نوان نوان ڇورا ڦاسائيندو هو ۽ ٻُهٽي بلوچ خان سان ڪندو هو.

ڪو وقت هو جو رانجهي فقير اڳيان رئيس بہ هٿ ٻڌيو بيٺا هوندا هئا. پر علي پور واري واقعي کان پوءِ ماڻهن کان جڙ سندس نالو ئي وسري ويو هو. پرقسمت رانجهي تان هٿ نہ کنيو هو ۽ ناٽي کيس ملي ويو ۽

رانجهي جي قسمت هڪ پيرو وري جاڳي پئي ۽ ناڻي... سندس سونهن جي ڪهڙي ساراهه ڪجي! ريءَ ڪجل ڪارا نيٽ ڪٽندو هو ته گهائي وجهندو هو. نچندو هو ته جڙ ڪنوڙ پئي ڪنويءِ ڳائيندو هو ته جڙ ڪوئل پئي ڪوڪي.

رانجهي کي پريشان ڏسي ناڻيءَ کان رهيو نه ٿيو:

"استاد چا ڳاهه آهي؟ اداس پيو لڳين! خير ته آهي نه؟"

"اڙي ٻچا، ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پچين. دل ته نڻي چئي علي پور وڃڻ تي، پر بلوچ خان جا مون تي ٿورا آهن، ان ڪري ڪنڌ نه ڪيائي سگهيس. خير...!"

چنو چا هو. جڙ ميڙي ۾ ڪا اُترادي هوتل لڳي هجي. پوري اناس ۾ شاميانا لڳل هئا. راڳ ٻڌڻ کان پوءِ به جي ماڻهو رڳو چني جي سجاوٽ وينو ڏسي ها ته به نند ڪونه اچيس ها. اڳي ته ناچو ٽولي ءَ لاءِ ڪو استيج نه ٺاهيو ويندو هو. پر هت ته استيج به هو. خاص ناڻيءَ لاءِ. مٿان وري رنگين پني جي ڪتر به ڪاريگر اهڙي ته لڳائي هئي. جو ڏسڻ وارن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. دلي دروازي تي واهه جو ڪم ٽيل هو. دلي دروازي جي پاسي ۾ رڪاربنگ واري فرمائشن تي مختلف رڪاٽ پئي وڃايا. عابده پروين، جلال چانڊيو، چاڪر چانڊيو... چني جي پوئين پاسي کان هڪ الڳ ڪمرو ٺاهيو ويو هو. جتي رانجهي جي ٽولي اچي لٿي هئي. چني ۾ اڄ رات رڳو ناڻيءَ جي ساراهه پئي هلي. ڪن ته ڪيس اڳي به ڏٺو هو، پر جن نه ڏٺو هو، اهي هر هر ان ڪمري جي اڳيان اول پٽڻ پئي ٽيا.

مانيءَ جو دور ختم ٿيو. سڀ ماڻهو چني ۾ اچي وڃايل بسترن تي وينا. اڳي ته وليڙيءَ کي ڪير پچندو ئي ڪونه هو، پر اڄ هن جي لئي به ڏسڻ وڻان هئي. پوري شيشي درباري عطر جي هاري آيو هو ڪپڙن تي. ڪانڇ جا پائنچا بڪين تائين ڪُنجيل. سيني کي ماما ڪري پئي ڪيڪاريائين ۽ پاڻي پئي پياريائين. جيڪڏهن ڪنهن پاڻيءَ جي گهُر ٽي ڪئي يا هڪل ٽي ڪئي ته پاڻيءَ جي جگ گلاس سميت پُور سراڙي

۾ ان همراهه جي اڳيان اچي ٽي بينو ۽ گلاس پاڻي۽ جو وڌائيندي: "پري ڏي منهنجي مامي کي- پيئي منهنجو مامو" جي اتان پئي ٽي هڪل ڪيس تہ اتان ئي: "آيو ماما آيو" ٽي چيائين ۽ ٻئي پل ان همراهه وٽ. مطلب تہ کل پوڳ. ٿهڪڙا... ڪِن کي پان تہ ڪِن کي سگريٽ. ڪن کي وري پان سان سگريٽ بہ چوٽين نمبر تي هو. گهٽائي۽ ۾ اُهي هئا جن وٽ سگريٽ ۽سوپاري۽ جون تڙون هيون. جن وٽ پان هئا اڄ رات انهن جي چاندي هئي. سڄي ڇني ۾ بلوچ خان فوٽ ڪن مٽي پئي هليو. رئيس بہ هر هر اچي پئي مهمانن سان خوش خوش ڪئي ۽ ڪم وارن کي هدايتون ڏنيون تہ جيئن گلا نہ ٽئي. ڇني جي هڪ ڪنڊ ۾ سُسُ پُسُ:

"واريا، چئبو تہ ناٽي بہ آيو آهي. ڳوهہ کي ڪُٽي ڪٽي تہ ڳولي شڪارين جا گهر. ڇڏيانس تہ بروچن واري شاديء ۾ بہ ڪونہ ها پر، بروچ هئا ڏنگا ماٺهو. قصو وڏي وڃي ها. ٻيو تہ جوڙ بہ ڪونہ هو. سويا! ڳالهہ ٻڌي اٽئي، متان پاڙي ٽين. سياٽي بلوچ خان وارا بہ ٻتاڪ هٽندا، تہ پٽڪا ٻڌي سوپو ۽ ورايو بہ ويا هئا ناٽي۽ کي ونڊ پر آيا خالي. رڳو هينئر ڏس هر ڪو ڳالهہ جي ڳالهہ بہ ڪريو وڃي تہ چٽر بہ ڪيو وڃي. لوسي ڇورا بہ پيا کلن. جي اڄ مُڙون تہ اصل پنهنجي پي۽ جا پٽ ئي نہ آهيون."

"ڇڏبو وري ڪيئن، ورايا! اهو اسان جي عزت جو سوال آهي. بدلو ونبو پر ڳائي وڃائي. بلوچ خان بہ ٽو لانگ ورائي! سا بہ سوپي ۽ ورائي تي! پوء تہ اسين پوتيون اوڏي رنن جي وچ ۾ وڃي ويهون. ڏسي ونبو انهي۽ پوڙهي کوڳ کي. جڙ اسان ئيسا ڪونہ ٽي ڏنا، بيگر ۾ ٽي ڳارايوسين."

"خير هينئر ڇڏ انهي۽ ڳالہ کي. پتين کي بہ ڪن آهن. ٻيو تہ اهو پريان ڪونہ وينو آهي لونگ، وڏو ٽُننگر اٽئي- ٻئي پاسا وڙهندو آهي. هينين مٽين پاٽاري ٻئي."

"پٽس کي بہ سڃاڻانس. ڏسين ڪونہ ٽو تہ پرائي ڪاج ۾ بہ شهپر الار ٽي پيا اٽس. جڙ پٽ ئي هن جو ٽو پرٽجي. تون رڳو مڪڙي۽ کي اچڙ ڏي، پوء ڏسجان ويهي سوپي جا ڪم!"

"ماڻهو موڪليو اٿئي؟"

"ها، ربوءَ کي موڪليو اٿم."

چني جي ٻيءَ ڪنڌ ۾ ٻڌ ٻڌ:

"ماما ناٽيءَ جي ڳالهه ئي نه ٻڌ."

"بس ماما بس. سُتا سور نه جاڳاءِ. جهڙو اٿس حسن تهڙو اٿس انداز. چا چپ ته چا نڪ ٻڌا وري ڪلٽي. الا الا ماما قدرت ٻه واندڪائيءَ ۾ ويهي ناهيو آهي ناٽيءَ کي."

"اڙي هاڻ بس ڪريو بس." ٻئي هڪل ڪئي. "قسم خدا جو ٻکري وڪٽي آيو آهيان، سا ٻه سڄي ڏڻ مان چوندو."

"اڙي هاڻ هَل. ناٽيءَ لاءِ ٻکري وڪٽي آيو آهي پٽ. ماما هتي چاکر ڪلوئي جي ڏڳي جهڙا ڏڳا وڪٽجن جيڪي پوريون ڪن. پاڻ ته يار ڏڳن جي جوڙي وڪٽي پوءِ آيا آهيون چني ۾." ٽئين چيو.

"واهه ماما، قدر وارو آهين. ناٽيءَ تي ويهه جوڙيون قربان. رڳو نهارٽي ٻه لک لهي. پاڻ وٽ ته ير ڏڳا ڪونه هئا. باقي زميندار وٽ پڙ ڪڍي ويهي رهيس. چيم جيسين پنج سؤ ربيا نه ڏيندين تيسين نه اٽندس." چوٽين چيو.

بلوچ خان وڏي رڪارڊنگ واري وٽ اچي مائيڪ تي اعلان ڪيو: "هلو هلو منهنجا دوست اوهان جو انتظار ختم ٿيڻ وارو آهي. اوهان جي پسند ـ ناٽي اچي رهيو آهي استيج تي."

اعلان ٻڌندي ئي سيني جون اکيون استيج تي کپي ويون ۽ پوءِ سندن انتظار ختم ٿيو. رانجهي جي ٽولي استيج تي پهچي چڪي هئي. پر ناٽيءَ بدران ماڻهن کي استيج تي هڪ ڇوڪري نظر آئي، جنهن جا وار پٺن تائين پئي لٽڪيا. وارن جون پوچڑيون متي ائين وريل هيون جڙ واسينگ نانگ ڦڙ ڪڍيو ٻينا هجن. باجي واري جا هٿ حرڪت ڪرڻ لڳا. پڪوازيءَ جون آڱريون ڇرڻ لڳيون. سُر نڪرڻ لڳا. سُرن سان گڏ استيج تي بيٺل پُتلي جي بدن ۾ ڇرپُر ٿي. ٽيڪ ان وقت هڪ همراهه وڏي استيج طرف آيو ۽ ان پُتلي جي سامهون هٿ ٻڌي چوڻ لڳو: "سهڻل،

پنج منٽ ترسو جيسين گهوٽ اچي." ائين چئي اهو همراهه ائين ڪسڪي ويو. جيئن ڪنهن مغل شهنشاهه جو غلام ڪا ڳالهه ڪري پوئين پيرين پنتي هٽندي ڪسڪي ويندو هو.

پريان شرنائين ۾ دهلن جو آواز رات جي سناٽي کي چيريندو ڇني ڏي پئي آيو. اڳيان اڳيان پندرهن سورهن سالن جي ڇوڪري کي موڙ بدّل هئا ۾ پاسي کان ٻيا ماڻهو گهورون گهوريندا گهوٽ سان گڏ پئي آيا. شرنائي واري جي توتاڙي ٽي ڦاٽي. ڏُهلاري ذري گهٽ ڏوڻڪن سان دهل جي کل ٽي ڦاڙي. ۾ پوءِ اهو سڄو اٽالو ڇني ۾ لنگهي آيو. هڪڙي خاص جاءِ جيڪا استيج جي پر ۾ هئي، اتي ريشمي سوڙ جي مٿان وڇايل پلوڙ رليءَ تي گهوٽ اچي وينو.

ساز وري شروع ٽيا. چير جي چمڪار تي گهوٽ جي پاسي ۾ وينل بلوچ خان جو هٽ مٿي ٽيو. آگوڻي ۾ ڏسٽي آگر جي وچ ۾ قبيل پنجاهه جو نوٽ، جڙ همراهه کي چئي رهيو هجي، ڇڏ ته وڃان محبوبڙي جي نازڪ هٿن ۾ تنهنجا هٽ سخت آهن. ٻئي پل گهوٽ جي هٽ ۾ سؤ جو نوٽ هو. ناٽي گهوٽ کان پئسا ونڻي ڇني ۾ نهار ڪئي ته رڳو نوٽ ئي نوٽ هئا. ۾ هو ڇم ڇم ڪندو واري واري سان پئسا ونندو ٽي ويو. مختلف آواز هئا: 'هئي هئي. ظالم ساڙي وڌئي. ڪُهي ڇڏيئي. خدا ڏاڍو اٽئي. الا الا. صدقي صدقي. واهه سهڻا واهه.' پئسن ڏيڙ ويل ڪنهن ناٽيءَ جي ڳٽي تي چهنبڙي ٽي پاتي ته ڪنهن وري سندس ساٽيءَ جي ڳل تي پئسا ٽي رکيا. ڪٽڙ وقت ناٽي ان همراهه کي ڳٽي کي زور سان ٽي پٽيو ته خوشيءَ مان ان همراهه جي بدن مان سيسرات نڪري وبا. ڪنهن ناٽيءَ جي ستر تي هٽ ٽي لاتو ته ڪنهن ڪپڑن مان جهلي ٽي ڇڪيو. هو مرڪندو سين کان پئسا ونندو ٽي ويو. وچ ۾ بہ ٽي پيرا ته پئسن ونڙ تي مرڳو جهيڙو ٽي ٽيو. پر رئيس اٽي جهيڙو ٽاري ڇڏيو هو.

ڇني جو اهو لقاءُ جو هل سهڻا. هيڏانهن دلبر. ايلاز. منٽون، ٻُچڪارون، سيٽيون. سيسرات. ناچو واري واري سان هر ڪنهن وٽ ٽي آيو.

رات جو پويون پهر هو. ناتي پنهنجي مڏر آواز ۾ راڻو پئي آلاپيو. چني ۾ هاڻ اهي سيسرات نه رهيا هئا، جو جتي هو اتي ماڻ هو. ڪي ته پئسا ڏيندي خالي ٽي پوتڙو چنبڊي ڦڪائيءَ کان چني مان نڪري ويا هئا. ڪي ڪُٽل هوندي به اکيون ٽمڪائي ناتيءَ کي تڪي رهيا هئا. رڪاڊنگ واري جاءِ جي پاسي ۾ موالين جي ٽولي ۾ شروع ۾ جيڪا رونق هئي سا الاجي ڪٽي گم ٽي چڪي هئي. نشي ۾ الوٽ هئا. گهٽي نشي پيئڻ ۽ اوجاڳي جي ڪري هڪبئي مٽان پئي ڪريا. بلوچ خان پنهنجي ٻاريءَ ۾ جيڪا استيج جي پاسي ۾ هئي، ويٺو هو. پڪوازيءَ کي به ننڊ جا گهيرٽ اچي ٽي ويا. پر رانجهي جي ٽونڊ ڪيس وري سجاڳ ڪري ٽي ڇڏيو. ناتيءَ گوڏو ڀڃي سُر مومل راڻي مان شاهه جو بيت پئي چيو. ٽيڪ ان وقت چني جي دلي دروازي وٽان هڪل ٽي: "سهڻل سائين هيڏانهن." ناتي ڇير ڇمڪائيندو نخرن سان وچ وارن ماٿهن کان پئسا ونڊندو دلي دراوزي ڏانهن وڌڻ لڳو. جيئن ئي هن پئسا ونڊ لاءِ هٿ ڊگهيو ڪيو، تيئن ئي ڇڪبو هليو ويو. هڪ همراهه جي پاڪر ۾ اڃا اهو همراهه گهوڙيءَ تي لانگ واري ئي واري ته استيج جي پاسي ۾ وينل ٽوليءَ کان هڪ گوليءَ جو ٽڪاءُ ٽيو. ٻئي پل گهوڙيءَ وارو همراهه ته گهوڙيءَ سميت غائب هو. پر ان جاءِ تي ماٿهن هڪ ناڇوءَ جو لاش ڪرندي ڏٺو.

❐

سچا ٹپ جي گولا

ـ طارق عالم

هو قد جو ڊگهو آهي پر جسم ۾ ڪو خاص ڦريل ناهي. قميص سڄي ليڙون ٽي ويل اٽس. ليڙون ٽيل قميص مان سيني جا پنور ڪارا وار ۽ ڪارن وارن منجهان ڪٽان رت جون سنهيون ريکائون ظاهر ٿيندڙ. هڪ اک ٽونشي لڳڻ سبب سڄي ڦوڪٽو بڻجي ويل ۽ چپن مٽان سگريٽ جي ڏنب جو ٽپو. هو سپ، ڪيس پکڙي آيا آهن. هڪ سئنيما جي ٽڪيٽ گهر وٽان. هنن جو چوڻ آهي ته هن شخص اڄ کان الائي ڪيترا سال اڳ جو هڪ وڏو نوٽ، جيڪو ورهيه ٽيا جو ڊي مونيٽائيزڊ ٽي چڪو آهي، ٽڪيٽ ڪلارڪ کي دوکي ۾ ڏئي، ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ چاهي هئي. نوٽ ڪوڙو هجڻ سبب ڪيس ٽڪيٽ نه ڏني وئي ته هن شخص سئنيما جي امن ڦريل ماحول ۾ فساد ڪيو. موٽ ۾ ڪيس پادر ٽوڪي هتي پهچايو ويو آهي. جيڪي هن کي پادر ٽوڪي هتي ڇڏي ويا آهن، انهن جو چوڻ آهي ته هي شخص پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويل ڪو چريو آهي. هن کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيءَ ڪا اسپتال آهي يا ڪجهه ٻيو. چوڌاري پٿر جون اڏيل ديوارون آهن.

هن وقت هو پٿر سان جڙيل هڪ ڪمري ۾ وچ تي رکيل سيمينٽ جي ٺهيل اسپتال تي ويٺل آهي ۽ سندس آڏو شيشم جي ڪاٺ مان جڙيل، ڪرسيءَ مٽان هڪ وڏي عمر ۽ مضبوط جسم جو پير مڙد، ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي ڪنڌ ڊرڪائي ڏانهنس ڏسي رهيو آهي. پر مڙد جي نيٽن ۾ اَلم جو ڪارو عَلم کتل آهي ۽ چپن مٽان ڪوڙي مرڪ جو

چڪي پاتل ماسڪ. سيمينٽ جي ٺهيل استول تي ويٺل قٽيل نوجوان چوڌاري ۽ پوءِ هوريان ڪنڌ متي ڪٽي نهاري ٿو: ڪمري ۾ ڪابه دري ڪانه هئي. سيمينٽ جون ديوارون متي، تمام متي ڪڇنديون پاڻ ۾ ملي ويون آهن. پير مڙد، ڏگهو ساهه ڪٽي، خالي ڇڪي پاتل مرڪ جي ماسڪ پنيان چپن جي ڪنڊن کي هوريان چوري، هر جذبي کان خالي آواز ۾ قٽيل جوان کي چوي ٿو: "مون کي محسوس پيو ٿئي، تو گهٽي عرصي کان ڪجهه به نه ڳالهايو آهي. مون کي خبر آهي، تون بهادر آهين. توکي مون تي يقين ڪرڻ گهرجي، تنهنجو آواز هن پٿر جي ديوار کان ٻاهر وڃي نه سگهندو."

سيمنٽ جي استول تي ويٺل قٽيل جوان چپ چاپ پير مڙد جي نيٽن ۾ ڏسندو رهي ٿو جتي الم جو ڪارو عَلم کتل آهي. هو سوچڻ لڳي ٿو، 'جاڻين ته تون به سيڪجهه ٿو ته هنن سورج کي چڪيا چاڙهي ڇڏيو آهي.' پر اِهي اکر هو اڪلي نٿو سگهي. ڇو ته خشڪيءَ سبب يا شايد ڪنهن خوف سبب هن جي ڇپ ٽڪر ٻڌجي چڪي آهي.

پير مڙد ٻيهر هر جذبي کان خالي آواز ۾ چئي ٿو: "گهڻو عرصو نه ڳالهائڻ سبب شايد توکان ڳالهائڻ وسري ويو آهي؟ مون کي ڄاڻ آهي ته تون ذهين آهين، بي انتها ذهين. جيڪڏهن ٿوري به ڪوشش ڪرين ته ٻيهر ڳالهائي سگهي ٿو."

قٽيل جوان جسم جو سمورو زور لائي چپن چورڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ چپ ڪنهن ڳوري ڇپ جيان هوريان لڏڻ لڳي ٿي. "ها ها، تون ڳالهائي سگهين ٿو." پير مڙد هر جذبي کان خالي آواز ۾ چئي ٿو. قٽيل جوان جي ڇپ چرڻ لڳي ٿي. هو ڳالهائڻ لڳي ٿو. بي ربط، بي سلسليو ۽ سمجهه ۾ آسانيءَ سان نه ايندڙ ڳالهيون: "هو پنهنجي ڪم ڪري ويا. جنهن جو مون کي خوف هو. هاڻي ڪهڙي ڇائي پايون؟" "هنن سون ڏانهن ايندڙ محبتن جي مڙني رستن متان ڊائنا ميٽ وڇائي ڇڏيا آهن." "اسان سڀ موت کان بچڻ لاءِ بدحواسي ۾ ڪوس گهر ڏانهن ڊوڙي رهيا آهيون." "مان جڏهن به ڳالهائڻ چاهيو آهي ته واڳهه پنهنجن اُڀن ڇيرن وارن تارن سان مون ڏانهن گهورڻ لڳو آهي. هو ڏس، هن وقت به هو

مون کي گهوري رهيو آهي." "مان الائجي ڪيترن ورهين کان چپ رهيو آهيان! جڏ شهر جا سڀ ماڻهو مري ويا آهن. سنسان روڊن مٿان قاتل اخبارون ۽ متي اڏامي رهي آهي." "بوڪ اسٽالن تي سمورن ڪتابن جا ٽائيٽل قاتل آهن ۽ اندران لفظ اڏوهي چٽي وئي آهي." "ماڻهو هٿ ۾ سائيڪل جي چين ڦيرائي رهيا آهن ۽ عورتون بند ٻورين ۾ (الف) خواب لهي رهيون آهن." "سنهين گهٽين جي ٻنهي پاسن وارن قطار سان بيٺل دروازن مٿان تالا ڪپيل ڳاڙن وانگر لڙڪي رهيا آهن. ۽ گند سڄي شهر جي صاف پاڻ ۾ ڦهلجي ويو آهي." هو ڏس واڳهه. پنهنجن اپن چيرن واري تار سان مون کي ڳالهائڻ کان روڪي رهيو آهي." جوان هڪدم ماڻ ٽي وڃي ٽو.

پير مڙد چوڦير ڏسي هي جذبي کان خالي آواز ۾ چئي ٽو: "هت ته ڪوبه ناهي. سواءِ تنهنجي ۽ منهنجي. تون اجايو ڊنل آهين." ڦٽيل نوجوان چوڌاري ڏسي پڇي ٽو: "ڪوئي ڪونهي!؟ هاڻ هوندو به ڪير؟" "حقيقتون، هوائون ۽خواب سمنڊ ۾ ٻڏي ويا آهن. سمورا منظر، ڏور ۾ ويڙهيل، ڏرتيءَ ڏانهن زوم سان اڇلايل لاٽونءَ جيان ڦيريون پائي هڪجهڙا ٻڏجي ويا آهن." "سردي منهنجي پنيءَ جي ڪنڊي ۾ رڙهي اچي ويهي رهي آهي. هنن کي چئو ته هيٽر کي وسائي ڇڏين. ٻاهر سخت سردي آهي. ۽ برسات به. منهنجن مائٽن جا گهر ته لڙهي ويا هونداڻ! پر هنن سان گڏ هنن جهڙا ٻيا به ته هئا. انهن جو الائجي ڇا ٿيو؟" "پهرين منهنجو پيءُ مون کي، امان کي ۽ ادي کي گهر ۾ ڇڏي پاڻ ماچيس جي ڳولا ۾ نڪتو هو. پوءِ منهنجي ماءُ منهنجي پيءُ جي ڳولا ۾ نڪتي هئي. ۽ تنهن کان پوءِ منهنجي وڏي ڀيڻ مون کي گهر جي سماءَ لاءِ ڇڏي، امان جي ڳولا ۾ نڪري وئي هئي. ڪالهه روڊ تي هڪ اخبار پئي اڏاٽي. مون کٽي ڏني ته ان ۾ هڪ ڪنڊ تي منهنجي ڀيڻ جي لاش جو فوٽو هو ۽ هيٺيان لکيل هو: "لاوارث."

"هو سڀ مون کي گهر جي سماءُ لاءِ ڇڏي، پاڻ ماچيس جي ڳولا ۾ نڪتا هئا."

"چلهن مان رک بہ اڏائي وئي آهي. ۽ گهر فوت پاڻ ٻڌجي ويا آهن."

"مون کي سخت بک لڳي تہ هنن منهنجي آڏو منهنجي پيءُ جا هٿ روست ڪري آڻي رکيا هئا جيڪو سڄي ڄمار منهنجي لاءِ انهن هٿن سان ڪمائيندو رهيو هو."

"ٻُک اڃا تائين منهنجي پيٽ ۾ زهر ٻڌل سنگين جيان کتل آهي."

"سمورن نلڪن مان زهريلو پاڻي پيو وهي. تون پلجي بہ نلڪي وارو پاڻي نہ پيجانءِ."

"اڃ... اڃ... اڃ. نرگهٽ کي .L.G جي چيرن جيان لڳي پرڻ ٻڌائي ڇڏيو آهي."

"قلم، چمچا ۽ ڏهن پرڻ ٻڌبا پيا وڃن."

"ڪجهہ اداس ۽ سياڻا ماڻهو سمنڊ ڏانهن چپ چاپ پيا وڃن."

"پکين جا پر ڪُسي ويا آهن. يا الائجي پکي اڏامڻ وساري ويٺا آهن."

"ماڻهن جا گوڏا مَرَ چٽي وئي آهي. ۽ وٽن ڇانوَ ڏيڻ ڇڏي ڏني آهي. ۽ هو ڏس، واڳهہ پنهنجن اين چيرن وارن تارن سان مون کي وري گهوري ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو. هاڻ تہ هن ڏند بہ ڪرٽڻ شروع ڪيا آهن."

"مان جانورن کان گهٽ، انسانن کان وڌيڪ ڏڇندو آهيان"

"هو ڏس، هو تہ ڏس، ماڻهو ٻارن جي شهہ رڳن تي پنهنجا ڏند کپائي ڇڏيا آهن. ۽ جانور پنهنجين اڳين ٽنگن ۾ منهن لڪائي چپ چاپ روئي رهيا آهن"

"آسمان تي ڪوبہ ڪڪر ڪونهي. ۽ ستارن آتم هتيا ڪري ڇڏي آهي."

"عمارتون پنهنجون جايون متائي غائب ٿي رهيون آهن."

"هيٽر کي وسائي ڇڏ ـ برسات کي بہ وسائي ڇڏ. سردي منهنجي پٽيءَ جي ڪنڊي ۾ ريڑهي آئي آهي."

"هو جيڪي مون کي هٿي ڇڏي ويا آهن، چون تہ، پنهنجو ڏهني توازن وڃائي چڪو آهيان ۽ ڪيسي ۾ 'ڊي مونيٽائيزڊ' نوٽ ڪٽي ماڻهن کي دوکو ڏيو ڏيان. تون ئي ڏس يلا، هي نوٽ ڪيئن ٿو ڪوڙو

ٿي سگهي!!؟"

هو هٿ ۾ جهليل مروٽيل سروٽيل نوٽ سڏو ڪري، پير مڙد آڏو رکي ٿو چڏي. پير مڙد نوٽ ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو. لڙڪ سندس پنبڻين تي ريڑهيون پائي غائب ٿي وڃن ٿا. ۽ سندس چپن جون ڪنڊون، ڇڪي پاتل مرڪ جي ماسڪ پٺيان هڪ ڪن لاءِ لڏي ٿيون وڃن.

قتيل جوان شڪايتي انداز ۾ چئي ٿو: "هي ڏس، هنن منهنجي قميص ۾ قاڙي چڏي آهي. هنن سيني مون کي رودِ تي گهليو ۽ هو. مون کي پادر ۾ هنيا اٽن."

"ڏس، منهنجي اک سڄي ڳوڙهي ٿي وئي آهي. هڪڙي ته منهنجي چپن تي ٻيڙي ۾ وسائي هئي."

"تون ئي ٻڌاءِ پلا هي نوٽ ڪوڙو آهي؟؟ ٻڌاءِ نه؟"

"تون مري ويو آهين چا؟!! مکيون تنهنجي ٻوٽ تي مڙي آيون آهن."

پير مڙد کان خوف مان ڇرڪ نڪري ٿو وڃي ۽ هو ڏري گهٽ رڙ ڪري چئي ٿو: "نه نه، مان جيئرو آهيان."

"جيئرو آهين ته روئين ڇو نه ٿو!!!؟"

پير مڙد توائي ٿي ويو آهي. هو توائي سان پڇيس ٿو: "نالو چا ٿئي؟"

"منهنجو نالو..." قتيل جوان وائڙو ٿي ويو آهي. "منهنجو نالو..." باوجود ڪوشش جي هن کي پنهنجو نالو ياد نٿو اچي.

"پيءُ جو نالو چا ٿئي؟"

هو وڌيڪ وائڙو ٿي ويو آهي. هن کي ڪوبه نالو ياد ڪونهي. هن کي ڪجهه به ياد نٿو اچي. ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟ ڪنهن جو پٽ آهي؟ هن جي ماءُ ڪير هئي؟ هو وائڙائپ مان پير مڙد کان پڇي ٿو: "تنهنجو نالو چا آهي؟"

پير مڙد سڄو ڏڏي ويو آهي. سندس چپن تان ڇڪي پاتل مرڪ جو ماسڪ ڊرو پئجي ٿو وڃي. هو رڙ ڪري ٿو: "بڪواس بند ڪر. هت اهڙي ڪنهن به ماڻهوءَ کي رکي نٿو سگهجي، جنهن جي ڪابه سڃاڻپ نه

هجي." پير مڙد قتيل جوان کي ڏکا ڏئي دراوزي مان ٻاهر ڪڍي ٿو ڇڏي ۽ در بند ڪري ڇڏي ٿو. سندس اکين مان لڙڪ پرجي آيا آهن.

زخمي نوجوان ٽاپڙجندو ٻاهر اچي ويو آهي. سندس هٿ ۾ مضبوطي سان جهليل اهو ئي ڊي مونيٽائيزڊ نوٽ آهي. هو هڪ گول پهاڙ تي بيٺل آهي، جنهن جي چوڌس اوندهه ۾ گم ٿيندڙ سڌو سنواٽو ميدان ڦهليل آهي.

❐

گيڙو

ـ محمود مغل

هن ڪنڌ ورائي پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏٺو. هر ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم سان لڳل هو. پريان چانهه واري جي اسٽال تي ڪو هيڪڙ بيڪڙ ماڻهو بيٺو هو. هن جي ڏاڻي طرف ڪتابن وارو به هن مهل هلڪن جهوٽن ۾ هو. پليٽ فارم جي پٽي وٽ جوڙيل وارو ڪوڪا پاسن ۾ رکيو. رڀين جون ڳنڍيون ناهي رهڙن ۾ ويڙهي رهيو هو. پليٽ فارم تي ڪجهه ٽورائي ماڻهو هئا. اڄ گرمي به ڪجهه گهٽي هئي. هو دل ئي دل ۾ پٽڪڙ لڳو: 'هونهن، هي گاڏيون به وڏيون رهزن آهن، ڪڏهن به وقت تي نه ايندیون، بلڪل اسان جي خوشين جيان، جيڪي ان مهل ايندیون آهن جڏهن اسين انتظار ڪري ڪري ڪڪ ٿي پليٽ فارم ئي ڇڏي ويندا آهيون. پر هي مان سوچيان ڇا پيو؟' هو ڪنڌ جهٽڪي، ٻئنچ تي پاسو ورائي سامهون ڏسڻ لڳو. پريان هڪ فقيرياڻي ويٺي هئي. هئي ته اڌوٽ پر ڏاڍي خوبصورت هئي. ڪيس ڪارو بلائوز ۾ انگوڇي جي ساڙهي پاتل هئي. بلائوز ڪلهن وٽان ڦاٽل ۾ پٽيءَ وٽان ڏريل هئس. هن پنهنجو سامان ڪولي، ان مان ڪاغذ ۾ ويڙهيل ڪا شيءِ ڪڍي هئي، ۽ هاڻي پنهنجي ڳنڍ ڪي ٻڌي رهي هئي. هن وري اوسي پاسي ڏي ڏٺو ته ڪو ڪيس ان مائيءَ ڪي ڏسندو ته نه ڏسي رهيو هو. پر ڪوبه ته ڪيس ڏسڻ وارو نه هو. هر ڪو ڪجهه گرميءَ ماريل هو ۽ ٻيو ته هي وقت به ڪنهن سٺي ٽرين جي اچڻ جو نه هو.

هن وري ڪتاب کولي پڙهڻ شروع ڪيو. پهرئين پني کولڻ سان ئي سامهون پنهنجي نالي تي نظر ٽي پيس. نالي سان گڏ لکيل تاريخ پڙهي ٽو: 14_4_82. هن جو ذهن وري پٽڪڻ لڳو: انسان پنهنجي شناخت لاءِ ڪيترو نہ بي چين هوندو آ! گهٽو ڪري ڪيترائي ماڻهو ڪتاب وٺي مٽس نالو ضرور لکندا. ضرور ڪهڙو آ ان جو؟ پر صحيح تہ ڪن ٿا. هاڻي ان مان خبر تہ پوندي تہ اهو مِلڪِ ڪنهن جي آ. جيئن هاڻي هن پوڙهيءَ جي ڪا شناخت ڪانهي تہ ڪير چوندو تہ هوءَ ڪير آ. پر مان وري بہ ان لاءِ چو پيو سوچيان. اڄ تہ هن گاڏيءَ بہ ڏاڍي دير ڪئي آ. هڪ تہ هي پليٽ فارم بہ ڪا ويهڻ جي جڳهہ آ. ڪيلن جون ڪلون تہ بہ هٽ. گند گوڙ تہ بہ هٽ. وٽ ونان، فقير، چاهڙيون ۽...'

سوچڻ دوران هن ڪتاب بند ڪري ڇڏيو هو. اکيون خودبخود شايد ڏينهن جي تپش جي ڪري بند ٿي ويون هئس. ذهن ۾ فقيرن جو خيال آيس تہ الائي ڇو اکيون کولي سامهون ويٺل فقيرياڻيءَ کي ڏٺائين: ان هاڻي پنهنجن پنين وارن کي کولي، ڪلهن تي پکيڙي ڇڏيا هئا، ۽ باقي منجهيل وارن کي ڇڏائي رهي هئي.

'هي عورت جوانيءَ ۾ ڪيڏي نہ خوبصورت هوندي. سهڻي تہ هاڻي بہ آهي، پر عمر ڪجهہ چڙهي وئي اٿس. شايد پنڻ کي گهٽو عرصو ٿي ويو اٿس. اڄ ڪيڏي نہ گرمي آ! هت تہ غريب غربي لاءِ موسم بہ آزار آ. سيءُ پوي تہ اوچڻ نہ ليي. گرمي ٿئي تہ ناهوکي چانو نہ ملي. اسان آهيون ڪيئن، جيئون ڪيئن پيا، اهو ڪڏهن ڪنهن سوچيو آ؟ پر نہ، سوچجي بہ ڇو؟ ٻين سان اسان جو ڪهڙو تعلق؟' هو هڪدم خيال جهٽڪي وڃي چانهہ جي استال تي ٿو ڏسي: چانهہ وارو هڪ همراهہ کي بوتل کولي ڏيندي ڏانهن ڏسي ٿو. هو موٽ ۾ ڪيس هڪ بوتل موڪلڻ جو اشارو ٿو ڪري.

"ڪهڙي؟" پريان استال وارو رڙ ڪري ٿو پڇي.

"ڪهڙي بہ." هو ورندي ڏئي، پليٽ فارم تي ٿو ڏسي. ڪيترين ئي

بئنچون خالي آهن. هڪ بن تي هيڪڙ بيڪڙ ماڻهو ستا پيا آهن. پريان ڪجهه عورتون پنهنجن ٻارن کي سنيالڻ ۾ پوريون آهن. انهن سان مرد پٽ تي چادر وڇائي، تاس وينا کيڏن. هو پنهنجي بئنچ کي ٽوڏسي: اڏ اس ۽ اڏ ڇانو ۾ آهي. هو اس واري حصي کي هٿ ٽو لائي ۽ هڪدم ڇڪي ٽو ونبي: "اف ڪيڏي نه گرم آ."

هٿ کي ڦوڪ ڏئي وري سامهون ٽو ڏسي: فقيرياڻيءَ پنهنجا وار کولي ڇڏيا آهن ۽ ڳنڍ کي پاسيرو رکي، هن جي بلڪل سامهون پليٽ فارم تي لڳل نلڪي جي پاسي کان ٺهيل ننڍڙي حوض ۾ ويهي ٽي رهي. هو ڪيس غور سان ٽو ڏسي: هوءَ ڪپڙن سوڏو نل کولي، پنهنجي مٿان پاڻي ٽي وجهي. ڪاغذ واري پڙيءَ کي کولي، ان مان ڪپڙن ڌوئڻ وارو صابڻ ڪڍي، هوءَ وارن ۾ هڻڻ ٽي لڳي. هيل تائين سڄي آلي ٽي وئي هئي. وارن ۾ صابڻ هڻندي، هن ڏانهس ڏنو: هو هڪدم نظرون ڦيرائي ٽو ونبي.

'چا سوچيندي دل ۾؟ چا وري چا سوچيندي هوندي. پنهنجو ڪو خيال نه ٽو ٿئي ته چا پئي ٽي ڪري. هي به ڪا جڳهه آ وهنجڻ جي. پري راڄ ۾ سيني سامهون تڙ ڪبو آ چا! ڪني بي حيا. پر هوءَ به ڪري چا، ڪهڙو هن کي غسلخانا ميسر هوندا، جن کي ڇڏي، هوءَ هتي آئي آ.' اوچتو خيال وکري وڃن ٿا. چانهه جي استال واري ڪيس ڇوڪري هٿان بوتل موڪلي آ. هوءَ پنجين جو نوٽ ڪڍي، ڇوڪري کي ڏئي، بوتل ٽو ونبي. ڇوڪر واپس ٽو هليو وڃي. هن وري عورت ڏانهن ڏنو: هوءَ هاڻي پنهنجن پاتل ڪپڙن کي صابڻ هڻي رهي هئي ۽ صابڻ هڻي نلڪي هيٺان ڌوئي رهي هئي. ائين ڪندي هوءَ الائي ڪيئن پئي لڳي.

هن کي جڪ اچڻ لڳا. 'پوڙهي آ ته چا ٿيو! اهڙيون حرڪتون ته نه ڪري. هاڻي هن جي عمر آ! ائين ڪندي نهندي! پر مان به چا پيو سوچيان! چا ان جي جڳهه تي ڪا ڇوڪري اچي ائين ڪندي چا؟ اج شايد گرمي منهنجو دماغ ڦيرائي ڇڏيو آ. الائي چا پيو فضول ۾ سوچيان.

هو بوتل مان ڊڪ ٽوپري اک اڇا بہ مائيءَ ۾ اٽس. هوءَ بہ وهنجندي ڪيس ڏسي ٿي. هو وري ڪنڌ ڦيري ٿو ڇڏي.

اتان اٿي هو تاس ڪيڏندڙن جي مٿان ٽوويجي بيهي. هو ٿي ڇٽا آهن. هنن مان هڪ مرڪي ڪائنس اشاري سان ٿو پڇي تہ "ڪيڏندين؟" هو مرڪي انڪار ٿو ڪري. بوتل مان ڊڪ پريندي هو وري اوسي پاسي ۾ ٿو نهاري: ڇانهہ واري جو ڇوڪرو اڇي ڪيس بقايا ٿو ڏي ۽ خالي بوتل وني ٿو وڃي. الائي ڪيترائي لمحا ائين سرڪن تا. هو اندر ۾ الائي ڇا ٿو پائني. هن مڙي مائيءَ ڏانهن ڏٺو جنهن هاٿي تڙڪري ورتو هو ۽ آلن ڪپڙن کي اُس ۾ بيهي سڪائي رهي هئي. ڪيس پاتل پوتڙو ڏاڍو ويڪرو هو. هن ان مان ساڙهيءَ جا ور ڪڍي پٽي نپوڙيا. پاٽيءَ جا ٽيپا ڪيندي، هن عورت وري الائي ڇو هن کي ڏٺو ۽ هو ککو وکو ٿي ويو. 'ڇا سوچيندي هوندي تہ مان الائي ڇو پيو ڪيس ڏسان!'

هو وري ڇانهہ واري وٽ هليو ٿو اچي. هو ڪيس ڏسي هلڪي ڏند ٽيڙ ٿو ڪري. هو ويجهو اچي مرڪي ٿو: "هي گاڏي ڇا روز ايڏي ليٽ هوندي آ؟"

"نہ سائين، وڏ ۾ وڏ اڏ ڪلاڪ. اڄ تہ الائي ڇو ايائي ڪلاڪ لاتا اٽئين. آهن مرضيءَ جا مالڪ ريلوائيءَ وارا، شل پور پوين. هن وري عورت ڏانهن ڏٺو: هوءَ ان مهل ساڙهيءَ جي ورن کي سنياڻي نپوري رهي هئي. سويل وارو سڪل پاسو هن مهل بدن کي ويڙهي ڇڏيو هئائين. ان جو ڪيس وڏو تجربو هو. جو سندس جسم جو ڏرو بہ اگهڙو نہ پئي ٽيو. پر وري بہ الائي ڇو هن کي ڪرپ اچڻ لڳي. "هيءَ مائي ڇا روز هتي هوندي آ؟" هن ڇانهہ واري کان پڇيو.

"ها سائين، فقيرياڻي آ. اتي ئي پر ۾ رهندي آ، ڇو؟"

"هن کي ڪير روڪي ڪونہ ٿو ائين سيني سامهون وهنجڻ ڪان؟ يا اهڙي حرڪت ڪندي اهي آلا ڪپڙا سڪائيندي؟" هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هُو ڳالهائي ڇا پيو.

"نہ سائين، پوڙهي آ، ڪهڙي جوان آ! هونئن ئي بہ گهرن ۾ تہ پوڙهيون عورتون، اسان جي تر جون تہ ائين ئي وهنجنديون هيون."

"ڪتان جو آهين تون؟"

"اتر جو ۽ توهان...؟"

"مان بہ اتان جو آهيان."

هو نہ چاهيندي بہ ها ڏو ڪري ويهي. چانهہ وارو بہ هن سان اينگهجي پيو آ. شايد سجو ڏينهن ڪنهن جي سنگت نصيب نہ ٿي اٿس الائي ڇا.

هو چاهڻ جي باوجود بہ چانهہ واري جي ڳالهہ رد ڪري نہ سگهيو هو. ڪيس ياد آيو: 'اڳي جڏهن گرميون زور هونديون هيون ۽ غربتن جي زماني ۾ هڪڙو ئي برمو هوندو هو تہ هن جي ماءُ ان جي هيڻان منجهند جو سيني سامهون ئي ڪپڙا پائي وهنجندي هئي ۽ پوءِ وڃي آلا ڪپڙا متائيندي هئي. تنهن وقت هن کي برمي جو هٿيو هلائڻو پوندو هو ۽ پوءِ روز شام جو گيڙو ڏياري وهنجڻ کان پوءِ ماٽس هن کي کائڻ لاءِ ٽول ڏيندي هئي. ڪيس گيڙو ڏينديءَ ڏاڍو ٽڪ ٽيندو هو ۽ پوءِ ٽول ان ٽڪ ۾ ڏاڍو ڏيندا هئس.

"اڄ گرمي ناهوڪي آ." هن وري ڳالهائڻ چاهيو.

"ها، سائين. چيٽ جا ڏينهن آهن. ڦڳڻ ۾ تہ اڃان..." چانهہ وارو تہ الائي ڇا ڇا پيو ڳالهائي.

هو وري مائيءَ ڏانهن ٽو ڏسي: "هُنَ هاڻي ڪپڙا گهڻو ڪري پائي، وارن کي پئي چنبيو. وار چنڊيندي هوءَ ڪيس وري عجيب لڳي. 'هوءَ وار بلڪل امان وانگي ٿي چنڊي. امان بہ ائين ئي گيڙو ڏياري، پوءِ وارن مان چنڊڪا ڪيائيندي هئي. پر مان امان سان هن جي مشابهت ڇو ٿو ڪيان؟ هوءَ وهنجندي هئي تہ بہ گهر ۾. ڪهڙو هن وانگر سيني سامهون نل هيڻان ويهي رهندي هئي!'

هن کي وري ڪرب ٽيڻ لڳو: 'ڪني، واهيات. الائي ڇا پئي ڪري اچي مون ڏي تہ چار آنا ڏئي ذليل ڪيانس تہ هي جي پليٽ فارم تي هار

سينگار وارو سسٽم ڪيو ويني آهين تہ ڇا بہ ڪڍي ڪر، آهين تہ اها ٽڪي جي فقيرياڻي. سؤ سؤ ڪري سينگار تہ بہ ڪودڙو پٽ ڪودڙي جو. پر مان هي سڀ سوچيان ڇو پيو؟ ان ڪري جو ان مائيءَ کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي. پر ڇو نہ ڪري؟... آخر ڪٽي وهنجندي... ڪٽي بہ وهنجي ائين سيني سامهون وهنجڻ ڪو حج فرض اٽس ڇا؟ پر هوءَ تہ پوڙهي آ... پوڙهي آ تہ ڇا ٿيو؟ اڄ ڪلهہ دور وري ڪهڙو ڇڪو آ؟ هتي پليٽ فارم تي ڪيترائي ننڍا ننڍا ڇوڪرا ۽ ٻار ٻيا ڦرن، انهن سيني کي ڪارڻ لاءِ اهڙيون عورتون ئي تہ هونديون آهن. ڪالج اچيس ٿي؟!

ان مهل پليٽ فارم تي گاڏي لاءِ انائونسمنٽ ٿي ٿئي. هڪدم ماڻهن ۾ جڙ سجاڳي ٿي اچي وڃين. هو ڪيسي ۾ هٿ ٿو وجهي، ۽ ان مهل اها مائي وارن کي صاف ڪري. پوٽڙي جي ڪنڌ سان منهن اگهي، ڇانهہ واري وٽ ٿي اچي. ويجهو اچي هوءَ ڇانهہ واري کي اشارو ٿي ڪري: "منهنجو حصو؟"

ڇانهہ واري مرڪي کيس ڏسي، اندر خاني ۾ رکيل ٽالهي ٿو ڪڍي، ۽ غور سان ٿو کيس ڏسي. هوءَ هينئر ڪجهہ صاف آ، بلڪل فريش، ڪنهن معصوم انسان جيان. هن جو هٿ قميص جي پاسيري کيسي ۾ آڏيءَ تي جمي ٿو وڃي.

ڇانهہ وارو ٽالهيءَ ۾ چار پيٽس رکي، فقيرياڻيءَ کي ڏئي ٿو. مائي، ٽالهي سامهون رکي، ان سامهون جهڪي ٿي: "منا مالڪ، بيشڪ تون ئي رزق ٿو ڏئين."

هو دل ئي دل ۾ ٿو پڙڪي: 'هونهن، اتي وري عبادت پئي ٿئي. اهڙي ئي آهي تہ پوءِ ائين ڇو ڪيائين.'

هُو عورت ڏانهن وڌي ٿو. ڏانهس ڏسندي هُو ويجهو اچي ڪجهہ ڳالهائڻ ٿو گهري. شايد کيس ذليل ڪرڻ لاءِ دل ئي دل ۾ جملا ٿو گهڙي. ۽ ان مهل ئي هوءَ کيس ويجهو ڏسي، پاڻ ۾ ڏسندي پڇي ٿي: "ڪائيندين پٽ؟"

هِن جي زبان کي جڙ ڪلف لڳي ويو. هن پاڻ ڏانهن وڏيل ٽالهيءَ ۾ پيل ٽن پيٽس ڏانهن نهاريو. ڪيس لڳو جڙ هن عورت ۾ هن جي ماءُ ۾ ڪو فرق ئي ڪونہ هو ۾ جڙ هينئر هنيئر هن گيڙو ڏئي بس ڪئي هئي.

هن ڪيسي مان هٿ ڪڍي ربيو مائيءَ جي تريءَ تي رکيو:

"تون ڪاءُ امان!"

۾ تکڙ تکڙ ۾ ايندڙ گاڏيءَ ڏي هليو ويو.

❐

ڊگهي سفر جي آخري منزل

ـ اخلاق انصاري

(پچاڙي جي شروعات)

ڏس، ٿيو هاڻ اهو آهي جيڪو ٻنهي نه چاهيو. مان تو تي بار ٿيڻ نه ٿي چاهيان. ڏس، تون سوچ ته مان توسان هن حالت ۾ ڇا ٿي 'شيئر' ڪري سگهان!

.....

.....

توکي ياد هوندو ته اسان هڪ ٻئي جي ڀائرين تي هر سال جي پهرين ڏينهن اهو لکندا هئاسين:

نه ڪو واعدو ونڊاسين،

نه ڪو واعدو ڏيندا سين،

ڇو؟

ڇو ته سڀ واعدا ڪوڙا هوندا آهن.

اسان هڪ ٻئي سان اوستائين گڏ هلنداسين

جيستائين هلي سگهيون بنا ڪنهن بار جي،

جڏهن به بار بڻجون تنهن کان اڳ

ڇو نه دوستن وانگر هٿ لوڏي مرڪي جدا ٿي وڃون.

نه ڪو واعدو ڏيون،

نه ڪو واعدو وٺون.

سارو شهر اوندهه ۾ آهي. هوا جا سوسات آهن. ڪجهه وقت اڳ تيز طوفان سان مينهن پيو هو. بجلي فيل ٿيڻ ڪري چوڌاري اوندهه آهي. رڳو مائڪرو ويو جون به ڳاڙهيون بتيون برن اجهامن ٿيون. هي استيشن تي شيد جي پِلر کي ٽيڪ ڏئي سوچي ٿو:

ڪيس مان يونيورسٽيءَ ۾ پهاڙين تي گهمندي چيو هو: شاهي ڏس، تو وٽ چو ايندو آهيان؟

.....

هونئن؟

سيٽسفيڪشن لاءِ.

ها، سيٽسفيڪشن رڳو ان ۾ ملندي آهي ته ڪو ڪنهن لاءِ سچائيءَ سان سوچي. تون به مون لاءِ سچائي سان سوچ ۽ مان پڻ تو لاءِ. پر... هونئن ته شهر ۾ پنجاهه روپين ۾ عورت ملي ٿي وڃي. عورت ڏاڍي سستي هوندي آهي. شاهي، توکي اڳ چيو هئم ته سارتر سچ چيو آهي: زندگي رڳو انتظار جي ڪيفيت ۾ گذري وڃي. ورٽو ڪجهه به نه آهي.

۽ تون هئينءَ سارو وقت سمجهائڻ ۾: هي ڪهڪشائون، هي حادثا، هي جمڻ مرڻ جو سرڪل- ڇا اهو سڀ ڪجهه بي مقصد آهي؟ ڇا ان مان ڪجهه به حاصل نه ٿو ٿئي؟

مون توسان بحث ڪرڻ نه ٿي چاهيو: "پر... پر عورت جي ٽريجڈي اها آهي ته هوءَ جسماني طرح Unfit آهي.

۽ تو چيو هو: مرد 'ذهنيءَ' طرح. ڇاڪاڻ ته عورت Creator آهي ۽ تڏهن ته ٻئي Balanced ٿي نه سگهيا آهن.

شاهي، اها منجهند ڪيڏي نه خوبصورت ۽ ڪيتري نه نفرت لائق هئي! جهڙ ٿي ويو هو ۽ مينهن جو هلڪو وسڪارو ٿيو. سڄي ڪيمپس جا چوڪرا چوڪريون پُرامن بائڪاٽ ڪري ڪلاسن مان نڪري ائين ئي تولا ٽاهي پهاڙين تي ٻئي گهميا ۽ ڪليا.

۽ ها، ان ئي ڏينهن تو ۽ مان ڪيڏو سيڪس تي بحث ڪيو هو.

ڪيڏو ڪليا هئاسين. فرائڊ جي ان خيال تي ته هر وڏو ماڻهو- ليکڪ، شاعر، سنگيتڪار، جنسي مريض هوندو آهي.

ڀ پاڻ فرائڊ کي پاڻ تي Confidence نه هو. پوءِ سوچيوسين ته جي ماڻهو Bisexual هجي ها ته نه فرائڊ سيڪالاجسٽ هجي ها ڀ شايد ئي ڪو ڪامپليڪس هجي ها.

ان خوبصورت موسم کي ٻئي Enjoy نه ڪري سگهياسين جڏهن خبر پئي ته هڪ شاگرد يونيورسٽيءَ ڏانهن ايندي بس اسٽينڈ تي بس پنڌيان ڊوڙندي اونڌي منهن ڪري پيو. بس مٿانئس چڙهي ويس، ڦٽڪيو ئي نه. ڇڙ رسي ويو هجي. ڏک هو ته ٻنهي کي اندر ۾ پاڻ کي سيٽسفاءِ ڪرڻ لاءِ تو ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ٻاهران بينل املتاس جي وڻ مان پيلا گل پٽي اولهه طرف شاگرد جي نالي ڪري اڇلايا هئا. پوءِ ڇوڪرن ٿهڪ ڏنا هئا، تنهنجي ان حرڪت تي. پرسان بينل ڊپارٽمينٽ جي پٽيوالي اسان کي چيو هو: ڏسو ڪلن پيا. اٽن کو احساس! پڙهيل آهن! ڀ مون ڏي منهن ڪري چيو هئائين: صاحب، ڇوڪريءَ ڀ بس پنڌيان ڊوڙجي ئي نه. اهي هڪ ٻئي پنڌيان پيون ايندیون. توکي ان جو جواب وٽيو به هو. الائي نه. بس تون ڀ مان خاموش هئاسين سارو ڏينهن.

مان ته يونيورسٽي پيريڊ ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ لاءِ نه ڪو گل پٽيو هو ڀ نه ئي ڪو شعر ياد ڪيو. بس تون هئينءَ جو ان اصول تحت ته ٻئي شيئر ڪنداسين دوستن جيان.

جڏهن هڪ پيري ڊپارٽمينٽ ٻاهران فري پيريڊ ۾ ڏاڪڻ تي ويهي منهنجي رف ڪاپي وٺي چيئ: اڄ، توکي اسائينمينٽ ٽي ڏيانءِ. تون چوندو آهين نه ته ميٽميٽڪ جو اصول آهي ته اها Accuracy ٻڌائي ڇڏي ڀ هن سوال جو ميٽميٽيڪلي Accurate جواب لک:

تون+ مان

مان+ تون=؟

ڀ مان جواب ۾ لکيو هو:

تون+ مان

مان+ تون= مان، تون.

تون واڙي ٿي وئي هئينءَ. شايد سوچيو هيئي ته مان لطيف سائين وارو جواب ڏيندس: مون ۾ آهين تون...

پر ڏس، توکي ڇيو هئم: هر هڪ کي الڳ ۽ بلڪل مڪمل پرسنلٽي آهي. هڪ ٻئي ۾ گم ٿي پنهنجي شخصيت ڇو وڃائجي.

ڪيڏو خوبصورت ٽائيم هو. پاڻ اڪثر سونهري شام جو نڪرندا هئاسين، تون پنهنجي ۽ مان پنهنجي هاسٽل مان. ملندا اُٽ هئاسين، جت روڊ اڇي ڪراس ٺاهيندا هئا. ڪراس جي وچ تي گول دائري ۾ ٿوهر پوکي ڇڏيا هئائون. مان توکي ڇيو هو: اهي عيسيٰ اٽئي. سپ جڙ ته ڪراس تي ٽنگيل آهن. تو ڇيو هو: تنهنجون سپ تشبيهون رڳو ڏک تي هونديون آهن، تو ڀڳائين به ته رڳو ڏک ۽ تنهن تي ڇيو هئم:

ڏس، اڄ به ڏک آهي،
سياڻپ به، ڏک هوندو
زندگي به ڏک آهي،
موت به ڏک آهي،
شروعات به ڏک آهي.

۽ انت به ڏک آهي. ڏک کان پوءِ به ڏک آهي. ڏک ئي ڏک آهي.

۽ موت ۾ ڇيو هيئي: پوءِ مون وٽ اڇي سک جون گهڙيون گهار.

ڇيم: ها، ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڏک مان به سک حاصل ڪري وٺي.

ان رات جڏهن مٿي ستارا هئا ۽ هيٺ تون ۽ مان تڏهن پنهنجا چپ تنهنجي ڇپن تي رکي توکي ڇيو هئم: اڄ مان توکي دنيا جي ڏکڻي ۾ ڏکڻي ڪِس ڪندس. پنجويهن منٽن جي لڳاتار ڪِس ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ڇڏائي تو پڇيو هو: تون ڪنهن جو آهين؟

پنهنجو.

۽ پوءِ پرتي ٿي ڇيو هيئي: تنهن جي معنيٰ ته منهنجي ڪا

اهميت ڪانهي.

نہ، بلڪل آهي، شيئر ڪرڻ جي حد تائين.

۽ پوءِ چپ رهي چيئي: I want to marry you.

توڪي وري بہ چيو هئم: حاصل ڇا ٿيندو؟ ڪجھ بہ نہ. شادي ڪان اڳ بہ ڏک آهي، شادي ڪان پوءِ بہ ڏک هوندو. جڏهن ڪا 'Change' ڪانهي تہ مان شادي ڇو ڪريان؟

هو پنهنجي عينڪ جي شيشن کي رومال سان اگهي اکين تي رکي ٿو. چوڌاري اوندهہ آهي. مينهن وري شروع ٿي ويو آهي. هوا جا سوسات آهن. هو تيلي ٻاري ٿو. بہ ٿي ڀيرا وسامي وڃڻ کان پوءِ هو بڪ کي سوڙهو ڪري هوا جي رخ کي پنيءَ ڏئي وري تيلي ٻاري ٿو. هن جي منهن تي روشني پوي ٿي: اکين ۾ ڳوڙها اٿس. سگريٽ دکائي ڇڪي ٿو. دونهون تيزيءَ سان گم ٿي ويو آهي. هن کي وري يادون اچن ٿيون. پراڻا منظر پکاسو جي ايبسٽريڪٽ آرٽ جيان ذهن جي ڪينواس تي اپري ٿا اچنس:

تو چيو هو: خبر اٿئي، چوڪرن وٽ تنهنجو ڪهڙو اميج آهي؟

ڪهڙو؟؟

تہ تون 'Corrupt' آهين.

پلا ڪير نہ آهي! هر هڪ آهي، تون بہ آهين، مان بہ آهيان، هو بہ آهن. جي ڪرپٽ آهن تہ سڀ آهن، جي نہ تہ پوءِ ڪير بہ ڪونهي. ڇا ٻاهران خوبصورت ڇوڪرين جي ذهن ۾ ڇڪلا نہ آهن؟

۽ ڏس، پوءِ وري تو چيو هو: تو نانءَ چون ٿا تہ هر نئين سال جي رات وسڪي پيئندو آهي ۽ اگهاڙو ٿي وڏي واڪي روئندو ۽ ڳائيندو آهي. مان انڪار ڪئي ڪيو هوا ڇا ڪپڙن ۾ ئي شرافت ڏڪجي وڃي ٿي. اهو شعر توکي ياد نہ آهي جنهن تي مون کي يونيورسٽي- استيج تي پڙهڻ کان روڪيو ويو هو. مان وري 'گريٽ هال' ٻاهران اهو شعر پوسٽر تي لکي لڳائي ويو هئم. ياد اٿئي اهو شعر:

مون کي توهان کان لڪائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.
مان توهان جيان ئي آهيان بلڪل اڳيان توڙي پٺيان.
هيئان توڙي مٿان
سڀ جسماني عضوا توهان وانگر ئي آهن
مون کي توهان کان لڪائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.
مان توهان جيان ئي آهيان
اسان سڀ هڪجهڙا آهيون
اچو ته اسان سڀ ڪپڙا لاهي ڇڏيون
پر... پر ڪپڙا ته ڪنهن ڪونه لاٿا. رڳو پوسٽر لاهي ڇڏيائون.

وري جت ڪٽ هوٽنگ شروع ٿي وئي.

تنهنجو سات سنو رهيو. هونئن مون وٽ هو به ته ڪجهه نه. رڳو لفظن کان سواءِ. مان وٽ به لک خوبصورت لفظ ته هئا (آهن) پر به لک روپيه ڪونه هئا.

ڀ منهنجو Complex ته هڪ ننڍڙو گهر هجي.

تو چيو هو: ڪڏهن سوچيو اٿئي ته گهر ٽيڙ ڀ گهر واريءَ ٽيڙ ۾ 'سيٽسفيڪشن' ڪنهن وٽ آهي؟ چپ ٿي ويو هئم. واقعي ڏک ته هر هنڌ آهي. ڀ توکي چيو هئم: بس، ايم- ايس- سي ڪندس. جي نوڪري نه ملي ته ٽيلهو ڪلهي تي لٽڪائي ملڪ گهمندس- برما، سيلون، ٽائيلينڊ.

تون ڏاڍو ڪلي هئينءَ ڀ چيو هيئي: اُٽ ڇاهي رکيو؟

هِٽ پلا ڇاهي رکيو؟

ڀ وري چيم: جي انهن ملڪن ۾ نه گهمي سگهيس ته لاڙڪاڻي جي چڪلي ۾ رهندس. لاڙڪاڻي کان پرتي هڪ ننڍڙو شهر پور وچوٽ ويڪريون گهٽيون. هر گهر جو در کليل. ٻاهر عورتون ڀ چوڪرا چوڪريون گهمن بلڪل يونان جي ڪنهن اڳين خوبصورت 'استيٽ' جيان. تون کلي هئينءَ ڏاڍو ان ڏينهن.

اها اسان جي پهرين رات هئي گڏ گهاريل ڪلاڪ کان اڳاري

ورتل ڪوارٽر ۾. هو ساري رات ٻاهر ستو هو ۽ تون ۽ مان اندر هئاسين.
توکي ڇيو هئم: توکي Nude ڏسڻ ٿو چاهيان؟ تون اگهاڙي ٿي هئين تہ
وري ڇيو هئم: توسان سيڪس انجواءِ ڪرڻ ٿو چاهيان.

موٽ ۾ تو ڇيو هو: تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ 'اٽريڪشن' جو سبب
اهو ئي آهي؟ روڪيان ڪانہ ٿي. پر نہ ڪرين تہ سنو. منهنجي خواهش
جو احترام ڪر نہ تہ مون وٽ ڪجهہ بہ نہ رهندو. ۽تون بلڪل ائين
محسوس ڪندين تہ سپ جيڪو زهر تو وٽ هو اهو منهنجي اندر ۾
اوتي پوءِ تون هليو ويندين. مان ائين اندر ۾ وهہ وٽا سنپالي جڳ ۾
جيئندیس. ۽ پوءِ شاهي خبر اٿئي. مان چپ چاپ بات روم 'ماسٽربيشن'
ڪري چڏي هئي.

تو اڄ جڏهن حيدر لاءِ پڇيو تہ بس وري ذهن ۾ اچي ويو. پهريون
پيرو شدت سان ياد ٿو اچي: حيدر توکي پيار ڪندو هو. بي انتها پيار. پر
هو سياستدان هو ۽ توکي سياستدان نہ وٺندا هئا. تون چوندي هئينءَ: اهي
سپ 'سئبسٽ' هوندا آهن. پر جڏهن توکي اها خبر پئي تہ هڪ رات
حيدر مون کي هاسٽل جي مٿان وٺي وڃي ريوالور ڏيکاري ڇيو هو: چاهيان
تہ توکي ماري بہ سگهان ٿو. پر منهنجو اهو وڙ نہ آهي. ڏس. مٿي هيءُ
چوڏهين جو چند! هوا ۾ سرنهن جي خوشبوءِ توکي وٺي ٿي؟

بلڪل وٺي ٿي.

ها. مون لاءِ بہ آهي. مان بہ انسان آهيان. اهو سپ ڪجهہ تون وري بہ
ماڻي سگهين ٿو. بس. مان شاهي کي ايترو حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو تہ هو
مون لاءِ سوچي. ۽ مون کي خبر ناهي تہ مان اهو سپ ڪجهہ وري زندگيءَ
۾ ڏسي بہ سگهندس الائي نہ. اسان انقلابي يا ڪال۔ ڪونڙين ۾ يا ڦاهيءَ
گهاٽ تي.

تو پڇيو هو: حيدر ڪٿي آهي؟؟

جيل ۾.

ٻڌڻ سان چپ ٿي وئينءَ. ڪجهہ وقت کان وري پوءِ پڇيئي: گهٽي
عرصي کان؟

تن سالن کان، ستن سالن جي سزا ۾.

تون چپ ٿي وئينءَ ۽ الائي ڪيترو وقت ماڻ ۾ رهينءَ.

هو سارو سگريٽ پي ويو. هن کي ڪنبڻيءَ اچي ورتو. هوا تيز ٿي وئي. هن کي اندر ۾ ڏک آهي، بي انتها ڏک. جڏهن ڪيترن سالن کان پوءِ ڪيس پراڻي محبوبا لکيو هئس استيشن تي ملڻ لاءِ تہ هو بي انتها خوش ٿيو. پوءِ ويڄي ويو جڏهن هن پنهنجي محبوبا کان پڇو:

ڏس، مون شادي ڪئي آهي. سچ، ڏک اڄ بہ ڪافي آهي، ڪالهہ بہ هو. ڏک شاديءَ کان اڳ بہ هو اڄ بہ آهي. بس ڏک ئي ڏک آهي. مون شادي ڪئي ۽ ختم بہ ٿي وئي. مڙس ان کي چڏي ڏنو جو مون کي فالج ٿي پيو.

پوءِ... پوءِ؟؟

بس، مان سندس لاءِ بردن هيس تڏهن تہ سيپريشن ٿي

مان... هاڻ مان توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. مون کي خوشي ٿيندي توسان شادي ڪندي.

Sorry

چو!؟

ڏس، ٿيو هاڻ اهو آهي جيڪو ٻنهي نہ چاهيو. مان توتي بار ٿيڻ نہ ٿي چاهيان. ڏس، تون سوچ تہ مان توسان هن حالت ۾ ڇا ٿي شيئر ڪري سگهان.

.....

توکي سيءُ ٿو لڳي؟ تون ڏکين پيو. هان هي شال ويڙهہ.

نہ.

چو؟

نہ، اها تنهنجي آهي. توکي ويڙهيل سٺي ٿي لڳي.

نہ... نہ، تون کڻ نہ تہ مون کي ڏک ٿيندو. کيس محبوبا چيو.

نہ، مان نہ ويڙهندس. پل ڏک ٿيئي. گهٽن ڏکن ۾ اهو هڪڙو ٻيو بہ ڏک ئي سهي.

سنڌس محبوبا جي منهن تي ڏک هو. هوءَ ڏک گاڏڙ هلڪي ڇوري آواز ۾ ڪيس چئي رهي هئي: ڏس نہ، پل ته هڪ ٻئي لاءِ پيار هجي. توکي ياد هوندو ته اسان هڪ ٻئي جي ڀائرين تي هر سال ڦهرين ڏينهن اهو لکندا هئاسين:

نہ ڪو واعدو ڏيندا سين
نہ ڪو واعدو ونڊندا سين.

چو؟

چو ته سڀ واعدا ڪوڙا هوندا آهن
اسان هڪ ٻئي سان اوستائين گڏ هلنداسين
جيستائين هلي سگهون بنا ڪنهن بار جي
جڏهن بہ بار بڻجون تنهن کان اڳ
چو نہ دوستن وانگر هٿ لوڏي مرڪي جدا ٿي وڃون
نہ ڪو وعدو ڏيون
نہ ڪو وعدو ونڊون

ڀ هاڻ، جڏهن مان توتي بار ٿي پوندس پوءِ چو نہ مرڪي موڪلايون. دوستن جيان هٿ لوڏي الوداع ڪيون.

هو چپ

هي چپ.

(شروعات جي پڇاڙي)

سيٽي وڄي. آهستي آهستي گاڏي هلي پليٽ فارم کان پرتي ٿيندي وئي، پرتي، تمام پرتي. هو هٿ لوڏيندو رهيو. لوڏيندو رهيو. جيستائين ريل گاڏيءَ جي آخري ڪمپارٽمينٽ جي ڳاڙهي بتي پرتي ٿيندي ٽبڪو بنجي ڏهي نہ وئي. هو اڃا بہ هٿ لوڏيندو رهيو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا ڀ پوءِ هلڪي مرڪ.

❐

ائين بہ ٿيندو آهي

ـ ابراهيم خشڪ

منهنجي ماءُ کي ننهن ڏيڻ جي ڏاڍي اُکير هئي. پر منهنجي زال کي شايد سس نصيب ڪانه هئي. سو امڙ پنهنجي ننهن ڳولڻ کان اڳ ئي اڏ رنگ ۾ ونجي وئي. امان تي اڏ رنگ جو حملو پهريان سندس هڪ پاسي پوءِ ٻانهن تي، آخر زبان تي بہ ٿيس. بابو ۽ مان- گهر ۾ ٻيو ماڻهو ڪونہ. امان کي سندس اباڻا ونيو ويا. پر هڪڙي ڳالهہ مڃبي جو امان آهي ڏاڍي سخت جان. اڏ رنگ جي ايترن حملن هوندي بہ پساهہ ڪٽي پئي. هونئن ڳالهائي ڪانہ ٿي. هلي ڪري بہ ڪانہ ٿي. پوءِ بہ سندس اکين مان لڳي ٿو تہ مايوس ڪانهي. چگي پلي ٿيڻ جي اميد رکي ٿي.

هونئن جيڪو ڪم امان کي ڪرڻو هو. سندس بيماريءَ جي ڪري اهو مون کي ڪرڻو پئجي ويو ۽ بابا کي بہ ننهن هٿ ڪرڻ جي ڳڻتي نہ ڏسي. اُها ڳڻتي بہ مون کي ٿي پئي. بابا کي شايد ٻي ڳڻتي هئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ پوءِ بابا واري ڳڻتي بہ مون کي ٿي پئي. اُها اِها جو اسان وٽ سنگ هوئي ڪونہ. بابا بہ ايڏا همٿ پريو هو. مان بہ اڇي جوان ٿيو هوس. نڪو پيڙ مون کي هٿي نڪا بابا کي. بابا بہ جهليو تہ ائين پراين پيٽن ۾ اک وجهڻ اجايو آهي. ڇو تہ پنهنجي ذات وارن مان سنگ کان سواءِ ائين سنگ جو آسرو ڪرڻ ٻهرن کان ٻير گهرڻ هو. بابا هڪ ڏينهن ائين بہ چيو: "پنهنجا ذات پائي مُيون سهائي ڇڏيندا پر توکي مون کي ڪونہ ڏيندا. ان ڪري پُٽ انهن

مان آسرو ئي نہ ڪر."

بابا کان اهو ٻڌي مون کان پنهنجي پيٽ ۾ بابا جي پيٽ نہ هئڻ تي ٿڏو ساهہ ڪڍي ويو ۽ اهو شدت سان احساس ٿيو تہ 'پيٽ‌ون هئڻ ڪيڏيون ضروري آهن!" پر پوءِ بہ ڪوشش جاري رکڻ لاءِ سڄ اُپرئي کان اڳ ٽيشڙ تي ويس. جتان اوهان جي مائٽن وٽ وڃي. انهن کي چوٽو هو تہ هڪ مهرباني بابا تي ڪئي هائون. ٻي مون تي بہ ڪن. ٽيشڙ تي مون کان اڳ ئي هڪ عورت وينی هئي. عمر ۾ مون کان ٿوري ڦڪي پر هڏ ڪاٺي ۽ هانيءَ جي وهڙي پئي نظر آئي. نظرون نظرن سان ملیون. ملڙ سان مون کي چيائين. "ميرپور تہ ڪونہ پيو وڃين؟"

"مِٺي. ميرپور منهنجو ڪهڙو ڪمر!" پيار ۾ مُرڪ سان مطلب جي ڳالهہ پيش ڪندي چيومانس. "باقي ٿون چاهين تہ پنهنجو ميرپور هِتي ئي ٽي وڃي."

هيڏي هوڏي ڏسي ٿورو شرمائيندي منهن هيٺ ڪري چيائين. "مان بہ انهيءَ ڪري پئي پنهنجي قبيلي وارن ڏانهن وڃان. پر جي تون منائي ورهائڙ لاءِ تيار هجين تہ منهنجو ميرپور بہ هتي ئي آهي."

"منڙي. منائي ڪهڙي ڳالهہ آ! تون چئين تہ پنهنجي دل جيرا مغز ٻڪيون بہ حاضر آهن."

چيائين. "مون کي رڳو پنهنجي دل ڏئي ماڻهن ۾ منائي ورهائي ڇڏ. مون لاءِ اهو ئي ڪوڙ آهي نہ تہ ماڻهو چوندا تہ ڏاري پرٽيو تڏهن پنهنجي دل جيرا مغز ٻڪيون سڀ ڪجهہ ويچائي ويهي رهيو."

مان کلي. کيس چتائي ڏسڙ لڳس. هينئر پرهہ ڦٽيءَ کان پوءِ اوجر ٽيل چاندي جهڙي سُهائي صبح جو نور. نظر نهار تائين پکڙجي ويو هو. پريان گهاٽن وٽن جي جڳهٽن مان پکين جو ٻولڙ آهستي آهستي گهٽ ٽي رهيو هو. پر ڪوئل پنهنجي ڪُوڪ جو سلسلو ايڏا ڪونہ ٽوڙيو هو. مون اکين سان اشارو ڪري پچيومانس. "ڪوئل خبر ٽئي ڇا پئي چوي!"

چيائين: "تون ٻڌاءِ."

مون چيو "ڪوئل چوي ٿي پيار ڪرڻ وارو...ڪو ...ڪو هوندو آهي."

پاڻ مرڪي پاسي تي ڏسڻ لڳي. اوپر جي ڏورانهن جبلن کان سج گني ڪيڏي ائين پئي لڳو جڙ تہ انهن جبلن تان نرو ڪٽي اسان ٻنهي کي چتائي ڏسي رهيو هجي ۽ هوءَ ٻہ جڙ تہ انهيءَ ٽئين وجود جي نهارڻ ڪري ئي هاڻي لڄائجي. سوڙهي ٿي. منهن هيٺ ڪري ڳالهائي رهي هئي. گاڏي اڃا ڪانہ آئي هئي. پر اسان ٻئي گاڏيءَ تي چڙهڻ سواءِ ئي پنهنجي منزل تي اچي پهتا هئاسون. پوءِ ٻئي جڻا گڏجي شهر ويا سون. مُستي ڳڙ جو مڙ وڻي اڏ مڙ ڪٽايومانس ۽ اڏ مڙ مون متي تي ڪنيو. ٻئي اچي بابا کي پيرين پياسون. اسان ٻنهي کان وڌيڪ خوشي بابا کي ٿي. بابا کي پاڻ کان وڌيڪ خوش ڏسي مون روئي ڏنو. منهنجي روئڻ جي آواز تي پهريان اوڙو پاڙو پوءِ سڄو ڳوٺ اچي گڏ ٿيو. سيني روئڻ جو سبب پڇيو. بابا کين ٻڌايو: "هينئر هينئر اِها ڪنوار آندي اٽس پر روئي الائي ڇو ٿو؟" ماڻهن مون کان پڇيو. مون انهن کي ٻڌايو: "روئان ٿو ان ڪري جو ڪنوار جي اچڻ تي مون کان وڌيڪ خوشي منهنجي پيءُ کي ٿي پئي آهي.... ۽ اڄ منهنجي ماءُ ٻہ ڇڪي پلي هجي ها تہ ان کي ٻہ منهنجي ڪنوار ڏسڻ سان بابا جيتري ۽ مون کان وڌيڪ خوشي ٿئي ها. روئان ٿو ان ڪري" اهو ٻڌي بابا جو خوشيءَ ۾ ڦهڪندڙ چهرو هڪدم ڏکويل ٿي ويو ۽ پوءِ بابا ٻہ روئڻ لڳو ۽ پوءِ ايترو رنو جيترو امان جي بيمار ٿيڻ تي ٻہ ڪونہ رنو هو. واقعي قدر وئي کان پوءِ ئي ٿيندو آهي. اسان ٻنهي کي رئندو ڏسي منهنجي ٽيندڙ ڪنوار ٻہ روئڻ لڳي. ان کي روئندو ڏسي اسان پيءُ پٽن روئڻ کڻي بند ڪيو ۽ ان کي پرچائڻ شروع ٿي ويا سون. هن سُڏڪندي ٻڌايو: "مان ٻہ اوهان وانگر ستايل آهيان. منهنجو مڙس مري ويو. هڪڙي ڏيءَ اٿم ننڍڙي. ٻيو ڪو اوهي واهي ڪونهي. ان ڪري ڏيءَ کي گهر

چڏي ڪو ذاتووارو اوهي واهي هٿ ڪرڻ لاءِ ميرپور پئي ويس جو قدرت اوهان سان ملايو آهي."

آخر پرچائڻ تي پرچي وئي. جڏهن اکين ۾ لڙڪ ۽ چپن تي مرڪ ڏٺي مانس تہ مون ٻہ مرڪي ڏنو. منهنجي مرڪڻ تي ڳوٺ جي ماڻن مٺائي ورهائڻ لاءِ چيو. "پنهنجي ڏيءَ وٽي اچان. نڪاح پوءِ ڪجو." پر بابا چيو. "پٽ! نڪاح ۾ دير نہ ڪر. پچري ۾ آيل پڪي نڪرڻ کان پوءِ واپس نہ ايندا آهن."

بابا جي اها ڳالهہ ٻڌي منهنجي دل چيو. 'تجربو تجربو آهي.'

ٻن راتين جي سهرن. لاڏن ۽ ڳيچن کان پوءِ منهنجي شادي ٿي وئي. ٻہ راتيون ٻيون ٻہ گذاري منهنجي ڪنوار وري پنهنجي ڏيءَ کي وٽي اچڻ لاءِ چيو. اسان ٻئي اوڏانهن روانا ٿياسون جتي هي پنهنجي ڏيءَ چڏي آئي هئي. مون سندس ڏيءَ کي ڏسي ڏاڍو پڇتايو ڇو تہ پنهنجي ڪنوار ي عمر جو اندازو مون کي ڏاڍو غلط هو جيڪو سندس ننڍڙي پر جوان ڏيءَ کي ڏسي درست ڪيم. پڇتايم رڳو ان ڪري جو منهنجا اندازا هميشه غلط نڪرندا آهن.

زال کان پڇيم. "پنهنجي جوان ڏيءَ کي اجا ٻہ ننڍڙي پئي سمجهين!"

کلي چيائين. "سمجهانس ڪانہ ٿي پر سڏيانس ٿي ڇو تہ ننڍڙي سندس نالو آهي."

مان پنهنجي بيوقوفيءَ تي پنهنجي هيڻين چپ کي چڪ هٽي ڪٽي مات ڪئي ۽ پوءِ هن جي ڏيءَ ۽ پنهنجي اڳ جائي يعني جوان ننڍڙيءَ کي آٽي پنهنجي گهر پهتاسون. بابو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خوش ٻہ ڇو نہ ٿئي ها پر هن پيري بابي کي خوش ڏسي مون رنو ڪونہ. ڇو تہ مان جڏهن ٻہ ٻہ ڏينهن ٻاهر رهي ٿئين ڏينهن واپس ايندو هوس تہ بابو خوش ٿيندو هو ۽ هن پيري ٻہ بابو انهيءَ ڪري ئي خوش ٿيو هو ان ڪري مان رئان ڇوها.

ڪجهہ عرصو خير خوبيءَ سان گذريو تہ هڪ ڏينهن ڇُلهہ جي

پاسي ۾ ويهي چانهه پيئندي منهنجي زال مون کي ۽ بابا کي چيو "مٿي تي بار ٿي محسوس ڪيان، اوهان موڪل ڏيو ته گهر کان ٻاهر نڪري ڪٿي اهو بار اُڇليان."

مان ڳالهه ڪونه سمجهيس پر بابا سمجهي ويو ۽ چيائينس، "ڊير گهر ۾ هجي ته ٻُهر ٻاهر ناهي اُڇلائبو."

مان وري به ڪونه سمجهيس پر شايد منهنجي زال سمجهي وئي. ڪجهه لڄائيندي، چُلهه ۾ ڪاني وجهندي وسامندڙ ٻاهه کي ڦوڪو ڏئي ٻاريندي چيائين، "شريعت اجازت ڏئي ته پوءِ پاڻ اکين اڳيان ٽيندم."

اتي مان سمجهي ويس ته ڳالهه سگهاوتي جي ٿي رهي آهي. شريعت پڇي وئي، جنهن اجازت ڏني ۽ بابا منهنجي زال جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ سانباهو ڪيو. اصل معاملو اتان شروع ٿيو، جنهن مون کي منجهائي وڌو. بابي جي شادي کان پوءِ جنهن سان ڳالهه ڪيان سو چريو پيو چوي. پر مان پاڻ کي چريو مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئس.

منهنجي اڳ ڄائيءَ سان شادي کان پهريان بابو رڳو بابو هو. هاڻي بابو منهنجو ٿي پيو نانيِ.

۽ اڳي مان بابي جو رڳو پٽ هئس. هاڻي بابا سان نئين مائٽي ٽيڻ ڪري مان ٿي پيس بابي جو سهرو.

۽ منهنجي زال جي ڏيءَ پهريان رڳو منهنجي ڏي برابر اڳ ڄائي هئي. هاڻي اها بابا سان پرٽجڻ ڪري ٿي پئي منهنجي ماءُ.

۽ ان جي ماءُ يعني منهنجي زال انهيءَ ڪري ٿي پئي چڻ ته منهنجي نانيِ ۽ مان ٿي پيس پنهنجي زال جو ڏوهتو.

منهنجي زال جيڪا پهريان رڳو بابي جي نُنهن هئي، هاڻي ٿي پئي بابي جي سس.

۽ بابي جي زال جيڪا پهريان منهنجي زال جي رڳو ڏيءَ هئي، هاڻي پنهنجي ماءُ جي سس به ٿي پئي ۽ منهنجي زال جيڪا پهريان صرف ماءُ ٽيندي هيس پر بابا سان شاديءَ کان پوءِ ماءُ مان پنهنجي ڏيءَ جي نُنهن

بنجي وئي ۽ پهريان جيڪا بابي جي پوٽي هئي اُها زال ٿي پيس.

اُها ساڳي يعني منهنجي زال جي ننڍڙي ڏيءَ پهريان منهنجي اڳ جائي هئي هاڻي مان ان جو اڳ جائو ٿي پيس.

اهو سوچي سوچي اڌ چريو ٿي پيو آهيان. اڌ چريو ته نهيو پر جي بنهه چريو به ٿي پوان ته چا. شريعت ته اجازت ڏئي ٿي. منهنجو ذهن مڃي نه ته چا ٿي پيو.

❐

ريل جي گاڏي ۾

ـ عمر قاضي

ريل گاڏي هانُ ڦاڙ سيٽيون وڄائيندي، اچي پليٽ فارم تي بيٺي. سيني ماڻهن ۾ جڙ نئون ساهه پيو. مرد، عورتون ـ سيڪو اڳ چڙهڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو. مان به هڪڙي گاڏي ۾ چڙهي ويس. جاءِ لاءِ واجهائڻ لڳس، پر ڪٿي جاءِ ڪانه هئي. هڪڙي پيرسن چيو "آئون بيٺو." هن مون کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريو.

"پر چاچا مان سنڌي آهيان، مون سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو." مون چيو.

"ابا، خبر ئي ڪانه ٿي پوي ڪير سنڌي آ، ڪير پناهه گير. وري منهن تي نه چڏي اٽئي ڏاڙهي نه مڇ." هن چيو "اسان ته ٻڌندا هئاسين ته مرد ته مڇ سان سونهي ته عورت وري چوٽيءَ سان. پر هاڻي مردن به مڇون ڪوڙايون آهن ته عورتون وري چوٽا."

مون آس پاس جو جائزو ورتو. اسان واري گاڏي جي پرسان وارو گاڏو زنانو هو. وچ وارو در ڀڳل هو. سو سامهون وينل ماڻهن ڪڏهن پنهنجا وار ته ڪڏهن ڪپڑا پئي سڏا ڪيا ۽ دور کان پئي درشن ڪيائون. اُتان ئي هڪ عورت جو آواز ڪن تي پيم: "مئا ماريا، شرم ئي ڪونه اٽن. دوڏا ڦاڙيو پيا ڏسن."

گاڏي آهستي آهستي هلڻ لڳي. ڪي مسافر ڳالهين ۾ مشغول ته ڪي شايد سوچن ۾ ٻڏل هئا. منهنجي سامهون هڪ نوجوان، جنهن کي ميرا ڪپڑا پاتل هئا ۽ وات مان گگ پئي ڳڙيس، گهڙيءَ گهڙيءَ پئي

چيو: "مشوري والي سائين دا مان خادم مشوري والي سائين..."

انهيءَ نوجوان سان هڪ همراهه ساڻ هو. ڪانئس پرسان وينل ماڻهو پڇيو: "پائو، چا ٿيو اٿس هن کي؟"

"ادا، حساب ٿيو اٿس. سال سال تي سائين مشوري صاحب جي زيارت تي ويندا آهيون." هن وراڻيو.

"ايڏا نيڪ ڪونہ ٿو ٿئي؟" هن وري پڇيو.

"بس، الله سائين جي هٿ ۾ آهي. ٻارهن سال ٿيا اٿس." هن جواب ڏنو.

ٻارهن سال ٻڌي مان حيران ٿي ويس. 'هن جي زندگي برباد ٿي ويئي. جيڪڏهن ڪيٽن ۾ تعويذن تي علاج ٿئي ها تہ ايترا ڊاڪٽر ڇو هجن ها.' مون دل ۾ چيو.

منهنجي ڀر واري هڪ همراهه جي جهوليءَ ۾ ٽيپ- رڪارڊر پيل هو. هن اُن جو ريڊيو آن ڪيو. لتا جو سريلو آواز ڪن تي پيو: "اي ري مين تو پريم ديواني، ميرا درد نہ جاني ڪوئي..."

سندس پرسان وينل همراهه چيس، "اڙي، حاجي جلال لڳائيس نہ! اهو وري چا آهي؟"

دل ۾ خيال آيم تہ چوانس: 'يار هي تہ گانو ٻڌڻ ڏينم' پر هن چيو، جھلال کي ڇڏ، هڪڙو نئون ريل وٺي آيو آهيان اُهو ٽوٻڌايانءِ."

"ڪنهن جو آ؟" هن پڇيو.

"روبينا ڪتاري! هيءُ ڦوٽو ڏسينس. آهي نہ ناهوڪڙي؟ هن جواب ڏنو. پوءِ هن اُها ڪيسٽ وڃائي.

"جن ڇڏئي پوت ڇڏئي، مان نہ ڇڏيندين سانءِ وٺي سکر ويندي سانءِ، الاڙي خواب ۾ ايندين سانءِ!"

'هيءُ بہ ڪو گانو آ؟! نہ سر نہ تال، نہ آواز نہ سوز نہ ميناس چا ٿي ويو آهي اسان جي پسند کي؟' پر همراهن جا تہ ٽهڪا هجن. مون اخبار ڪنئي ۽ پڙهڻ لڳس: 'آمريڪا دفاع تي وڌيڪ بہ ڪرب ڊالر خرچ ڪندو.' 'لنواريءَ ۾ ست ماڻهو گادي نشين هٿان قتل.' 'نوجوان

چوڪريون سمگلنگ ڪندي پڪا ڇڪا گرفتار. انهن ۾ هڪ حاجي آهي.'

'ڪڏهن ويجي پوي.'

گاڏي ڪٿي بيهندي، ڪٿي تيز ٿيندي ۽ ڪٿي آهستي آهستي هلي رهي هئي. ٽيپ واري همراهه آخر ٽيپ بند ڪيو ٿورو سڪون آيم جڏهن پوءِ وري همراهه اچي ڳالهين ۾ لڳو. پاڻ سعودي عرب ۾ مزدوري ڪندو هو. ڪيس وڏو بوسڪي جو پٽڪو ۽ هڪ راڊو واچ هئي ۽ پاڻ کي ڪچهري جو موڙ ٿي سمجهيائين. ڇيائين، "يار، آهي پلو پار پر عربن پڪا سور ڏيئي ڇڏيا آهن. مزوري ڏاڍي سخت ونڻ ٿا. اسان پاڪستانين جي ته صفا عزت ڪانهي."

"ڇو؟" هڪ همراهه پڇيس.

"يار، اُتي پنجابي ڪن عورتن جو ڏنڏو. پوءِ سيني کي ائين سمجهن." هن جواب ڏنو.

"پلا سنڌي؟" ٻئي پڇيس.

"اڳي سنڌي ته ائين ڪونه هئا پر هاڻي ڪجهه پئسن جي لالچ ۾ اچي ڪري انهن جا پيرا ڪنيا اٿن." هن وراڻيو.

اتي هڪ عورت جي صدا بلند ٿي: "اي امت رسول! مرشد گهوٽ لطيف چيو آ:

"جهڙا ڪارا اٿم ڪپڙا، تهڙي آهيان ڪاري پاڻ،
ٿمر نه اٿم ساڻ، پنڌ اٿم پهاڻ جو."

لاڳيتا ست اٺ بيت پڙهي ويئي. شاهه جا بيت دل ۾ ڪپي ويا.

"مون کي الله جي نالي هڪ روپيو ڏيو. خدا وڏو رزاق آ، ڏنو ڪنو ڪونه ٿيندو. هو جهانن جو مالڪ آ، مون کي هڪ روپيو...!" هو صدائون هڻندي اچي اسان جي پرسان بيٺي. دل ۾ خيال آيم ته ڪيس روپيو ڏيان پر مون وٽ پاڻ پورا سارا پئسا هئا پر پوءِ سوچيم ته هن کي ڏيندم ته منهن جو ڇا ٿيندو؟' هوءَ آهستي آهستي ٻئي گاڏي ۾ هلي ويئي.

'خدا بيشڪ رزاق آهي، پوءِ پلا هن جو رزق ڪير ٿو هضم ڪري

وڃي؟ اسان وٽ ته هينئر زڪوات جو نظام نافذ ٿيو آهي. پوءِ هي فقيرن جي يلغار ايا تائين ڇو؟ اهي سيٺ پاڻ ئي زڪوات ڏين. پاڻ ئي ونڻ.' مان پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيس.

گاڏي هڪ اسٽيشن تي بيٺي. شين وڪڙ وارن جا آواز: 'ڇولا ونو' 'لاهوري گجر' اچڻ لڳا. اتي هڪ سپاهي ڇولن واري ڇوڪري کي سڏي ڇيو. "اڙي ڇورا. تون ايا تائين ڪجهه ڪونه ڏيئي ويو آهين؟"

"سائين ايا ڏنڏو ٿيو ئي ڪونهي." ڇوڪري جواب ڏنو.

"ڪتي جا پٽ! اسان تنهنجي ڏنڏي سان بڏل آهيون ڇا؟" سپاهي ڏپائيندي چيس. ڇوڪري ڏڪندڙ هٿن سان ڪيسي مان به روپيا ڪڍي سپاهي ڏانهن وڌايا.

"بس؟... اسان کو پنون ٽا ڇا؟" سپاهي چيو.

"سائين. ٻيا پوءِ. ڪالهه به ڏهه روپيا ڏنا هئم." هن نهايت ئي معصوميت سان چيو.

انهيءَ سپاهيءَ سان ٽي ٻيا سپاهي پڻ گڏ هئا جن سيني مُنون ڀري ڇولا هن جي ٽالهه مان ڪنيا. ڇوڪرو ڇپن ۾ ڪجهه پٽڪندو ٻئي پاسي هليو ويو.

هڪڙو دفعو گاڏي وري پنهنجي رفتار سان هلي رهي هئي. هڪ اڌ اگهاڙي ماڻهوءَ کي ڪو ماڻهو ٽڦڙون هٽندو گهيلندو پئي آيو: "دلا... پڙوا... شرم ئي ڪونه اٿئي؟ زائفائون ويٺيون آهن. اتي اگهاڙو ويٺو آهين!"

"ابا چريو آهي!" هڪڙي چيس.

"ڪٿان آيو چريو؟" هن اُنهيءَ اڌ اگهاڙي شخص ڏانهن هٿ جو اشارو ڪري چيو.

منهنجي سامهون واري سيٽ تي ويٺل هڪ شخص ٽڪ ڀڃڻ خاطر بوٽ مان پير ڪڍي هڪڙي ٽنگ متي ڪري ويٺو. سندس جوراب اڇيان ڦاٽل هو. خبر ناهي ڇا محسوس ٿيس. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪٽي پير بوٽ ۾ وڌائين. دل ۾ خيال آيم ته چوانس: 'پائو. ڇو پيو شرمائين؟ هتي ته

رڳو تنهنجو جوراب ڦاٽل آهي، خبر ناهي اسان وٽ ڪيترن کي بدن لاءِ پورو ڪپڙو به ڪونهي.' پر دل جو خيال دل ۾ ئي رهجي ويو. مون کان ٿورو پرپرو هڪ مولوي صاحب ويٺو هو. ساٽس گڏ هڪ ڇهن سالن کن جو ٻار به هو. مولوي کي تيز سستي خوشبوءِ لڳل هئي ۽ سندس ڏاڙهي ميندي‌ءَ سان ڳاڙهي هئي. ڪافي دير کان خاموش ويٺو هو. پر ٿوري دير اڳ سندس هڪ واقفڪار چڙهيو هو ان سان ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويو. سندن ڳالهين جو موضوع هو مرداني طاقت جون دوائون. ٻنهي جڻن کيسي مان ميريون بنديون ڪڍيون. ٻئي هڪٻئي کي ڏس ڏيڻ لڳا: "ميان، هي جيڪا دوا اٿئي نہ، منهن جي پاڻ آزمايل اٿئي؟" مولوي چيو. "پر ٿورو خرچ ڪائيندي."

"خرچ جي پرواهہ ناهي، شيءِ اصل هجي." ٻئي چيو.

"تون گهبراءِ نہ، مان پاڻ ناهيندس." مولوي جواب ڏنو.

"پلا هي تنهنجو ڪڪو آهي نہ؟" هُن پڇيس.

"ها." مولوي وراڻيو.

"ڪهڙي گهر واري مان؟ اڳين مان يا پوئين مان؟" هن پڇيس.

"وچين مان؟" هن جواب ڏنو.

"وچين مان؟" هن کي شايد سمجهہ ۾ نہ آيو.

"ها يار، ٻہ ٽي سال کن اڳ وري ٽئين سان ٻہ نڪاح وڌم. توکي ته خبر آهي، اسان ڏارين ۾ ڏيون نہ وٺون. جي گهر ۾ ڪڏ هجي ته گند ٻاهر ڇو اڇلجي؟ سو اسان ٻہ ڪٽي بسم الله ڪئي." مولوي جواب ڏنس.

"ادا شڪر آهي، مبارڪ هجئي." هن چيس.

اِتي هڪ ڇوڪرو شايد ٻئي گاڏي مان آيو. ڪيس پينٽ ۽ شرٽ پاتل هئا. قميص پينٽ جي اندران پيل هئي. هڪ بيگ ڪلهي ۾ لڙڪيل ۽ ٻي هٿ ۾ هيس. ڪلهي واري بيگ هن مٿي رکي، باقي ٻي هن هيٺ نوڙي سيٽ جي هيٺان رکي ۽ پاڻ ٿورو پرپرو ٿي ٻئي سان گڏ ٿي ويٺو.

جنهن وقت ڇوڪرو نوڙيو هو ته مولوي پاسي واري همراهہ کي ٽونٽ

هٹي چيو" ڏس ڪيئن نہ ٻيئي ٻندڻ پيا ڏسجن. توبھہ."

"بس يار. زماني جا رنگ آھن! ھاٽي ھي ڪپڑا پائي. پنھنجن مائرن ءِ پينرن اڳيان ويندو." مولوي چيو.

"يار. وري ھي تہ ٿيو مرد پر رنن برِاھي ڪپڑا پائڻ شروع ڪيا آھن. اصل دل ٿي چوي تہ وڃي درزي ٿجي. سڀ مزا ماپ ڪرڻ وقت ئي ونڊي ڇڏجن." ٻئي چيو.

"ميان ڏٺي جي در توبھہ. زماني کي چا ٿي ويو آھي؟ ڪاري ٻڪري جو ٻہ اڃا تائين کير اڇو آ. سج ٻہ اوپر ڏانھن پيو ايري. بس. رڳو ماڻھو بدلجي ويا آھن. ميان قيامت پري ڪانہ ٿئي." مولوي وراڻيو.

پوءِ ٻنھي گڏجي چار پنج پيرا توبھہ ڪئي.

اِتي وري ھڪڙي ٻيڙي فقير صدا ھنئي: "بابا مون ٻيڙي محتاج کي ھڪ رپيو ڏيو. منھنجا ٻار ننڍڙا آھن. بابا رپيو ڪري ٻہ پوي ٿو. رپيو ٻار ڪاڙي ڇڏيندو آھي. مان انڌو محتاج آھيان..."

مون ھن جي چھري کي غور سان ڏٺو. 'مون کي سال ٿي ويا آھن. ھن لائين تي سفر ڪندي ننڍي کان وڏو ٿيو آھيان. ھن فقير کي ورھين کان ڏسندو ٿو اچان. اڃا ھن جا ٻار جوان ڪونہ ٿيا آھن. ڪوڙو ڪنھن جاءِ جو!' مون دل ۾ ڳالھايو.

'متان ھن جا پٽ جوان ٿيندي ئي ھن کي ڇڏي ويا ھجن!' مون کي دل ۾ خيال آيو.

مان اُٺي پيشاب ڪرڻ واسطي ڪاڪوس ڏانھن ويس. دروازو کوليم تہ سامھون مارڪر پين سان لکيل ھو. 'ڪاپي ڏس!' مون ڪاپي ڏٺو. اوتي لکيل ھو: 'ساڃي ڏس.' مون وري ساڃي ڏٺو. اُتي لکيل ھو: 'مٽي ڏس.' مٽي ڏٺم. لکيل ھو: 'وائڙا پنھنجو ڪم ڪر. ھيڏانھن ھوڏانھن چا پيو ڏسين؟' مان واپس اچي پنھنجي جاءِ تي ٽي ويٺس.

منھنجي پرسان جاءِ ويٺل ٻُيڙي کان ھڪ ھمراھہ پڇيو. "طالب. وري پٺھين ڏانھن ويو ھئيين چا؟"

"هائو." هن جواب ڏنو.

"بڌو اٿم ته شهر ۾ شادي ۾ ڪئي اٿس؟" هن وري پڇيس.

"ها، ڪئي اٿس؟" هن جواب ڏنو.

"پوءِ ڳوٺ واري منگ ڇڏي؟" هن پڇيس.

"ابا، اُها ۾ پنهنجي اٿس، جڏهن ۾ ٻي شادي جو خيال ٿيس ته ڪٽي پرٽائيندا سونس." هن جواب ڏنو.

گاڏي وري هڪ اسٽيشن تي بيني. تي، چار ڪاليجي چوڪرا چڙهي آيا ۽ اسان جي پرسان خالي ٿيل سيٽن تي وينا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

منجهائنس هڪڙي چيو "اڙي هي ڏسو سڪندر ٽڪيٽ ورتي آهي. ياڙيو ڊچي ٿو تي-تيءَ کان. شاگرد ٿيو آ!" سيني جا ٽهڪ گاڏيءَ ۾ گونجڻ لڳا. مان بلڪل خاموش پنهنجي منزل جي انتظار ۾ وينو هوس جيڪا هاڻي گهٽو پري ڪونه هُئي.

□

گمراھ

ـ سانول

بس جو اوسيئڙو جڪ. ڪوٽ لاهي ٻانهن تي ڌاريل. ٽاءِ جي نات ڍري ڪيل. هٽ ۾ بريف ڪيس. ان ۾ ڪاري ڪتي جي اڌ ٻاٽلي، ڊائري، جنهن ۾ ٽي- ايم ڊي- اي جون ڪچيون داخلائون. اکين تي اس جي عينڪ. ڪاون پوئتان تاڙيندڙ اکيون. شڪرن جو جوڙو. شڪار هجي تہ رڳو مُٺ ڏيڻ جي ويرم. مُٺ... بات روم... سيڪارا...

هڪ ساروٽي:

سڀ گھر وارا ڪيڏانهن ٻاھر ويل. هو پھريون پيرو سويرو گھر موٽيل. بات روم اڳيئي والاريل. ڪپڙن جي ست ست... جانيئڙا تولئي لولو پکوڙي... جا... نيئڙا...!!ـ ڪپڙن جي ست ست بند ٽي ويل. نوران: وڏي آڙيڪاپ رن. سر سجان ڪيل... هڪڙو ٻار ڪيرايل... هن جي مامي مان، سندس آڏو اچي بيٺل. رؤ لٽل. وار ويڙھوتو ڪري ٻڌل. ڪجھ چڱون ڦٽراتي ڪنڌ سان ٻکيل. پسيل چولو بت سان چھٽيل. پنين تائين ور ڪنجيل. پنين تي ڪڪن وارن جي ٻُر... "ماني آڻيان؟" هن جي انڪار تي وڏو آرس پيچي بت مان ٽڙڪات ڪيي ڏُڳڙي هنج ۾ رکي ويھي رهيل. "سيل تہ ٻيار." ۽ هوءَ سگريٽ کي ڳٽڻ لڳي هئي. "ٻيڙا ڏيان؟" ائين چئي هن پيراندي اچي ويھي رهيل. ناسن ۾ پگھر، صابڻ ۽ سگريٽ جي ٻُو گھڙي آيل... ۽ هو سنڌ سنڌ نپوڙجي رهيو هو... بوند بوند

ٿي... نس نس نچوئجي رهيو هو... ڏڙو ڏڙو ٿي... ڏگري.. ست ست... لولوو... جانيئڙا... تولئي لولوو پکوڙي ي ي.. جا!!.... نيه ...ئڙا!!!...!!...!...ـ ۽ هو وڏيڪ اجرو ـ وڏيڪ ميرو ٿي ويل.

بس اسٽاپ تي پيڙ وئي ٿي وڏندي. هن جي هوندي به به بسون آيون هيون: پر هن کي پنهنجي پسند جي سيٽ نه ملي هئي. 'ڪار ۾ ئي هليو وڃي ها.' جنهن جو ٿي ـ اي بل ۾ ڪليم ڪندو. پر انهيءَ وچ ۾ هو ٻيئي جڻيون رکشا مان اچي لٿيون هيون ۽ انهن ۾ اک ڪپائي جمي ٻيهي رهيو هو.

"بوتل"... "بوتل"... ۽ هن هڪ بوتل ورتي ۽ چوري کي پٽيرو ويندو ڏسڻ لڳو: 'ڏينهن جو اهو ڏنڊو ڪن ۽ رات جو واڙجيو وڃن هوٽل جي ڪمري ۾ ڪنهن سنڊي وڏيري سان.' هن پريان ٻيئل انهن ٻن جڻين ڏانهن ڏسي کين اشاري سان بوتل پيئڻ جي آڇ ڪئي: پر هنن لفٽ ئي نه ڪرايس:

'يا ته ماڳهين نول آهن يا آڏيڪاپ.' هو سوير کان ان جوڙي تي لامارا ڏئي رهيو هو. پر شڪار اڃا سندس چنبن کان پري ئي رهيو هو. چير ڦاڙوارو مرحلو ته تهائين پري هو. چورو بوتل واپس ونڊ آيو ته ان جي ڳٽن جي ڏنڊاري صوفن کي ايڏو ويجهو ڏسي هن جي وات ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ هو انهن کي ڇهڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو. چورو پنجين جو نوٽ ونڊي مرڪندو پولهه لوڏيندو هليو ويو. هن کي اهو وڏيرو ياد اچي ويو. جنهن آفيس مان ڪم ڪرائي ڏيڻ تي سندس دعوت ڪئي هئي پيئڻ کائڻ جي. ڪلفٽن تي ڪار ۾ ويهي پيئڻ کان پوءِ جڏهن هو هوٽل جي روم تي پهتا هئا، تڏهن اتي به پورل وينا هئا... ڏنڊاري صوف... ۽ هن وڏيري جي زور پرڻ تي سوڻ ڪيو هو... ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انهن مان ئي هڪڙي کي هن بوري بازار ۾ بوٽ پالش ڪندي ڏٺو هو... ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾...

هن جو ڏيان وري انهن ٻن جڻين ڏانهن ڇڪجي ويو. جن مان

هڪڙيءَ کي اجرڪ پهريل هئي: 'اجرڪ بہ اڇڪلھ فيشن ٿي پئي آهي، هر گري گنجيءَ کي پئي آهي... اڳي ڪنهن کي اجرڪ پهريل هوندي هئي تہ تقدس جو احساس جاڳيندو هو. ۽ هاڻي؟ هاڻي تہ اهڙن ماڻهن کي بہ اجرڪ پاکر ڪري پهرائي ويندي آهي جن کي شوٽ ڪرڻ تي دل ٿيندي آهي، پر... پر هيءَ گري گنجي تہ نٽي لڳي.' ۽ هن جي دل ۾ انهيءَ بنا ميڪ اپ چهري کي ڏسڻ جي اجهل آس ڪيس اوڏانهن تاڙي وئي. هنن جي پاسي مان لنگهندي هن ڪلهو گسائي ورتو. مانڊٽيءَ تان سگريٽ وٺي دکائي واپس وريو. تہ هوءَ اخبار واري سان ڳالهائي رهي هئي: "ڪو سنڌي ڪتاب ڪونهي ڇا؟"

بس موڙ مڙي سامهون ٿي تہ ماڻهن ۾ ڏڙڪوٽ پئجي وئي. هن بس جي پرين سائيڊ کان وڃي ڏاڍي سولائيءَ سان دريءَ مان ڪوٽ اڇلائي ليڊيز سيٽ جي پنيان واري سيٽ تي وڌو. دريءَ مان ئي هن انهن بن جڙين کي مٿي چڙهندي ڏنو ۽ ڏسندو ئي رهجي ويو. عينڪ لاهي يڪ ٽڪ ان چهري ڏانهن ڏسندو رهيو. پر هن اک ڀيڙ جو وجهہ ئي نہ ڏنو. پرئين پاسان ڦري هن پنهنجي سيٽ اچي والاري تہ بس بہ رڙهڻ لڳي. ويهندي ويهندي اجرڪ واريءَ جي ڪلهي کي هن چٽو ڇهي ورتو ۽ هوءَ پنيان ڪنڌ ورائي هن ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي، پر هن ڪيس لنوائي ڇڏيو. ۽ هوءَ ڪتاب پڙهڻ لڳي. 'هُن کي لنوائڻ نہ ڪپندو هو. اهو ئي تہ وجهہ هو ان چهري کي ايڏو ويجهو آمهون سامهون ڏسڻ جو. جيڪو هن وڃائي ڇڏيو هو.' هن ڊرائيور سيٽ مٿان لڳل آرسيءَ ۾ ڏنو. جتي ان چهري جو اڌ چنڊ ڪڙيو ٻيئو هو. هوءَ ائين نيٽ جهڪايو ڪتاب پڙهڻ ۾ گم هئي. پاڙو بہ ٻي جڙيءَ ڏنو. هو بہ ساڳئي شهر وڃي رهيون هيون. هن جي شهر.

رستي جي پريان هڪ شاخ ڳچ پنڌ تائين بس سان هلندي رهي. جنهن ۾ ڏراڙ تڙڳي رهيا هئا ۽ ٻڪريون. وٽن جي گهاٽي ڇانو ۾ ويٺيون هيون. مينهون پاڻيءَ ۾ پيون هيون. رڳو ٻوٽ ٻاهر هئن. وڏا گهاٽا وڻ پاڻيءَ جي آرسي پسي رهيا هئا. شاخ گوهي ڏئي گم ٿي تہ ڪماند جون ٻنيون

بس سان ڊوڙ پجائڻ لڳيون. پر هوءَ ڪتاب ۾ ئي گم رهي. 'آخر اهڙو ڪهڙو ڪتاب آهي جنهن مان هن اک ئي نٽي ڪيو' هن جي دل ۾ آيو ته ڪتاب سندس هٿ مان ڪسي ڪليل دريءَ مان ٻاهر اڇلي ڇڏي. ٻي ڇٽي سندس ڪلهي تي ڪنڌ ڏاري سمهي پئي هئي. هن ڪتاب پڙهي ورتو هو ۽ ان کي جوٽن تي ڏري ڇڏيو هئائين. ۽ آرسيءَ ۾ هن کي ڏسڻ ۾ آيا هئا ۽ گهرا اداس نيٽ جيڪي ڪيڏانهن به نہ ڏسي رهيا هئا. پوءِ هوءَ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي هئي. هن ٻه ٻاهر ڏٺو. دريءَ مان ۽ ڪيس لڳو ته ٻنيون وڏيڪ ڇهڇ سايون ٿي ويون آهن.

"روڪيس." ڪلينر بس جي ڇت تي ڏڪ هٽندي رڙ ڪئي.

بس بيٺي ته پٽيان ڪجهه ماڻهو چڙهيا. "هل جنازا." ڪنڊيڪٽر هڪ پوڙهيءَ کي چڙهندي ڏسي چيو. "ڊبل." بس جهٽڪي سان هلي ته پوڙهي ٽينٽري "امان، هيڏانهن اچي ويهہ." اجرڪ واريءَ ڪجهه سُري جاءِ ناهيندي چيو. "نہ امڙ آءٌ هتي ئي ٺيڪ آهيان. تنهنجي مهرباني جيجان." پوڙهيءَ اتي ئي سندن پيرن ۾ ويهندي وراڻيو. ٽپيڪل پينڙيات ٿي لڳي." هن ڦٽڪيو.

اوچتو بس کي زوردار بريڪ لڳو ۽ سڀ پنهنجي سيٽن تان چڙ اکڙي ويا. ڪو ڊور اچي ويو هو بس اڳيان ۽ ڊرائيور پريان ٻيئل ڏراڙ کي گار ڏني: "استاد مور..." اجرڪ واريءَ جي جوٽن تان ڪتاب هيٺ ڪري سيٽ هيٺان سرڪندو هن جي پيرن ۾ اچي پيو. "حليما: آسانند مامتورا." ڪتاب واپس ڏيڻ وقت اجرڪ واريءَ جي ڪلهي کي ڇهي ورتائين هلڪو هٽ جي پٽ سان. 'هن ڪتاب خريدڻ جي ڪڏهن به فضول خرچي نہ ڪئي هئي، پر اهو ڪتاب هو ضرور ونندو.'

بس ڪنهن ننڍي اسٽاپ تي بيٺي. هن جي پاسي وارو همراهہ لهي ويو. پورهيتن جو يڪو ٽولو چڙهيو. منجهانئن هڪ ڇٽو چڙهيو ته بس هلڻ لڳي: "ابا ترس، ڪهڙي ڇڄ پئي اٿئي!" پوءِ ٻين کان اوزار ورتائين ڪوڏرون، ڪهاڙا، ٽيڪم... سڀ چڙهيا ته بس ڊوڙڻ لڳي. "پاٽيءَ جو وارو

ته ڪونہ اٽان!" هڪ همراهہ ڪوڏر ۾ ڪهاڙو هن جي پيرن ۾ اڇلي سيٽ تي پاڻ کي ڇڏيندي چيو ۽ سپ وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي ڪلڻ لڳا. "جهڙي ٻني ٽي پيلجين ٻيو." ٻئي همراهہ وارو ونايو. انهن مان ئي پريان وينل اڇي سونهاريءَ واري شوڪارو پريو: "ٻيلي هنن جي ٻني ته پاڻ پاسينگر آهيون، جيڪا ڪڏهن نٽي پيلجي ۽ ڏينهن ۾ ڏهہ پيرا ٽي لبجي."

ڪنڊيڪٽر هنن کان پاڙو اوڳاڙي پوڙهيءَ ڏانهن هليو ويو. "ڪرايو ٻُڌي" ۽ پوڙهيءَ بند مٺ متي ڪري ڪنڊيڪٽر جي ڪليل هٿ ۾ ڪولي ڇڏي. هو پيسا ڳڻڻ لڳو: "ڪرايو پورو ڏي ٻُڌي." پيسا پوڙهيءَ کي واپس ڪري هو پنيان هليو ويو. "سنڌي اهي ئي جٽ جا جٽ، نہ سڌريا پيٽسان، جڏهن پاڙو ناهي ته بس ۾ چڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي!" هن چڙ اجرڪ واريءَ کي ٻڌائڻ لاءِ پٽڪيو. پر هوءَ ٽنيي هٽيو يڪ ٽڪ هڪ نقطي تي ڏسندي رهي. هن ڊرائيور سيٽ متان لڳل آرسيءَ ۾ ڏٺو. جتي هن کي اِهو چهرو ته نظر آيو پر ڪاوڙيل ۽ ڪنور. هن ٻيئي هٿ اکين تي رکڻ گهريا: 'سهڻن جي ڪاوڙ ٻہ اکين تي.' پر ائين هو ڪري نہ سگهيو. هن کي لڳو ته پاسي وارو همراهہ جوهہ پائي سوير کان هن ڏانهن ڏسي رهيو آهي ۽ هو ان گهري گهوري کان گهبرائجي دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳو. جتي وڻ تيزيءَ سان پنيان پڇي رهيا هئا. هن جي پاسي واري همراهہ ٻيڙي ڪڍي ان جي پوچڑ کي ڏندن سان ڪتري ٽڪيو ۽ هن جو هانءُ ڪچو ٽيڑ لڳو: 'سڄي دنيا سڌري وئي...' ٻيڙي دکائي ان جو برندڙ پاسو وات ۾ وجهي مٿون ڦوڪي دونهون پوچڑ کان ٻاهر ڪڍي پوءِ پوچڑ وارو پاسو چپن ۾ رکي وڏو سوٽو هنيائين. دونهون نڪان واتان نڪري ٽاهڙ مال جيان هيڏانهن هوڏانهن تڙي پکڙي ويو. هن کي بخيليون اچڻ لڳيون. دل ۾ آيس ته ٻيڙي سندس چپن مان کسي بوٽ هيٺان چڇري ڇڏي.

"هل ٻڍي ڪرايو ڇڏاءِ." ڪنڊيڪٽر وري اچي پوڙهيءَ تي ڪڙڪيو هو. پوڙهيءَ وري بند مٺ متي ڪري ڪنڊيڪٽر جي ڪليل هٿ تي رکي کولي ڇڏي. ڪنڊيڪٽر بنا ڳڻڻ جي پيسا هيٺ اڇليا. ڇڙيا

پيسا چڑوچڙ ٿي ويا. "ڪرايو پورو ڏي ٻُڌي." پوڙهي هٿوراڙيون ڏئي پيسا ميڙڻ لڳي: "ايڏا ڪالهه سانجهيءَ جو انهيءَ پاڙي ۾ چڙهي آهيان. راتو واهه پاڙهو وڏي ويو آهي ڪيئن! مڻا ڏڪاريا سڄي ڏيهه کي ڏنگي ڪٽي رکيو اهنان." ڪنڊيڪٽر هڪ هٿ بس جي ڇت تي هنيو ۽ ٻئي هٿ سان پوڙهيءَ کي کنيڙاٽيائين: "اترو نيچي." هن ڏنو ته اجرڪ واريءَ وڃ جي وراکي وانگر پوڙهيءَ جي کنيڙاٽيءَ مان ڪنڊيڪٽر جو هٿ ڇڏايو. هو پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ انجڻ تي وڃي ڦهڪو ڪيائين. اتان مروءَ واري رومڙ ڪري اٽيو ته هن جي پاسي واري همراهه ڪهاڙو ڪٽي پڙڪو ڪاڏو: "ڪلا ٽئي زائفان تي ٿو هٿ ڪٽين!" ۽ هو اتي ئي ڊهڪي ٻيهي رهيو. "اڇي، هن مان پاڙو ڪٽ." ٻي ڇٽيءَ پرس کولي ڏهين جو نوٽ ڪنڊيڪٽر ڏانهن وڌايو.

هن کي لڳو ته هو پريل بس ۾ اگهاڙو ٿي ويو هو. صفا الف. آڳر وانگر. سيني جون اکيون هن ۾ ئي ڪتل هيون ۽ هن جو سارو وجود ٽنگ پروڙ ٿي ويو هو. ڪُسي ته رت ڦڙي نه نڪريس. هو بس جهلائي لهي پيو. الائي ڪٿي. ۽ بس هن جي منهن ۾ ڏوڙ ۽ دونهون چڏي اڳتي وڌي ويئي.

❐

آرسي کهاڻيون

مرتب: ولي رام ولي / ظفر حسن



• نجم عباسي • سائل • سحر امداد • مدد علي سنڌي • ايشور چندر • قمر واحد
• ابراهيم خشڪ • محمود مغل • بشير موريائي • موتي لال جوتوائي • حميد سنڌي
• علي بابا • انند کيمائي • شوڪت حسين شورو • اندرا واسوائي • نورالهدي شاهه
• شرجيل • روشن جسڪائي • طارق عالم • اخلاق انصاري • عمر قاضي



Phoenix Books

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "اُڌهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻار
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻار

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڏهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ہيں لفظ ہِ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سي ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ہِ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)